# ”ڪلامِ رشيد“

سنڌي ڪلام جو مجموعو

”رشيد“ احمد لاشاري

سڀ حق محفوظ

دفعو : پهريون

تعداد : 1000

اشاعت جي تاريخ : سيپٽمبر 1998ع

ٽائيٽل : عبدالڪريم
عرفان پروسيس

ڪمپوزرس : نورمحمد قمبراڻي بلوچ
عبدالرحيم سوهو

پريس : ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي.

ڇاپار : رشيد اڪيڊمي
19-A/3، جوهر ڪمپليڪس،
يونيورسٽي روڊ، ڪراچي.

قيمت : -/Rs 900

# انتساب

پنهنجي مـنـڙي مـاءُ "امان ٻائـيـ لاشارڻ" جي نوازش ڀرئي نالي سـان منسـوب ڪيـان ٿـو. جنهن پنهنجي منڙي مادري ٻولي سهڻي سرائـڪيءَ ۾، مون کي لطف ڪان ڀريل لافاني لوليون ڏنيون ۽ انهيءَ صاف سـٿري ۽ سليقي واري ٻوليءَ جي صدقي، مون کي نه رڳو پنهنجي محبوب ملڪ جي پياري سنڌي ٻوليءَ ۾، بـلـڪ ٻين سـٽن ٻـولـين ۾ بـه، نظم ۽ نثـر لکڻ جي سعادت نصيب ٿي."

رشيد احمد لاشاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسيلا ناڪام، پيار ۾ آهن پکيئڙا،
ڪوهي ڪنب اڏام، اکيرا اڏ عرش تي.

✡✡✡✡✡

گهايل دل گهاٽو، پيڙي ڇڏي پيار جو،
نينهن نِجو ناٽو، سُک ٿو وڃي ڏک منجهان.

✡✡✡✡✡

سِڪ جا سوين سمونڊ، دل ۾ دهشت سان وهن،
چاه اسان جي چونڊ، موتي هٿ محبوب جي.

✡✡✡✡✡

منهنجو من مهراڻ جيان، نت آٿي ٻوڏان ٻوڏ،
موتي گهر موتي ڏيان، جي ڪوڏ گهرين، ٿو ڪوڏ،
جهڙي جَن جي لوڏ، تَهڙو هلان تن سان.

رشيد احمد لاشاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | صفحو |
|---|---|---|
| پيش لفظ، | مختار احمد لاشاري | 8-8 |
| ڪجهه پنهنجي متعلق، | رشيد احمد لاشاري | 11-9 |
| رشيد احمد لاشاري جي مختصر سوانح عمري ، | | 16-12 |
| مهاڳ، | ڊاڪٽر تنوير عباسي | 40-17 |


## ڪلام


| | |
|---|---|
| رديف الف | 66-41 |
| رديف ب | 83-67 |
| رديف ٻ | 95-84 |
| رديف ڀ | 119-96 |
| رديف ت | 145-120 |
| رديف ٿ | 161-146 |
| رديف ٽ | 177-162 |
| رديف ٺ | 188-178 |
| رديف ث | 196-189 |
| رديف پ | 212-197 |
| *رديف ڦ | 223-213 |
| رديف ج | 243-224 |
| رديف ڄ | 259-244 |


* حُروفِ تهجي جي پراڻي سيريل آرڊر کي برقرار رکيو ويو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| | صفحو |
| رديف جھ | 271-260 |
| رديف ڄ | 280-272 |
| رديف چ | 296-281 |
| رديف ڇ | 308-297 |
| رديف ح | 316-309 |
| رديف خ | 323-317 |
| رديف د | 331-324 |
| رديف ڌ | 339-332 |
| رديف ڏ | 347-340 |
| رديف ڊ | 355-348 |
| رديف ڍ | 363-356 |
| رديف ذ | 371-364 |
| رديف ر | 380-372 |
| رديف ڙ | 388-381 |
| رديف ز | 392-389 |
| رديف س | 398-393 |
| رديف ش | 406-399 |
| رديف ص | 414-407 |
| رديف ض | 416-415 |
| رديف ط | 419-417 |
| رديف ظ | 420-420 |
| رديف ع | 421-421 |
| رديف غ | 422-422 |
| رديف ف | 423-423 |
| رديف ق | 427-424 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | صفحو |
|---|---|
| رديف ڪ | 428-428 |
| رديف ک | 429-429 |
| رديف گ | 430-430 |
| رديف ڳ | 434-431 |
| رديف گهه | 435-435 |
| رديف ڱ | 437-436 |
| رديف ل | 446-438 |
| رديف م | 455-447 |
| رديف ن | 469-456 |
| رديف ڻ | 473-470 |
| رديف و | 486-474 |
| رديف ه | 492-487 |
| رديف ء | 500-493 |
| رديف ي | 538-501 |
| **متفرقات:** | |
| قصيدهٔ مبارڪبادي | 543-539 |
| ٻہ سچار ماڻهو (مثنوي) | 548-544 |
| ساعت سعيد (مسدس) | 552-549 |
| حضرتِ مزدور | 554-553 |
| اسيرانِ قفس جو دم | 555-555 |
| ٻاونجاه اکري مسدس | 578-556 |
| دعــا | 579-579 |
| **ضميمو:** | |
| زرڪ خان لاشاري | 587-580 |
| زرڪ خان لاشاري جو منتخب ڪلام | 592-588 |

# پيش لفظ

پنهنجي والد محترم رشيد احمد لاشاريءِ جي سنڌي ڪلام "ڪلامِ رشيد" کي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري مان بيحد خوش آهيان. منهنجي خيال ۾ شعر ۽ ادب جي ڪابه تخليق عوام جي امانت آهي. تنهن ڪري جيڪا امانت منهنجو والد صاحب ڇڏي ويو آهي سا اوهان جي هٿن ۾ ڏيئي مان پاڻ کي هلڪو ڦلڪو محسوس ٿو ڪيان. انهيءَ سان منهنجي زندگيءَ جو هڪ تمام اهم مقصد يا مشن پورو ٿي رهيو آهي. هاڻ ڪنهن به مهل جي حياتي ختم به ٿي ويئي ته ڏک ڪونه ٿيندم. سندس ڪلام جو ڪجهه حصو ته پنجاه ورهين ڪان به اڳ جو لکيل آهي. ان سموري ڪلام کي اناويهن سالن کان سنڀاليندو ٿو اچان ۽ ان جي حفاظت پنهنجي جان وانگر ڪئي اٿم.

هن مجموعن جي اشاعت مان، مالي فائدو حاصل ڪرڻ منهنجو مقصد ناهي. سندس ٻه ڪتاب "رياضِ رشيد" ۽ "سنڌ دي سوغات" ڇپائي، مون مختلف لائبريرين ۽ اهلِ علم و اهلِ قلم ۾، مفت ۾ ورهايا آهن. ۽ سندس لکيل فلمي گيتن جا ٻه ڪيسٽ به تيار ڪري ورهايا اٿم.

ڪنهن وڏي شاعر جي منتشر ڪلام کي سهيڙي سنواري ۽ ان کي شائع ڪرڻ هڪ تمام مشڪل ڪم آهي. ۽ وري اهو منهنجو شعبو به ڪونهي. پر جيئن ته هر وڏي ڪم ۾ قدم قدم تي مشڪلاتون پيش اينديون آهن، ان ڪري مون کي به ڪجهه مشڪلون پيش آيون آهن پر هتي انهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب نه آهي. بهرحال هن عظيم ڪم کي پايهءِ تڪميل تائين پهچائڻ ۾ جن مائهن منهنجي مدد ۽ رهنمائي ڪئي، مان انهن سڀني جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. آخر ۾ محترم سائين ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب جي تمام گهڻي مهرباني، جنهن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي هڪ تمام سٺو مهاڳ لکي ڏنو آهي.

مختار احمد لاشاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجهه پنهنجي متعلق

نالو ۽ نسب: نالو رشيد احمد والد جو نالو زرڪ خان قوم لاشاري بلوچ والد صاحب فورٽ سنڊيمن ۽ لورالائي بلوچستان ۾ سب انسپيڪٽر پوليس هو. تاريخ ولادت ١٦ مئي ١٩٢٢ع- ڄمڻ جو هنڌ ڳوٺ ملگزار ضلع سبي بلوچستان- ننڍپڻ جي ماحول ۾ اتان جون ٽيئي ٻوليون بلوچي، سرائڪي ۽ سنڌي چڱي طرح سکيم ۽ اسڪول ملگزار ۾ چار درجا اردو پڙهيم. مون پنهنجي زندگي ۾ زماني جون تمام گهڻيون لاهيون چاڙهيون ڏٺيون آهن تنهن ڪري پنهنجي زندگي جدا جدا دورن ۾ ورهايان ٿو.

پهريون دور: ١٤ مارچ ١٩٣٢ع تي والد جي وفات. ڪنڌڪوٽ تعلقه جي اسڪول سوڍي خان اوڳاهي ۾ سنڌي پنجين درجي ۾ داخل ٿيڻ، پنهنجي مامن ۽ چاچن جي پرورش هيٺ ١٩٣٦ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪرڻ. بعد ۾ پورا ٻه سال ويجهڙائي وارن عربي مدرسن ۾ پارسي پڙهڻ.

ٻيون دور: ١٩٣٨ ۾ سلطان باهو صاحب جي اولاد مان هڪ بزرگ فيض سلطان سان گڏجي پنجاب وڃڻ. پورا ٽي سال پنجاب ۾ رهڻ. پنجاب بلوچستان ۽ افغانستان جي پيرن سان گڏجي اٺن ۽ گهوڙن جي وسيلي باقاعده سير ڪرڻ. پنجابي تي عبور حاصل ڪرڻ. پشتو سکڻ ۽ پنجابي ۾ پيرن جي منقبت منظوم ڪندو رهڻ ۽ پنجابي ۾ ڪافيون،ڏوهيڙا۽ مثنوي، سير پنجاب و بلوچستان لکڻ. سلطان باهو رحہ جي سچي گروه ۾ اعليٰ شاعر مشهور ٿيڻ ۽ ١٩٤٠ع ۾ سنڌ ڏانهن موٽڻ.

ٽيون دور: پهريون سال ته اتر سنڌ جي جدا جدا صوفي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقيرن جي ٽولن ۾ رهڻ، لاشاري تخلص سان ٻي انداز ڪافيون ۽ ڪلام چوڻ ليڪن بعد ۾ پنجاب جي مشهور عربي مدرسن جا ڏنل تاثرات ياد ڪري تعليم ڏانهن توجه ڪرڻ ۽ نيڙهي، شڪارپور ۽ گوره پهوڙ جي عربي مدرسن ۾ ڪافيه تائين عربي پڙهڻ. مولوي عبدالغني مهجور وٽان فن شاعري سکڻ. سنڌي سڌار سوسائٽي لاڙڪاڻه جا هن وقت جميعت الشعراء سنڌ جي شاخ آهي، ان سان تعلقات قائم ڪرڻ. حاجي محمود خادم جو شاگرد ٿيڻ ۽ رساله اديب سنڌ توڙي خط و ڪتابت جي وسيلي ڪانئس شعر و شاعري ۾ اصلاح وٺندو رهڻ.

چوٿون دور: مهينو کن اسڪول ڳڙهي خيره جمالي جيڪب آباد ۾ ماستر ٿي رهڻ. ان ڪان بعد هڪ سال مدرسه دارالهدیٰ نيڙهي جي پاران ٽريننگ ڪاليج خيرپور ميرس جي ملا ٽريننگ ڪلاس ۾ تعليم وٺڻ. اتان کهڙه اسڪول ۾ ماستر مقرر ٿيڻ ۽ اتان ٽريننگ ڪاليج جا لاڳيتا ٻه سال پاس ڪرڻ. خيرپور ميرس ۾ هندستان جي مشهور عالم سيد عنايت علي شاه نقوي جو شاگرد ٿيڻ ۽ اردو ادبيات مان بخوبي واقف ٿي پنجاب يونيورسٽي مان اديب فاضل امتحان پاس ڪرڻ ۽ موڪل وٺي لکنئو، بريلي ۽ رامپور ۾ ٻه وڃي رهڻ ۽ اتان جي اردو ماحول مان واقف ٿيڻ. ڪجهه وقت رياست چڏي روهڙي جي مدرسه نورالاسلام ۾ وڃي ماستر ٿيڻ. اتان وري رياست ۾ موٽي اچڻ ۽ فيض هاءِ اسڪول گمبٽ ۾ ميٽرڪ ڪلاس تائين سنڌي، اردو، عربي ۽ پارسي جي تعليم ڏيڻ.

پنجون دور: پاڪستان بنجڻ شرط رياست جي نوڪري کان استعفا ڏيئي، ڪراچي ۾ اچڻ ۽ آسن مل- ٽي اوجها سنڌي اسڪول ۾ ماستر مقرر ٿيڻ ۽ ريڊيو پاڪستان ۾ ٻه وڃي تقريرون

ڪرڻ ۽ شعر پڙهڻ ۽ پنهنجو ڪلام براڊڪاسٽ لاءِ ڏيڻ. اتان ڊاڪٽر دائود پوٽه جي اياماڪاري ۾ ڪراچي ڇڏي ۱۹۴۹ع ۾ حيدرآباد اچڻ ۽ سڄي ضلع جي سنڌي ماسترن کي اردو جي تعليم ڏيڻ. اتان ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد سنڌ ۾ استاد مقرر ٿيڻ ۽ سنڌي ۽ اردو پڙهائڻ. تازو سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌي لغت لاءِ ريسرچ اسسٽنٽ مقرر ٿي آيو آهيان. ٻين مشغلن سان گڏ تعليم جو سلسلو به جاري رکيو ٿو اچان ميٽرڪ تائين انگريزي به پڙهي چڪو آهيان ۽ انگريزي جي اسٽڊي سان گڏ هن سال منشي فاضل ۽ مولوي فاضل جو نصاب به زير تعليم آهي ۽ هن وقت حيدرآباد کي پنهنجي مستقل قيام گاه بنايو اٿم.

**تصنيف و تاليف:** خانه بدوشي ۽ سير و سياحت جي حالت ۾ ڪيترا ڪتاب ضايع ٿي ويا تنهن هوندي به حيدرآباد اچڻ کانپوءِ هينيان ڪتاب قلم مان نڪري چڪا آهن:

**ڇپيل ڪتاب:** ۱- معلم سنڌي ۲- معلم اردو ۳- سنڌي اردو گائيڊ ۴- پاڪستان سنڌي قاعده ۵- پاڪستان اردو قاعده ٦- پاڪستان اردو ريڊر ۳ حصا.

**اڻ ڇپيل ڪتاب :** ۱- شاعري جا ٿي پيغمبر ۲- رشيد الغات اردو (سنڌي معنيٰ سان) ۳- رشيد الغات سنڌي (اردو معنيٰ سان) ۴- لطيفي باغ جو سير ۵- پنجاب جي پري (ترجمه هير وارث شاه) ٦- اردو اصول ۷- نظريه تعليم ۸- روح لطيف (اردو) سوانح حيات شاه عبداللطيف ڀٽائي ۹- آئينهٔ لطيف (اردو ترجمه شاه عبداللطيف، وغيره)

**رشيد احمد بلوچ**

("سارنگ" ۱۹۵۲ع)

# رشيد احمد لاشاري جي مختصر سوانح عمري

("مهراڻ جا مالڪ" ۾ شائع ٿيل سوانح عمري سان مربوط)

مير گهرام لاشاري جي مامي مير حده لاشاي جو اولاد والد جو نالو زرڪ خان لاشاري، جو فورٽ سنڊيمن بلوچستان ۾ ليويز پوليس جو دفعدار هو. (ڏسو: سوانح نمبر سماهي "مهراڻ" ١٩٥٧ع). تاريخ ولادت اسڪول جي داخلا موجب ١٦- مئي ١٩٢٢ع. صحيح ٨- اپريل ١٩٢٢ع ڏينهن ڇنڇر.

جاءِ ولادت: ڳوٺ ملگزار تحصيل نصير آباد ضلع سبي بلوچستان. اسڪول ملگزار ۾ چار درجا اردو پڙهيو. والد جي وفات تي سندس مامي حمزه خان ۽ چاچي عبدالعزيز خان سندس پرورش ڪئي ۽ اسڪول سويو خان اوڳاهي تعلقه ڪنڌڪوٽ ۾ ماستر عاربي خان اوڳاهي وٽ سنڌي پڙهي، سنه ١٩٣٦ع ۾ ورنيڪيولر فائينل امتحان پاس ڪيائين. سنه ١٩٣٧ع کان سن ١٩٤٠ع تائين حضرت سلطان باهو رحمة الله عليه (شورڪوٽ، پنجاب) جي اولاد منجهان صاحبزاده فيض سلطان سان گڏ، پنجاب و بلوچستان ۽ افغانستان جو سير ڪيائين ۽ زياده عرصو حضرت سلطان باهو (رحه) جي دبار تي رهيو. اتان سنه ١٩٤١ع کان عربي ۽ پارسي پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي، مولانا عبدالحڪيم (صدر مدرس مدرسه اشرف العلوم شڪارپور)، مولانا حبيب الله نيڙهوي ۽ مولانا فقير محمد ڪنڌڪوٽي وٽان فارسيءَ سان گڏ، ڪنز ۽ ڪافيه تائين عربي پڙهيو. سنه ١٩٤٤ع کان تعليم کاتي ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو ۽ سنه ١٩٤٨ع ۾ ٽريننگ ڪاليج جو بيو سال پاس ڪيائين، زماني جي گردش سبب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماستر ٿي رهيو. جيئن ته اسڪول ڳڙهي خيرو

جمالي، مدرسه نورالاسلام روهڙي، مدرسه دارالهدئ نيڙهي، پرائمري اسڪول کهڙا، فيض هاءِ اسڪول گمبٽ، پرئڪٽيسنگ اسڪول ٽريننگ ڪاليج خيرپور ۽ پرائمري اسڪول آسن مل- ٽي اوجها، ڪراچي. آخر اپريل ١٩۴٩ع کان جناب شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽه مرحوم مٿس خاص نوازش فرمائي کيس ضلع حيدرآباد لاءِ اٽينري اردو ٽيچر مقرر ڪيو. اتان ترقي ڪري ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو. پنجاب يونيورسٽيءَ مان اديب فاضل (اردو) سنه ١٩۴٧ع ۾ پاس ڪيو هئائين. سنه ١٩۵٣ع ۾ اورينٽيل ڪاليج حيدرآباد مان اديب عالم پاس ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪيائين ۽ اورينٽيل ڪاليج حيدرآباد، ۾ سنڌي ليڪچرار به ٿي رهيو. ڪجهه وقت "سنڌي ادبي بورڊ" جي پاران ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نظرداريءَ هيٺ تيار ٿيندڙ سنڌي لغت ۾ محترم عبدالڪريم سنديله ۽ مرحوم محمد بخش واصف سان گڏ ريسرچ اسسٽنٽ به ٿي رهيو. سنه ١٩۵٦ع ۾ طويل بيماري ۽ ڪن ٻين اهم سببن ڪري نوڪري ڇڏي ڪراچيءَ آيو ۽ فلمن لاءِ آڪاٽيون، مڪالما ۽ گيت لکڻ لڳو جهڙوڪ: عمر مارئي، پرديسي، سسئي پنهون (سنڌي)، هماري زبان (اردو) ۽ نئين ڪرن (سنڌي). انهيءَ عرصي ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ به اسڪرپٽ رائيٽر ٿي رهيو. آخر سنه ١٩۵٨ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪيائين، مگر افسوس جو اتي به ڪيس ڪنهن ذاتي حسد، تڪليفن ۽ سازشن جو شڪار ٿيڻو پيو. آخر ڊسمبر ١٩۵٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمت کان ڪيس الڳ ٿيڻو پيو. اپريل ١٩٦٠ع کان کيس اداره "نئين زندگي" جي عملي ۾ شامل ڪيو ويو. جتي هن ڪجهه ڪتاب به مرتب ڪيا جن ۾ "مهراڻ جا ماڻڪ" خاص طرح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان قابلِ ذڪر آهي. سن ١٩٦٣ع ۾ هو ليـاري جي مشهور اسڪول حاجي عبدالله هارون سيڪنڊري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ ڪڏهه لياري ڪان نڪرندڙ هفتہ وار سنڌي اخبار "ناخدا" سان قلمي معاونت بہ ڪندو رهيو. سن ١٩٦٤ع ۾ حاجي عبدالله هارون ڪاليج جو قيام عمل ۾ آيو، ۽ هو هن ڪاليج ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو.

سن ١٩٦٤ع ۾ هو سخت بيمار ٿيو تہ صدرِ پاڪستان مالي مدد جي طورتي سندس ماهوار وظيفو مقرر ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ هن شاه عبداللطيف رح جي منتخب ڪلام جو اردو ۾ ترجمو ڪيو. جنهن جي پهرين ڪڙي "ارمغانِ لطيف" جي نالي سان شائع ٿي.

سن ١٩٦٥ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست فارم ڀريائين، پر ڪٿي ۾ سندس نالو نہ نڪتو، جنهن جو کيس ڏاڍو ڏک پهتو.

سن ١٩٦٦ع ۾ هن سچل سرمست رح جي ڪلام جو اردو ترجمو "سچل سرمست" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شائع ڪيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ هن ڪجهہ ٻين سنڌي فلمن لاءِ آکاڻيون، مڪالما ۽ گيت لکيا، جن جا نالا هي آهن: شهرو فيروز، چانڊوڪي، محبوب مٺا، نوري ڄام تماچي، ليليٰ مجنون، پنوعاقل، منڙا شال ملن ۽ سنڌڙي تان صدقي.

نومبر ١٩٦٩ع ۾ حاجي عبدالله هارون ڪاليج کي خيرباد چئي ۽ پنهنجو سامانِ سفر سهيڙي جنوري ١٩٧٠ع ۾ وري خيرپور اچي نڪتو. هتي ٿوري وقت تائين "پاڪستان ڪاليج" ۾ ليڪچرار طور خدمت انجام ڏنائين. پر خيرپور جو اِهو قيام بہ عارضي ثابت ٿيو ۽ هو جلد حيدرآباد موٽي آيو. هتي هو هڪ سنڌي روزنامي "مهراڻ" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ زندگي

جي باقي بچيل ڏينهن تائين هو اهائي خدمت انجام ڏيندو رهيو.

دمي ۽ مٺي پيشابن واري بيماريءَ جو مريض تہ هو اڳيئي هو، علاج بہ هليس پئي، پر زندگي جي مشڪلاتن هاڻ ڪيس ٿڪائي ڇڏيو هو.

سيپٽمبر سن ١٩٧٠ع جي شروع ۾ هو سخت بيمار ٿي پيو ۽ نيٺ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٧٠ع تي هن جهان کي الوداع چيائين. کيس ڪنٽونمنٽ جي قبرستان، ويجهو ڪچو قلعو، حيدرآباد ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

رشيد احمد لاشاري سنڌي، اردو، سرائڪي، ملتاني، پنجابي، بلوچي، پشتو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين جو ڄاڻو هو، ۽ اِنهن مان ستن ٻولين ۾ سندس چيل ڪلام موجود آهي تنهن ڪري کيس "هفت زبان شاعر" سڏڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو مبالغو ڪونهي. فنِ شاعريءَ مان چڱيءَ طرح واقف، ساده مزاج، صوفي منش ۽ هڪ خوددار انسان هو. رشيد احمد لاشاري ننڍا وڏا ٥٠ ڪان وڌيڪ ڪتاب ترجمو، ترتيب، تاليف ۽ تصنيف ڪيا آهن. سنڌي ستين درجي کان ٻارهين درجي تائين درسي ڪتاب تيار ڪرڻ کان علاوه هن ٻارن جي لاءِ نظم بہ لکيا آهن. سندس تمام گهڻا مضمون نظم ۽ نثر، سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ پنجابي رسالن ۽ اخبارن ۾ شائع ٿي چڪا آهن. هيٺيان ڪتاب سندس تصنيفات مان آهن:

١- ڪلياتِ گدا ٢- مثنوي نل دمينتي ٣- شڪنتلا ٤- روح لطيف (منظوم اردو ترجمہ شاه عبداللطيف) ٥- شرح سر ڪلياڻ ٦- شرح سر مومل راڻو ٧- شرح سر حسيني ٨- شرح سر مارئي ٩- معلم اردو ١٠- معلم سنڌي ١١- سنڌي اردو گائيڊ ١٢- لطيف باغ جو سير ١٣- پاڪستان اردو قاعده ١٤-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان اردو ريڊر ۳ حصا ۱۵- اردو اصول ۱۶- قصو يوسف زليخا ۱۷- تاريخ اسلام حصو اول ۱۸- تاريخ اسلام حصو دوم ۱۹- پاڪستان سنڌي قاعدو ۲۰- ضلعن ۽ تعلقن جون جاگرافيون ۲۱- سچل جو رسالو ۲۲- سر سارنگ ۲۳- سر سسئي آبري ۲۴- سر ڪنيات ۲۵- رسالو خواجه غلام فريد (غير مطبوعه- سنڌي ادبي بورڊ لاءِ) ۲۶- گلستانِ پاڪ (غير مطبوعه پاڪستان رائيٽرس گلڊ لاءِ)! ۲۷- شاه جون وايون، ۲۸- شاه جون ڪافيون، ۲۹- بيدل جون ڪافيون، ۳۰- غلام فريد جون ڪافيون، ۳۱- سلطان باهو جا بيت، ۳۲- بلهي شاه جون ڪافيون، ۳۳- منتخب شاه جو رسالو،۳۴- محسنِ اعظم ۽ محسنين (ترجمو)،۳۵- روزگارِ فقير (ترجمو)، ۳۶- شرح سر ليلا چنيسر (غيرمطبوعه)، ۳۷- اسلامي ڏندو (غير مطبوعه)، ۳۸- ڏاهر پرستيءَ جي تحريڪ (غير مطبوعه) ۳۹- شعر العجم (ترجمو- غير مطبوعه)، ۴۰- ايوب نامو (غير مطبوعه)، ۴۱- هير وارث شاه (ترجمو- غير مطبوعه)، ۴۲- ديوانِ بيدل (غير مطبوعه)، ۴۳- ارمغانِ لطيف، ۴۴- سچل سرمست، ۴۵- ادب کی آڑ میں، ۴۶- ادب کے نام پر گالیاں، ۴۷- تحفۂ لاشاري (غير مطبوعه)، ۴۸- رياضِ رشيد، ۴۹- سنڌ دي سوغات، ۵۰- لڙڪ ۽ مُرڪ، ۵۱- ڪلامِ رشيد.

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترا ڪتاب نامڪمل ۽ غير مطبوعه حالت ۾ موجود آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مھاڳ

رشيد احمد لاشاري، پنهنجي دور جي اهم ترين شاعرن مان هڪ هئو جميعت الشعراء واري "فني پختگيءَ" جي مضبوط گرفت واري وقت ۾، رشيد لاشاري انهن ڳاڻ ڳڻين شاعرن مان هئو، جن جو شعر، عروضي، توڙي معنوي طور عيبن کان آجو هئو.

هر شاعر کي پنهنجي دور جي پس منظر ۾ پرکيو ويندو آهي، اهڙي ضرور آهي، پر پوءِ به جيئن تنقيد جو فن اوسر تو ڪري، تيئن ادب جي پرک ۽ پروڙ وڌيڪ حقيقي ۽ چٽي ٿيندي ٿي وڃي. ان ڪري مان رشيد لاشاريءَ جي هن ڪتاب "ڪلام رشيد" جو اڀياس پنهنجي طريقن سان پيش ڪندس. پر ان کان اڳ رشيد لاشاريءَ جي شخصيت ۽ شاعرانه حيثيت جي باري ۾ ڪجهه لکندس، ڇو ته مون رشيد کي ڪافي عرصي تائين، ويجهو کان ڏٺو.

رشيد لاشاري، پنهنجي دؤر جو زودگو ۽ پرگو ۽ بسيارگو شاعر هئو. هو هر موضوع تي، هر وقت ۽ هر صنف ۾ لکي سگهندو هئو. سندس عام شاعري ته عيبن کان آجي هئي ئي، پر سندس في البديهه چيل شعر به عروض، ٻوليءَ، گرامر ۽ معنوي عيبن کان آجا هوندا هئا. جي في البديهه شعر چوندو هئو، ته بس تڏهن ڪندو هئو جڏهن ٻڌندڙ ڪيس بس ڪرائيندا هئا. هن لوڪ صنفن، ڪلاسيڪي صنفن کان وٺي، فارسيءَ جي عروضي صنفن تائين، هر صنف ۾ شعر لکيو. هن کي شاعريءَ جي ايتري مشق هئي جو هن کي ان دؤر جي ٻوليءَ ۾ "قادر الڪلام" شاعر چئي سگهجي ٿو. هن کي سنڌيءَ، سرائيڪيءَ، پنجابيءَ، اردو، بلوچيءَ ۽ فارسيءَ ۾ هڪ جيتري مهارت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان انهن سيني ڳالهين جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. رشيد اهو سڀ ڪجهہ لکيو، پر ان سان ذهني طور متفق نہ هئو، رڳو هن پنهنجي جيون جي ڏيئي جي ڏکندڙ لاٽ کي تيل ڏيڻ لاءِ اهو سڀڪجهہ ڪيو. ان دور ۾ جڏهن هن ڪتاب "ادب کی آڑ میں" لکيو، مونکي هڪ خط بہ لکيو هيو، تہ هن کهڙين مجبورين هيٺ اهو ڪتاب لکيو آهي. اهو خط مون رشيد پٽيءَ کي ڏنو. يا اهو سندس فائيلن ۾ هوندو يا هيٺ مٿي ٿي ويو هوندو.

رشيد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾ "قال" سان گڏ "حال" بہ شامل آهي. هن ڪتاب ۾ آيل ڪيترائي "شعر" سندس ذات ۽ ذاتي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿا. غربت، افلاس، رولڙو ۽ ڪن ماڻهن، ۽ ڪن شخصن جي ياد انهن ۾ سمايل آهي. هن غربت کان مجبور ٿي ڪجهہ شعر لکيا:

دنيا جي طمع تي ٿا قصائد لکون "رشيد"
ورنہ سڌي ٿو ڪير اسان شاعرن کي هيچ.

*****

هڪ هنڌ مچرن ۽ ڏيڏرن جي ساٿ جي باري ۾ چوي ٿو :

آهہ مچرن کي بي عدد شاباس
جو هيا منهنجا همنوا ڪلهہ رات
ڏيڏرن جي تہ دال ڪين ڳري
نيٺ خاموش ٿي ويا ڪلهہ رات.

غربت سبب ان وقت کان اڳ پوڙهي ٿي وڃڻ جو حال هيئن ٿو اوري:

مٿي ۾ پنهنجي اڇا ڏسان ٿو، چويهہ سال آهي عمر منهنجي
نہ دردِ فرقت جي پير جي واسطي ڪو آهي خضاب خالص.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس گهڻي عمر پڙهائيندي گذري. اهو "ماستر" هجڻ جو احساس سندس اندر جي اونهاڻين تائين پيهي ويو، ۽ ڪيترين جاين تي سندس شاعريءَ مان جهلڪي رهيو آهي:

چه نسبت خاڪ را با عالمِ پاڪ
ڪٿي دلدار ۽ مان ماستر ڪٿ.

*****

مرڻ بعد چوندو زمانو رشيدا
ته "آ عيش ماڻيو نه هن ماستر ڪٿ."

*****

محبت جو ڏاڙيل آهي "رشيد"،
سڄڻ ان سان پيا ماستر ڪين پڌ.

جڏهن "ڪنڊ" جي ڪمي هئي (ٻيءَ مهاڀاري جنگ وقت) ۽ ڪنڊ جي راشننگ هئي، ان دور جي تصوير "ماستر" جي حوالي سان هن طرح چٽي اٿائين:

آفيسرن ڪي ڪنڊ ملي عام جام ٿي
ڪن ماستر طلب ٿا رڳو بار بار ڪنڊ

ماستر جي سچائيءَ جي باري ۾ لکي ٿو:

ماستر ڪين ٿيندو آسودو
انجو آهي رڳو سچائي ونڊ.

ان ڏس ۾، هڪ سڄو مسلسل غزل "ماستر جو ارادو" هن ڪتاب ۾ شامل آهي، جنهن ۾ ان پيشي کي عظيم ڄاڻائيندي، غربت ۾ به خدمت جو عزم ڪندي ڏيکاريو آهي.

ماستر مونکي بنايو آ خدائي لايزال
شهرهٔ آفاق منهنجو جڳ ۾ آ اوج و ڪمال

*****

کين آ اسڪيل ۽ عهدي اضافي جي طلب
علم جي خدمت ۾ منهنجي ختم ٿيندي عمر شال

سندس شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي انهن شخصن جي باري ۾ شعر ملن ٿا، جن سان سندس قرب ڪچهريون هونديون هيون. انهن مان سندس سهيوڳي شاعر، عطا محمد حامي، ۽ اياز قادري ڪيس سيني ڪان گهڻو ويجها هئا، ۽ انهن کي گهڻو ياد ڪيو اٿائين:

"حامي"، "اياز" تنهنجو ٿا ديوان ڪن پسند
توکان ڪڏهن "رشيد" نہ رهندو "خليل" رنج.

✵✵✵✵✵

گهمر رشيدا "اياز" سان گڏجي
لاڙڪاڻو، ۽ ڪڏهن نہ ٻاهر ٻاق.

✵✵✵✵✵

عشاق لاءِ خضر خراسان ۾ هو پر
پيغامِ سنڌ مون کي رسايو آچي "اياز".

✵✵✵✵✵

واصف، خليل، عبد، نظامي نظام جي
سڏجي ٿو سنڌ لاءِ سخاوت اديب سنڌ.

مٿين شعرن ۾ اياز قادريءَ ۽ حاميءَ سان گڏ پنهنجي هم عصر شاعرن خليل، عبد، نظامي، واصف ۽ نظام جو ذڪر پڻ آهي.
رشيد جي شاعريءَ ۾ ٻين ماڳن جو ذڪر تہ آهي، پر خيرپور کي گهڻو ياد ڪيو اٿائين. لڳي ٿو تہ جيترو عرصو خيرپور ۾ رهيو، تہ اتي هن کي ايترو قرب مليو جو ان جون

اڻ ڀُلڻ يادگيريون سندس ذهن تي نقش ٿي ويون ۽
سندس شاعريءَ ۾ اڀري آيون:

سڄڻ جدا ملگزار مان ٿيو، نه هاءِ پهتس مان خيرپور مان
خبر هجي ها، اچان اڏامي ها بڻجي بادِ صبا جي صورت.

*****

رهان ٿو خيرپور ۾ ڪين مايوس
سدا دل ٿو ڏتاري چاءِ جو ڪوپ
اچي ٿا انجمن هوٽل تي ويهون
نه خالي ٿو اُٿاري چاءِ جو ڪوپ.

*****

سنڌ جي صوبي ۾ هاڻي جو ڪيان مان نوڪري
مان رياست ۾ ٿي رهندس ماستر، ٿورو نه ٿڪ.

*****

خيرپور اسٽيٽ ۾ موٽي "رشيد"
ٿا ڏسون چشمن سان پنهنجو ميراچ.

*****

رشيدا رات ڏينهان آ فقط ڳُڻتي اها دل ۾
رياست مان متان مون کان ڇڏائي نوڪري ڪاغذ

*****

حبيبن کي مرڻ تائين وساريندي نه دل منهنجي
ٿيو چا جي ڇڏائي خيرپور مان نوڪري ڪاغذ

*****

خيرپور کان وس ڪراچي جستجوئي يار ۾
هاڻي بامبي ڪلڪته دهلي ڏسڻ جي آهه تانگهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن خيرپور رياست ۾ موجوده هزهائينيس مير علي مراد خان ٽالپر کي تخت نشين ڪيو ويو (١٩٥١ع ۾) ته رشيد ان وقت قصيدو لکيو. سنڌي شاعريءَ ۾ قصيدو هڪ ڪمياب صنف آهي، پر رشيد شايد خيرپور سان پنهنجي دلي وابستگيءَ سببان اهو قصيدو لکيو:

چو نہ ٿئي عالم مسرت جو بپا جو ٿي وري
خيرپور اسٽيٽ ۾ ميرن جي شاهي استوار

۽ پوءِ اهو قصيدو روايتي فارسي ۽ اردو شاعريءَ جي قصيدن وانگر اڳتي ٿو وڌي.

خيرپور کان پوءِ رشيد لاڙڪاڻي ۽ بلوچستان کي ياد ڪيو آهي:

بلوچستان دل جي ۾ اي سهڻا
محبت جا ڏنم مشڪاف ۽ مچ.

*****

يتيمي ۾ ٿيو آهيان مسافر
بلوچستان ۽ قنڌار کان پڇ.

ان کان پوءِ سلطان باهوءَ جي درگاهہ کي بہ ياد ڪيو اٿائين، جتي هو فقيري ويس ڪري رهيو:

فقيري ويس پيي مون آهي پاتو
تون "باهو" پير جي دربار کان پڇ.

*****

ان وقت جي اڪثر مسلمان شاعرن وانگر، ۽ جميعت الشعراء جي اثر هيٺ، رشيد لاشاريءَ تي مسلم قوميت، بہ قومي نظريي، ۽ پئن اسلامزم جو اثر هئو. هن تي ان دور جي ساده دل مسلمانن وانگر، نندي ڪنڊ جي ورهاڱي، پاڪستان

جي قائم ٿيڻ، ۽ ان کان اڳتي هلي سڄي دنيا تي اسلام جي غلبي جو خواب ڇانئيل هئو.

نعرهٔ تڪبير سان عالم تي وڃجي ڇانئجي
ٿا رکن مسلم دلين ۾ جذبهٔ تسخير سي
ڪيئن ٿو جهرڪيءَ کي ٿئي حاصل پلا صيدِ عقاب
ٿا رکن بازُن ۾ مسلم زورِ خيبر گير سي.

✺✺✺✺✺

ڪندو ظهور زماني ۾ جا بجا اسلام
سڄو جهان اسانجو غلام ٿيندو نيٺ

رشيد لاشاري "هڪ قوم" ۽ "هڪ قومي ٻوليءَ" جو به حامي هئو:

ٿئي فرقه پرستي ختم سڀ هڪ قوم مسلمان سارا ٿين
تي ناهه رهي پنجاب ۽ سرحد سنڌ بلوچستان جو اڄ
سڀ هڪڙي زبان تي حاوي ٿين مفهوم سڀن جو هڪڙو هجي
ٿئي قدر اسانجي پاڪستان ۾ اعلىٰ اردو دان جو اڄ.

✺✺✺✺✺

آئين قرآن پاڪ جو جلدي مروج ٿي وڃي
۽ قوم جي تعمير ۾ مولىٰ وجهي هرگز نه رند.

مطلب ته ان زماني ۾، رشيد جهڙن ساده دل ماڻهن کي ايڏيون ته خوش فهميون هيون جو:

قبضي مسلمانن جي ۾ محشر کان شل اڳ ۾ ڏسان
جاپان ۽ رشيا فرانس ۽ انگلنڊ اسڪاٽلنڊ.

هو ڪشمير جي باري ۾ به ڏاڍو جذباتي هئو.

اي مجاهد اٿ ذرا بيدار ٿي ڪشمير وڃ
زورِ دستِ حيدرِ ڪرار ٿي ڪشمير وڃ.

۽ اهو غزل نما نظم ١٢ شعرن جو آهي، ۽ اهڙا ڪيترائي شعر هن ڪتاب ۾ آهن.

قائدِ اعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ به، رشيد لاشاريءَ جو پورو اعتماد هئو.

آهين اسانجو شاهه محمد علي جناح
آ دل ۾ تنهنجو چاهه محمد علي جناح
الحمد پڙهه رشيد اُجهائي وطن ۾ آهه
ظلم و ستم جي باهه محمد علي جناح.

پر ملڪ جي ورهاڱي، ۽ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ جيڪي حالتون ٿيون، تن کي محسوس ڪري، ٻين وانگر رشيد جا خواب به پريشان ٿي ويا. جنهن سک، سلامتيءَ ۽ سڪار جو تصور شاعر ڪيو هئو، اهو نه ملي سگهيو- رشيد جي حساس دل ان تي زخمي ٿي پئي، ۽ ان زخميل دل جو ثبوت سندس ڪيترائي شعر آهن، پر انهن کي ڇڏي، سندس هڪ نظم "تعمير پاڪستان" پيش ڪجي ٿو:

عيد ذوالحج بعد جئن ڏسجي محرم جو هلال
ماهِ غم تئن ٿيو عيان تعميرِ پاڪستان ۾
ديدِ افسرده سان ڏسجي ٿو، ڪجي سگهجي نه ٿو
آ لڳل مهر دهان تعميرِ پاڪستان ۾
قوم جي قسمت جي آئي آهه، بدران صلح جي
فتنه جي هٿ ۾ عنان تعميرِ پاڪستان ۾
ابتدائي صلح سان گڏ زود تر آندو فساد
هجرتِ هندوستان تعميرِ پاڪستان ۾

ڪهڙي آزادي قفس مان آ ملي؟ اي بلبلو!
سڄ ٿئي ٿو گلستان تعميرِ پاڪستان ۾
قوم جو ماتم ڪجي يا دورِ آزادي ڏسي
ٻڌجي رهجي نغمہ خوان تعميرِ پاڪستان ۾.

هيءُ پندرهن شعرن جو طويل نظم نما غزل آهي. هيءُ نظم رشيد لاشاريءَ ان دور ۾ لکيو هئو، جڏهن سنڌي قوم پرستيءَ جي تحريڪ ڪراچيءَ جي شاگردن طرفان شروع ٿي هئي، ۽ انهن رسالو "تعمير" ڪڍيو هئو، جنهن ۾ هيءُ نظم شايع ٿيو هئو. اها تحريڪ ١٩٤٨ ڌاري، هڪ ڪاليج جي متعصب سنڌ دشمن پرنسيپال جي خلاف، ۽ ملڪ جي پهرئين وزير اعظم جي سنڌين خلاف رمارڪ جي رد عمل طور شروع ڪئي وئي هئي.

رشيد لاشاري بنيادي طور تي پڪو مسلمان هئو، پر نيڙهيءَ جهڙي انتها پسند بنياد پرست اداري سان لاڳاپيل رهڻ جي باوجود بہ سندس لاڙو اهل تشيعت جي طرف لڳي ٿو. هو حضرت عليڪرم سائين، امام حسين رضہ سان وڏي عقيدت ظاهر ٿو ڪري. اهڙا شعر سندس هن ڪتاب ۾ هنڌين ماڳين موجود آهن، جن مان ڪجهہ مثال طور ڏجن ٿا.

حضرت عليءَ جي شان ۾ هڪ سڄو غزل نما نظم باب السخا علي هن ڪتاب ۾ آهي، جنهن مان بہ ٽي شعر مثال طور ڏجن ٿا:

بعد از نبي اسانجو بس پيشوا علي آ
ظلمات ڪفر اندر نورالهدیٰ علي آ
چاهيو رضا خدا جي ڳوليو رضا عليءَ جي
حاصل ڪئي خدا جي ساري رضا علي آ.

اهڙوئي ٻيو نظم حضرت عليءَ جي فضيلت:

مـيان ٿـو مـان دل سـان عليءَ جي فـضـيلت
ٻڌائي ٿـــو قـــرآن عليءَ جي فـــضـــيلت
عليءَ جو ڪو همـــســـر نـ ٿـيـــو آ نـ ٿـيندو
نـ آ ڪنهن کي شـــايان عليءَ جي فـضـيلت.

امام حسين رضہ ۽ حضرت عليؑ جي باري ۾ لکي ٿو:

شـــاهہ نجف ڏســـان ۽ ڏســـان ڪربلا اڳي،
مـــونکي ڪرائي بعـــد ۾ پروردگـــار حج.

پنجتن پاڪ جي باري ۾ چوي ٿو:

تون پنجتن جي وصف و ثنا فـــرض عين ڄاڻ
غيـرن جي مـدح عـمـر ۾ ڄاڻي حـرام وٺ.

امام جعفر صادق جي باري ۾ عقيدت جو اظهار هن ريت ٿو ڪري:

مـجتـهـــد اڄ جا طـبـيـــعـت ۾ ٿـــا آڻن انتـــشـــار
ڪاش مان هردم هجان ها حضرت جعفرؓ سان گڏ

امام مهديءَ جي ظهور ۾ بہ رشيد لاشاري يقين رکي ٿو:

اچي امـــام تـہ دنيـــا ۾ صلح ســـانت ٿـــئي
خدا جي خلق ۾ جنـگ و جدال آ هـرهـنـڌ

سعديءَ جي شعر "بعد از خدا بزرگ توئي "جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو:

علي آهي بعـــــد از نبي برگـــــزيده
ٿـئي ڪيـر ٿـو پيـو نبـوت جو شـائق.

هيءَ ته ٿيو رشيد لاشاريءَ جو مذهبي مسلڪ - پر هڪ حساس شاعر وانگر سندس سوچ هميشہ مثبت رهي آهي.

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو، تہ آزاديءَ بعد، هن جيڪي پنهنجي چوڏاري ڏٺو، ان جو بيباڪيءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهار ڪيو اٿائين.رشيد لاشاريءَ جي دور جي شاعريءَ کي اڪثر نقادن جميعت الشعراءَ جي "گل و بلبل" واري شاعريءَ جو دؤر چيو آهي، جنهن ۾ اڪثر شاعر داخلي ڪيفيتن جو بيان ڪندا هئا. ۽ وزن بحر ۽ لفظي صنعتن جي جادوءَ ۾ گم هئا. ائين برابر آهي، پر ڪي شاعر اهڙا بہ هئا، جن جي پنهنجي ماحول تي گهري نظر هئي.۽ سندن سيني ۾ درد مند عوام دوست دل هئي. اهڙن شاعرن مان قادر بخش بشير ۽ رشيد لاشاري اهم هئا.

وڏيرو، سنڌ جي اڪثر خرابين جو ذميوار آهي. ڏسو تہ رشيد انجو ڪيئن ذڪر ڪيو آهي:

هڪ تہ ڏاڙهيءَ پٽ وڏيرن وٽ لڳل هارين جي آ
بيــو وري ڏئي تــو بنائي چور، صــوبيــدار چڙب
اڄ زمـــينـدارن جو دڙڪو آهـ ائين هارين جي لاءِ
جيئن تي ڏئي سرڪار کي ڪا لاف زن اخبار چڙب

مٿئين شعر ۾ رشيد، وڏيري سان گڏ صوبيدار کي بہ آندو آهي.

نيـــاڻين کي تــو بڪـــرين مـــثل وڪڻين
نڪـــا امـــيـــد رک خيـــرالنســا وٽ
رکين ڏاندن ۽ ڪڪڙن جون تــو شــرطون
چڙهي تــو تپ جي پهچين تــو سـخا وٽ

وڏيري ســان گــڏ مــلا بــ سنڌ ۾ وڏيري ســان ٻٽ تي، استحصـال جو اهم هٿيار رهيو آهي. ڏسو تہ رشيد ان جي باري ۾ ڇا ٿو سوچي:

اڄ جا ســيــد ۽ مــبلغ ۽ مــفــســر،مــلا
وڪڻي هڪ پئسي تي پنهنجو ٿا ڇڏن ايمان سڀ

*****

کڍائي ٿـو مـفـتـيءَ کـان فـتـوىٰ شـتـاب
کـــــسـي ٿـــــــو وٺـي ديـن ايمان نـوٽ

مــلا نہ رڳو خريد ٿـيڻ جوڳي وٿ آهي، پر مــدرسن ۾ جيـڪـا اخلاقي بي راهہ روي آهي، رشـيـد ان جو اکين ڏٺـو شاهد آهي، ڇو تہ هو مدرسن سان بہ لاڳاپيل رهيو آهي. ان اخلاقي پستيءَ ڏي اشارو ڪندي چوي ٿو:

آهہ مــڪـتـب ۾ بہ گـردانِ فـسـاد
آ اُتي يـي فـاعـل ۽ مـفـعـول اڄ
. . . . .
ٿو فتاوىٰ ڪفر جون مـفـتي ڪڍين
پاڻ کي ييي ڏي ذرا تعـــــزير اڄ

✺✺✺✺✺

جو دنـيـا جي پـنـيـان ٿـو دين وڪـڻي
تون اهڙي مـولوي مـڪـار کـان ٻچ

✺✺✺✺✺

اڄ جا مــلا هـڪـڙي پنـسي تي ٿـا وڪـڻن دين کي
دين جي دولت کـان ڄاڻن ڪين ٿـا پنـسن کي هيچ.

ملا ۽ مفتيءَ کي تہ عام طرح نـديـو اٿـائين، پر هـڪ جاءِ تي، خاص ڪري، وهابين جو ذڪر ڪيو اٿائين. ان مـان لڳي ٿـو تہ وهـابين رشـيـد لاشـاريءَ کي ڪافي تـڪـليـفـون ڏنيـون آهن. شايد سندس شـاعريءَ جي ڪري يا سندس صـوفـيـاڻي مسلڪ سببان.

وهابين جو گهٽو آهيان مان گهائل
ڇڪائين جو ٿو وينتر چاڪ گستاخ

رشيد لاشاري پوليس کي بہ پنهنجي تنقيد جو هدف بنايو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪنهن نہ ڪنهن غريب جو ٽيندو جهڳو تباهہ
ڏسجن ٿا ڪي پوليس جا هسوار چار پنج

*****

جو چورن جي بجا ڀاڳين کي پڪڙي
تون اهڙي چور صوبيدار کان ڀڄ.

*****

پير جي لاءِ لکي ٿو:

ڪري جيڪو مريدن ۾ خيانت،
تون اهڙي پير بدڪردار کان ڀڄ.

رشيد لاشاريءَ جي دؤر ۾، سنڌ جي سماج جا اهي سڀ منفي ڪردار اڄ کان گهڻا دفعا وڌيڪ طاقتور هئا. تڏهن نہ تعليم عام هئي، نہ آمدرفت جون سهوليتون، ۽ نہ وري اخبارون ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا، ان دور ۾ وڏيري، پير، ملا، ۽ پوليس واري جي خلاف قلم کڻڻ وڏيءَ همت جي ڳالهہ هئي. رشيد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾، عوام دوستي ۽ انسان دوستيءَ جا جذبا جاءِ بجاءِ جهلڪا پيا ڏين:

انسان سڏائي نہ اهو پاڻ کي جڳ ۾
ٿيو آهي عطا جنهن کي نہ انعامِ محبت

*****

مذهب جي ڪشاڪش کان رهان دور ٿو هردم
بيو اهڙي ڪندو ڪير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

*****

پورهيت جي عظمت جي باري ۾ لکي ٿو:

ٿو ڏيکائي ٻين کي آ پاڻ عريان ۽ ڪيو
قرب جي ڪوريءَ کي آ الفت جي آڏاڻي ابوجهہ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشيد لاشاري، هونءَ تہ هر صنف جو شاعر آهي. هن هر صنف ۾ ڪاميابيءَ سان لکيو آهي. هن غزل جي صنف ۾ پڻ ڪاميابيءَ سان لکيو آهي. پنهنجي هن ڪتاب جي هر غزل کي هن عنوان ڏنو آهي. هونءَ غزل جو ڪوبہ عنوان نہ ٿيندو آهي،جو تہ موضوع يا مضمون هڪ شعر کان ٻئي ۾ تبديل ٿيندو رهندو آهي. رشيد جا هن ڪتاب ۾ ڏنل غزل مسلسل غزل آهن، جن جو موضوع هر غزل جي شروع کان آخر تائين ساڳيو آهي. ۽ انڪري ڪٿي ڪٿي مون انهن کي نظم نما غزل، يا غزل نما نظم لکيو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾، غزل شروع ٿي ان ريت ٿيو. جيئن سچل سرمست جا "ڪافي نما غزل" يا "غزل نما ڪافيون" موجود آهن. ان کان پوءِ گل، قاسم ۽ فاضل جي ديوانن ۾ ڪيترائي اهڙا مسلسل غزل ملندا. اڳتي هلي، سنڌي غزل ۾ فارسيءَ ۽ اردوءَ جي غزل وانگر هر شعر ۾ مختلف مضمون ۽ موضوع آندا ويا.

رشيد لاشاريءَ جي غزلن ۾ هونءَ تہ ناصحانہ موضوع آهن، پر ڪٿي ڪٿي هن غزلن ۾ تغزل کي بہ شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ مضمون آفريني، ٻوليءَ جي رنگيني، رومان بہ موجود آهي. توڙي جو ٻولي ۽ ماحول فارسي زده آهي، جيڪو رشيد جي دؤر جو رواج هئو، پر تنهن هوندي بہ انهن شعرن ۾ فنائتي استادي جهلڪا پئي ڏئي:

بت پرستيءَ سان اچي ٿي يادِ حق
ور نہ مونکي ڪٿ خدا جي ڄاڻ آ.

✸✸✸✸✸

آندم فغان سان قدرت قادر ۾ انقلاب
مجموعئہ جهان ٿي چَڪو فرد فرد آ.

مٿئين شعر وارو غزل، ۽ هي "شاعري نہ آهي نواهائي راز آ" وارو غزل، هن "غالب" جي تمام مشڪل زمين ۾ لکيا آهن، ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهي کي پنهنجي استادانہ قابليت سان خوب نڀايو اٿائين. ڪجهہ پيا تغزل وارا شعر:

چو نہ بدنام ٿيان جڳ ۾ جڏهن آ دل ۾
جذبۂ عشق جدا جذبۂ اشعار جدا
محتسب! قتل ڪرڻ چاهين تہ سر حاضر آهہ
لب کان ليڪن نہ ڪندو جام کي ميخوار جدا.

*****

خدارا شيشہ رو ڏس ڪين قصرِ شيشہ مان مون ڏي
گمان آهي تہ ٻڻجي پوندو برقِ طور آئينو.

*****

هند جي ظلمت ۾ ڏس خونِ شهيدان جو شعاع
نشترِ قدرت ڇا کولي آهي فصدِ آفتاب.

*****

سنوت ڪنهن کي ڏني رخسارِ دلبر آ نہ اڄ تائين
منجهائڻ لاءِ اُن ناهي ڇڏي آهي ذقن ۾ ڪُپ.

*****

هر وقت تنهنجي صورت چشمن اڳيان ڦري ٿي
اهڙا ڏٺا مون آهن پرده نشين اڻ لڀ.

*****

اُيترو تنهنجي ڳليءَ ۾ عاشقن جو خون آ
جو سڏن انکي ٿا اڄ ڪلهہ واديءِ ڪشمير سڀ.

*****


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڙهي پلنگ مٿان جيئن ليٽي ٿو شاهہ اعظم
سمجهيو گلاب کي تنن آهي پلنگَ پوپٽ.

*****

جنونِ عشق ۾ کهڙو لباس تن تي ڍڪيان
بدن تي وار بہ مون لئہ وبال ٿيندو نيٺ.

*****

رکي سِر دار تي سردار ٿيو آ
کيو آ دار سان منصور ميلاپ.

*****

جيئن ڪفن سر سان ٻڌي مقتل ۾ پهتس تيئن ٿيا
تير چپ نيزو بہ چپ ڀالو بہ چپ تلوار چپ.

*****

جاٺان ٿو زندگيءَ جو سچو فلسفو رشيد
تاهم سڌن رفيق ٿا مونکي سدا اٻوجهہ.

*****

پيرن مان وهي خون هليو خار لڳا جيئن
صحرا بہ بڻيو غيرتِ گلزار ڏسي وڃ.

*****

هجر جي ضعف کان منهنجا ٿي ڏکيا هٿ دلبر
انکري غير کان مون آهي لکايو ڪاغذ.

*****



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپرڻ سان آهي اوندهہ ۽ سوجهرو لهڻ سان
عيش و الم جو آهي هڪ آفتاب ڪاوڙ.

*****

شبِ وصل چو مختصر آهي تي
اچا تو سان تي آ ملاقات مس.

*****

آخر سڙي مئس بت ترسا جي هجر ۾
مسلم تي پنهنجو لاشَ جلايم برو ڪيم
مژگانِ يار دل تا چڪيو پاڻ ڏي وڄن
ڏنگهرن سان پنهنجو پاند اڙايم برو ڪيم.

تغزل سان گڏوگڏ، رشيد جي شاعريءَ ۾ رومانوي عنصر بہ گهڻي قدر موجود آهي. هن جو رومان روايتي غزل وارو نہ آهي، جيڪو ان دور ۾ لکيو ويندو هئو. جنهن ۾ روايتي فارسيءَ ۽ اردو شاعريءَ جون تشبيهون استعارا ۽ تلميحون هونديون هيون. رشيد لاشاريءَ جي رومانوي موضوعن ۾ اصليت ۽ نواڻ آهي. ڪٿي ڪٿي تہ هو ايترو تہ اڳتي وڌي ٿو وڃي جو سندس دؤر جي "ناصحن" ۽ "واعظن" کي ضرور ڪاوڙ لڳي هوندي.

ڪر جسم ۾ گم جسم وفا انکي تو چئجي
آ فرض ٿيو عشق ۾ اِدغامِ محبت.

جسم ۾ جسم گم ڪرڻ جي ڳالهہ اڄڪلهہ تہ هلي ٿي وڃي پر رشيد جي زماني ۾ ڏاڍي ڏکي هئي.

مران تو دردِ محبت ۾ آ لبن تي ساهہ
دهن ۾ منهنجي ٽِمايو بجائي آب شراب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بغل ۾ آهي سـجڻ آهي رات چانڊوڪي
پيـار پنهنجي پيـالي ۾ مـاهتـاب شـراب.

*****

ٻئي شعر ۾ ماحول ۽ تشبيهہ ۾ نواڻ آهي.

ڪرين ٿو مون سان خوشطبعي يا سهڻا
شـروع آهي ٿـيـو تڪـرار سچ پچ.

متئين شعر ۾ بہ "سادگيءَ" سان "پرڪاري" شامل آهي.
هيٺين شعرن ۾ برجستگيءَ سان جرات بہ شامل آهي.

فـرصت ٿي ملي ڪين ڪڏهن عـشق بتـان کـان
مـون آهي ڪيـو دين ۽ ايمان فـرامـوش
شب روز ڪيـان مـصـحف رو جو ٿـو مطالع
چو ڪين وڃي مـون کـان ٿي قـرآن فـرامـوش.

هيٺين شعرن ۾ بيان ڪيل رومانوي ڪيفيت جو ذڪر رشيد جي دور ۾ "عريانيءَ" جي الزام سان نوازيو ويندو هئو:

دلبـرا! شب وصـال ۾ ٿـو ايتـرو گـهـران
لب تي هجي هي لب ۽ زبان سـان بهم هي جپ

*****

بوسـو لبن جو تنهنجو ٿـو پـانيـان وڏو ثواب
مصحف کان ڪين سمجهان ٿو ڳاڙهن چپن کي هيچ.

هيءُ تہ ٿيا رومانوي شعر - پر رشيد لاشاريءَ جي روح کي، هر سنڌيءَ جي روح وانگر جي ڪوتبو، تہ ان مان صوفي نڪرندو. رشيد لاشاري پلي بنياد پرستن سان رهيو هجي، پر سندس اندر جو صـوفي، جيـڪـو لطيف ۽ سـچل جي اپيـاس، ۽ سلطان بـاهوءَ جي درگـاهہ سـان وابسـتگيءَ جي ڪري اسريو ۽ نسريو، اهو هميشہ سجاڳ رهيو. رشيد جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعريءَ توڙي سندس سياءَ تي اهو صوفياڻو رنگ ڇانئيل رهيو. هن وحدت الوجود جي فلسفي لاءِ چيو آهي:

دارالفنا ۾ پنهنجون اکيون بند ڪر رشيد
هڪ وحدت الوجود سدا پائدار ڏس.

✻✻✻✻✻

وحدت الوجود جي باري ۾ هڪ تشبيهه:
يار جو آئينه خانو آهي مثلِ ڪوهِ طور
"لن تراني" جي جتي تي منهنجي لئه ايجاد ڇڙب.

ساڳئي فلسفي جي باري ۾ ٻئي هنڌ چوي ٿو:

وحدت ۾ ٿي فنا ته حقيقت ٿئي عيان
اهلِ بقا جي آهي نه اهلِ فنا کي سُڌ.

✻✻✻✻✻

اڳتي هلي، ان فلسفي موجب هر دل ۾ خدا جي وجود جو ذڪر ٿو ڪري.

خدا قلب تنهنجي ۾ موجود آهه
تون پنهنجي تصور کي ممتاز ڪر.

هڪ ٻئي غزل جا ٻه شعر:
وسي ٿو سڀ ۾ سدا ۽ سڀن کي آ سولو
هجي خدا نه ڪٿي سو محال آ هر هنڌ
ڪيان ٿو جيڪي سو پڌرو ۽ خلق جي سامهون
لڪان مان ڪنهن کان جڏهن ذوالجلال آ هر هنڌ.

مطلب ته:

مقرر ڪيان تنهنجو ڪهڙو مڪان
تون آهين عيان جا بجا يا خدا.

رشيد پنهنجي غزلن ۾ بامحاوره ٻولي ڪتب آندي آهي. سنڌيءَ جا اهڙا سهڻا محاورا شاعريءَ ۾ آندا اٿائين جو منڊيءَ تي ٽڪ وانگر جڙجي ويا آهن ۽ سهڻا پيا لڳن. هتي رڳو ٻه ٽي مثال ڏبا:

هم جنس کي ٿــو هرڪو ڪري زور زور ســڏ
ڪانون کي ڏيندو ڪين ڪڏهن آهي مــور ســڏ.

✻✻✻✻✻

رُکــو ۽ سُکــو پنهنجي گــهــر جو هجي
پرائي ٽـڪـــــر تـي ٻَـصــــــر ڪـين ٻَڌ.

✻✻✻✻✻

قربان تن تان پنهنجو سڄو سـاهه سـر ڪيـان
لک تي لهي هميشه اي جيجان جتن جي لوڏ.

مٿين شعرن ۾ "مور جو ڪانو کي سڏڻ"، "پرائي ٽڪر تي ٻصر ٻڌڻ" ۽ "لوڏ جو لک لهڻ" وارا محاورا کهڙيءَ نه سهڻيءَ ريت شعرن ۾ جڙيا ويا آهن.

هيٺين شعرن ۾ زبان جو چشڪو ۽ لفظي ردم توڙي معنوي ردم محسوس ڪريو:

نيـــاز آهي تہ ناز آهي نيــــاز ڪونهي تہ ناز ڪونهي
نيــاز مــان ٿي تون ناز وارو ۽ ناز مــان ٻي نيــاز ٿي وڃ.
نيــاز ڌاري جي ناز ســـهندين تہ ناز ٿـــيندو نيــاز تنهنجو
هجي زماني کي ناز جنهن تي تون ان جي نازن جو ناز ٿي وڃ.

هيٺ ڏنل شعرن واري سموري غزل جي پندرهن ئي شعرن ۾ ساڳي صنعت لف و نشر استعمال ڪئي آهي، ۽ اهي بي پناهه رواني ۽ فصاحت سان ٽمٽار آهن:

رُلي پـنـڪي ڏِڪا ڪـائي ذليل و خوار ٿـيـو آهيـان
ڳلي ڪـان ڳوٺ ڪان بازار ڪـان خردو ڪلان ڪـان پڇ
تون عـشقِ گل ۽ قـيد ۽ بي ڪسي، بلبل جي آزادي
چمن ڪـان ۽ قـفس ڪـان دام ڪـان ۽ آشيـان ڪـان پڇ.

هيٺين شعرن ۾ لفظي صنعت جي سونهن ڏسو. هر شعر جي پهرئين مصرعي جو پهريون اڌ، ٻئي مصرعي جي پوئين اڌ طور ورجايو ويو آهي، ۽ پهرئين مصرعي جو ٻيو اڌ، ٻئي مصرعي جو پهريون اڌ آهي:

عـيـــار آهـ واعظ، مـــڪــــار آهـ واعظ
مـــڪـــار آهـ واعظ، عــيــار آهـ واعظ
دسـتــار آهـ واعظ، مــڪــر و دغا جي ويڙهي
مــڪــر و دغا جي ويڙهي، دسـتـار آهي واعظ.

رشيد لاشاريءَ جي شاعريءَ جي اڀياس مان لڳي ٿو، تہ هو نہ فقط پنهنجي دور جي اهم شاعرن مان هئو، پر هن جي شـاعري پنهنجي انسـان دوست مـوضـوعن، فني پختـگيءَ، فصاحت ۽ ٻوليءَ جي روانيءَ سببان هر دور ۾ اهم رهندي.

**تنوير عباسي**
**١٢ ڊسمبر ١٩٩٦**

# منهنجو خدا

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱- شل ڪري مونکي حقيقت آشنا منهنجو خدا .
قوم پنهنجي تان بنائي جان فدا منهنجو خدا .
۲- شل بنائي لذت آزادگي جي واسطي،
درد پنهنجي ديس جو منهنجي غذا منهنجو خدا .
۳- آب تو تئي زيرهٔ دل نار فتنہ ۾، ۽ آهہ،
ڪشتيءِ بحرِ الم ۾ ناخدا منهنجو خدا ،
۴- باهہ مان نڪري وري تا غرق پاڻي ۾ ٿيون،
ڪين رسوائي ڪري اهڙي عطا منهنجو خدا .
۵- قوم تاريو جن ڪي سي ٻيڙي تا ٻوڙن قوم جي،
چو نہ تو تن تي ڪري نازل هچا منهنجو خدا .
۶- جي هيا ظالم سي ڪئن تا قوم جا غمخوار ٿين،
تو نہ پٽ ڪينئون بنائي اژدها منهنجو خدا .
۷- آب اُلفت تي چڪو نار حسد سان باد ظلم،
شل زماني جي نہ بدلائي هوا منهنجو خدا .
۸- باد فتنہ سان ٿيو برباد باغِ صلح، شال،
امن جي بلبل ڪري جلدي رها منهنجو خدا .
۹- پيشوائي طائران اوج ٿيا زاغ و زغن،
موڪلي ڪو قوم ڏي رشڪِ هما منهنجو خدا .

١٠- زرِ نسبت مرشد فرعون رُوچئي تو تہ، آهہ،
هي اسان سيني خَدائن جو خدا منهنجو خدا.
١١- ٻڌجي مار آستين پنهنجا ڏنگيندا پاڻ کي،
ڪين ٻي اَهڙي ٻچيندو ڪا بلا منهنجو خدا.
١٢- ديس ۾ نارِ حسد ٻاري تو هر نمرودِ قوم،
پر ڪندو بَرِ دَوّ سلاما جي سخا منهنجو خدا.
١٣- حملہ آور امن نگري تي ٿي فوجِ اختلاف،
صلح جي شل آسمان کان ڏئي ندا منهنجو خدا.
١٤- تي ٿئي تعمير پنهنجي ديس ۾ قصرِ ستم،
شل ڪري معمار کي نذرِ قضا منهنجو خدا.
١٥- بادِ دوزخ جڻ ٿي جنّت ۾ گُهلي ۽ تو ڪري،
ديس ۾ محشر کان اڳ محشر بپا منهنجو خدا.
١٦- قوم جي عزّت کي وڪڻي غير کان عزّت نہ وٺ،
اهڙي عزّت کي سڏي تو ناروا منهنجو خدا.
١٧- تنهنجي هر قومي سخن کي دهر ۾ ثابت ڪندو،
ڪاروان قوم لئي بانگ درا منهنجو خدا.
١٨- باغ وحدت جا ٿيا حسنينَ گل ۽ باغبان،
مصطفىٰ، خيرالنسا، شيرِ خدا، منهنجو خدا.
١٩- لعل جي عزّت بہ آ ٻاهر بدَخشان کان "رشيد"،
ڪئَن ڪندو مونکي وطن ۾ بي بها منهنجو خدا.

ردیف الف

# خنجرِ خونخوار

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١ - دِل ڪئي مجروح ڪنهن جي خنجرِ خونخوار آ.
سر بکف لاريب تيو هر طالبِ ديدار آ.

٢ - چا بيانِ نازِ محبوبان ڪري منهنجي زبان،
آسمان تان آٽڻو جڻ تحفَئہ سيّار آ.

٣ - لذتِ سوزِ محبّت باعثِ آرام آهہ،
آتشِ دِل مان عيان نظّارۂ گلزار آ.

٤ - هر زبانِ ناطقہ تا حشر ٿئي گويا اگر،
تہ بہ اڏوراٽو اچا آغازِ وصفِ يار آ.

٥ - داغِ اُلفت کان تيو هر ذرّه آتش خيز آهہ،
نقش تيو هر ذرّه مان نقشِ عذاب النّار آ.

٦ - خاڪساريءَ ۾ بہ آ شاہِ جهان ذوقِ "رشيد"،
آرزوئي عشق سان خم هر سرِ سردار آ.

❀

کلامِ "رشيد"

# دهر ۾ يوم النّشور

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

١ - تابِ جمالِ يار جي موسىٰ کي ڇا مجال،
هي ڪجهه بہ ڪين آهِ فقط ڪوهِ طور آ.

٢- خواب و خيال ۾ بہ تصوّر ٿيو رفيق،
مون کان نہ هڪڙو منٽ رهيو دوست دور آ.

٣- ڦوڪيم جهان ۾ صورِ غمِ دردِ هجرِ يار،
پهريون هي سڀ کان دهر ۾ يوم النشور آ.

٤ - منصور جو بہ آهِ عيان رازِ دل "رشيد"!
ذرّہ تي ڪيس عشق ۾ ڪيڏو غرور آ.

# دلربا جي جاءِ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١ - عشق کي هر مدّعا جي جاءِ آ.
مونکي اُنجي اِبتدا جي جاءِ آ.

٢- هو ته مونکي جاڻي يا جاڻي نه تو،
دِل کي اُنجي هر ادا جي جاءِ آ.

٣- بت پرستي سان اچي ٿي ياد حق،
ورنه مونکي ڪٿ خدا جي جاءِ آ.

٤ - درد جي مونکي دوا حاصل ٿي پر،
درد کي پنهنجي دوا جي جاءِ آ.

٥- دوستي آ اِبتدا ٿئي دشمني،
توکي اعدائي قضا جي جاءِ آ.

٦- حرف شِکوه ڪئن ڪڍي منهنجي زبان،
اُنکي بس وصف وثنا جي جاءِ آ.

٧- جاءِ جي قابل نه آهين تون "رشيد"!
شوق دِل کي دِلربا جي جاءِ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشقِ خوبان جو علَم

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١ - اڄ دلِ بيتاب ۾ دريائي غم جو جوش آ.
ناخدائي ڪشتيءِ اُمّيد پڻ روپوش آ.

٢ - هڪ نگاهِ يار سان بسمل ٿين ٿا سَو هزار،
طور سينا تي ڪليم الله پڻ بي هوش آ.

٣ - خواب ۾ پهلو ۾ پنهنجي تو ڏٺو سان رشڪِ قمر،
پر سجاڳي ۾ ڏسان ٿو دور از آغوش آ.

٤ - ٿيو بپا محشر زمين و عرش ٿيا زيرو زبر،
منهنجي آهِ آتشين کان رعد پڻ خاموش آ.

٥ - حسن جي سرڪار مان خلعت ٿي سڀ ڪنهن کي عطا،
مونکي ليڪن عشقِ خوبان جو علم بردوش آ.

٦ - ڪجهه بجز حسرت نه آ دل ۾ رهيو منهنجي "رشيد"،
منهنجو هم آغوش ٿيو اڄ غير سان همدوش آ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پريشان مرد

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱ - منهنجو مزاج عشق ۾ صحرا نورد آ.
يڪسان نظر ۾ منهنجي ٿيو گرم و سرد آ.

۲- آندم فغان سان قدرتِ قادر ۾ انقلاب،
مجموعۀ جهان تي چڪو فرد فرد آ.

۳- بي مهريءِ زمانه ڪيو وقف دردِ دل،
ضبطِ فغان ڪان مستثنيٰ دل جو درد آ.

۴- اج بندگيءِ آتشِ سوز و فراقِ يار،
مونکي بنايو مثلِ شه يزد جرد آ.

۵ - پاسو نٿو ورائي سگهان ضعفِ هجر ڪان،
اوّل مرڻ ڪان منهنجو ٿيو رنگ زرد آ.

۶ - حالِ "رشيد" خسته جگر آ ڏسڻ وٽان،
هرڪو چوي ٿو ڪهڙو پريشان مرد آ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبت جو گلستان

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

١- اگر تنهنجي نظر ۾ تيو هلالِ عيدِ قربان آ.
تہ تيو منهنجي نظر ۾ ناخنِ دلدارِ جانان آ.

٢- زياده فقر منهنجي ڪان نہ آهي تاج سلطاني،
گليمِ چاڪ منهنجي لاءِ تي تختِ سليمان آ.

٣- مبادا نوحؑ جو طوفان وري برپا ٿئي جڳ ۾،
جو قلزم اشڪ ريزي ۾ تي منهنجي چشمِ گريان آ.

۴- بنايو آ قمر کي هن قمر اوندهہ هيو ورنہ،
تيو خورشيدِ عالم تاب تي پي هن جو اِحسان آ.

۵- زبانِ يار مان ڪئن شڪوهٔ بيدادِ دلبر ٿئي،
گناهِ خود جڏهن پهريو لباسِ عذرِ شيطان آ.

٦- تيو صيّاد ۽ گلچين کي خطرو گلشنِ دل مان،
جو آبِ اشڪ سان ويرانہ دل تيو نيستان آ.

٧- مثالِ صورِ اسرافيل تي نالہ ڪشي منهنجي،
سراپا رهنِ عالم دل جو ٿيو شهرِ خموشان آ.

٨- ٿيا مغروق چاهِ دل ۾ صدها يوسفِ مقصد،
حقيقت ۾ دلِ افسرده رشڪِ ماهِ ڪنعان آ.

٩- هزارين خواهشون دل جون ٻڏيون بلبل جڏهن ڪان مان،
وسايو عالمِ دل ۾ محبت جو گلستان آ.

١٠- مران مون چو نہ هر ساعت دلِ آزرده تي جانان!
جڏهن ڪان دستِ عزرائيل تنهنجو تيرِ مژگان آ.

١١- ڪندين تون ڇا وڃي خلدِ برين ۾ حورو غلمان کي،
”رشيدا“ تي عطا عالم ۾ هڪ بزمِ حسينان آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كلامِ "رشيد"

# اسلام تنهنجو مولىٰ

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

١- عالم تي آهہ هردم انعام تنهنجو مولىٰ.
هرهڪ زبان تي ڏسجي ٿو نام تنهنجو مولىٰ.

٢- "خلاق سڀ جو آهيان رزاق نام منهنجو"،
آيو هي آهہ جڳ ڏي پيغام تنهنجو مولىٰ.

٣- لطف و ڪرم ڪان تنهنجي محروم ڪونہ آ هي،
شاه و گدا تي آهي اڪرام تنهنجو مولىٰ.

٤- شرعِ مبين آهي عرفان جو هڪ ذريعو،
آ دين تنهنجو مولىٰ اسلام تنهنجو مولىٰ.

٥- نطقِ نبي ﷺ جو آهي روح القدس مُحافظ،
آ قول مصطفىٰ جو اِعلام تنهنجو مولىٰ.

٦- نعمت تي تنهنجي آهي هر وقت شڪر واجب،
احسان آهہ ٻانهن تي عام تنهنجو مولىٰ.

٧- عصيان سان قلب ڪارو پنهنجو ڪري نہ انسان،
قلبِ بشر تي ٿئي ٿو الهام تنهنجو مولىٰ.

٨- افسوس ذڪرِ تنهنجي ڪان آ "رشيد" غافل،
عرفان ۾ آهہ ٻانهو ناڪام تنهنجو مولىٰ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف الف

# باب السّخا عليءَ آ

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

۱ - بعد از نبيﷺ اسان جو بس پيشوا عليءَ آ.
ظلماتِ ڪفر اندر نور الهدىٰ عليءَ آ.

۲ - وجہِ خدا عليءَ آ وصلِ خدا عليءَ آ.
گوشِ نبيﷺ تي آندو صوتِ خدا عليءَ آ.

۳ - شاهي ٿو ڏئي گدا کي باب السّخا عليءَ آ.
بي بخت لاءِ مثلِ بالِ هما عليءَ آ.

۴ - ڪنزالصّفات آهي، راهِ نجات آهي،
مشڪل جي وقت پنهنجو مشڪل ڪشا عليءَ آ.

۵- توحيد جا پياري ساغر پري ٿو صفدر،
ساقيءِ آبِ ڪوثر روزِ جزا عليءَ آ.

۶ - بيتِ خدا مان آيو بيتِ خدا منجهان ويو،
بيتِ خدا جي عزت پڻ مرتضىٰ عليءَ آ.

۷- چاهيو رضا خدا جي ڳوليو رضا علي جي،
حاصل ڪئي خدا جي ساري رضا عليءَ آ.

۸- ٿيندو ”رشيد“ اُن کي وصلِ خدا نہ حاصل،
جنهن جو نہ هن زماني ۾ رهنما عليءَ آ.

❁

# يا خدا

(فعولن- فعولن- فعولن- فعل)

۱ - اسين تنهنجا آهيون گدا ياخدا.
اسان جو تون آهين خدا ياخدا.

۲ - مقرر ڪريان تنهنجو ڪهڙو مڪان،
تون آهين عيان جا بجا ياخدا.

۳ - جو آهي سو تنهنجي ثنا تو ڪري،
ڪجي تنهنجي ڪهڙي ثنا ياخدا.

۴ - ڇُري تنهنجي مرضي بنا تو نه ڪک،
بَشر ڪئَن ڪندو چون چرا ياخدا.

۵ - هجي تو ڪان نزديڪ ڪوئي اگر،
ته اُن کي ڪريان التجا ياخدا.

۶ - ڪندين بخش جرم و خَطا جيڪڏهن،
ته گهٽبي نه تنهنجي عطا ياخدا.

۷ - ٻُڏان بحرِ غم ۾ تو منهنجو بناءِ،
حبيب خُدا ناخدا ياخدا.

۸ - پليدي جي پچري مان دلِ جو پکي،
ڪري ڇڏ اُمالڪ رِها ياخدا.

۹ - پڇي راس تي آهه نخلِ مراد،
وٺان اُنجا ويهي مزا ياخدا.

۱۰ - رکي دل ۾ خواهش اِها تو "رشيد"،
پسي شال تنهنجو لقا ياخدا.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف الف

# صلوا علیٰ جو اِرشاد

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

۱ - سچو عالم چوان حادث کيو ايجاد آ مولیٰ.
قدير آهي ۽ هر صنعت جو پڻ اُستاد آ مولیٰ.
۲ - هوالصّانع هوالقانع هوالشافي هوالکافي،
هوالله الصمّد سڀ سان کندو اِمداد آ مولیٰ.
۳ - صلواة الله سلام الله حبيب الله تي صدها،
کيو جنهن واسطي صلوا علیٰ اِرشاد آ مولیٰ.
۴ - ٽيو آ ٻارهن ۽ چوڏهن جو سڀ کان اعلیٰ شان،
کيو جن جي کري اُمّت سچي کي شاد آ مولیٰ.
۵ - نہ آ جو دامِ عصيان کان ٿئي ٿو عندليبِ دل،
چمن ساري حياتي جو ٿيو برباد آ مولیٰ.
۶ - عطا دولت خيالي کر تخيّل ۾ هجان يڪتا،
سخن سازي جو دل گهرندي هميشہ داد آ مولیٰ.
۷ - ”رشيد احمد“ کي تون دارين ۾ پنهنجو بنائي ڇڏ،
اهائي آرزو آهي اِها فرياد آ مولیٰ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دلِ زار جدا

(فاعلاتن- فعلاتن- فعلاتن- فعلن)

١ - هاءِ! جنهن وقت ٿئي مون ڪان ٿو دلدار جدا.
ٿو ٿئي ساهه بدن منهنجي ڪان صدبار جدا.

٢ - ڪر عطا اهڙو خداپاڪ تون مون کي وصل،
"وصل" کان "واو" به ٿئي ڪينڪي ز نهار جدا.

٣ - شاد، مجروح ۽ قيدي ٿا بنائن دل کي،
رُخ جدا، چشم جدا، ڪاڪلِ خمدار جدا.

٤ - دشت ۾ جيڪي لڳا منهنجي هٿا پيرن ۾،
سر جي رستي مان ٿيا جسم مان سي خار جدا.

٥ - هاءِ قسمت! جو ڪري يار ٿو هر هر ڪاوڙ،
ڏينهن هڪڙي ۾ ٿيو شوخ ٿي سووار جدا.

٦ - ڇا شبِ هجر جي مون ڪان ٿو پڇين ڪيفيت،
ياد زلفن جي جدا، رنجِ شبِ تار جدا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧ - صبح ۾ ديـر اچـا آهـِ هجـي گـرم بغـل،
يار! ڪر ڪين تون رخسار کان رخسار جدا.

٨ - چو نـہ بـدنـام ٿيـان جـڳ ۾ جڏهـن آ دل ۾،
جذبـۂ عشـق جـدا، جـذبـۂ اشعـار جـدا.

٩ - حسن تنهنجي جي ڪري آهِ حسد کان داغـي،
مـاهِ پُـرنـور جـدا، نـرگـسِ بيمـار جـدا.

١٠ - محتسب! قتل ڪرڻ چاهين تہ سر حاضر آهِ،
لب کان ليڪن نہ ڪندو جام کي ميخوار جدا.

١١ - تو اچان تو ڏي ٻڌي سر سان ڪفن اي قـاتـل!
منهنجي سر کان نہ ٿئي خنجرِ خونخوار جدا.

١٢ - ڇا حسينانِ جهان تـو سـان رکـن ٿـا نسبت،
روزِ روشـن کـان سـدا آهـِ شـبِ تـار جـدا.

١٣ - آ پـريشـان ۽ بـدحـال زمـانـي ۾ "رشيـد"،
هـو جـدا يـار کـان آ هـن کـان دلِ زار جـدا.

## ڪلامِ "رشيد"

# نورِ جدا نار جدا

(فاعلاتن- فعلاتن- فعلاتن- فعلن)

١ ـ ڪٿي ڪيان دل ڪان اِهو عشق جو آزار جدا،
چا پلا گل ڪان ڪڏهن آهه ٿيو خار جدا.

٢ـ دستِ نازڪ ڪي رسي تنهنجي نہ اِيذاءِ اي دوست!
مون ڪيان پاڻ ٿو سر پنهنجي ڪان تلوار جدا.

٣ـ جٿي جدا زلف جي هرتار ڦٽي سان ٿو ڪرين،
دامِ اُلفت ۾ ٿيان تنهن ٿو گرفتار جدا.

٤ ـ صيقلِ مهر گهمائي اي سچا صيقل گر!
اُلفت غير جو ڪر قلب تان زنگار جدا.

٥ ـ ڪٿي پلا نور جي مسند تي ٿو ناري ويهي،
آ حقيقت ۾ جڏهن نور جدا نار جدا.

٦ـ پنهنجو بي سود رهڻ خانئہ دنيا ۾ آهہ،
آ نئين عشق جي تعمير تي ديوار جدا.

٧ـ عمر ساري ۾ ڪديم عشقِ بتان جا گهيرا،
صفحئہ دل مان نہ ٿي درد جي پرڪار جدا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - تا قيامت مان لڇان تنهنجي اڳيان اي قاتل!
منهنجي گردن کان ڪڍهن ڪر نہ تون تلوار جدا.
٩- يا خدا تنهنجي ٽي دارين ۾ رحمت گهر جي،
تنهنجو آهيان مان طلبگار گنهگار جدا.
١٠- تنهنجي خاطر تو قران وقفِ جنون ٽي جاني!
بر جدا بحر جدا شهر ۽ ڪهسار جدا.
١١- توکي تسليم ڪرائي ٿو پيو تنهنجو گيان،
ست گرو سنت جدا عشق جو اوتار جدا.
١٢- تنهنجي فرقت ۾ ويو منهنجو جي دم نڪري ڇا؟
رشڪِ گل! پهلو مان جڻ تنهنجي ٿيو خار جدا.
١٣- عشقبازن جو گروه آهِ ڇڏڻ مون ڪي ڏکيو،
قوم پنهنجي کان ٿئي ڪين ٿو سردار جدا.
١٤- دل کي تسڪين اچي ڪئن اي ”رشيد“ اڄ آهي،
سينو افگار جدا ۽ جگر افگار جدا.

❁

# محمّدؐ آ محمّدؐ آ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

۱ - خدا کان بعد دنيا ۾ محمّدؐ آ محمّدؐ آ.
اَحَد ۾ ميم تيو مخفي عجب اِسرارِ احمد آ.
۲ - تيو ميمِ محمّدؐ کان سنِ مبعوثِ احمد آ.
بنائي خود خدا ميثاق کان تاريخِ ابجد آ.
۳- فرشتن جو بنايو آ خدا مسجود آدم کي،
نهان پشتِ صفي الله ۾ تيو نورِ ارشد آ.
۴ - ٿيا منسوخ ٻيا سڀ دين تيو نازل ڪلام الله،
ٻٽيو اربع ڪتب ۾ جو مجرد آ مجرد آ.
۵ - ڏکي لولاڪ جو چٽ عرشِ اعظم تي ويو مرسل،
مزيّن تي سندس اقدام سان قصرِ زبرجد آ.
۶ - تقدّس اُنجي جي تعريف کان آهي زبان قاصر،
تصدق جسمِ مزمّل تي تيو قرآن مجلد آ.
۷- ملي ڪٿَن تو نظير اُن جو سڄي مخلوق جي اندر،
عيان جنهن جو نہ تيو اج ڏينهن تائين سايۂ قد آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - شرف ۾ بارگاهِ مصطفىٰ ڪعبي کان ڪرنا هي،
سندس چائٹ جو پٿر مومنن لئي سنگِ اسود آ.
٩ - نبيﷺ جو آهِ جو منڪر اُهو منڪر خدا جو آ،
مٿس جنت حرام آهي ۽ پڻ ملعون مُرتد آ.
١٠ - نہ آهي خوف عصيان جو وسيلو منهنجو دو جڳ ۾ ،
علي المرتضىٰ ۽ مصطفىٰ جي آلِ امجد آ.
١١ - تون آهين رحمتہ اللعالمين يا شافع المحشر!
تنهنجي رحمت جو خواهان تنهنجو هر فساق واسجّد آ.
١٢- ڪلامِ "لحمڪَ لحمي و انفسنا" مان تو ڏسجي،
محمّدﷺ ۽ عليؑ ۾ ربط هڪ حرفِ مشدّد آ.
١٣- ڏئي احمدﷺ جي صدقي رزق تو رزّاق عالم کي،
سڄي عالم جو وابستہ محمّدﷺ سان ئي مقصد آ.
١٤ - "رشيد" آهي ازل کان تو نبيﷺ جو اُمتّي احمد!
پڙهان "الحمد" مولىٰ جو اِهو احسان بيحد آ.

# محمّد ﷺ جو باب

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

١ - مرشد ازل ڪان منهنجو سخي بوتراب آ.
جيڪو سَخا ۾ شهرِ محمّد ﷺ جو باب آ.

٢ - ڪهڙو نہ ذوالفقار ۾ همّت جو آب آ،
هر تيغ جنهن جي آڏو تي مثلِ حباب آ.

٣ - ڪهڙو نہ لافتىٰ جو عليءَ کي خطاب آ.
شيرِ خدا جي دست ۾ سيفِ شباب آ.

٤ - اعجازِ مرتضىٰ جو نہ هرگز حساب آ.
موٽيو وري غروب شده آفتاب آ.

٥ - نَشي ۾ سرخ چشم اچا آفتاب آ.
اهڙو هليو غدير ۾ دورِ شراب آ.

٦ - حبِّ عليءَ ڪان باز نہ مومن تو ڪو اچي،
جهرڪي جي زير ٿيندو نہ هرگز عقاب آ.

٧ - چا آفتابِ روزِ قيامت جو خوف آهي،
قمبر جو سايو مون تي مثالِ سحاب آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - اعمال بد جهان ۾ منهنجا ٿيا تہ ڇا،
تعريف مرتضىٰ جي بہ اعلىٰ ثواب آ.

٩- نيڪي ۾ ٿيندي منهنجي بُرائي وجي شمار،
مولىٰ عليءَ جي هٿ ۾ سچو اِنقلاب آ.

١٠- هر شعر منهنجو روضهٔ رضوان جي آ سند،
مدّاحِ پنجتن سان ڀلا ڇا حساب آ؟

١١- آهي عليءَ جي واسطي مسند رسول جي،
احمدؐ عليءَ جو پاڻ ڪيو اِنتخاب آ.

١٢- انڪار آهِ ڪنهن کي ولايت عليءَ جي ڪان،
جنهن جو گواهہ پاڻ رسالت مآب آ.

١٣- مولىٰ عليءَ تون پاڻ ٿي رهبر ”رشيد“ جو،
هٿ تنهنجي ۾ امير! ثواب و عذاب آ.

١٤- دل مومنن جي گرم زيارت جي لاءِ آهہ،
افزون دلِ ”رشيد“ ۾ پي اِضطراب آ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿيندو قريب پيدا

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

۱- ڪهڙو نہ جڳ ۾ آهيان ٿيو خوش نصيب پيدا.
جو محض منهنجي خاطر ٿيو آ حبيب پيدا.

۲- دنيا ۾ پيا مصائب پيدا ڪرين ها مولا!
ليڪن نہ هڪ ڪرين ها ڪارو رقيب پيدا.

۳- مون کي خدا بنايو آهي بتن جو عاشق،
آ عشقِ گل جي خاطر ٿي عندليب پيدا.

۴- ڪر شڪر جو مون تو کي آ نازنين بنايو،
آهيان نياز جي لئي ٿيو مان غريب پيدا.

۵- بيمارِ هجر جو آ ديدار تنهنجو دارون،
تو کان بنا نہ پيو ڪو ٿيندو طبيب پيدا.

۶- آ شوق مئي جو زاهد پيسو بہ هڙ ۾ ڪونهي،
اِن کان نہ ٿئي ها جڳ ۾ ميڪش غريب پيدا.

٧ - ديدار جي ملي تي گهر وڃي مونکي دولت،
نت نئين کان نئون ٿئي ٿو منهنجو نصيب پيدا.

٨- ايڏو نہ شاعري ۾ نالو ڏسو ها منهنجو،
گر ٿئي نہ لاڙڪاڻي کان ها "اديب" پيدا.

٩- ٻڌ اِلتجا خدايا مون کي ملاءِ دلبر،
تو کان بغير ڪهڙو ٿيندو مجيب پيدا.

١٠- رحمت جي فوج هاڻي منهنجي ڪري حمايت،
هر جرم منهنجو ٿيو آ صورتِ نقيب پيدا.

١١- اُن شاهِ انبيا جي آ مدح مون تي لازم،
روح القدس بہ جنهن لئي ٿيو آ خطيب پيدا.

١٢- جنهن جو "رشيد" توکي هر وقت عشق آهي،
سو هاديءِ طريقت ٿيندو قريب پيدا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کلامِ رشيد

# خانو خراب ٿيو آ

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

۱ ـ اڄ جلوه گاه اندر هو بي نقاب ٿيو آ.
خلدِ برين ۾ دل تي گويا عذاب ٿيو آ.

۲- دل منهنجي آهہ راضي ديدار سان سجڻ کئي،
حاصل خدا کان اُن کي حج جو ثواب ٿيو آ.

۳- ڇا ٿو پڇين حقيقت همراز! داغِ دل جي،
گويا فلڪ تي طالع اڄ آفتاب ٿيو آ.

۴ - بدنام عشق ۾ ٿيس ڪنهن جو قصور ڪونهي،
پنهنجي هٿن سان پنهنجو خانو خراب ٿيو آ.

۵ - جيڪي چوان ٿو ٻين کي سو ٿو ٻُڌان ڪنن سان،
ظاهر صدائي گنبد جو چڻ جواب ٿيو آ.

۶ - هن شاهِ حسن آهي ڪئي چوند عاشقن جي،
منهنجو بہ عاشقي ۾ اڄ اِنتخاب ٿيو آ.

۷- ديوانِ عشق منهنجو مون لاءِ فخر آهي،
آهيان نبيؐ نہ ليڪن نازل ڪتاب ٿيو آ.

۸- نشو نہ پيو ٿو چاهي هرگز ”رشيد“ احمد،
پي خونِ دل خوشي سان مستِ شراب ٿيو آ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف الف

# تعبیرِ عقبیٰ

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

١ - بگڙيل جهان جي سڌريل تصوير، آهه عقبيٰ.
ظلمات آهه دنيا، تنوير آهه عقبيٰ.

٢ - اي رهگذر هليو هل، آ رهگذر هي دنيا،
خود مُلڪِ جاودان جي تعمير آهه عقبيٰ.

٣ - سڪٽي هڏي تي جهيڙو هي آهه زندگاني،
دنيا جي سگ جو گويا زنجير آهه عقبيٰ.

۴ - دنيا جي لاءِ پاتي بوجهل ڪل ڪُتي جي،
اُن ڪان تہ تُنهنجي افضل قطمير، آهہ عقبيٰ.

۵ - نيڪن جي صدقي آهن ڀون بخشجي ٻرايون،
تدبير سان بنائي تقدير آهه عقبيٰ.

٦ - عقبيٰ جي خواهشن تي بيجڙو بہ نيڪ ٿئي ٿو،
دنيا کي مِس سمجهہ ۽ اڪسير آهه عقبيٰ.

٧ - دنيا جو عيش آهي تي چار ڏينهن ليڪن،
مومن جي لاءِ جڏي جاگير آهه عقبيٰ.

٨ - چشمن اڳيان ڦري تي تصوير آخرت جي،
دنيا کي خواب ڄاڻ ۽ تعبير آهه عقبيٰ.

٩ - ڇڏ حُبِّ مالِ دنيا ڇو جو "رشيد"! تنهنجي،
تحقير آهه دنيا، توقير آهه عقبيٰ.

❁

# نفس جان گداز

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱- هي شاعري نہ آهہ نواهائي راز آ.
سوز و فراقِ يار سان دل ساز باز آ.

۲- جوشِ فراقِ يار ڪيو دورِ دل روان،
ورنہ عدم ۾ منهنجو نفس جان گداز آ.

۳- گنجِ نياز منهنجو ويو آب ۾ لڙهي،
ايڏو تہ منهنجي دوست جو اندازِ ناز آ.

۴- هردم رڪوع ۾ تو رهي دلربا جو زلف،
سجده سان اُنجي ڪين ڪڏهن تي نماز آ.

۵- آه و فغان ڪريان تہ پوي آسمان ڏري،
اِن لاءِ منهنجي دل ڪي تيو اِحتراز آ.

۶- گذ خار ساڻ گُل تو رهڻ جَگَ ۾ اڄ گُهري،
سچ ڪوڙ جي نہ وچ ۾ رهيو اِمتياز آ.

۷- محمود سان نہ ٿيندي سجاڻپ ڪڏهن "رشيد"،
جيسين ٿيو نہ دهر ۾ حامي اياز آ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ب

# فصدِ آفتاب

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - ڪيئن ڪيان قومي سخن ڪان ڏار شعرِ انتخاب.
اِنتخابِ شعر ڇو جو آهه هڪ قومي نصاب.

۲ - زينتِ قوم و وطن لاريب آ قومي سخن،
گوهرِ گوشِ جماعت آهه شعرِ لاجواب.

۳ - دورِ دنيا ۾ تغيّر ڪين تو ٿئي پر رڳو،
زورِ انسان تي مسلط آهه زورِ اِنقلاب.

۴ - آ سڄي دنيا ۾ اڄ خونِ شهيدان جي بهار،
ٿيو رَوان آهي زمينِ مشڪ تي بحرِ گلاب.

۵ - هند جي ظلمت ۾ ڏس خونِ شهيدان جو شعاع،
نشترِ قدرت ڇا کولي آهه فصدِ آفتاب.

۶ - آهه هر مسلم جي دل تي غم جي تاريڪي جو گهر،
گُل ڪئي شمعِ خوشي آهي هَو ائي اِضطراب.

٧ - تـو وسـي ابـرِ ستـم، ۽ آسمـان ريـشِ سفيـد،
خونِ مسلم جو لڳائڻ تو گهري رنگين خضاب.

٨- تي ٻري پنهنجي وطن رشڪِ ارم ۾ نارِ ظلم،
جـڻ ملي جنّت ۾ تـو نـارِ جهنّم جـو عـذاب.

٩- عـودِ اُلفت، تيرِ غم، شَمعِ عدالت تـي چڪـا،
نـارِ فتنہ، مرغِ دِل، بـادِ ستـم جـا همرڪـاب.

١٠- تـو ڪـڍي دنـدانِ غـداري نئيـن سـرگـرگِ پيـر،
قـوم جـو ڏڻ جاڻ تيـو نـارِ تغلب تـي ڪبـاب.

١١- نـارِ اِستبـداد تـي قـومـي نيستـان ۾ ٻـري،
ڇـا ڪندو شيـرِ وطن جـو سڪڻو شور ۽ رعب و تاب.

١٢- دور، حـائـل، نـذرِ دريـا، پُـرجفـا ۽ جـام تيـا،
ساحل و گرداب، ڪشتـي، نـاخدا، مـوجِ حباب.

١٣- ويـا غـريبـن کـان کسـي آزادگـي سـرمـايہ دار،
تيـو شڪـارِ زاغ گـويـا بـاز ڪـي آ دستيـاب.

١٤- عيـشِ آزادي نـہ تيـو آهـي جـوانـي ۾ نصيـب،
ڇـا ڪبـو پيـري ۾ آزادي سندو دَورِ شبـاب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ب

۱۵- ڪيئن ٿئي عقده ڪشائي قوم پنهنجي جي جڏهن،
ليڊرن جي دِل ۾ آهي ڏور وانگر پيچ و تاب.

۱۶- واعظا هاڻي ذرا ڏي وات پنهنجي کي لگام،
ڇو جو آهي ختم ٿيو تفريقِ ملت جو حساب.

۱۷- آسمانِ اوج تي اقبال جا شل ٿين طلوع،
مشتري، زهرو، ثريّا، آفتاب و ماهتاب.

۱۸- دِل، جگر، سيني ۽ سر ۾ ۽ زبان تي شل هجي،
درد، جوش و سوز، سودا ۽ نوائي اِنقلاب.

۱۹- آ دِلِ مسلم ۾ هر دم نورِ ايمان ضو فشان،
شمس پي آهي اِنهيءَ نورِ حقيقت جو نقاب.

۲۰- قتل ٿين اسلام جا ڇو ڪين دشمن رُوسياه،
ڇو جو قتلِ مار جاڻي هر مسلمان تو ثواب.

۲۱- ڇا نئين ديوان ۾ رنگين بياني آ "رشيد"،
پيو نہ ٿيندو سنڌ ۾ تصنيف ڪو اهڙو ڪتاب.

❀

١

# ديدار سان مطلب

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

١ - نہ جنت تي گهران ناهي عذاب النّار سان مطلب.
مگر شام و سحر آ حيدرِ ڪرار سان مطلب.

٢ - نہ آهيان طالب الدنيا نہ آهيان طالب العقبيٰ،
رهي دارين ۾ تو احمدِ ﷺ مختار سان مطلب.

٣ - جڏهن کان نازِ مولا جو شهيدِ ناز ٿيو آهيان،
تڏهن کان ڪين آهي خنجر و تلوار سان مطلب.

٤ - اٿم مشهد مقدّس جي ڏسڻ جي آرزو دل ۾،
نہ آ غزني، پشاور، ڪابل وقندار سان مطلب.

٥ - ٿيس حبِّ عليءَ اندر گهڻو اظهار دنيا ۾،
رهيو باقي نہ شهرت لاءِ ڪنهن اخبار سان مطلب.

٦ - هجن جي پَرَ، اُڏامي ڪربلا اندر وجي پهچان،
ازل کان دل ۾ آ شبّير جي ديدار سان مطلب.

٧ - غمِ آلِ عبا جو دهر ۾ آزار تو گهرجي.
نہ ٻي غم جي ضرورت آ نہ ٻي آزار سان مطلب.

٨ - "رشيد" آهي ٿيو شاهِ نجف جو بي گمان خادم،
مجي تو حڪم اُن جو ناهہ ٻي سرڪار سان مطلب.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ب

# پنهنجو ڪافي آ حبيب

(مستفعلن- مستفعلن- مستفعلن- مستفعلن)

۱ - ابليس جهڙن کي ڏني هڪدم معافي آ حبيب.
جاتي نہ پنهنجي حڪم جي ڪا اِنحرافي آ حبيب.

۲ - منهنجي مسيحا جي ڏسي حڪمت چيو هر ڪنهن حڪيم،
لقمان کان جولا شفا اُن جو بہ شافي آ حبيب.

۳ - لبّيڪ اسمِ يار کي آهي چيو منهنجي ضمير،
شامل ڪئي ساڻس سگهو حالت اِضافي آ حبيب.

۴ - آهيان حسينانِ جهان جي حال مان واقف ٿيو،
چو جو پڙهائي عشق واري جا گرافي آ حبيب.

۵ - مان چو چوان منهنجو سڄڻ ڪنهن جي سڄڻ کان آ وڌيڪ،
هر ڪنهن بشر کي پنهنجي خاطر پنهنجو ڪافي آ حبيب.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داغِ غريب

(مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن)

۱ - پنهنجي بدن کي پنهنجي ئي هٿ سان تو آزاري غريب.
زنده ڪري تو پاڻ کي تو پاڻ کي ماري غريب.

۲ - ٺاري تو پنهنجو پاڻ کي ساڙي تو پنهنجو پاڻ کي،
آتش اُجهامي تي وجي تڏهين ٻه تو ٻاري غريب.

۳ - مهرِ خموشي بر زبان آهي نہ تان هڪ آه سان،
افلاڪ کي سيڪنڊ هڪڙي ۾ وجهي ڏاري غريب.

۴ - ڪلمو چوي تو حقّ جو مفهوم زاهد جي ۾ پر،
ٻيڙي تو ٻوڙي حقّ جي باطل کي تو تاري غريب.

۵ - هٿ ۾ سچي هادي ڪٺي توحيد جي تختي ڏني،
اُن تان دوئي جا سڀ ڇڏيا الفاظ ميساري غريب.

٦ - جنهن آ ڪيو زخمي جگر سو خود ڇٽائيندو وري،
ڇو ڪنهنکي اڄ پنهنجي جگر جا داغ ڏيکاري غريب.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستانِ عندليب

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - ڇا پڇين ٿو يار سون ڪان داستانِ عندليب.
آ لُٽيو سارو خزان ۾ ڪاروانِ عندليب.

٢ - جئن ڪُلي مُڪري، ڪُلي ويو تنَّن دهانِ عندليب،
تارِ گل بنجي چُڪي تارِ زبانِ عندليب.

٣ - گل پَٽي گلچين وجي ويتر گهلي بادِ خزان،
تان تہ گلشن ۾ رُلن پيل اُستخوانِ عندليب.

۴ - عشق جي گرمي سان هڪدم ٿو دوبالا حسن ٿئي،
وٺ چراغِ گل جي آهي تارِ جانِ عندليب.

۵ - مست آهي حسن پنهنجي تي نہ گل کي گوش آهہ،
ڪير آهي جو ٻُڌي آه و فغانِ عندليب.

٦ - آهہ گل پر ۾ تڏهن پي آهہ بلبل بي قرار،
آلبِ منقار کان ٻاهر لسانِ عندليب.

٧ - آهِ بي رحمي جي سببان ڏال سينو تي چڪو،
ڇا ڪندو صيّاد کي تيرِ فغانِ عندليب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - باغبان، صياد، گلچين کي نہ ٻهتو ڪو ضرر،
آہ ڪان ليڪن جلي ويو آشيانِ عندليب.

٩ - خون ڪنهن مظلوم جو ويندو نہ آهي رائگان،
گل ڪلائيندا چمن ۾ اُستخوانِ عندليب.

١٠ - تو پڇين صيّاد ڪان ڪهڙي خزان جي واردات،
نڪهتِ برباد ٿي جاٽي نشانِ عندليب.

١١ - ڪٿَن محبت گل جي زائل ٿئي دلِ ناشاد مان،
آ جڏهن محفوظ جانِ گل ۾ جانِ عندليب.

١٢ - چشمۂ عبرت سان ماتم ڏس بهارِ عيش جو،
آهہِ گلشن ۾ غبارِ ڪاروانِ عندليب.

١٣ - ٿيو مصيبت ۾ گهٽو آ مبتلا بلبل "رشيد"
وٺ نہ هاٽي آسمان تون اِمتحانِ عندليب.

❀

ردیف ب

# بوستانِ عندليب

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - اڄ وري تـوکـي ٻـڌايـان داستـانِ عنـدليـب.
رشڪِ گل تي پانئجي شاخِ زبانِ عندليب.

۲ - مـوسـمِ گـل آهِـ اڄ روحِ روانِ عنـدليـب،
خـوب فـربـ آهِـ جسـمِ نـاتـوانِ عنـدليـب.

۳ - بـاغ جـو هـر ذرّو ذرّو آهِـ گـل ثـابـت ٿيـو،
رشڪ ٿـو ڏئي خلد کي اڄ بوستانِ عنـدليـب.

۴ - عيش جي اڄ آهِ آمـد تـي چُڪـا بـربـاد غـم،
گل جي خوشبو آهِ تـي رازِ نهانِ عنـدليـب.

۵ - آسمـانِ پُـرجفـا پـي سـاز ٿـو ڏيکـارجـي،
ختـم شـايـد تـي چڪـو آ امتحـانِ عنـدليـب.

۶ - باغ جي گهـاٽـن گلـن ۾ آهِـ بلبـل گـم شـده،
ڪـٺـن لهي صيّاد ڳولي اڄ مڪـانِ عنـدليـب.

۷ - طائرِ قبلہ نما پـي رشڪ کـان لـرزي ٿـو پيـو،
واهـ! اڄ ڪهـڙو نـہ اعـلیٰ آهِـ شـانِ عنـدليـب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - آ چمن جي لالـہ زارن ۾ بهارِ جاودان،
ڪين آهي ياد اڄ ڪنهن کي خزانِ عندليب.

٩ - گل ۽ بلبل خوش نہ ٿين ويندو هليو دورِ بهار،
ٿي نهان ويندو خزان اندر زمانِ عندليب.

١٠ - ڪين رهندا گل ۽ بلبل باغ ٿي ويندو اُجڙ،
خارو خس رهندا فقط بهرِ نشانِ عندليب.

١١ - خار آهي گل جي پر ۾ رک ذرا بلبل خيال،
ڪوبہ ڄاڻي ڪين اُن کي رازدانِ عندليب.

١٢ - داغهائي دل کي منهنجي هرڪو سمجهي ٿو چمن،
آهِ منهنجي آه ٿي سڀ کي گمانِ عندليب.

١٣ - آ ٻنهي بلبل ۽ گل جو قدر مون وٽ اي "رشيد"!
گل جو آهيان مدح خوان ۽ نوحہ خوانِ عندليب.

❀

ردیف ب

# ٽٽي ٽو ڪفن خراب

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- ف ۽ ...)

١ - نالو وٺان جي غير جو ٿيندو دهن خراب.
آهي بغيرِ ذڪرِ صنم هر سخن خراب.
٢ - ڳالهاءِ مونسان يار رقيبن کي ڪجهه نه چئُه،
گفتار ڪر نه پنهنجي اي درِّ عدن خراب.
٣ - بلبل جو گهر اُجاڙي ڇڏيو آ تو باغبان،
هڪ ڏينهن ٿيندو تنهنجو به سارو چمن خراب.
٤ - ڪونہ برو ٿا رند کي واعظ جي چُرچ تي،
تقويٰ پرست پنهنجي ٿا ڪن انجمن خراب.
٥ - گل آهِ تنهنجي پهلو ۾ ڏس اُنڌي عندليب،
آه وفغان سان ڪر نه بهارِ چمن خراب.
٦ - ڳوڙها نه دل جي ڇت تي ڪڏهن هار چشمِ تر!
جو ٿيندو سقفِ چشم منجهان قصرِ تن خراب.
٧ - خوشبوءِ زلفِ يار معطر ڪيو جهان،
ٿيو آڏو بوءِ زلف جي مشڪِ ختن خراب.
٨ - رحمت جو پوش آهِ پيل لاش منهنجي تي،
ٻئي جي ڪفن سان منهنجو ٿئي ٿو ڪفن خراب.
٩ - عريان ٿي عشقِ يار ۾ مجنون صفت "رشيد"،
لاهي ڦٽو بدن تان تون ڪر پيرهن خراب.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

# شراب

(مفاعلن- فعلاتن- مفاعلن فعلات)

١ - بهار آيو ميسّر ٿيا ڪباب شراب،
پين ٿا مست ٿي ميخوار خون ناب شراب.

٢ - ڪيو شراب سان زاهد به اڄ وضو تازو،
ڪري پڪار ٿو بي ساخته شراب شراب.

٣ - گهرن ٿا اهلِ خرابات هوش مان نڪري،
ڪباب نافهءِ مشڪِ ختن گلاب شراب.

٤ - ازل کان ساقيءِ ڪوثر جو عشق آ سون کي،
پيان ٿو شوق مان سمجهي وڏو ثواب شراب.

٥ - مران ٿو دردِ محبّت ۾ آلبن تي ساهه،
دهن ۾ منهنجي ٿمايو بجائي آب شراب.

٦ - جهان ۾ آهه نڪو محتسب رهيو باقي،
فلڪ مان چو نه وسائي رڳو سحاب شراب.

٧ - بغل ۾ آهِ سجڻ، آهِ رات چاندوڪي،
پيار پنهنجي پيالي ۾ ماهتاب شراب.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - پڙهي ٿو جيڪو چڙهي اُن کي ٿو وجي نشو،
ازل کان نوش ڪيو منهنجي آ ڪتاب شراب.

٩ - تلاشِ خمر ۾ گذري ويا، هزارين سال،
اي رشڪِ خضر حقيقت جو ڏي شتاب شراب.

١٠ - شراب پيا ٻه ڏنر جڳ ۾ بي عدد ليڪن،
شرابِ عشق کي پيانيان ٿو اِنتخابِ شراب.

١١ - ٿئي شراب سان حاصل ٿي راه عرفان جي،
عطا ڪري ٿو حقيقت جو آب و تاب شراب.

١٢ - نہ آهہِ ڏينهن جو فرصت شراب نوشي کان،
ٿئي ٿي رات ننڊهن پيي لهان ٿو خوابِ شراب.

١٣ - رهي ٻنهي جي اکين ۾ سدا ٿي لالائي،
پِئي "رشيد" سان گڏجي ٿو آفتاب شراب.

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتقالِ آفتاب

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - حسن منهنجي يار جو آهي جمالِ آفتاب.
سرخيِ لب جنهنجي آهي رشڪِ لالِ آفتاب،

٢ - جلوهٔ جانان کان آ ڪسبِ ڪمالِ آفتاب،
مستفيض آ چشم اُنجي کان جمالِ آفتاب.

٣ - حسنِ عالم سوز مان زاهد جي اک واقف نہ آهہ،
ڪين چمڙي کي نظر ايندو جمالِ آفتاب.

٤ - جلوهٔ جانان سراسر نور آ لاريب فيہ ،
جسم آهي ماهتاب ۽ رُخ مثالِ آفتاب.

٥ - اخترِ بخت آهہ منهنجو تنهنجي مطلع کان طلوع،
تنهنجو خالِ رُخ اي دلبر آهہ خالِ آفتاب.

٦ - ڪير آهي جو ڳڻائي حسن تنهنجي جو شعاع،
غير ممڪن ٿيو بشر کان پائمالِ آفتاب.

٧ - نور سان معمور تو سينو ڪيو منهنجو سڄڻ!
ٿيو زمين جي ذرّہ کي حاصل وصالِ آفتاب.

٨ - سجدهٔ حسن آهہ ڪهڙو ڳهنجي ڳر جوين ويو،
آهہ سجده ناروا وقتِ زوالِ آفتاب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - جتَن شبِ تاريڪ ۾ ظاهر ٿيو هو شمس رو،
تتَن تيو دنيا سڄي کي اِحتمالِ آفتاب.

١٠ - غير جي بُڇڙي نظر سان گهٽجي ٿو حسنِ حبيب،
ٿي وڃي بدزيب ٿو ڳرهڻ ۾ خالِ آفتاب.

١١- داغِ دل منهنجي بنايو رازِ دل کي آشڪار،
روزِ روشن سان ٿيو معلوم حالِ آفتاب.

١٢- داغِ دل سان دل جي دنيا آهِ روشن ٿي چُڪي،
داغِ دل کان دل ۾ پيدا ٿيو خيالِ آفتاب.

١٣- آسمان تي جتَن غزالِ حسن جي پهتي نظر،
تتَن سڙي سارو حسد کان ويو غزالِ آفتاب.

١٤- مشرقي محبوب مغرب کان نمايان ٿيو "رشيد"،
مون تہ اِئين ڀانيو تہ آهِ اِنتقالِ آفتاب.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بي سبب

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱ - ناراض آهہ مون تي ٿيو يار بي سبب.
دنيا سڏي ٿي مون کي گنهگار بي سبب.

۲ - مان اُنجي اک سان اک بہ ملايان ڪڏهن نہ ٿو،
ابرو جي چو اُلاري ٿو تلوار بي سبب.

۳- مون دامِ زلفِ يار کان پاسو گهڻو ڪيو،
ليڪن ڪيائين مون کي گرفتار بي سبب.

۴- چو رشڪِ گل جي وصل تي قلبِ رقيب ۾،
هر وقت ٿو حسد جو چڀي خار بي سبب.

۵ - آيو بہ يار ويٺو بہ هڪدم هليو ويو،
چو آهہِ مون غلام کان بيزار بي سبب.

۶- ڪهڙي خطا مون آهہِ ڪئي شوخ چشم جي،
مون تي ستم ڪري ٿو ستمگار بي سبب.

۷ - جڳ ۾ اڪين سان ڪين ڏٺي آهہِ مون خوشي،
ڳوڙها ٿيا ڳچيءَ جا اچي هار بي سبب.

۸ - هاڻي بغيرِ موت نہ ڪوئي علاج آهہِ،
ٿيس شمسرو جي عشق ۾ بيمار بي سبب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - نڪتو ڪڏهن نہ اُنجي زبان مان "نعم" جو لفظ،
هردم ڪري ٿو شوخ تي اِنڪار بي سبب.
١٠ - آهي هي دل جي باهہ جو چشمن مان ٿو ڪيان،
اک منهنجي ڪين آهہ شرر بار بي سبب.
١١ - آهي حبيب تنهنجي سڄي رات تن ۾ تات،
آهي نہ ڪوئي رات جو بيدار بي سبب.
١٢- منهنجو حبيب مون سان رکي ربط ٿو فقط،
آهي رقيب اُنجو طلبگار بي سبب.
١٣- سوچي ۽ سمجهي ڳالهہ ٻُڌي ٿو رقيب جي،
مونسان ڪري حبيب ٿو ڪنتار بي سبب.
١۴- طرزِ سخن تي منهنجي ڪندا مشق نوجوان،
آهي نہ منهنجو جذبہ اشعار بي سبب.
١۵- سينو سڄو "رشيد" ٿيو آهِ داغ داغ،
ڏسجن نہ دل جا داغ ٿا گلزار بي سبب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪنهن ڪم ڪار ۾ ڦٻ

(مفاعيلن مفاعيلن فعولن)

۱ - ڀَلي بيڪار ڪان بيگار ۾ ڦٻ.
تون اي بيڪار ڪنهن ڪم ڪار ۾ ڦٻ.

۲ - نه تي ڪوتاه اي دستِ مسلمان!
ڏٺو تي دولتِ ڪفار ۾ ڦٻ.

۳ - جهادِ ڪفر توتي فرض آهي،
اَجايو ڪين ٿئي تڪرار ۾ ڦٻ.

۴ - ڪري هٿ صدق سان ايمان جي ڪُرسي،
وڃي توحيد جي سرڪار ۾ ڦٻ.

۵ - نه تي اي هند جا مسلم پريشان،
حسيني جذبهٔ اِيثار ۾ ڦٻ.

۶ - عيان تي نافهٔ مشڪِ حُريّت،
هوا تي هند مان تاتار ۾ ڦٻ.

۷ - محبّت جي تي خوشبو اي مهاجر!
گلابِ روضهٔ انصار ۾ ڦٻ.

۸ - ڦٽي ثابت تي سرڪوبي جي مسلم!
وڃي موئي سرِ اغيار ۾ ڦٻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- نہ پَو باطل جو ڪر غازيءِ ڪشميرا
گروهِ حيدرِ ڪرّار ۾ قبِ.

١٠- ڪيو نمرود ابِراهيم ڪي ڇا؟
ٽپو ڏئي نار مان گلزار ۾ قبِ.

١١- پيامِ امنِ پاڪستان جي لاءِ،
بخارا، ڪابل و قنڌار ۾ قبِ.

١٢- فدا تي پيڪرِ آزادگي تان،
سندس زلفن جي هرهڪ تار ۾ قبِ.

١٣- گُلِ نازڪ! تي سنگِ سرفروشي،
وطن جي هر درو ديوار ۾ قبِ.

١٤- خيالِ شاعرِ رنگين نوا! تون،
خوشي سان ڪلڪِ گوهر بار ۾ قبِ.

١٥- گُلِ صلوات جو گلدستو ناهي،
"رشيدا" احمدي دربار ۾ قبِ.

## رديف پ

# چڙپ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ ـ ڏي نہ سائل کي ڪڏهن دنيا ۾ دنيا دار چڙپ.
ڏئي متان محشر ۾ توکي واحدالقهّــار چڙپ.

٢- شل دٻائي اِئن وڏيرن کي ڪو مردِ انقلاب،
خر خراساني کي ڏئي جئن ساڪنِ قنڌار چڙپ.

٣- تـو وٺان نالو عليؑ المرتضيٰ جـو پيـار سـان،
پر ڏئي تـو هن زمانـي ۾ سجـو سنسـار چڙپ.

۴ - هڪ تہ ڏاڙهي پٽ وڏيرن وٽ لڱل هارين جي آهہ،
ٻيو وري ڏئي تو ٻنائي چور، صوبيدار چڙپ.

۵ - ڪينڪي من ڪُنت مولىٰ جي تون معنىٰ کي لڪاءِ،
حشر ۾ تـوکـي متـان ڏئـي واحد القـهّار چڙپ.

٦ - ڪئن گنهگارن کي ڏيندو حشر جو دڙڪونبيﷺ
پنهنجي ٻڪري کي وسون ڏئي ڪين تو ٻڪرار چڙپ.

٧ - حبِّ مولىٰ جو ڪيو مون پاس آهي اِمتحان،
ممتحن ٻئي جي نہ سهندو طالبِ غفار چڙپ.

٨ - نيم نان ۽ صحتِ جان شل ڪري مولىٰ نصيب،
ڪين ڏئي آڪڙ ڪان شل مفلس کي ڪو زردار چڙپ.

## ڪلامِ "رشيد"

٩- ڪنهن تي جنّت ۽ جهنّم جو نپو ناهي لڳل،
تن کي ڪارائن سڳهو شل پنهنجا بدڪردار چڙهپ.

١٠- آهِ پاليسي زماني ۾ رڳو اڄ "جي حضور!"
دين وڃائي ٿا سهن پيسي جي لئہ ديندار چڙهپ.

١١- جت هجي ذاتي غرض وابستہ بدران حقّ جي،
دشمنِ جان کي بہ اُت آهي ڏيڻ بي ڪار چڙهپ.

١٢- رهہ سدا پنهنجي ۾ پورو ڪين ڏي دنيا ڏي ڪن،
اسپِ تازي کي ڪڏهن ڏئي ڪين ٿو هسوار چڙهپ.

١٣- آهِ جو حامي سخن جو تنهن جي تنقيد آ بجا،
پر نہ سهندا غير ڪان منهنجا ڪڏهن اشعار چڙهپ.

١٤- اڄ زميندارن جو دڙڪو آهِ ائين هارين جي لاءِ!
جئن تي ڏئي سرڪار کي ڪا لاف زن اخبار چڙهپ.

١٥- ائين وڏيرن جون سهن چڙهبون ٿا هاري اي "رشيد"،
جئن سهي اسڪول ۾ اُستاد ڪان ٿو ٻار چڙهپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ڀ

# نوڪ قلم ۾ ڦڀ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱ - ٻازوئي يار ڪين تون ظلم وستم ۾ ڦڀ،
ٻهر خدا عنايت و لطف و ڪرم ۾ ڦڀ.

۲ - ڪنهن دل کي آ ڇيو جو تون عشقِ صنم ۾ ڦڀ،
راح و سرور و عيش ڇڏي سخت غم ۾ ڦڀ.

۳ - ٿيو روحِ سنگدل کي ازل کان خدا جو حڪم،
معبودِ عشق ٻنجي ٻتن جي جنم ۾ ڦڀ.

۴ - سوزِ ٻتان ۾ ڇو تو سڙين قلبِ بدنصيب!
ٻنجي وفا جي وٽ ۽ چراغِ حرم ۾ ڦڀ.

۵ - جا چشم زر کي تي ڏسي سا آهه چشمِ سگ،
چشمِ غزال ٻنجي، غزالِ حرم ۾ ڦڀ.

۶ - ڪر خوف جان پنهنجي جو، ٻڻجي ڦٽي اي دل!
هرگز نه مارِ زلف جي پر خوف سم ۾ ڦڀ.

۷ - اي دُرِّ رازِ عشق نه ٿي جڳ ۾ آشڪار،
تا روزِ حشر دل جي صدف جي شڪم ۾ ڦڀ.

۸ - اي آبِ اشڪ ڇو تو ٿئين چشم کان جدا،
رت پون ۽ ٻنجي قلبِ حزين جي ورم ۾ ڦڀ.

٩ - مثلِ حباب آهه سچو رشتهء حيات،

اي دم تي ذڪرِ حق ۾ اچي دم جي دم ۾ ڦٽ.

١٠ - ٿي خشڪ نهرِ چشم، وٺي آبرو لڙهي،

اي خونِ دل! ٿي منتقل ۾ چشمِ نم ۾ ڦٽ.

١١- بلبل ڪري ٿي آه ۾ پروانو ٿو جلي،

تون پڻ اي قلبِ سوخته ڪنهن سوز و غم ۾ ڦٽ.

١٢- چو اي قلم لکين ٿو مضامين واهيات،

مضمونِ عشقِ يار جي طرزِ رقم ۾ ڦٽ.

١٣- اي شعر! جڳ ۾ چو نه ٿو مقبولِ عام ٿئين،

ٿي مُهرِ عشقِ يار ۾ دل جي درم ۾ ڦٽ.

١۴- هٿ ۾ قلم ڪٺي ٿو لکي خط رقيب ڏي،

اي دل ٿي وار يار جي نوڪ قلم ۾ ڦٽ.

١۵- هستي بشر جي باعثِ آلام آ "رشيد"

هستي وڃائي پنهنجي وجودِ عدم ۾ ڦٽ.

ردیف پ

# لبِ

(مفعول- فاعلات- مفاعیل- فاعلن)

۱ - شيرين دهن جي ڪنهن کي ٿئي شل نصيب لبِ.
ڪوثر کان آهِ اُنجي زياده عجيب لبِ.

۲ - موڪِل مريضِ هجر ڏي نسخو لکي شتاب،
پنهنجي لبن جي لائي اي دل جا طبيب لبِ.

۳ - ڪو خوف تشنگي جو نہ رهندو بوقت نزع،
ٿيندي حبيب پنهنجي جي مونکي نصيب لبِ.

۴ - ماکي جي مک شهد تي بنائي گلاب مان،
چو جو لڳائي آهِ مٿس عندليب لبِ.

۵ - ديوان منهنجو قند مان شربت ٿو ٿي پوي،
کولي اگر ٿو ڪيس ڪو لائي اديب لبِ.

۶ - آبِ حيات خضر کان پلجي وجي ها گر،
اُنکي حبيب منهنجي جي ٿئي ها نصيب لبِ.

۷ - ديوانِ دل تي نقش ٿا ٿين داغهائي دل،
اوراق دل جا کولي ٿي تنهنجي عجيب لبِ.

۸ - شيرين دهن جي وصف ۾ ناهيان تڏهن ٿو شعر،
انگشت سان جڏهن جو ٿئي ٿي قريب لبِ.

٩ - جامِ شراب مان تو پيان بزمِ يار ۾،
ليڪن چَنِي تو خوار ٿي در تي رقيب لِء.

١٠ - ترياق آهِ يار جي لب هر مرض جي لاءِ،
ڳولن ٿا تنهنجي جڳ ۾ امير و غريب لِء.

١١ - هر نقطو ڪيميا ٿي ڪِريو هيٺ فرش تي،
خطبي ڪي پنهنجي لاتي جڏهن تو خطيب لِء.

١٢ - چشمو وهائين هٿ مان تو آگر ڪي لائي لِء،
هو ڪو ڏئي تي فيض جو بڻجي نقيب لِء.

١٣ - دِل جو سياه خون تو مان وات مان ڪيان،
ڇهري ڪي منهنجي آهِ بنايو خضيب لِء.

١٤ - نغمه سرا ٿئي تي چمن ۾ تڏهن "رشيد"
گل جي ڪري تي نوش جڏهن عندليب لِء.

١٥ - باطل پرست ٿيندو نہ حق ڪي ڇڏي ڪڏهن،
تي خضرؑ جي "رشيد" ڪي آهي نصيب لِء.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف پ

# تي منهنجي لئي ايجاد ڇڙپ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - تو محبت ۾ سهي هرهڪ جي آدم زاد ڇڙپ.
ڪيس گويا آسمان ڏئي تو مبارڪباد ڇڙپ.

٢ - مون اڳي آهيان اسيرِ دامِ گيسو ڏي نہ ڇڙپ،
ڪين بلبل کي قفس ۾ تو ڏئي صيّاد ڇڙپ.

٣ - رحم ڪر قاتل! مقامِ صبر آ هاڻي مگر،
حشر ۾ توکي ڏياريندي اِها فرياد ڇڙپ.

٤ - داپ دڙڪا اُن جا سهندس جنهن جي لئي ناشاد ٿيس،
ڪين ليڪن غير کان سهندي دلِ ناشاد ڇڙپ.

٥ - جوشِ وحشت ويو وٺي آيو وري دورِ بهار،
ڇاڻ ڏيندا شوخ تي فصّاد ۽ حدّاد ڇڙپ.

٦ - يار جو آئينہ خانو آهہ مثلِ ڪوهِ طور،
"لن تراني" جي جتي تي منهنجي لئي ايجاد ڇڙپ.

٧- مونکي ڇيڙائڻ تي ڇينيو اِئَن رقيبِ روسياه،
لن ڪٽي ڪاوڙ مان ڏئي جئَن ڪور مادرزاد ڇڙپ.

٨- موجِ زن لاتقنطوا جو بحرِ رحمت آ سدا،
آ جهنّم جي اسانجي لاءِ بي بنياد ڇڙپ.

٩ - تنهنجي هٿ ۾ آ سندس سروِ روان اي باغبان!
اِن ڪري تنهنجي سهي ٿي عاشقِ شمشاد چڙ پ.

١٠ - خود بخود خنجر جي هيٺان سر ٿو مان پنهنجو رکان،
حيف آ مونکي جو مقتل ۾ ڏئي جلاد چڙ پ.

١١ - مان غلامِ عشق آهيان جو سهان ٿو تنهنجو ظلم،
ورنه سهندو ڪين آهي بندهٔ آزاد چڙ پ.

١٢ - تنهنجي محفل ۾ شرارت ڪئي رقيبِ رُوسياه،
پر ڪيو اُنجي عوض دِل منهنجي ڪي برباد چڙ پ.

١٣ - عمر ساري ۾ دِلاسو وصل جو ناهي مليو،
آهِه شايد اِنڪري بدبخت جي همزاد چڙ پ.

١٤ - گردشِ آلام جي پرواهه مونکي ڪين آهِه،
آهِه منهنجي لاءِ ليڪن خنجرِ فولاد چڙ پ.

١٥ - اِئَن "رشيدا" ماهرو دڙڪا ٿو فرقت جا ڏئي،
جئَن ٿو ڏئي شاگرد کي اسڪول ۾ اُستاد چڙ پ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ٻ

# ڪُٻ

(مفاعيلن- مفاعيلن مفاعيلن- مفاعيلن)

۱- سنوت ڪانهي سخن تنهنجي ۾ آهي هر سخن ۾ ڪُٻ،
ڏسان ٿو ڪج اُدائي تنهنجي ڪان چرخِ ڪهن ۾ ڪُٻ.

۲- اگر ڪجهه وقت ڪئي اي سروِ قامت ڪج ادائي تو،
تہ ممڪن آهِ جو پئجي وڃي سروِ چمن ۾ ڪُٻ.

۳- ڪمر تي وار لٽڪائي نہ هل نازڪ بدن هرگز،
وڃهن ٿا وار تي بارِ گران تنهنجي بدن ۾ ڪُٻ.

۴- ڪفن اندر بہ آ تصوير تنهنجي منهنجي سيني سان،
اِهوئي آ سبب جو پئجي وئي آهي ڪفن ۾ ڪُٻ.

۵- قطارِ ميڪساران کي ڪيو آخر چڙو چڙ تو،
وڏي گستاخيءِ اغيار تنهنجي انجمن ۾ ڪُٻ.

۶- جڏهن هن شوخ جي محفل ۾ ڪئي مون عاجزي ظاهر،
تڏهن ڪاوڙ ڪان پئجي وئي سندس شيرين دهن ۾ ڪُٻ.

۷- لڪايم پيرهن اندر گهٽائي چاڪ حسرت جا،
مگر ازخود عيان سيني وٿان تي پيرهن ۾ ڪُٻ.

۸- سنوت ڪنهن کي ڏني رخسارِ دلبر آ نہ اج تائين،
منجهائڻ لاءِ اُن ناهي چڏي آهي ذقن ۾ ڪُٻ.

٩ - جڏهن مان ڪجهه ٿو ڳالهايان تڏهن هو شوخرو سهٽو
ڏندن هينان ڏئي چپ، ٿو وجهي پنهنجي چپن ۾ ڪُپ.
١٠- ٻَڌو آ چَو ڪنيو ماريءَ اُڏامڻ جي نه آ طاقت،
قضارا بلبلِ ناشاد جي آهي ڪنين ۾ ڪُپ.
١١- نه پنهنجي ڪج أدائي ڪان بوقتِ قتل باز آيو،
وِڌائين منهنجي خاطر شوق مان دارو رسن ۾ ڪُپ.
١٢- ڪسي عيشِ جواني ڪج روي دنيا جي مون ڪان وئي،
ٿيو ظاهر جواني ۾ اچي منهنجي بدن ۾ ڪُپ.
١٣- سنوت ۾ ڪابه شئي ڪانهي ڏنگائي آهه سڀ ڪنهن ۾،
گلستان ۾ به ظاهر آهه رابيل ۽ رتن ۾ ڪُپ.
١۴- ڪمينن جي سزا آهي ڪَلو، تن ڪي ڪَلا هٽجن،
ڪَلي ڏاران رهي ٿو دائما هر مردو زن ۾ ڪُپ.
١۵- "رشيدا" راست گوئي ۾ نه ڪر ڪو خوف باطل جو،
سِڌو چئي منهن تي ڏي سڀ ڪي نه وجهه طرزِ سخن ۾ ڪُپ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف پ

# حيران سپ

(فاعلاتن- فعلاتن- فعلاتن- فعلن)

١ - صورتِ يار تي ٿيا جنّ و بشر حيران سپ.
ٿيا ملائڪ بہ سندس در جا اچي دربان سپ.
٢- تو تان مان صدقو ڪيان رشڪِ حسينانِ جهان!
چين، جاپان، خُراسان، عرب، اِيران سپ.
٣- ويهہ فرحت سان اُٿين چو تو اي زيبِ محفل!
بزمِ احباب جا سامان نہ ڪر ويران سپ.
٤- تنهنجي تصوير عجب سانُ ڏسان ٿو هردم ،
تنهنجي صورت جا ملائڪ بہ ٿيا خواهان سپ.
٥ - خوف تنهنجي ڪان ٿا ڪن شير نيستان خالي،
دل ڦرائن ٿا ڏسي تنهنجي صفِ مژگان سپ.
٦- واعظا! حشر جو ڪو خوف نہ آهي چو جو،
وسوسا اُنجا ڪڍيا دل مان شبِ هجران سپ.
٧ - ڪجهہ بہ ٿئي يار جو شڪوو نہ ڪندي منهنجي زبان،
ساهہ و سر جان و جگر اُن تان ڪندس قربان سپ.
٨ - جوشِ اُلفت سان ڪُراڙا بہ جوان تي ٿا پون،
چشمِ يعقوب جي آهي تہ مِہ ڪنعان سپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - ابرِ شفقت تي وتو فيضِ محمدﷺ جڳ تي،
بحرِ رحمت ۾ ويا منهنجا لُڙهي عصيان سڀ.

١٠ - پوشِ رحمت سان وجن عيب تا ڍڪجي ورنہ،
شڪرِ مادر ڪان بہ نڪرون تا صفا عريان سڀ.

١١ - ظلم و رشوت ۽ ريا، مڪر و دغا غداري،
اڄ ڏسون قوم و وطن پنهنجي ۾ تا مهمان سڀ.

١٢ - اڄ جا سيّد ۽ مبلغ ۽ مفسّر، مُلا،
وڪڻي هڪ پيسي تي پنهنجو تا چڏن ايمان سڀ.

١٣ - موسوي بنجي رکن دل ۾ جي فرعو نيّت،
تنجي صورت ڪان رهن دور نہ چو اِنسان سڀ.

١٤ - حرف قرآن بہ مٿائي تو سو جاهل سنڌي،
نانگ تي جنهن ڪي ڏنگن صرف جا تا گردان سڀ.

١٥ - عيش و آرام جو دنيا ۾ نہ خواهان ٿي "رشيد"!
مومن لاءِ تا دنيا ڪي سڏن زندان سڀ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رديف ڀ

# جيپ جي حالت

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱ - مس ڪپڙي آهه وات ۾ آهي قلم هي جيپ.
دل تي ڪري بيانِ الم تي رقم هي جيپ.
۲ - شيرين دهن جي نطق جي آهي عجب بهار،
دل ۾ بنائي منهنجي تي باغِ اِرم هي جيپ.
۳ - شوخي سان شوخرو تو ڪري دل فنا ڇڏي،
گويا ڇڏي جلائي تي بيت الحرم هي جيپ.
۴ - نامِ خدا نه ڪول زبان پنهنجي شوخرو!
لحظي ۾ منهنجي دل کي ڪري ٿي ڀسم هي جيپ.
۵ - ارض و سما ٻه پلڪ ۾ سارا سڙي وڃن،
پنهنجو ڪري جي شعله تي اِظهارِ غم هي جيپ.
۶ - غيرن اڳيان ٻڌاڪ هنيم فڪر ناهه ڪو،
تو وٽ مگر نه ٿيندي دراز اي صنم هي جيپ.
۷ - سچ ڪوڙ جي نه وچ ۾ رهيو آهه اِمتياز،
هڪ ڳالهه ۾ ڪري ٿي سوين پيچ و خم هي جيپ.
۸ - گذري وجي تي رات سجي اِنتظار ۾،
ڳائي فراق تنهنجي ۾ تي صبحدم هي جيپ.

٩ - فرقت ۾ تنهنجي منهنجا ٿا عضوا ڳرن مگر،
ڏوڙي ڪٿي ٿي وصف و ثنا جو عَلم هي جي.

١٠ - شيرين ڪلام تنهنجي ۾ تاثير آ عجب،
دل تي ڪري نقوش ٿي مثلِ درم هي جي.

١١ - دلبرا شبِ وصال ۾ ٿو ايترو گهران،
لب تي هجي هڻي لب ۽ زبان سان ٻهم هي جي.

١٢ - ڪو قدر دان نه آهه بهارِ سخن جو اڄ،
برگِ خزان ڪان قدر ۾ ڏسجي ٿي ڪم هي جي.

١٣ - وصفِ بتان ۾ تنگ نه آهي ڪڏهن خيال،
ڪائي ٿي ڪنهن جي تنگ دهن جو قسم هي جي.

١٤ - تنگ دهن جي يار! ڪندو وصف ڇا "رشيد"،
آهي ڪڏهن نه محرمِ رازِ عدم هي جي.

١٥ - ذڪرِ بتان ڪان باز نه ايندو ڪڏهن "رشيد"
توڙي ڇڪن ٿا وات مان اهلِ ستم هي جي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رديف پ

# ڄپ جي برڪت

(فعولن- فعولن- فعولن- فعولن)

١ - ڪري ذڪر مولىٰ جو صبح و مسا ڄپ.
ڪري ڪين ڪنهن ٻي جي وصف و ثنا ڄپ.

٢ - زبان سان زباندان جهانگير ٿئي ٿو،
بنائي ٿي دشمن کي يِي سرفدا ڄپ.

٣ - جو شيرين ڪلام آ اُهو بڪ نہ مرندو،
بنائي ٿي اغيار کي آشنا ڄپ.

٤ - نہ ذڪرِ الٰهيٰ کان خاموش رهجي،
ملائي ٿي بنده سان فورًا خدا ڄپ.

٥ - مُقرّر زماني ۾ سلطان ٿئي ٿو،
ڪري بابِ آزادگي کي ٿي وا ڄپ.

٦ - زبان سان محبّت جي ٿي اِبتدا ٿئي،
وفا جي زماني ۾ آ اِنتها ڄپ.

٧ - ڪري رحمدل سنگدل کي ٿي جهٽ پٽ،
بنائي ٿي ٽامي کي جڻ ڪيميا ڄپ.

٨- عيان نطق سان سڀ ٿا عيب و هنر ٿين،
بنائي ٿي بدڪار کي پارسا ڄپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - بظاهر منهنجي آهي شير و شڪر ڪان،
۽ باطن ۾ آ زهر جان آزما ڇپ.

١٠- نہ ڳالهاءِ خالق جي فرمان ڌاران،
بشر لاءِ لاريب آ رهنما ڇپ.

١١- وڏا خُلم باري تي،ڳر ڪو جهان ۾،
دهان جي ڪري قيد ڪان تو رها ڇپ.

١٢- نہ ٽرڙو تي ڪر شان پنهنجي جي توهين،
اُتي ڪول ڪولڻ جتي آ روا ڇپ.

١٣- نہ مان حق چوڻ ڪان ڪڏهن باز آيس،
ڪيو آ مقاصد ڪي وقفِ فنا ڇپ.

١٤- گهريم ڪين نفعو وجي ڪنهن ڪان پنهنجو،
مصيبت ۾ آهي ڪيو مبتلا ڇپ.

١٥- ثنا پنجتن جي نہ جيڪا ڪري ٿي،
وڃي پاڙ ڪان ڇڏ "رشيدا" اُها ڇپ.

ردیف پ

# اڻ لپ

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

١ - نازِ عليءَ جو اڄ ڪلهه آهي نياز اڻ لپ.
ماڻهو اڃن ٿا بغضِ حيدر ڪان باز اڻ لپ.

٢ - آهي رڳو زباني حبِّ عليءَ جي دعوىٰ،
محمود آهه هرڪو آهي اياز اڻ لپ.

٣- مغرب مان شمس موٽي طالع ڪڏهن نه ٿيندو،
دنيا ۾ مثلِ حيدر آهي نماز اڻ لپ.

٤- آلِ عبا جو جيڪو جائز رکي ٿو ماتم،
اُن سان ٿين ٿا جڳ ۾ پنهنجا به ساز اڻ لپ.

٥ - ڪهڙو ڪٽي هجي پر حيدر جي مثل جڳ ۾،
قرآن جا ٿو ڄاڻي باريڪ راز اڻ لپ.

٦ - شاهي ڏيڻ گدا کي حيدر جو شان آهه،
آهي سخا ۾ اهڙو دستِ دراز اڻ لپ.

٧ - پنهنجو اٿم عقيدو دنيا به متّفق آ،
پنجن جي مثل آهن بيا پاڪباز اڻ لپ.

٨ - توحيد جي صدف جو دنيا ۾ آهه گوهر،
شاهِ نجف به اڻ لپ شاهِ حجاز اڻ لپ.

٩ - لَب تي خدا جو نالو گرمي ۾ بت سڙي تو،
آهن بلال رضہ وانگر اڄ جان گداز اڻ لبي.

١٠- گردن تي آهِ خنجر لب تي خدا جو نالو،
وهه واهه اي نمازي! تنهنجي نماز اڻ لبي.

١١- قحبه مثال آهي دنيا جي زال يارو،
افسوس! تنهن کان آهي اڄ اِحتراز اڻ لبي.

١٢- رازِ عليءَ جي ڪوئي تو اِنتها نه جاڻي،
ڏسجن ٿا مؤمنن ۾ پامالِ راز اڻ لبي.

١٣- فيضِ ڪرم عليءَ جي دريا ڪي موج زن ڏس،
تاهم عليءَ کان آهن ٿيا سرفراز اڻ لبي.

١٤- آئينو دل جو ڪارو ڪلفت جي زنگ سان آ،
دنيائي دون ۾ آهن آئينه ساز اڻ لبي.

١٥- حالِ رڪوع ۾ يبي ڏيندو زڪواة رهجي،
اهڙا "رشيد" آهن بنده نواز اڻ لبي.

# اڻ لپ پرده نشين

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

۱ - رُخ تنهنجو آهِ سهڻا! مثلِ نگين اڻ لپ.
تو جهڙو جڳ ۾ ڏسجي تو نازنين اڻ لپ.

۲ - والله مثل تنهنجي سهڻو نه آ کو جڳ ۾،
مان چو چوان ته آهن اهڙا حسين اڻ لپ.

۳ - دل ۾ ٿي توکي چاهيم ازخود تون آشنا ٿئين،
تو جهڙو آهِ دنيا ۾ دوربين اڻ لپ.

۴ - تنهنجي وفا جو مونکي آهي يقين ٿي ويو،
مون جهڙو هوندو ورنه کو بي يقين اڻ لپ.

۵ - هر وقت تنهنجي صورت چشمن اڳيان ڦري ٿي،
اهڙا ڏنا مون آهن پرده نشين اڻ لپ.

۶ - زقعو لکي تو مونکي کافر بنايو آهي،
مون مثل ترڪ ڪن ٿا مذهب ۽ دين اڻ لپ.

۷ - خط تنهنجي آهِ مونکي زوري بنايو عاشق،
مون جهڙو هوندو ورنه تقوىٰ گزين اڻ لپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - تنهنجي ئي عشق آهي مونکي ڏسي حقيقت،
حاصل ٿئي تو اهڙو خضرِ مبين اڄ لـپ.

٩ - هاڻي مري وڃان يا تو سان خدا مِلائي،
پر هن معاملي جا آهن اَمين اڄ لـپ.

١٠ - خط تنهنجو جنهن ڪيو آ اغيار جي حوالي،
تنهن جهڙو جڳ سڄي ۾ آهي لعين اڄ لـپ.

١١ - پنجاهه ٽن سون جو، چوڏهن ۽ پنج سو سان،
دلبر ملاءِ مولا! جو آ قرين اڄ لـپ.

١٢ - دل تي ڪڍيو تو آهي مهرو وفا جو نقشو،
نقشو ڪڍن تا اهڙو نقاشِ چين اڄ لـپ.

١٣ - پنهنجن ڪان هُس پري پر تنهنجا بہ ٿيا پراوا،
آهن موافقت ۾ اَهلِ زمين اڄ لـپ.

١٤ - تو ڪان بغير هاڻي ڳنڍيو نہ ڪنهن سان ناتو،
ڇو جو جهان ۾ اهڙو آ مہ جبين اڄ لـپ.

١٥ - گل ڪي ڇُهي نہ جيڪو بلبل اُهو مان آهيان،
اهڙا "رشيد" ڏسجن تا هم نشين اڄ لـپ.

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف پ

# لوپ

(فعولن- فعولن- فعولن- فعول)

١ - ڪري ٿو بشر کي پريشان لوپ.
بنائي ٿو اِنسان مان حيوان لوپ.

٢ - مرن مال و زر لاءِ ڪفار ٿا،
ڪندو ڪين آهي مسلمان لوپ.

٣ - قناعت ڪرائي ٿي جنّت خريد،
جهنّم جا ناهي ٿو سامان لوپ.

٤ - وڌي جئَن ٿي دنيا وڌي تئَن ٿو حرص،
ڪري سلطنت جو ٿو نقصان لوپ.

٥ - پسر کان کهائي ٿو پيارو پدر،
بنائي ٿو عاقل کي نادان لوپ.

٦ - وسون جون سدائين ٿو پاڙون پٽي،
بنائي سوين گهر ٿو ويران لوپ.

٧ - ڪرائي ٿو پوڄا فقط پيٽ جي،
ڪري ڪين ڪنهن تي ٿو اِحسان لوپ.

٨ - خوشي آهي اوّل ۾ ڏاڍي مگر،
ڪري بعد ۾ ٿو پشيمان لوپ.

## ڪلامِ "رشيد"

۹ - تون پائين تـو هـونـدس هميشـہ حـريـص،
مگـر آهِـہ تـو جهـڙو مهمـان لـوڀ.

۱۰ - نـہ تـي حـرص جـي قيـد ۾ مبتـلا،
تـو ضـايـع ڪـري ديـن و ايمـان لـوڀ.

۱۱ - نـہ دنيـا جـي لالـچ تـي مـاڙيـون اڏاءِ،
ڪـري سـج سـون جـا تـو ايـوان لـوڀ.

۱۲ - مصيبـت ۾ پَـو ڪيـن دنيـا جـي لاءِ،
ڪـري مشڪلـون تـو نـہ آسـان لـوڀ.

۱۳ - قنـاعـت سـان ٿينـديـن سڪنـدر مگـر،
ڏئـي تـو نـہ تخـتِ سليمـان لـوڀ.

۱۴ - خـدارا نـہ ڪـر لـوڀ جـي پيـروي،
ڪيـو اصـل ۾ آهِـہ شيطـان لـوڀ.

۱۵ - قنـاعـت ڪـان پـاهـر نـہ ڪـڍجـي قـدم،
"رشيـدا" هجـي طـاقِ نسيـان لـوڀ.

# رديف پ

## ڏنپ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - دلبر دلِ حزين تي ڏنا بي حساب ڏنپ.
ناخن جو ٿئي پلو جو ڪري ٿو خراب ڏنپ.

٢ - ٿئي ٿو گمان بدرِ شبِ مشڪناب جو،
چمڪي جڏهن ٿو پهلو ۾ تي ماهتاب ڏنپ.

٣ - مستي ۾ دل ڦري ٿي مثالِ شراب خوار،
فرقت جو آهه ڪيس پيارو شراب ڏنپ.

۴ - ٿين ختم ولولا ٿا جواني جا هاءِ! هاءِ!
حسرت جا منهنجي دل کي ڏئي ٿو شباب ڏنپ.

۵ - آتش فشان ٿو بنجي اچي موت جو سوار،
اسپِ حيات کي ٿو سندس ڏئي رڪاب ڏنپ.

٦ - خالي خزان کان آ نہ ڪڏهن رونقِ بهار،
بلبل جي دل تي هجرِ جو ڏئي ٿو گلاب ڏنپ.

٧ - هردم سڙان ٿو دردِ محبّت جي آگ ۾،
دل تي نظر اچن ٿا مثالِ ڪباب ڏنپ.

٨ - اي چاره گر! علاج ڪان اچ باز تون متان،
روزِ جزا جو بنجي پوي آفتاب ڏنپ.

٩- دردن جي پيڙ ڪان تي سُسي ۽ ڦُندي هي دل،
شايد ڏئي تو قبر جو اُن کي عذاب ڏني.

١٠- دل کي رهي لُڇڻ جي تمنّا تي روز و شب،
پيدا ڪري اجا بہ گهڻو اضطراب ڏني.

١١- فرقت سان مونکي ساڙ ۽ ڪر دل ۾ خوب گهاءُ،
ڏئي توکي بُزدلي جو متان ڪو عتاب ڏني.

١٢- رهہ دل ۾ بي نقاب تي، پرده نشين! تون اِئن،
جئن ڪين آهِ دل ڪان ڪندو ڪو حجاب ڏني.

١٣- آهن رموزِ عشق جون ڳالهيون اِهي اي دل!
ڪر تن تي غور توکي ڪري تو خطاب ڏني.

١٤- زائل نہ دل جو داغ ٿئي ڇو جو اي "رشيد"،
آ دولتِ فراق جو هڪ انتخاب ڏني.

١٥- "قاسم" جي قلب جا تا رهن ياد دل کي تير،
پايان تڏهن "رشيد" تو دل تي ثواب ڏني.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضلع ژوب بلوچستان جو سفر

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

١ - حالِ سفر تو پنهنجو کيان آشکار سپ.
ظاهر کيان تو ژوب جي ضلعي جا پار سپ.

٢ - تو فورٽ سنديمن جي طرف جو کيان بيان،
آهن جتي پٺاڻ گهڻو مالدار سپ.

٣ - پالن ٿا ذوق و شوق مان ٻڪرين رڍن جا ڌڻ،
ڪن سير ڪوه و بر جو ٿا ليل و نهار سپ.

٤ - ڪاري جبل جو نالو هتي آهه طورِ خمر،
ڪن ٿا جتي بندوق سان هردم شڪار سپ.

٥ - پٿر ڪڍي پهاڙ مان ناهن ٿا پنهنجا گهر،
پٿر جا گهر بنائي وٺن ٿا قرار سپ.

٦ - آهن گهڻو غليظ صفائي نہ آ منجهن،
پائنَ ٿا پنهنجي جسم تي سينگار بار سپ.

٧ - سردي رهي ٿي سال سڄو هن پهاڙ ۾،
آهن ڪڏهن نہ گرمي سبب بي قرار ر سپ.

٨ - بارش ٿئي پهاڙ ۾ ٿي زور و شور سان،
جنهن واسطي دعا ٿا گهرن زوردار سپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - مهمان نواز ڪونہ پٺاڻن جي مثل آهہِ،
مهمان تان پنهنجو ساهہ ڀي ڪن ٿا نثار سڀ.

١٠- گهر ۾ مکڻ جي تن کي نہ پرواهہ آهہ ڪا،
داڻن جي لاءِ ڪن ٿا گهڻو اِنتشار سڀ.

١١- واپار ڪن ٿا ڪيترا پنجاب سنڌ ۾،
پيسي جو ڪين ڪن ٿا ڪڏهن اِنتظار سڀ.

١٢- هن هنڌ لوڻ مرچ بصر ڪين ٿا لين،
ڪن شهر جي رهڻ کان سدائين ٿا عار سڀ.

١٣- افغان قوم ۾ جي مسافر تو ڪو وڃي،
تان اُن کي قرب ڏين ٿا اُتي بي شمار سڀ.

١٤- ڪونن پٺاڻ چونڪ ٿا اوطاق پنهنجي کي،
جنهن ۾ مسافرن کي ڏين ٿا قرار سڀ.

١٥- آهي اگر نہ چونڪ تہ مسجد ۾ ٿا وهن،
تسليمِ هن رَوَش کي ٿا ڪن اِفتخار سڀ.

١٦- نالو نشان ڪين پٺاڻن ۾ ڪٽ جو آهہِ.
گڏجي وِهن پڌر تي ٿا اعلىٰ وقار سڀ.

١٧- گهر مان ڪڍي ٿا نود اچن ميهمان لاءِ،
عزّت سان ڪيس اُن تي ٿا ڪن جلوه دار سڀ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۸ - مهمان معتبر جي اڳيان ٿا ڪُهن گهٽو،
خدمت ۾ حاضري ٿا ڏين بار بار سڀ.
۱۹- دُنبي جي گوشت جا ٿا ٽڪر ڪن وڏا وڏا،
چاڙهن ٿا ديگ پاڻي جي ڀُڏڙا ۽ بار سڀ.
۲۰ - پاڻي ٿا گرم ڪن ۽ وجهن گوشت اُن ۾ ٿا،
تورو پچائي اُن کي ٿا لاهن ميار سڀ.
۲۱ - هرگز نہ لوڻ مرچ ٿا هو گوشت ۾ وجهن،
ڪن نيم پُختہ گوشت سان ڏاڍو ٿا پيار سڀ.
۲۲ - ڪائي چڏن ٿا گوشت ۽ پاڻي بچي ٿو جو،
ماني ڪٽن ٿا اُن ۾ اَچي ڏار ڏار سڀ.
۲۳- هڪ جاءِ تي وهي ٿا ڪُتي هضم ڪن سجي،
ڏاڙهيون ڪري ٿا پنهنجون چڏن ريشہ دار سڀ.
۲۴- پيرن ۽ مولوين ۾ سندن آهہ اِعتقاد،
قائم ٿا ڪن نماز کي ٿي ديندار سڀ.
۲۵ - نذر و نياز پير وٺي ٿا گهڻو وجن،
ڏاڍي دعا تي ڪن ٿا سدا اعتبار سڀ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٦ - طاقت گھٽي اٿن ۽ سدا ڪن ٿا محنتون،
مذهب جي جوش ڪي ٿا رکن پائدار سپ.
٢٧- جبلن جي ماٿرين ۾ تو ڪجھ فصل پي ٿئي،
برسات جو هميشه ٿا ڪن اِنتظار سپ،
٢٨- پردو نه قوم پنهنجي ڪان ڪن ٿا ڪڏهن پٺاڻ،
تيون عورتون بِين ڪان رهن پرده دار سپ.
٢٩- سردار فيصلو تو ڪري پنهنجي قوم جو،
ڪن ڪورٽ ۾ وڃڻ ڪان سدا ٿا ڪنار سپ.
٣٠- اغيار جي اڳيان نه ڪڏهن پست ٿا ٿين،
طاقت ٿا پنهنجي قوم جي ڪن اُستوار سپ.
٣١- آهي سفر جو حال خلاصو لکيو "رشيد"
سمجهن ٿا جنهن ڪتاب کي هڪ يادگار سپ.

## رديف پ

# عشق جي سوپ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - تيغِ قاتل کي ٿي آهي گردنِ بسمل تي سوپ.
سيخ کي اي همنشين ٿي آهِه منهنجي دل تي سوپ.

٢- ناتواني جسم ۾ هٿي تہ بہ ويس اڳتي وڌي،
نيٺ حاصل همّتِ مردان کي ٿي منزل تي سوپ.

٣- مون گهريو جيکي سڄڻ کان سو ويو مونکي ملي،
يار جي سائل کي آهي غير جي سائل تي سوپ.

٤- اڄ تخيّل جو ٿو هڪ عالم ڦري چشمن اڳيان،
ڪنجِ عزلت جي ٿو پانيان زينتِ محفل تي سوپ.

٥ - ڪين هو منهنجو چراغِ زندگي ٿو گل ڪري،
ٿئي چراغِ زندگي کي دامنِ قاتل تي سوپ.

٦- ٿو سهان جورو جفا چشمِ عنايت جي ڪري،
پائي شل زخمن جي پٽي دامن قاتل تي سوپ.

٧- آهِہ دل جي سلطنت جو يار هاڻي بادشاه،
عشقِ جانان کي ٿي حاصل آهِہ منهنجي دل تي سوپ.

٨ - مان رهان ٿو يار وٽ محفل مان آ خارج رقيب،
شکلِ خارج کي نہ ٿي آهي ڪڏهن داخل تي سوپ.

# ڪلامِ "رشيد"

٩ - آهِ مشڪل جو ٿئي تو يار سان منهنجو وِصال،
رشڪِ ليليٰ ۽ قيس ڪي ٿي ڪين آ محمل تي سوچ.
١٠- دل ڪيم زائل ۽ حاصل آهِ ٿيو درد و فراق،
غير ممڪن آهِ جو زائل ڪي ٿئي حاصل تي سوچ.
١١ - تو رقيبن کي تڙي مونکي پرين پنهنجو ڪيو،
نيت ٿيٽي هئي اي دلبر حق ڪي باطل تي سوچ.
١٢ - سست رفتاري سراسر عشق جي توهين آ،
تيز رو عاشق ٿو پائي عشق جي منزل تي سوچ.
١٣ - رازِ جانان مان ٿو چاٽان ڇا خبر اغيار ڪي،
نيت هڪ عالم ڪي حاصل ٿي ٿئي جاهل تي سوچ.
١٤- غير ڪي غافل ڏسي ٿي هم بغل دلدار سان،
آهِ جو بيدار حاصل تنهن ڪي آ غافل تي سوچ.
١٥ - تنهنجو هر مشڪل ۾ آ مشڪل ڪشا حامي "رشيد"،
آهه تنهنجي دوجهان اندر سدا مشڪل تي سوچ.

ردیف پ

# سرمـــۀ تسخير

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱ - نقش ڪن ٿا دل تي هردم يار جي تصوير سيپ.
سر ڦريل آهن بنا يا حسنِ عالمگير سيپ.

۲ - تنهنجو نظارو ڏسن ٿا صاحبِ تنوير! سيپ،
قيدِ اُلفت ۾ ٿيا پائن زلف جا زنجير سيپ.

۳ - تنهنجي ابرو جي ڪمان ۾ تير آهن سَو هزار،
ڪٿَن دلِ نازڪ ڪندي برداشت تنهنجا تير سيپ.

۴ - غير ممڪن آ مسيحا ڪان بہ هن دل جو علاج،
دل تي آهن ڦٽ بنايا نشترِ تقدير سيپ.

۵ - دستِ نازڪ سان تون مونکي زيرِ خنجر ڪر سدا،
معجزو، عيسىٰؑ جو سمجهن ٿا اِها شمشير سيپ.

۶ - ايترو تنهنجي ڳلي ۾ عاشقن جو خون آهہ،
جو سڏن اُن کي ٿا اڄ ڪلهہ واديءِ ڪشمير سيپ.

۷ - تختيءِ دل تان نہ آ ممڪن مٽائڻ نقشِ عشق،
پاڻ آهن نقش ناهيا ڪاتبِ تقدير سيپ.

۸ - توتي عالم تو رهي شيدا اي چشمِ سر مگين!
تنهنجي چشمن ۾ ڏسن ٿا سرمۀ تسخير سيپ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۹ - آهہ منهنجي نظم ۾ رنگين بياني جو سمان،
ڪيس دشمن منهنجا ڀُلجي تا سڌن شمشير سي.
۱۰- رت مسلمانن جو مثلِ آبِ ڪوثر آ روان،
چڙ تا جنّت ۾ گذارن ساڪنِ ڪشمير سي.
۱۱ - نعرهٔ تڪبير سان عالم تي وڄجي ڇانئجي،
تا رڪن مسلم دلين ۾ جذبهٔ تسخير سي.
۱۲ - خون پنهنجي سان ڪنداسين لال صحرائي وطن،
ضرب سان پيدا ڪنداسين خاڪ مان اڪسير سي.
۱۳ - اي مسلمانو! ويو آ دورِ غفلت ختم ٿي،
ڪا فلسطين واسطي ڳولي ڪيو تدبير سي.
۱۴ - ڪٿَن تو جهرڪي ڪي ٿئي حاصل ڀلا صيدِ عقاب،
تا رڪن بازن ۾ مسلم زورِ خيبر گير سي.
۱۵ - غير جي آڏو اسان ڇو نوڪرون ڪائون "رشيد"،
تا ڪيون جڏهين تلاوت آيهٔ تطهير سي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف پ

# ڏيپ

(فعولن- فعولن- فعولن- فعولن)

۱ - ٻنين واسطي سونهن آهي سدا ڏيپ،
تي ڏورن جي لئي آهه عمدي غذا ڏيپ.

۲ - ٻُڌايان سندس هڪڙو قصّو اوهان کي،
ته ڪئَن آهه مشڪل ۾ مشڪل ڪشا ڏيپ.

۳ - گهمڻ واهه جي ڪڙتي هڪ ڏينهن ويس مان،
اچا جو ڏسان آهه جلوه نما ڏيپ.

۴ - عجب رنگ آهي سندس جهنگ اندر،
بدن تي ڏکيو سبز آ جڻ قبا ڏيپ.

۵ - سندس سادگي مونکي حيران بنايو،
چيم واهه! ڪهڙو نه آ خوشنما ڏيپ.

۶ - انهيءَ ڳالهه جو آهه افسوس ليڪن،
جو جڳ ۾ نه ٻڌجي سگهي تو دوا ڏيپ.

۷ - ڪري حالِ دل منهنجو معلوم فورًا،
تبسّم سان مون ڏانهن ٿيو لب ڪشا ڏيپ.

۸ - چيائين ته "توکي خبر ڪانهي منهنجي،
سڌن مونکي عاقل ٿا معجز نما ڏيپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- مــرض ۾ هيــو مبتــلا شــاهـــ ڪــوئـــي،
ڪيــان ذڪــر اُن جــو تــو مــان نــارســا ڏيو.
١٠. ڪيــائيــن دوا جتَن وڏي ويــو مــرض تتَن ،
ٻُـڌائـي تــو سـچ تــوڪــي عبــرت نمــا ڏيو.
١١- حڪيمن جڏهن پنهنجي حڪمت ڪان بس ڪئي،
ڪٽــي ويــو تڏهـــن اُنڏي هڪـــڙو گـــدا ڏيو.
١٢- عــلاج اُن جــو هڪــڙي گهــڙي ۾ ڪيــائيـــن،
ڏنــي شــاهِ اعظـم کــي ڪــامــل شفــا ڏيو.
١٣. پڇيــو شــاه اُن کــان "دوا ڪئـي تــو ڪهــڙي؟"
چيــائيـــن تـــه آهـــي "هـــي دارون دوا ڏيو.
١٤- جـــي آ رب ســاٽـــي تـــه ڏيو يـــي دوا آ،
خــدا پــاڪ جـي ٻڄــي پئــي تــو رضــا ڏيو"
١٥- "رشيـــدا" دوا جـــو رڳـــو آهِـــ نـــالـــو،
جـي مــولىٰ شــفــا ڏئـــي تـــه آهـــي دوا ڏيو.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وقت

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - مشڪل جي مهل ڪر نہ ڪڍهن هاءِ هاءِ وقت.
صبر و رضا سان پنهنجو سمورو نڀاءِ وقت.

٢ - ڪر نيڪ ڪم ۾ صرف سدائين تون زندگي،
ڪارِ فضول تي نہ لڳو تار لاءِ وقت.

٣ - گذري ويو جو وقت سو ايندو وري نہ هٿ،
غافل! نہ پنهنجو قيمتي ويهي وڃاءِ وقت.

٤ - ”خررا پدر بگو“ جي پوي وقت اوچتو،
دنيا ۾ ڪنهن بہ حيلہ سان پنهنجو ٽپاءِ وقت.

٥ - پنهنجو پلو جي پائين تہ پين جو بہ خير گهر،
ڪنهن جو بہ پنهنجي لاءِ نہ ضايع ڪراءِ وقت.

٦ - ڏاهن جو قول آهہ سچ آ وقت ڪي سلام،
هرگز نہ پنهنجو دهر ۾ دشمن بناءِ وقت.

٧ - پنهنجي اڳوٽي شان ۽ اوج و ڪمال جو،
گذري ويو جو آهہ سو واپس وراءِ وقت.

٨ - دنيا جي لاءِ عمر وڃائين ٿو رائگان،
ڪجهہ آخرت جي لاءِ بہ پنهنجو بچاءِ وقت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - آهين جي خرد سال تہ ڇڏ ڪين علم کي،
لهو و لعب ۾ ڪين اجايو وڃاءِ وقت.
١٠- گردش فلڪ جي امر ڪري ٿي گهڙيال کي،
نادان بشر جي عمر جو هر هر گهٽاءِ وقت.
١١ . گردون جو آهِ جڳ ۾ هي اِعلانِ عام ٿيو،
"مشڪل ۾ هر بشر کي وجهي آزماءِ وقت!"
١٢- خرچي خزانو جيڪي ٿا دنيا ۾ عيش ڪن،
ماڙيون بنائي تن جون ٿو مهمانسراءِ وقت.
١٣- مشڪل ٿو ڪو شباب ۾ حاصل ڪري ڪمال،
پيري ۾ سڀ ڪو آهِ ڪندو هاءِ هاءِ وقت.
١٤- پايان ٿو تلخ زندگي فوراً اي موت جا،
دنيا جي مشڪلات کان مونکي ڇڏاءِ وقت!
١٥- آهي "رشيد" وقت معيّن نہ موت جو،
خلقِ خدا جي خير ۾ پنهنجو لڳاءِ وقت.

❁

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

## رديف ت

# وفات حسرت آيات برادرم مير غلام رسول خان جکراڻي زميندارِ اعظم ملگزار (بلوچستان)

(فعول- فعلن- فعول- فعلن- فعول- فعلن- فعول- فعلن)

١ - ڏسان ٿو اڄ ملگزار اندر اي دوستو! ڪربلا جي صورت.
نظر گهٽن جي اچي ٿي صورت مگر نہ آ دلربا جي صورت.
٢ - ڏسڻ ٿي آيس مان جنهن سڄڻ کي اُهو اکين کان اڳي لِڪي ويو،
اچن ٿا ٻاهر جگر جا ٽڪرا ٿي آهہ، آه و بڪا جي صورت.
٣ - نياڳو اُٺويهہ سو ۽ چاليهہ ۽ ان جو هو سنہ عزيزو!
جدا ٿيو جنوري ۾ جاني عيان ٿي روزِ جزا جي صورت.
٤ - سڄڻ جدا ملگزار مان ٿيو نہ هاءِ! پهتس مان خيرپور مان،
خبر هجي ها اچان اُڏامي ها ٻڻجي بادِ صبا جي صورت.
٥ - ننڍي وهي ۾ جو گڏ ٿي کيڏيو، اُهو ٿو جنت ۾ هاڻي کيڏي،
اسان ڏسون ٿا ڏکن جي صورت سڄڻ ڏسي ٿو خدا جي صورت.
٦ - غلام جيڪو رسول جو هو وڃي مليو سو رسول سان آ،
ولي محمّد جو گهر ڇڏي ۽ ڏنائين دارالبقا جي صورت.
٧ - روئي ٿو يعقوب مثل پنهنجي پسر جي غم ۾ ولي محمّد،
جدا هميشہ جي لاءِ آهي ٿي يوسفِ خوش لقا جي صورت.
٨ - خوشي جو سج آ لهي ويو ۽ غمن جي ڏسجي ٿي رات ڪاري،
وڏيڪ مرده ڪان ڏسجي ٿي هن غريب ۽ بينوا جي صورت.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - اکين مان دريا وهن ٿا منهنجي مري وڃان هن جيڻ کان جلدي،
خدايا پنهنجي مان پاءُ کان اڳ ڏسان ها جيڪر قضا جي صورت.
١٠ - پڙهڻ، لکڻ ۽ گهمڻ گهتڻ ۽ اُٿڻ ويهڻ ۾ جو گڏ رهيو ٿي،
اُداسي ويو آهِه روح اُنجو عيان ٿي مرغِ هوا جي صورت.
١١ - ڏسان نه روئندو ها پينرن کي اکيون چڏيان ها اڳي ڪڍائي،
ادين کي روئندو ڏسي ٿئي ٿي خراب عاجز گدا جي صورت.
١٢- چڏي ويو آهِه هڪ نشاني خدايا اُن کي تون رک سلامت،
ولي محمّد سان گڏ ٿو پانيان مان جنهن کي دل جي دوا جي صورت.
١٣ - اڄي ٿي توڙي نه انبڙي مان ڪڏهن زماني ۾ انب جي بو،
تڏهن به آهي سڄڻ جو پڙو سڄڻ جي روئي صفا جي صورت.
١٤ - خدايا جنّت ۾ جاءِ ماڻي حبيب منهنجو ۽ پاءُ منهنجو،
ڏسون قيامت ۾ گڏجي جنّن جو جناب مشڪل ڪشا جي صورت.
١٥ - غمن ۾ ڪر صبر تون "رشيدا" ڪري ٿي توکي به قبر سڏڙا،
هجي تصوّر ۾ تنهنجي هردم اِمام زين العبّا جي صورت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ت

# ديدار جي ضرورت

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

۱ - دلدار آهه تنهنجي ديدار جي ضرورت.
توکان سوا نه آهي کنهن يار جي ضرورت.

۲- ابرو جي تيغ منهنجي گردن تي ڇڏ وهائي،
آ کهڙي توکي سهڻا تلوار جي ضرورت.

۳ - ڇڏ نازکي اي نازڪ! ڪر تيغ آزمائي،
بي ڪار لاءِ آهي ڪم ڪار جي ضرورت.

۴- دل مونکان وٺ ۽ پنهنجي ديدار جي ڏي دولت،
باقي نه آهه بي جا تڪرار جي ضرورت.

۵- ڪڇ مثل تنهنجو وعدو آ ڌا ڪئون اي دلبر،
اِن لاءِ ڪين آهي اِقرار جي ضرورت.

٦- تنهنجي پنيان اي جانان! صحرا نورد آهيان،
هر هڪ ڦلو ڪٽي کي آ خار جي ضرورت.

۷- ڪئي آ جڏهن مسيحا منڪر نڪير گڙ ٻڙ،
توکي به آ تڏهن ٿي بيمار جي ضرورت.

۸ - شوريده سر رهان ٿو فرقت ۾ تنهنجي سهڻا!
ديوانه تنهنجي کي آ ديوار جي ضرورت.

٩- ڇو مان حرام طعنا ڪاوان رقيب تنهنجا،
ڇُهڙي ڪي ٿيندي آهي مُردار جي ضرورت.

١٠- مان داستانِ غم ڇو پيشِ رقيب کوليان،
ڇو جو نہ سون کي آ لوهار جي ضرورت.

١١- پيشِ رقيب منهنجون پڳڙيون ڪري ٿو ناصح،
ڇو جو ٿي ڪيس آهي دستار جي ضرورت.

١٢- خورشيد لاءِ زينت ڪا شئي نہ آهِ جڳ ۾،
سهڻي کي ڪين آهي سينگار جي ضرورت.

١٣- ناخن وڍيو نہ منهنجا ڦٽ ريش ڪئَن ڪندس مان؟
عاشق کي آهِ ڇو جو آزار جي ضرورت.

١٤- تعزيرِ عشق مونکي ڏي محتسب بلاشڪ،
منصور جهڙي کي آهي دار جي ضرورت.

١٥- بدنام شاعري ۾ ٿيو آ "رشيد" ڪافي،
شهرت جي لاءِ ڪانهي اخبار جي ضرورت.

❀

ردیف ت

# محبّت

(مفعول- مفاعيل- مفاعيل- فعولن)

۱- هر شئي کي رسايان ٿو مان پيغامِ محبّت،
هر وقت ٿئي مونکي ٿو الهامِ محبّت.

۲- آغاز ۾ ئبي آتشِ فرقت ۾ سڙان ٿو،
ناهي کا خبر ٿيندو ڇا انجامِ محبّت.

۳- رُخ تنهنجو ڏسي داغ ٿيو لالہ جي دل تي،
مهتاب بہ آ تنهنجو ئي بدنامِ محبّت.

۴- ڦاسي ٿا پون شمس و قمر برجِ وفا ۾،
آ تنهنجي فلڪ تي بہ اڏيل بامِ محبّت.

۵- جنهن کي ٿا سڏن عيش سو اُلفت جو ثمر آ،
آ خلد بہ گهوارهٔ آرامِ محبّت.

۶- انسان سڏائي نہ اُهو پاڻ کي جڳ ۾،
ٿيو آهہ عطا جنهن کي نہ اِنعامِ محبّت.

۷- انسان کي ڪعبو ٿو سڏي هرڪو شرف ۾،
گردون بہ ٻڌي روز ٿو اِحرامِ محبّت.

٨- جا چي ڪو ڏسي آيتِ "لولاڪ لما" کي،
آ صانعِ مطلق تي بہ اِلزامِ محبّت.
٩- دنيا تي نظر جام ۾ آيس تہ ٿيو چا،
جم کي نہ عطا آهِ ٿيو جامِ محبّت.
١٠- اُلفت جو هجي شمس فلڪ دل جي تي اُپريل،
ڪنهن کي نہ اچي شال نظر شامِ محبّت.
١١- مهمان اچي تنهنجو ٿئي پاڻ مسيحا،
تعمير فلڪ دل جي تي ڪر بامِ محبّت.
١٢- ڪر جسم ۾ گم جسم، وفا اِن کي ٿو چئجي،
آ فرض ٿيو عشق ۾ اِدغامِ محبّت.
١٣- ڪنهن شئي جي اڱيان ڪين جهڪائي ٿو بشرسر،
ڪونہ ٿا بشر جنهن کي سو آرامِ محبّت.
١٤- مسلم جي هٿان ڪين رسي ڪنهن کي بہ اِيذاءُ،
سڏ ڪفرِ عداوت کي تون اسلامِ محبّت.
١٥- چڏ حرفِ دوئي دل مان مٽائي تون "رشيدا"،
ڪر ترڪ سخن پنهنجي مان اِيهامِ محبّت.

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ت

# مــــوت

(فاعلاتن مفاعلن- فعلاتن)

۱- پيـــــار دنيـا جـو تـو ڇڏائـي مـوت.
حق جـو ديـدار تـو ڪـرائـي مـوت.

۲- مــوت دنيــا ۾ آهِــ پُــل جــي مثــال،
دوست سان دوسـت تـو مـلائـي مـوت.

۳- مــوت ۽ بـــاهـــ ۾ نـــ فـــرق آهــي،
ســوزِ فـرقـت ۾ تـو جـلائـي مـوت.

۴- مــوت دنيـــا ۾ آهِــ هـــڪ سيـــلاب،
زنــدگـانـي کـي تـو وهـائـي مـوت.

۵- ريـل گـاڏي جـي مثـل مـوت کـي ڄاڻ،
سڀ کي منـزل تـي تـو رسـائـي مـوت.

۶- عمــر ڪـڪ آهــ مــوت واچـــوڙو،
خـاڪ سينـي جـي تـو اُڏائـي مـوت.

۷- مــوت هـر نفــس جــي اڳيــان آهــي،
ذائقـو سـڀ کـي تـو چکـائـي مـوت.

۸- مــوت عقبـــيٰ جـــو آهِـــ آئينـــو،
نيـڪ و بـد کـي تـو راه لائـي مـوت.

٩ - موت هڪ ڪرڻ آهِ، ماڻهو ڪاٺ،
جسم کان جان تو ڇڏائي موت.
١٠- موت آهي ازل کان آدم خور،
ماس ماڻهن سندو تو کائي موت.
١١- موت اُڃ آهِ رُڃ جي اي غافل!
پياس ۾ جان تو گنوائي موت.
١٢ - موت آ گهوٽ مرد آهِ ڪنوار،
تو حجابِ بقا هٽائي موت.
١٣- موت آهي حيات جو درزي،
تو لباسِ فنا ڍڪائي موت.
١٤- عمر ڪاغذ تہ موت آهِ ربڙ،
نامِ هستي کي تو مٽائي موت.
١٥- موت اُستاد مثل آهِ "رشيد"
پوپٽيون سڀ کي تو پڙهائي موت.

❁

ردیف ت

# عــــورت

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

۱- بـزمِ وفـا ۾ آهـي صـدر الصّدور عــورت.
دل جـي جـواهـرن ۾ آ کــوهِ نــور عــورت.

۲- نرمي ۽ نازکي ۾ وڌ آهِ موم و گل کان،
ڏسجي ٿي شوخ چشمي ۾ برقِ طور عورت.

۳- عورت سان ٿئي ٿو حاصل اسرار زندگي جو،
آفات کان رکي ٿي هـر وقـت دور عــورت.

۴ - جنهن گهر کي آهِ حاصل دولت ۽ پارسائي،
تنهن گهر کي ٿي بنائي گلشن ضرور عورت.

۵ - عصمت مآب عورت جو گهر بهشت آهي،
مؤمن جي لاءِ آهي جنّت جي حور عورت.

۶- عورت نہ آهِ جنهن کي تنهن لاءِ ڪجھ نہ آهي،
هـر مـرد لاءِ تـن جـو آهــي ســرور عــورت.

۷- بــا ڪــار لاءِ عــورت هــر درد جـــي دوا آ،
بي ڪارِ لاءِ آهي پاسي جو سـور عــورت.

۸- آ مــرد سيــڻ ۽ آ اولاد ســود سِــڪ جـــو،
سنسـار ۾ محبّت جـو آهِــ مــور عــورت.

۹ - اِنسان ٺيو مرڪب آهي خطا ڪان،ليڪن،
هر مرد ڪان ڪري ٿي اڳ ۾ قصور عورت.
۱۰- بي علم زال آهي هر وقت جيءَ جو جوکو،
فتنہ جو آهہِ جڳ ۾ پهريون ظهور عورت.
۱۱- ڏٻلي ڪان مشڪ ٻاهر آيو تہ ٿي هوا ويو،
پرده بنا ڪري ٿي هردم ڪلور عورت.
۱۲- عورت ٿي گهر وسائي، عورت ٿي گهر اُجاڙي،
جڳ ۾ بپا ڪري ٿي يوم النشور عورت.
۱۳- جي مڙس چشم آهي تان زال آهہِ پتلي،
ڪنهن کي ٿئي نہ حاصل شل بي شعور عورت.
۱۴- عورت تي آهہِ واجب تعليم فاطمہؓ جي،
تعليم سان ٿي بنجي خالق جو نور عورت.
۱۵- شرم و حيا جي پتلي، دل جي قوي "رشيدا"
ڪن ٿا پسند اهڙي اهل الصّبور عورت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ت

# مــحنـت

(فعولن- فعولن- فعولن- فعولن)

۱ - كـري خـوب دنيـا ۾ اِنسـان محنـت.
وڏائـي ڏئـي اِنسـان جـو شـان محنـت.

۲- چمن دل ۾ آباد ٿئي ٿـو خوشي جو،
كري گم ٿي حسرت ۽ ارمان محنت.

۳ - اچي ٿي نہ محنت سان درپيش مشكل،
كري كارِ مشكل ٿي آسان محنت.

۴- بشـر كي ٿي تـاجر بنـائي گهمـائـي،
عـرب، كيـچ مكـران ايـران محنـت.

۵ - گهمائي ٿي موٽر ۾ حاكم بنائي،
كـراچـي ۽ لاهـور، ملتـان محنـت.

۶- عدو كي بہ ٿي دوست پنهنجو بنـائي،
كري باغ ٿـي دل جـو ايـوان محنـت.

۷- كـري نفس سركش جي سرتي ٿي حملو،
وڏائي ٿي مؤمن جـو ايمـان محنـت.

۸- كري پنهنجي تابع ٿو ديون كي اِنسان،
اُڏائـي ٿـي تخـتِ سليمـان محنـت.

## ڪلامِ "رشيد"

٩- رهي جڳ ۾ غافل تو ناشاد هردم،
نہ دل کي ڪري ٿي پريشان محنت.

١٠- غريبن کي محنت ۾ جنّت ٿي ڏسجي،
لڳي ٿي اميرن کي زندان محنت.

١١- زماني ۾ سُستي ٿي در در پنائي،
بنائي گدا کي ٿي سلطان محنت.

١٢- مڃي ٿو نہ فرمان جيڪو خدا جو،
ڪري ناس اُنجي ٿو شيطان محنت.

١٣- زماني ۾ رهبر ٿئي ٿي بشر جو،
ڏسي معرفت جو ٿي عنوان محنت.

١٤- ڪري ڇڏ تون محنت سان پٽر بہ پاڻي،
ڪئي پاڻ آ شاهِ مردان محنت.

١٥- "رشيدا" سدائين ثنائي نبيﷺ ڪر،
ڪندو تنهنجي منظور رحمان محنت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلهہ رات

(فاعلاتن- مفاعلن- فعلات)

۱- دل ۾ محشر هو هڪ بپا ڪلهہ رات.
هو جدا مونکان دلربا ڪلهہ رات.

۲- راه روڪي سڄڻ جي ها ويٺا،
پئي رقيبن کي هٿي هَڇا ڪلهہ رات.

۳- اِنتظاري ۾ سڄ نتي اُڀريو،
تيو هيو آسمان خفا ڪلهہ رات.

۴- بند توبهہ جا در هيا شايد،
جونہ منظور ٿي دعا ڪلهہ رات.

۵- هُن رقيبن سان عيش ٿي ماڻيو،
درد منهنجو هو آشنا ڪلهہ رات.

۶- صبح تائين پٽيو رقيب مگر،
منهنجي پوري نہ ٿي ڳالا ڪلهہ رات.

۷- نيت ويا پوَ وڇان لِڪي تارا،
ٿي جڏهن درد جي صدا ڪلهہ رات.

۸- سارو عالم هو خوابِ راحت ۾،
ڪنهن ٻُڌي ڪين ماجرا ڪلهہ رات.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۹- نــالــۂِ دل ڪيــا هــزاريــن پنــڌ،
پر نـہ تـو مـوڪـلي دوا ڪلهہ رات.

۱۰- حالِ دل ڪـئـن عيان ڪيان ها مان،
رات پي ڪين ڪئي وفا ڪلهہ رات.

۱۱- پنهنجي ليکي مَتو گهٽو ئي هنيمر،
ڪنهن بہ ماٺهو نہ ڪئي پُڇا ڪلهہ رات.

۱۲- خلـق ســاري کــي ڪيــن آئــي ننـڊ،
تہ بہ فغان ڪئي نہ اِنتها ڪلهہ رات.

۱۳- آهــہ مجــرن کــي بيعــدد شــابــاش،
جو هُيا منهنجا همر نـوا ڪلهہ رات.

۱۴- ڏيڏرن جـــي تـــہ دال ڪيـــن ڳـــري،
نيـٺ خـامـوش ٿـي ويـا ڪلهہ رات.

۱۵- ڪوبہ مون سان نہ ساز هو اي "رشيد"،
جڳ جي بگڙيل هئي فِضا ڪلهہ رات.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڄ رات

(فاعلاتن- مفاعلن- فعلات)

١ - نيـٺ آيـو هـو دلـربـا اڄ رات.
ٿيـو هـو بيگـانـو آشنـا اڄ رات.

٢ - تـي شبِ قـدر کـان بـہ رات وڏيـڪ،
لطـف پنهنجـو ڪيـو خـدا اڄ رات.

٣ - گهـر رقيبـن جـي روج راڙو ٿيـو،
يـار تـن کـان ٿِيـو خفـا اڄ رات.

۴ - مهـرو اُلفـت جـو عـرشِ دل تـي هـلال،
ٿيـو اچـي آهِـ رونمـا اڄ رات.

۵ - آهِـ چشمـن جـي آڏو رشـڪِ قمـر،
منهنجـي آ عيـد تـي روا اڄ رات.

٦ - منهنجي قسمت جـا اُيـري ويـا تـارا،
ڪئـي فلـڪ بـي وفـا، وفـا اڄ رات.

٧ - هـر بغـل آهِـ مشڪنـاب ٿيـو،
مشڪبـار آهِـ تـي هـوا اڄ رات.

٨ - غـم جـو نـالـو نـہ آهِـ جـڳ ۾ رهيـو
ٿيـا شفـايـاب لا دوا اڄ رات.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- وَصل ٿيو آ اُتن ورهين ڪانپوءِ،
اوترو وقت ٿئي عطا اڄ رات.

١٠- شل شبِ وصل ٿئي طويل گهڻو،
پوري ٿئي منهنجي مدّعا اڄ رات.

١١- دامِ منهنجي ۾ اوچتو ڦاسي،
مرغِ زيرڪ ڪئي خطا اڄ رات.

١٢- چا وڇايان پلنگ تي هن لاءِ،
منهنجي گهر ۾ نه آ ردا اڄ رات.

١٣- دولتِ حسن بعد ۾ لٽبي،
آهه بوسي تي اِڪتفا اڄ رات.

١٤- تو رقيبا! سرائڪي ۾ چوان،
"آپٽي منهن ڪون مل تَوا اڄ رات"

١٥- ترڪ عشقِ مجاز ڪر اي "رشيد"،
ڪر نبيؐ پاڪ جي ثنا اڄ رات.

# صلواة

(فعولن فعولن فعولن فعول)

۱ - پڙهان ڇو نہ احمدﷺ تي هر هر صلواة.
پڙهي تو جڏهن پاڻ پرور صلواة.

۲ - سڏن بحرِ ايمان مؤمن کي تا،
صدف قلب آهي ۽ گوهر صلواة.

۳ - خزانو حقيقت جو آهي درود،
سُجي کي ڪري ٿي تونگر صلواة.

۴ - نہ اهڙي عبادت ڪا دنيا ۾ آهِہ،
عبادات ۾ آهِہ برتر صلواة.

۵ - صلواة آهي مفتاح ايمان جي،
ڪندي آهِہ وا خلد جو در صلواة.

۶ - ڏياري ٿي جنّت جي هٿ ۾ سَنَد،
هٽي ٿي جهنم کي نوڪر صلواة.

۷ - نماز آهِہ بي ڪار ۽ ناروا،
جي آهي نہ اُن ۾ مڪرّر صلواة.

۸ - نماز آهِہ ڇا؟ "آ نبيﷺ تي صلواة"
ادا صدق سان ڪر برادر صلواة.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - نہ آفت ۾ تئي تو ڪڏھن مبتلا،
پڙھي گر تو ڪو نيڪ اختر صلواة.

١٠ - محمّدؐ تي پڙہ صدقِ دل سان درود،
ڪندي تنھنجو آزاد محشر صلواة.

١١ - جي لب تنھنجي تي ھوندو نامِ رسول،
تہ پڙھندا اڳيان تنھنجي پٿر صلواة.

١٢ - سدا پياس حبِّ عليؑ جي تون رک،
عليؑ کان پياري تي ڪوثر صلواة.

١٣ - نہ دنيا ۾ ڳولي ھا آبِ حيات،
پڙھي ھا جي دل سان سڪندر صلواة.

١٤ - عليؑ، فاطمہؓ ۽ محمّدؐ سان گڏ،
پڙھائن ٿا شبّير و شبّر صلواة.

١٥ - "رشيدا" تون ھر شعر ۾ پڙھہ صلواة،
سجايو ڪندي تنھنجو دفتر صلواة.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زڪواة

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - باغِ سخا جو آهه مُلذذ ثمر زڪواة.
مؤمن جي لاءِ ناهي تي جنّت ۾ گهر زڪواة.

۲ - وڻ کي وڌڻ جي واسطي جئَن آهه چا گبو،
تنهنجو وڌائي جڳ ۾ تي تئَن مال و زر زڪواة.

۳ - جئَن ٻج ڦٽي زمين مان ٿئي وڻ ٿو سايه دار،
تئَن آهه باغِ نفعه جو تخمِ شجر زڪواة.

۴ - بت پنهنجو جئَن ٿو صاف ڪرين تيل ميٽ سان،
تئَن آهه تنهنجي مال جو ميرو پگهر زڪواة.

۵ - ساڙي ڇڏي تي بخل، عداوت ۽ بغض کي،
بجلي ڪا پي رکي تي زياده اثر زڪواة.

۶ - آسودگي زڪواة مساڪين کي تي ڏئي،
نابود تي جهان مان ڪري شور و شر زڪواة.

۷ - عرشِ سخا تي پنهنجو تون مَسڪن وجي بناءِ،
آهي فلڪ سخا جي تي روشن قمر زڪواة.

۸ - سڪ جان جي زڪواة تون حضرت خليل ؑ کان،
ڏس ڪئَن ڏئي پسر جي ٿو پيارو پدر زڪواة.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- قربان پنهنجي مال ۽ اولاد کي ڪري،
اُن بعد مثلِ ابنِ عليؑ جي ڏي سر زڪواة.
١٠- قارون مثل ڪين تي منڪر زڪواة جو،
ورنہ ڏسي تي لحظي ۾ راهِ سَقر زڪواة.
١١- پنهنجون ڪڪيون پرين تو ۽ پائر تا بُک مرن،
جي ديندار آهين تہ ڪڍ زود تر زڪواة.
١٢- پنهنجو بچاءُ چاهين تہ هرگز نہ ٿي بخيل،
تيغِ عذابِ قبر جي آهي سپر زڪواة.
١٣- ويندو ڪٽي نہ مال ڪڏهن قبر ۾ بخيل،
ليڪن اُتان جي رات جو آهي سحر زڪواة.
١٤- مُندي ڏِجي فقير کي حالِ رڪوع ۾،
حيدر جي مثل ڪين ڏني آ بشر زڪواة.
١٥- ڪر زندگي سڄي ۾ ثنا ئي نبيﷺ "رشيد"،
ذهن و ذڪا جي پنهنجي تون ڪڍ بيشتر زڪواة.

ردیف ت

## بدعت

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱ - سڀن هر ڪار کي ٿا يار بدعت.
تو پانيان اهڙي مان آزار بدعت.

۲ - خدا کي هر گهڙي قهّار سڏجي،
سڏڻ ڪيس آهي تيو غفار بدعت.

۳- محمّدﷺ مصطفیٰ خير البشر آ،
سڏڻ آ اُن کي پُر انوار بدعت.

۴ - عليءَ جي ڪين آ ڪنهن تي فضليت،
ڪرڻ آهي اِهو تڪرار بدعت.

۵- نه آهي پنجتن جي فرض تعريف،
رکڻ آهي اُنهن سان پيار بدعت.

۶ - حسينؑ آهي ڪئي غلطي سياسي،
سندس عظمت جو آ پرچار بدعت.

۷ - نه آ حسنينؑ جي قاتل تي لعنت،
"تيڻ آ اُنکان تيو بيزار بدعت"

۸ - غمِ آلِ عبا جائز نه آهي،
تيڻ آ تن جو ماتمدار بدعت.

٩- تـــجي سني يا شـــيـــعـــو چو جو آهي،
رڳـــو اســـلامِ جـــو اقـــرار بـــدعـــت.
١٠- ڏجن گـاريـون ڪجـي سڀ جي شڪـايـت،
تيـــڻ آ صلـــح جـــو غمخـــوار بـــدعـــت.
١١- مسلمـــانـــن ۾ ايڪـــو تئـــي نـــہ هـــرگـــز،
حقيقـــت آ ڪـــرڻ اظهـــار بـــدعـــت.
١٢- بـــرو پيـــرن کـــي چئجـــي ڪيـــن هـــرگـــز،
سنـــدن پيـــري جـــو آ انڪـــار بـــدعـــت.
١٣- ڪجـــي ســـرمـــايـــہ دارن جـــي اطـــاعـــت،
اُنهـــن کـــي آ سڏڻ غـــدار بـــدعـــت.
١٤- ڪنيـــون رسمـــون وڏن جـــون ڪيـــن ڇڏجـــن،
بـــڌڻ آ علـــم جـــي دستـــار بـــدعـــت.
١٥- "رشيـــدا" اهـــڙو آهيـــان بـــدعتـــي مـــان،
اگـــر ڪنهـــن کـــي نـــہ آ درڪـــار بـــدعـــت.

ردیف ت

# عليءَ جي فضليت

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

١- مڃان ٿو مان دل سان عليءَ جي فضيلت.
ٻُڌائي ٿو قرآن عليءَ جي فضيلت.

٢- عليءَ آهي لاريب سيني جو اِيمان،
مڃي ڏس مسلمان! عليءَ جي فضيلت.

٣- ڪيو دينِ احمدؐ عليءَ آهي اڪمل،
تي آهي نمايان عليءَ جي فضيلت.

٤- عليءَ آهي الله جي خاص حُجّت،
۽ آ راهِ عرفان عليءَ جي فضيلت.

٥- ازل کان ڪيو جڳ ۾ آباد آهي،
نبيؐ جو گلستان عليءَ جي فضيلت.

٦- عليءَ جو ڪو همسر نه ٿيو آ نه ٿيندو،
نه آ ڪنهن کي شايان عليءَ جي فضيلت.

٧- نبيؐ بعد ڪو آهي تان بس عليءَ آ،
ٿو ڀانيان مان ايمان عليءَ جي فضيلت.

٨- وسي مؤمنن تي ٿي ٻڄجي خدا جي،
سدا ابرِ نيسان عليءَ جي فضيلت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- علي ؑ آهه شيرِ خدا ڄاڻ دل سان،
تون شيرِ نيستان علي ؑ جي فضليت.
١٠- لڳي دشمنِ پنجتن جي تي دل ۾،
تي خارِ مغيلان علي ؑ جي فضليت.
١١- گهٽيو ڪين شانِ علي ؑ، گر نه آهي،
مجي ابنِ سُفيان علي ؑ جي فضليت.
١٢- پُڇي ڏس حقيقت فلڪ کان، جو آهي،
ڏني شمسِ تابان علي ؑ جي فضليت
١٣- پُڇي ڏس تون ڪعبي کان ڪٿان اُن تي آهي،
ڪيو پنهنجو احسان علي ؑ جي فضليت.
١۴- علي ؑ جي فضليت جي قائل تي اي دل!
وڃائي تي ارمان علي ؑ جي فضليت.
١٥- "رشيدا" تِجي ڇو نه بيزار اُن کان،
مڃي جو نه اِنسان علي ؑ جي فضليت.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ٿ

# هٿ

(فاعلاتن- مفاعلن- فعلن)

١ - خير جي ڪم ۾ وِجهه تون نا هي هٿ،
شر ۾ ڦاسڻ نه، تنهنجو چاهي هٿ

٢ - ذار بازن ۾ قوّتِ حيدر،
حصنِ خيبر ڇڏي تو ڊاهي هٿ

٣- پاڙ جو قوم پنهنجي جي تو پَٽي،
ريش اُن جي ۾ وجهه تون نا هي هٿ.

٤- ظلم قدرت نٿي ڪري ڪنهن سان،
پنهنجو چاڙهي تو پاڻ ڦاهي هٿ.

٥- جو خدا جي رضا سان ڪم تو ڪري،
تنهن جي هٿ تي خدا جو آهي هٿ.

٦ - آهه اعمال زندگي جي ڪليد،
سوئي لڏجي تو جو تو راهي هٿ.

٧ - خضر پاري جي هٿ تي ڪر بيعت،
پوشِ رحمت ولي جو آهي هٿ.

٨ - حشر جي سونهن تہ آ محمّد ﷺ جو،
مون ڏي ايندو شتاب ڪاهي هٿ.

٩ - منهنجـــــي دل ۾ اي زارعِ اُلفـــــت،
ڪشتِ خواهش کي تنهنجو ڳاهي هٿ.

١٠ - دل نـــه پهلـــو ۾ تـــي قـــرار وٺـــي،
ديـو غـم جـو تـو اُن کـي ساهــي هــٿ.

١١ - ڪـر اِشـارو نــه ڪنهـن ڏي جـو تنهنجـو،
گلـــــهءِ دل ڇڏي تـــو ٿـــاهـــي هـــٿ.

١٢ - خلـق جـا چـورا چـو نـه خـالـق جـي،
تنهنجـو چـوري ڪـرڻ تـو چـاهـي هــٿ.

١٣ - رهــه حسينـن کـان دور ڇـو جـو وڏو،
نـانـگ جـي ٻـر ۾ آ نـــه ڏاهـــي هـــٿ.

١٤ - ڪيــر هيٺــي جـو آهِــه هــوت بنــا،
شـال مـون تـان نـه هـوت لاهـي هــٿ.

١٥ - ايتــري مـدح لـڪ نبـيؐ جـي "رشيـد"،
جـو وجهـي ڪلڪ تنهنجـو ڳـاهـي هـٿ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سردار جو هٿ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١ - هجي سر منهنجي تي شل يار جو هٿ.
ڪپي مونکي نہ تو اغيار جو هٿ.
٢ - مسلمانن جي هر هڪ ڪار ۾ آ،
رسول الله جي سرڪار جو هٿ.
٣- بيابان ۾ ڪري پاڻي تو پيدا،
رسولِ احمدِ ﷺ مختار جو هٿ.
٤ - جهنم ۾ نبي ﷺ جي اُمّتي کي،
ڇڏيندو ڪين ڪي غفار جو هٿ.
٥ - هيو چاليهہ جاين تي بہ هڪ وقت،
جنابِ حيدرِ ڪرار جو هٿ.
٦ - بوقتِ قتل ڪافر جي گلي تان،
هٽيو ڪئن قاتلِ ڪفار جو هٿ.
٧- مجي شبّير ڪئن بيعت يزيدي؟
رهي طاهر تي ڪئن بدڪار جو هٿ ؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - پرڻ تيرن سان هو اصغر جو سينو،
هجي سيني تي ماتمدار جو هٿ.
٩ - عَلم هٿ مان ڪڏهن ڇڏجي نہ توڙي،
وڃي وڍجي علمبردار جو هٿ.
١٠- لبن تي ساهہ پهتو آهہ هاڻي،
مسيحا! ڏس اچي بيمار جو هٿ.
١١ - سوا تنهنجي نہ پيو آهي وسيلو،
هجي هيٺن تي تو سردار جو هٿ.
١٢- زماني ۾ رسائي آهہ مشڪل،
رهي ڪوتاه تو نادار جو هٿ.
١٣- تون اِسَّن هٿ نفس کي وجهہ چور جي جٽن،
هجي ڏاڙهي ۾ صوبيدار جو هٿ.
١۴ - اُتي باڪار تي ڪنهن ڪار سان لڳ،
وٺي ڪنهن کي نٿو بي ڪار جو هٿ.
١٥ - "رشيدا" حشر ۾ هٿندو نہ تو ڪان،
عليءَ ۽ سيّد الابرار جو هٿ.

❀

# سک جو ثمر

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١ - کيان مان زندگي پنهنجي بسر ڪٿ.
بنايان جڳ کان ٻاهر پنهنجو گهر ڪٿ.

٢ - مَتو ڪنهن سان هٺان ديوانگي ۾،
ڏسان تو ڪين ديوار ۽ ٽڪر ڪٿ.

٣ - غمن جي شام آ هر وقت مون لاءِ،
مسرت جي وڃي ڳوليان سحر ڪٿ.

٤ - ڏسان تو بي ثمر اشجارِ اُلفت،
خبر ناهي تہ آ سک جو، ثمر ڪٿ.

٥ - مرڪب درد کان ٿيو آهِ انسان،
رهي تو درد کان آجو بشر ڪٿ.

٦ - رکي خواهش ٿي دل صدمن سهڻ جي،
اَلائي آهِ هو بيداد گر ڪٿ.

٧ - ڳري ويس مان اڳي بين عاشقن کان،
ڳرن مهري کان اڳ ۾ تا مَتر ڪٿ.

٨- رقيب آهي نہ بلبل رشڪِ گل جو،
رکي گل سان محبّت تي ڪِبر ڪٿ.
٩- "چہ نسبت خاک را با عالمِ پاک"
ڪٿي دلدار ۽ مان ماستر ڪٿ.
١٠- نہ هڪڙو تير آ سيني ۾ ڪافي،
ڪٿي دل کي پرويان ۽ جگر ڪٿ.
١١- جفا تنهنجي سان آ ديوان پرپور،
لکان پنهنجي وفائن جي خبر ڪٿ.
١٢- ڪشش تنهنجي ڪٿان ڪان آهہ آندو،
ڪٿي ميهو ۽ دينو ۽ سکر ڪٿ.
١٣- اکيون ٻوتي ڇڏيون تنهنجي تصوّر،
پوي ٿي غير تي منهنجي نظر ڪٿ.
١٤- سَلاسڪ جا نہ دل تنهنجي ۾ چمندا،
ڇپر پيدا ڪندو آهي ڪلر ڪٿ.
١٥- "رشيدا" دوست توکي داد ڏين ٿا،
مگر ٻين تي سخن جو آ اثر ڪٿ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ٿ

# ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ

(مفعول- مفاعيل- مفاعيل- فعولن)

۱ - هر جا ٿو رکان پير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.
پئي گشت جي آ هير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.

۲- باغن ۾ ڪٿي انب ۽ انگور ڏسان ٿو،
ڪاوان ٿو ڪٿي ٻير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.

۳- ماني ٿي ڪٿي ڪين ملي بُک ۾ ٿو گهاريان،
آزر جو ڪٿي ڍير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.

۴ - ناچو ٿي نچان عشقِ حسينان ۾ ٿو هردم،
پيرن ۾ وجهي ڇير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.

۵ - آهيان جي ڪراچي ۾ ته ديدن ۾ رکان ٿو،
مُلتان ۽ اجمير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.

۶ - هر منزلِ مقصود تي آ منهنجي رسائي،
ڪٿ جلد ته ڪٿ دير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.

۷ - ڪٿ ٻٽجان اديبن ۾ ٿو فاضل ۽ پڙهان ٿو،
ڪٿ پيش، زبر، زير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.

۸ - ڪٿ پاڻ پنهون جام سڏايان ٿو، ۽ آهيان،
سسئي جو ڪٿي ڏير ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - مذهب جي ڪشاڪش کان رهان دور تو هردم،
پيو اهڙي ڪندو ڪير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

١٠ - سُني تہ ڪِتي پاڙ ڪي شيعو تہ سڏايان،
ڄاٽان تو سيئي پير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

١١ - هندو ڇا مسلمان تو رکان صلح سين سان،
ڪنهن سان نہ اٿم وير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

١٢ - جنهن وٽ تہ رهان سو تہ ڏئي جيءَ ۾ جايون،
آ من ۾ نڪو مير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

١٣ - دل صاف رکان پنهنجي تہ مون ڏانهن نہ ڪنهن ڪي،
آ قند نڪو قير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

١٤ - ڪنهن هنڌ گُذاريان تو گدڙ مثل تي گيدي،
ڪونن تا ڪِتي شير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

١٥ - دنيا ۾ سياست سان ڪيان ڪم تہ ءِ آهيان،
ڪٿ پاءِ ءِ ڪٿ سير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

١٦ - آ چرخِ ڪُهن منهنجي پنيان روز "رشيدا"،
ڏِس اُن جو تون انڌير ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ.

# لٽ پٽ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱ - ڪري ليڪو تيون اي يار لٽ پٽ.
اچي تي دِل جا نيڪيدار لٽ پٽ.
۲- ڏي مونکي پنهنجي دل وٽ عشق پنهنجو،
تيون ليکي ۾ اي دلدار لٽ پٽ.
۳ - ڏني هندي پري تو درد و غم جي،
ٿئين مونسان تون شاهوڪار لٽ پٽ.
۴ - وٺي ويا عيش مونکي درد ڏيئي،
ٿيا مون سان سيئي اغيار لٽ پٽ.
۵- هو آيو پر اڳي ويو ساهه نکري،
مسيحا سان ٿيو بيمار لٽ پٽ.
٦ - نه وقتِ قتل رت نڪتو گلي مان،
گلي سان آهِ تي تلوار لٽ پٽ.
۷- ڏئي بوسي جي بدران دل جي دولت،
ٿيو زردار سان نادار لٽ پٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸- ڦٽڙو هڪ هڪ ڪري وٺ تير مژگان!
ٿئي توسان هي چشمِ زار لٽ پٽ.

۹- وهن ٿا آبلا، ٿي دشت ۾ آب،
ٿيا مجنون سان آهن خار لٽ پٽ.

۱۰- ٿِيو پوڙهو سڄڻ عاشق پڄي ويا،
ٿِيو آ عشق سان ديدار لٽ پٽ.

۱۱- محافظ قوم پنهنجو پاڻ ٿي آ،
ٿيو ٻڪرين سان آ ٻڪرار لٽ پٽ.

۱۲- اسان آزاد ٿيا آهيون اسان سان،
ٿي آ برطانيه سرڪار لٽ پٽ.

۱۳- ٿيو هر هڪ کي آزادي جو نشو،
ٿِيو آ خمر سان خمّار لٽ پٽ.

۱۴- ڪئي اُمّت دغا، سيّد وفا ڪئي،
ٿيو اُمّت سان آ سردار لٽ پٽ.

۱۵- نه جڳ ۾ ڪنهنجو ڪڻ ٿورو "رشيدا"،
سين يارن سان رهه هر وار لٽ پٽ.

❁

# عدو جو ٻوٿ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - مولا ڏسان نہ شال مان بدتر عدو جو ٻوٿ.
آهي شبيہ و شڪل ۾ باندر عدو جو ٻوٿ.
۲ - آهي پليد جنهن جو روا آ نہ منهن ڏسڻ،
هرگز ڏسڻ نہ چاهي تہ سوئر عدو جو ٻوٿ.
۳- هر وقت بحرِ بغض ۾ آ غوطہ زن رقيب،
سيسر جو ٻوٿ جاڻي تہ سيسر عدو جو ٻوٿ.
۴ - تعريف ڇا ڪيان مان سندس عزّو جاه جي،
ڪائي تہ بزمِ يار ۾ پادر عدو جو ٻوٿ.
۵ - معلوم تہ سياه ٿئي ديگڙي جي مثل،
چاڙهي تہ جڻ ڪروڙ جا ڪوهر عدو جو ٻوٿ.
۶ - واڪا ڪري تہ وات سان ڏاري تہ اُپ سدا،
مون ڏي ڪري تہ گهور، ٿي مونڙ عدو جو ٻوٿ.
۷ - معلوم رڇ ٿئي تہ گهمي تہ جي شهر ۾،
پترن سان ڪن نشان ٿا چوڪر عدو جو ٻوٿ.

٨ - لڙڪن چپن کان هيٺ ٻئي چپ سندس تا ، چڻ،
ڏاري گڏهہ جي مثل تو آ تر عدو جو ٻوٿ.
٩ - بدگوءِ بدمزاج تو ڏاڙهي جهان ڪي،
ڪاري ڪُتي جي آهہ برابر عدو جو ٻوٿ.
١٠ - رَڙڪي هڏيون تو قوم جي ڏڻ جون هو پُرجفا ،
آ قوم لاءِ دهر ۾ ناهر عدو جو ٻوٿ.
١١ - آهي جَهرو اکين کان اتس وات ويڪرو،
ڏسجي ڪشادگي ۾ تو منچر عدو جو ٻوٿ.
١٢ - لعنت مُدام جنهن تي وسي ٿي جهان ۾ ،
ڪائي ٿُڪون غضب جون تو هر هر عدو جو ٻوٿ.
١٣ - ناموس و نام و ننگ سندس ڪين آ رهيو،
ڪائي نڪر جي مثل تو نوڪر عدو جو ٻوٿ.
١٤ - پُچ رُخ جو حال مون کان نہ دانگي جو آ تَرو،
ڪهراڻ ۾ تو ياڻنجي پٿر عدو جو ٻوٿ.
١٥ - آهي سياه دل ڪي عداوت "رشيد" سان،
ڪارا ڪرائي مونکان تو دفتر عدو جو ٻوٿ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نَت

(فعولن- فعولن- فعولن- فعو)

۱ - عجب آهِ پاتي تو اي يار! نت.
كري تنهنجي لب سان تي گفتار نت.

۲- ڏسون جئَن فلڪ تي ٿا قوس و قزح،
تي بيني تي تئَن آهِ اظهار نت.

۳ - ڪري بزمِ رخسار ۾ ناچ ٿي،
رَهي ناچ اندر ٿي نروار نت.

۴ - شرف ۾ ٿي بولي ڪان برتر رهي،
ڦلي جي رهي ٿي مددگار نت.

۵ - سدا حسن جي ٿي حفاظت ڪري،
ڳهن ۾ سڏائي ٿي سردار نت.

۶ - لبِ لال اُن کي ٿو بوسو ڏئي،
نصيبن جي آهي علمدار نت.

۷ - سدا اسپِ بيني تي آهي سوار،
چمي دلربا جو ٿي رخسار نت.

٨ - زمـــانـــي ۾ آهـــي جـــا رشـــڪِ پـــري،
اُهـــا پنهنجـــو پـــانئـــي تـــي سينگـــار نـــٿ.
٩ - نـــ مـان پنهنجـي سهڻـي ڪـي نـٿ تـو ڏسـان،
اِنهـــيءَ لاءِ پـــايـــان تـــو بـــي ڪـــار نـــٿ.
١٠ - ڦٽـي يـار جـي نـڪ ڪـي رت تـي ڪـري،
حقيقـــت ۾ آ تيـــز تلـــوار نـــٿ.
١١ - ڪـــڍڻ نـــڪ ۾ ســـوراخ آهـــي فضـــول،
اَجـــايـــو تـــي نـــڪ تـــي رهـــي بـــار نـــٿ،
١٢ - وجـــائـــي تـــي رخســـار جـــي زيـــب ڪـــي،
- ٿئـــي رشـــڪِ گـــل لاءِ تـــي خـــار نـــٿ.
١٣ - ڇـا پـتـر جـي طـاقـت جـو گستـاخ ٿئـي،
تـــي لعنـــت جـــي آهـــي ســـزاوار نـــٿ.
١٤ - ڏسـان ڪيتـريـن ڪـي تـو نـڪ ۾ قليـون،
رســـائـــي نـــ تـــن ڪـــي تـــي آزار نـــٿ.
١٥ - "رشيـــدا" ڪنـــدس ڪيـــن نـــٿ جـــي ثنـــا،
جڏهـــن ڪيـــن پـــائـــي تـــو دلـــدار نـــٿ.

ردیف ٿ

# شڪوهءِ قسمت

(فعولن- فعولن- فعولن- فعولن)

١ - پوئٿي حقيقت تي تنهنجي نظر ڪٿ.
ٿو اسرارِ حق کان ٿئين باخبر ڪٿ.

٢ - مصيبت ۾ چو ڪين صابر رهين ٿو،
ٿئي درد و غم کان ٿو آجو بشر ڪٿ.

٣ - فقيرن سان جهيڙو ڪرين چو ٿو ناصح!
ڪري همسري باز سان ٿي ڪبر ڪٿ.

٤ - خطا پوش هڪڙو خدا پاڪ آهي،
خطا منهنجي تون ٿو ڪرين درگذر ڪٿ.

٥ - رهي شور و فتنه جو مطلق نه نالو،
ٿئي ٿو سو دنيا ۾ پيدا سحر ڪٿ.

٦ - سمو ويو ستاويهه سالن جو گذري،
اَلائي اِها زندگي ٿي بسر ڪٿ.

٧ - زماني جي لذت کان محروم آهيان،
خبر ناهي آ لذتن جو ثمر ڪٿ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - نہ هڪ هنڌ دورِ فلڪ تي رهائي
نہ ڄاڻان تہ منهنجو بہ آ جڳ ۾ گهر ڪٿ.
٩ - رڳو پيٽ پنهنجي جي آهي نہ پورت،
وهايان تہ پنهنجو اُلائي پگهر ڪٿ.
١٠ - خدا تي رڳو آهہ منهنجي توڪل،
خدا ري ٿئي منهنجو تہ دادگر ڪٿ.
١١ - اِلهيٰ! اهو ڏک مان ڪنهن کي ٻُڌايان،
ليي تہ نہ دنيا ۾ ڪو هم سفر ڪٿ.
١٢ - تمنا تہ برباد اهلِ غرض ڪن،
رهڻ تہ ڏئي پٽ ڪي ڪارو ڪلر ڪٿ.
١٣ - نہ ڪو دوست دنيا ۾ تيو آهہ پنهنجو،
ڪيان پنهنجو اِظهار دردِ جگر ڪٿ.
١٤ - جواني تہ پيري ۾ پنهنجي گذاريان،
بچي هاڻي منهنجو اَڃن ڪان تہ سر ڪٿ.
١٥ - مرڻ بعد چوندو زمانو "رشيدا"،
تہ "آ عيش ماڻيو نہ هن ماستر ڪٿ."


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قبر جو زور

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱ - طاقت ۾ آه دل جي ڪان آ شاهِ غور گهٽ.
هاٿي بہ سمجهي زور ۾ هرگز نہ مور گهٽ.

۲ - ارض و سما بہ جنهن ڪي ٻُڌي تا ڏڪي وڃن،
محشر ڪان آه منهنجي جو آهي نہ شور گهٽ.

۳ - آهي خدا بہ قلب ۾ جي تو ڏسڻ گهرين،
ڪون و مڪان ڪان تنهنجو نہ آ دل جو پور گهٽ.

۴ - سيڪو بشر اسير محبّت ۾ تو رهي،
ناهي گرهہ قضا جي ڪان اُلفت جي ڏور گهٽ.

۵ - ڪهڙي ٿي شهرِ دل سان هلي ڪلڪتي جي هوڏ،
ڇا تيو جي ڪلڪتي ڪان تيو بيڱلور گهٽ.

۶ - ڳولي تو يار زهد ۾ تي عشق ڪان بَري،
زاهد جي مثل هوندو ڪو دنيا ۾ ڪور گهٽ.

۷ - ڪنهن ڪان عذاب قبر جو هرگز نتو ٽري،
”بهرام گور جو بہ ڪيو زور گور گهٽ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸ - قسمت ۾ جيڪي آهِه لکيو سو ملي ٿو نيٺ،
ٿئي ٿو ڪڏهن نصيب جو هڪڙو نہ پور گهٽ.

۹ - لطفِ خدا لٽن ٿا سُٽي لوڪ جي جوان،
اهڙا خدا جي گهر جا ڏسان ٿو مان چور گهٽ.

۱۰ - ڪٿي ٿو راز دلربا جو ٿو سمجهي سگهي رقيب،
هر وقت آهِه عقل ۾ ماڻهو کان ڏور گهٽ.

۱۱ - ماري ڇڏ اي رقيب! اِنهيءَ مارِ بغض کي،
مهلت مرڻ کان نانگ کي آ ڏيندو نور گهٽ.

۱۲ - ڏُم ۾ لڳائي ڪنپ هليو مور جا تہ ڇا،
مورن جي کين کانوَ ڪٿي آهِه نور گهٽ.

۱۳ - بي عيب آ خدا نہ سجڻ نازِ حسن ڪر،
آهي ڪنين ۾ سهڻو ۽ پيرن ۾ مور گهٽ.

۱۴ - موتي سخن جا نذر تون پيشِ رقيب رک،
صراف سون جي نہ ڪندو آهِه تور گهٽ.

۱۵ - مداح پنجتن جو تي دنيا ۾ اي "رشيد،"
موزون طبع تنهنجي جو ٿيندو نہ زور گهٽ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهٽ پٽ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١- جي ٿيندين عشق جو جاسوس جهٽ پٽ،
تہ جهلبو دُزدِ دل منحوس جهٽ پٽ.

٢- خدا آخر ڪندو آسان مشڪل،
مصيبت ۾ نہ ٿي مايوس جهٽ پٽ.

٣- رها زندانِ اُلفت مان نہ ٿيندين،
نہ ٿي هن دام ۾ محبوس جهٽ پٽ.

٤- سَوزِ آهہ ڏکيرڻ پير گهرجن،
نہ ٿي ڪمخواب ۾ ملبوس جهٽ پٽ.

٥- بُري آ جيفهٔ دنيا جي بدبو،
نہ ٿي هن ڍونڍ کان مانوس جهٽ پٽ.

٦- ڪميني سان نہ ڪر هرگز پلائي،
نہ ضايع پنهنجو ڪر ناموس جهٽ پٽ.

٧- جي فردوسي ٿجي تان وڃجي غزني،
ڇڏڻ گهرجي نہ شهرِ طوس جهٽ پٽ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

۸ - رَهي تا دير ٿي شاهي خدا جي،
ڇڏي ويو جڳ کي ڪيڪائوس جهٽ پٽ.

۹ - نہ آڪڙ حسنِ فاني تي ڪڏهن ڪر،
نہ نچ صورت تي اي طائوس جهٽ پٽ.

۱۰ - ٻہ ٽي نسخا تہ جنهن کي هٿ اچن اڄ،
سو ڪونائي ٿو جالينوس جهٽ پٽ.

۱۱ - ڪجي نابود ڪنهن حرفت سان دشمن،
نہ ماريو جرمني کي روس جهٽ پٽ.

۱۲ - رهيو آ نام اصحابِ ڪهف جو،
فنا ٿيو آهہ دقيانوس جهٽ پٽ.

۱۳ - ملي مهلت ٻين کي ڪجهہ تي ليڪن،
وڃي دوزخ ۾ ٿو ڪنجوس جهٽ پٽ.

۱۴ - ٿين جي متفق عالم سڀئي،
تہ سنڌي ۾ ٺهي قاموس جهٽ پٽ.

۱۵ - "رشيدا" عاشقانہ شعر چئجن،
وڃائي نينهن جو ناقوس جهٽ پٽ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بدڪاري

مفاعلتن مفاعيلن-فعولن

١ - رهڻ گهرجي هميشه آشنا وٽ.
تجي رسوا نه ڪنهن نا آشنا وٽ.

٢ - ڪيو نابود آ تو ڪيترن کي،
نه ڪر ڳڻتي اِجهو پهتين قضا وٽ.

٣ - رکين ڏاندن ۽ ڪڪڙن جون تو شرطيون،
چڙهي تو تپ جي پهچين تو سخا وٽ.

٤ - پرين تو رشوتن سان پيٽ پنهنجو،
نه پهچين تو ڪڏهن طيّب غذا وٽ.

٥ - نياڻين کي تو ٻڪرين مثل وڪڻين،
نڪا اُمّيد رک خيرالنّسا وٽ.

٦ - رکين تو ڇوڪرين ورثي کان محروم،
لڄي تي ڪجهه ڪلامِ ڪبريا وٽ.

٧ - ڇڏي پنهنجي پرائي کي تڪين تو،
بچائين تو نه ڪجهه باقي حيا وٽ.

۸ - ڪُهين مهڻن تي ٿو ڪارو ۽ ڪاري،
پلاچا منهن ڪٽي وينديں خدا وٽ.

۹ - نماز ايندي نہ توکي آهہ مطلق،
شفا ٿئي تنهنجي ڪٿن خيرالوريٰ وٽ.

۱۰ - ڪرين ٿو علم کان نفرت سدائين،
پڙهين ٿو جاهلن جي پيشوا وٽ.

۱۱ - نہ پاڪائي پليدي مان ٿو ڄاڻين،
گذارين ٿو سدا قحبہ سرا وٽ.

۱۲ - ڪري ڇڏ ترڪ "جگدالي، بلوچي"،
نہ آ نالو نسب جو مصطفيٰ وٽ.

۱۳ - بلوچستان جو ڪونهي ڪو چاڙهو،
مسيحا! اچ مريضِ لا دوا وٽ.

۱۴ - "رشيدا" هي بلوچستان ڇڏجي،
وڃي مرجي شهيدِ ڪربلا وٽ.

۱۵ - "رشيدا چو طبيبن ذي وڃين تو،
دوا دردن جي آ مشڪلڪشا وٽ.

❀

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ٺ

# نوٽ

(فعولن- فعولن - فعولن- فعول)

۱ - زمــانـــي جــو اڄ آهِــ سلطــان نـــوٽ.
هــلائـــي ٿـــو هــر هنــڌ فــرمـــان نـــوٽ.
۲ - ڏســـي نـــوٽ ووٽـــر ڏيـــن ووٽ ٿـــا ،
ڏئـــي بـــي وقـــوفـــن کـــي ٿـــو مـــان نـــوٽ.
۳- چڙي کيـس ڌاڙي جـو ڏئـي ٿـي پـوليـس،
کيـــو کيـــس آهـــي پـــريشـــان نـــوٽ.
۴ - کـــري حکـــم ڦـــاســـي جـــو منســـوخ ٿـــو،
کٽـــائـــي ٿـــو جـــج کـــان قلمـــدان نـــوٽ.
۵ - نـــ چـو نـانـگ نـوڙيءَ منجهـان ڪـن وڪيـل،
ٿيـــو آهِـــ کيســـي جـــو مهمـــان نـــوٽ.
۶ - بنـــائـــي ٿـــو اَنفـــٽ کـــي فـــٽ زود تـــر،
جـــي آ ڊاڪٽـــر جـــو ثنـــا خـــوان نـــوٽ.
۷ - ڪـــدائـــي ٿـــو مُفتـــي کـــان فتـــوىٰ شتـــاب،
کســـي ٿـــو ونـــي ديـــن و ايمـــان نـــوٽ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - ڏيـاري رسـائـي سـان ٿـو نـوڪـري،
ڪـڍائـي ٿـو بـدلي جـو فـرمـان نـوٽ.

٩ - ٿئـي فصـل سـاري جـي ڍل ٿـي معـاف،
تپيـدار تـان آهــ قـربـان نـوٽ.

١٠ - وهـي واهـ وينـدا سيـاري ۾ جـي،
ڏنـو انجنيئـر کـي ڪنهـن خـان نـوٽ.

١١ - ڪـرائـي ٿـو تعـريـف نـا اهـل جـي،
مچـائـي ٿـو جهيـڙي جـو طـوفـان نـوٽ.

١٢ - بنـائـي ٿـو دنيـا کـي خلـدِ بـريـن،
ڪـري ٿـو عطـا حـورو غلمـان نـوٽ.

١٣ - ڪـرائـي ٿـو سـاري زمـانـي ۾ صلـح،
مچـائـي ٿـو جهيـڙي جـو طـوفـان نـوٽ.

١٤ - اهـو نـوٽ در در رُلائـي ٿـو پيـو،
گهمـائـي ٿـو لاهـور، ملتـان نـوٽ.

١٥ - "رشيـدا" نـه آ کـوڙ سـچ ٿـو چـوان،
ڪيـو ملـڪ کـي آهـِ ويـران نـوٽ.

## رديف ٿ

# پُٽ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١ - تون سڏجي نسلِ آدم جو شجر پُٽ.
جي پيءُ آهي شجر تان آ ثمر پُٽ.

٢ - اکين جي روشني کان آهِه محروم،
اگر ذاري نه تو کوئي بشر پُٽ.

٣ - کو مارِ آستين بنجي ڏنگي تو،
کو دنيا ۾ تئي تو نامور پُٽ.

٤ - تئي کنهن پٽ سان تو اوندهه سچو گهر،
بنائي شام مان تو کو سحر پُٽ.

٥ - اُهو جيئري جهنّم ۾ تو گهاري،
مليو آ جنهن کي بدتر بي خبر پُٽ.

٦ - چگن مان تا سوين پيدا بُرا تين،
نبي جو آ کيو بدنام گهر پُٽ.

٧ - نه حضرت نوحؑ کئي پُٽ جي حمايت،
وني ويو خود بخود راهِ سقر پُٽ.

٨ - ٿئي عالم پدر جو ڪٿَن تو وارث،
نہ جاڻي علم جو تو گر اڪر پُٽ.

٩ - خدا جو آهِہ بي فرمان جيڪو،
ڏجي هڪدم اُهو زيرِ تبر پُٽ.

١٠- ابوسفيان جي پُٽ ڪجهہ نہ سمجهيو،
چڙي مسند تي ويو بيداد گر پُٽ.

١١ - شريعت تان تصدّق ٿي اُمالڪ،
ڪرايو قتل آ حضرت عمرؓ پُٽ.

١٢ - خدا جي امر سان فوراً خوشي مان،
ڪيو قربان آ هٿ سان پدر پُٽ.

١٣- خدا جو شان جو چشمن جي سامهون،
کهائي تو پدر نورِ نظَر پُٽ.

١٤- ذبيح الله جي بدران خدا کي،
عليءَ پنهنجو ڏنو لختِ جگر پُٽ.

١٥- "رشيدا" اَڌ وهي وئي آهِہ گذري،
نہ آ گهر تڙ نہ ٿيو آ جلوه گر پُٽ.

❀

ردیف ٽ

# پوپٽ

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

١ - وهه وا عجب تو ڏاري صورت ۽ رنگ پوپٽ.
خوبي سان تو اُتاري دل جا اُمنگ پوپٽ.

٢ - جنهن کي ڏسي اکين کي ٿئي ٿو سرور حاصل،
ميٺي ڪتابِ دل مان غم جا تو انگ پوپٽ.

٣ - قرآن کي لپيٽي رکجي رحيل ۾ جئن،
آهي پرن ۾ ويڙهيل تئن هي پتنگ پوپٽ.

٤- ڳاڙهي پلنگ مٿان جئن ليٽي ٿو شاهِ اعظم،
سمجهيو گلاب کي تئن آهي پلنگ پوپٽ.

٥ - هر وقت مست آهي ڌُن پنهنجي ۾ تو گهاري،
گلشن جي دائري ۾ آهي ملنگ پوپٽ.

٦ - ساون پنن سبب آ نالين جو سبز پاٽي،
گهوٽي رکي چمن ۾ جڻ آهه ينگ پوپٽ.

٧ - نرمي ۽ نازڪي ۾ مٽ پاڻ پنهنجو آهي،
ڏاري نه پاڻ وٽ تو شوخي ۽ ڏنگ پوپٽ.

٨ - بلبل ڪري زبان سان تعريف تني پرن جي،
ڪوئل ڪان تو وچائي هر وقت چنگ پوپٽ.
٩ - جنهن وقت گل جي ٻوٽي جي ڇانوِءِ سمهي تو،
تنهن وقت ڀانئجي تو مثلِ پلنگ پوپٽ.
١٠ - ڳاڙهن، اڇن ۽ ساون، ميرن ڀَرن سان آهي،
هر رنگ کي وجهي تو عبرت جا ونگ پوپٽ.
١١ - آهي پرن جو نازڪ ڇهجي نه ڪيس هرگز،
ٻارن ڪان آهِ ڊيندو هر وقت تنگ پوپٽ.
١٢ - پکڙن سان نقش اُنجا ويندا پرن مان منجي،
ان واسطي تو ڌاري سڀ ڪنهن ڪان ننگ پوپٽ.
١٣ - پوپٽ جي ذات ۾ پي هڪ زينت چمن جي آهي،
تني صاف دل نه ڌاري دل ۾ تو زنگ پوپٽ.
١٤ - پالي تو پيٽ پنهنجو هردم مکين مهين سان،
مچرن سان باغ اندر جوٽي تو جنگ پوپٽ.
١٥ - پوپٽ لڳي تو منهنجي دل کي "رشيد" پيارو،
دنيا ۾ سونهن سوڀيا جو آهِ دنگ پوپٽ.

❀

# ڪٽ

(فعولُن -فعولن- فعولن- فعو)

۱ - ڪري دُور ٽڪ جو ٽي آزار ڪٽ.
رهي غمزده جو ٽي غمخوار ڪٽ.
۲- سمهڻ سان بدن کي ٽي بخشي سُرُور،
مسرت جي بنجي ٽي مهندار ڪٽ.
۳- رَهي رات شادي جي ٽي زيرِ پشت،
ٻُڌي عاشقن جي ٽي گفتار ڪٽ.
۴ - مرڻ بعد لاشو ڪڻي ٽي هلي،
لحد تائين آهي مددگار ڪٽ.
۵- ٽئي ٽي مريضن جي تيماردار،
ڪري ٽو طلب سيڪو بيمار ڪٽ.
۶- فقيرن کي ڀي هن جي سَڌ ٽي رهي،
رکي گهر ۾ سيڪو ٽو سردار ڪٽ.
۷ - فلڪ تي ٻه ٽيو قطب تاري جو شان،
ڦِري اُنجي هردم ٽي چوڌار ڪٽ.

٨ - بشر آهه اربع عناصر جي جوڙ،
رکي پنهنجا پاوا ٻه تي چار ڪٽ.
٩ - محبّت، عداوت بشر ۾ ڏسي،
ٻه سيرون ڪرائي ٿي تيّار ڪٽ.
١٠- ڏسي قلبِ انسان ۾ درد و عيش،
ٻه ٻاهيون ڪري ڪين ٿي ڌار ڪٽ.
١١- سڄي آهه ويڙهي پٺي واڻ ۾،
ڪري ايڪتا جو ٿي پرچار ڪٽ.
١٢ - ڊرائي نه جتّن واڻ ۾ ٿئي ڪڍهن،
رکيو آهِ واڍڻ سان وهنوار ڪٽ.
١٣- ڪڍهن آ اگڻ ۾ ڪڍهن ٻام تي،
ڏسي ٿي ترقي جو معيار ڪٽ.
١٤ - ڊکي بستري سان ٿي پنهنجا عيوب،
ڪري ياد هردم ٿي ستار ڪٽ.
١٥- وڃي قبر ۾ نيٺ سمهيو "رشيد"،
سدا تنهنجو هوندي نه سينگار ڪٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ٿ

# پيٽ ۽ عضوا

[فعولن- فعولن- فعولن- فعل]

۱ - سدا آهه اعضا جو غمخوار پيٽ.
حياتيءَ جو آهي مددگار پيٽ.

۲ - لڏي ڳوٺ هڪڙي مان هاري ويا،
ڪيو تن کي مجبور لاچار پيٽ.

۳ - اُتان جي وڏيري سان ناراض ٿيا،
ڪيو تنهن کان سيني کي بيزار پيٽ.

۴ - چيائون ته ”پنهنجي ڪمائي منجهان،
پرن چو ته بي ڪار سردار پيٽ.“

۵ - نئون ڳوٺ نيئي اڏيائون ته پي،
هٽايو سندن کين آزار پيٽ.

۶ - نه کائڻ پيڻ جي ٿي ڪا شئي ملين،
پري ٿي سگهيا کين پندار پيٽ.

۷ - ٿيو تنگ هوڏانهن ڏاڍو امير،
ڪرايو اُهو ڪيس ويچار پيٽ.

۸ - ته هارين بنا آهه اوندهه سدا،
پري پوک مان ٿو هي سنسار پيٽ.

۹ - وري تن کي واپس وٺي ڪو اچي،
سوا تن جي ٿيو آهه بيڪار پيٽ.

۱۰ - پريو مڙس هڪڙو روانو ٿيو،
ڪيو ڪيس اوڏانهن طيّار پيٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١ - ٻُڍايائين هارين کي هڪڙو مثال،
تہ آهي حياتي جو آڌار پيٽ.
١٢- اڇي بت جا عضوا ڪڏهن ڪاوڙيا،
تہ آهي وڏو بد ۾ مردار پيٽ.
١٣ - اسان تا ڪمايون هي ڪائي تو پيو،
ٻَڌي تو وڏيرپ جي دستار پيٽ.
١٤- ڏيون ڪم ڪرڻ کان تا اڄ ئي جواب،
ڏسون ڪئَن سڌائي تو مختار پيٽ.
١٥ - ڪيو ڪم سمورن نہ ٿي چار ڏينهن،
رکيو کين تن سان ڪو وهنوار پيٽ.
١٦ - لڳا ست چڏڻ ۾ ڳري نيٽ ويا،
چيو تنهن تي مُشڪي مزيدار پيٽ.
١٧ - تہ "جو مون تو کاوان سورت تو ٿئي،
ڏئي تو اوهان کي بہ هر وار پيٽ.
١٨ - زماني ۾ سڀ ڪم تو ڳڏجي ٿئي،
تڏهن سيڪو پالي تو جاندار پيٽ.
١٩ - ٿيا تنهن تي هاري گهڻو شرمسار،
چيائون تہ بيشڪ هو سچّار پيٽ.
٢٠ - ويا ڳوٺ پنهنجي ڏي موٽي "رشيد"،
نہ سنگت کان آ پالبو ڌار پيٽ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ٿ

# اعتدال ٿيندو نيٿ

(مفاعلن- فعلاتن- مفاعلن- فعلات)

۱ - ڪمالِ اهلِ جفا کي زوال ٿيندو نيٿ.
بخيل شخص جو مردار مال ٿيندو نيٿ.

۲ - غرور منجي وجي اِنفعال ٿيندو نيٿ.
دراز بخل جو دستِ سوال ٿيندو نيٿ.

۳ - عطا نہ دردِ محبّت کان ٿيندي ڪا فرصت،
جئڻ جهان ۾ پنهنجو محال ٿيندو نيٿ.

۴ - ڪندو هو شوخ وجي دل رقيب جي راضي،
دلِ حزين ۾ ميسّر ملال ٿيندو نيٿ.

۵ - پري شباب اچا رشڪِ ماه جو آهي،
ڪڏهن تہ بدرِ منور هلال ٿيندو نيٿ.

۶ - ڪري رجوع ٿي هر چيز اصل پنهنجي ڏي،
نهال مونسان اچي نونهال ٿيندو نيٿ.

۷ - ڏکن کان بعد اچن سک ٿا چاڻ آيو وصال،
زمانو هجر جو خواب و خيال ٿيندو نيٿ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - خفا نہ مون سان سڄڻ شوخرو ڪڏهن ٿيندو،
مزاجِ شوخ ۾ پڻ اعتدال ٿيندو نيٺ.

٩ - بوقتِ نزع بہ ايندو نہ دلربا شايد،
الائي ڪهڙو جدائي ۾ حال ٿيندو نيٺ.

١٠ - ڪرين ٿو تيغِ محبّت سان ذبح چشمِ غزال،
غزالِ حسن بہ تنهنجو حلال ٿيندو نيٺ.

١١ - جنونِ عشق ۾ ڪهڙو لباس تن تي ڏيکيان،
بدن تي وار بہ مون لئي وبال ٿيندو نيٺ.

١٢ - پڇي ٿو جيڪو رڳو پاڻ کان سوال و جواب،
انهيءَ کان قبر ۾ ڪهڙو سوال ٿيندو نيٺ.

١٣ - وڃي ٿو مون سان ڪيون يار ڏينهن جو وعدو،
مگر هي ڏينهن تہ ڇا ختم سال ٿيندو نيٺ.

١٤ - پيامِ موت ٿي سڄي حبيب جي هجرت،
قوىٰ کي روح کان اڳ ۾ زوال ٿيندو نيٺ.

١٥ - بشر جو قدر ٿئي بعدِ مرگ ٿو اي "رشيد!"،
جهان ۾ تنهنجو نمايان ڪمال ٿيندو نيٺ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### رديف ٽ

# قيام ڪان اڳ ۾ قيام

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱ - ذوئي دهن کي مشڪ سان حيدر جو نام وٽ.
هڪدم ڪري اِمام جي در تي سلام وٽ.

۲ - تون پنجتن جي وصف و ثنا فرضِ عين ڄاڻ،
غيرن جي مدح عمر ۾ ڄاڻي حرام وٽ.

۳ - راهِ نبيؐ کي ڪين اڳي اِختيار ڪر،
امرِ خدا سان دهر ۾ اوّل امام وٽ.

۴ - انڪار گر ٿئي تو ولايت عليءَ جي ڪان،
تون اُنجي شاهدي ۾ خدا جو ڪلام وٽ.

۵ - حبِّ حسينؑ سان ٿي وڏي جڳ جي دشمني،
خلدِ برين جو جڳ کي ڇڏي اِحتشام وٽ.

۶ - آ وصفِ پنجتن ۾ ثمر روزِ حشر جو،
راضي ڪري تون پاڻ تي خير الا نام وٽ.

۷ - سوزِ غمِ حسينؑ ۾ ڪر آه کي بلند،
برپا ڪري قيام ڪان اڳ ۾ قيام وٽ.

۸ - مولا عليءَ جي در جي غلامن جو ٿي غلام،
آقا بنائي پنهنجو تون قمبر غلام وٽ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کلامِ "رشيد"

# توکي سلام ٽيندو نيٺ

(مفاعلن- فعلاتن- مفاعلن- فعلات)

١ - غريب خاني ۾ هن جو قيام ٽيندو نيٺ.
رُٺل حبيب اچي هم ڪلام ٽيندو نيٺ.

٢ - ڪڏهن سوارِ محبّت جي ور چڙهي ويندو،
هو بي مهار شتر پاڻ رام ٽيندو نيٺ.

٣ - وفا جو شاهه ٿي رهندو هو بي وفا دلبر،
جفا ۽ جور جو قصّو تمام ٽيندو نيٺ.

٤ - سدا رقيب جي هوندي نه يار کي دعوت،
اَچي اسان سان شريڪِ طعام ٽيندو نيٺ.

٥ - غرور حسن تي ڪر ڪين اي رُخِ پرنور،
جو صبح آهِ اُهو منجهي شام ٽيندو نيٺ.

٦ - بجاءِ بوسئه لب زلف جو تو نانگ ڏنگي،
ڪڏهن ته ختم اِهو انتقام ٽيندو نيٺ.

٧ - هلان تو نقشِ قدم قيس جي تي وحشت ۾،
ڪڏهن ڪو منهنجو به قائم مقام ٽيندو نيٺ.

٨ - فغان ڪان منهنجي ڏجي جڳ تو، شورِ محشر ٿيو،
سواءِ منهنجي نه ٻئي ڪنهن جو نام ٽيندو نيٺ.

## رديف ٿ

۹ - نہ رهندو رنج سدا دوست دلربا مون تي،
عيان بلطفِ الٰهيٰ پيام ٿيندو نيٿ.

۱۰ - رکي خدا تي توکل گهمان ٿو دشتِ جنون،
بروز حشر ميسّر مقام ٿيندو نيٿ.

۱۱ - نہ رهندو جڳ ۾ ڪڏهن ظلم و زورو اِستبداد ،
خدا جي امر سان ظاهر اِمام ٿيندو نيٿ.

۱۲ - هو منهنجو آهِ ۽ تي مون سان ساز رهندو فقط،
سڄڻ جو فيض عدو تي حرام ٿيندو نيٿ.

۱۳ - ڪندو ظهور زماني ۾ جا بجا اِسلام ،
سڄو جهان اسان جو غلام ٿيندو نيٿ.

۱۴ - ڇڏيون "رشيد" رڳو جڳ ۾ شاعري ٿو وجي،
مرڻ کان بعد زماني ۾ نام ٿيندو نيٿ.

۱۵ - تلاش آهِ سدا تنهنجي ساقيءِ ڪوثر!
عطا "رشيد" کي تو کان ئي جام ٿيندو نيٿ.

۱۶ - "رشيد" شوق زيارت جو ٿو رکي احمد !
غلام تنهنجي جو توکي سلام ٿيندو نيٿ.

كلامِ "رشيد"

# وڄايل اُٺ

(فعولن فعولن فعولن- فعو)

١- هيو هڪڙي تاجر کي اي يار! اُٺ.
تجارت جو کڻندو هيو بار اُٺ.
٢- پڄي قافلي مان ويو اوچتو،
ٿيو گم وري ٿيو نه نروار اُٺ.
٣- اُتي اُنجي ڳولا ۾ تاجر هليو،
پڇيا ائين شهرن ۾ چوڌار اُٺ.
٤- پتو ڪنهن کان ڪوئي نه هرگز مليس،
ڪيو ڪيس مايوس لاچار اُٺ.
٥- وريو قافلي ڏانهن مغموم ٿي،
ڪتان پي ٿيو ڪين اِظهار اُٺ.
٦- نظر وات تي هڪڙو آيس فقير،
پڇيائين اُن کان به هڪوار اُٺ.
٧- چيائين ته "سائين! ڪٿي اُٺ ڏٺيءِ؟
توهر جاءِ ڳوليان لڳو تار اُٺ.
٨- چيو تنهن تي درويش "منڊو متان!"
"هيو جنگهه پوئين کان بي ڪار اُٺ."
٩- چيو تنهن تي تاجر ته "بيشڪ جناب!
هيو منهنجو منڊو مددگار اُٺ.

## رديف ٿ

١٠ . ڪلي تنهن تي درويش پيهر چيو،
تہ ”ڪاٽو متان هو اي زردار اُٿ؟“

١١ . ڪئي تنهن تي تاجر وڏي رڙ تہ ”هائو!
اهو آهہ منهنجو زيان ڪار اُٿ.

١٢ . ”چي“ اُن کي هيا ڪين شايد ٻہ ڏند،
ڪرايو اهو آهہ ويچار اُٿ.

١٣ . چيو تنهن تي تاجر تہ ”تحقيق اٺَن،
ڏياري ٿو تو کان خبر چار اُٿ.

١٤ . پُڇيا ڪئي وري تنهن تي مُرڪي فقير،
”متان ڪو ڪنيون ٿو وجهي بار اُٿ؟“

١٥ . اٿس هڪڙي پاسي کان ماکي ۽ آهہ،
ڪنيو ٻئي طرف ان جو انبار اُٿ.

١٦ . اِتي پاڻ تاجر کي پڪ ٿي وڏيڪ،
چيائين ”سگهو ڏس اي دلدار اُٿ.

١٧ . نہ ڪر هاڻي مونکي زياده هلاڪ،
وجهي منهنجو روليون ٿو ڪم ڪار اُٿ.“

١٨ . چيو تنهن تي درويش ”چاٽان نہ ٿو،
الائي ويو ڪهڙي آ پار اُٿ.

١٩ . اگر سچ پُڇين مونکي ڪانهي خبر،
وڃي گول ٻئي هنڌ اي يار! اُٿ.“

## ڪلامِ "رشيد"

۲۰ - چيو دل ۾ تاجر "آلي تو وجي،
بنائي تو هن کي خطاوار اُٿ.
۲۱ - اِنهيءَ منهنجي چوري ڪئي آ ضرور،
ڪرائي تو هن کان ئي اِقرار اُٿ."
۲۲ - گهڻو شوخ ٿي تنهن تي تاجر چيو،
تہ "آهي ڏنو تو اي بدڪار! اُٿ.
۲۳ - اگر خير پنهنجو گهرين تو تہ ڏس،
ڪندو تو کي ورنہ گهڻو خوار اُٿ."
۲۴ - ڏنو تنهن تي درويش ساڳيو جواب،
تہ "مونکان ڪرائي تو انڪار اُٿ."
۲۵ - اَچي جلد ماڻهن جو ٿيو اِجتماع،
چيو سيني "درويش! ڏيکار اُٿ."
۲۶ - مگر ڪين قبضي ۾ آيو فقير،
چيائين "ويو هوندو ڦندار اُٿ."
۲۷ - ڇڏيو جان منهنجي مون ڦاٽس ڪتان،
اَجايو ڪرائي تو تڪرار اُٿ."
۲۸ - ڪئي تنهن تي تاجر سان ماڻهن صلاح،
تہ "ڏيندو نہ هي چور عيّار اُٿ.
۲۹ - جهلي هن کي قاضي ڏي وڃبو اگر،
تہ ڏيندو بجا هڪ جي ٻي چار اُٿ.

## رديف ٿ

٣٠ ـ ٽيو نيٺ درويش قاضي جي پيش،
ڪئي تيز جهيڙي جي رفتار اُٿ.

٣١- نہ ٻي ڳالهہ قاضي سان درويش ڪئي،
لڳو پاڻ قاضي کي دشوار اُٿ.

٣٢- گهڻي دير ڪانپوءِ ٽيو فيصلو،
تہ ”هن ڪان ونئي پنهنجو حقدار اُٿ.“

٣٣- ڪلي تنهن تي درويش فوراً چيو،
”پرائي نہ شل مونکان جبّار اُٿ.“

٣٤- ”اچي عقل تنهنجي تي قاضي! تي ڪل،
ڪيو هوش آ تنهنجو فرار اُٿ.

٣٥- ٻُڌو ڳالهہ منهنجي ذرا غور سان،
ڏسيندو حقيقت جا آثار اُٿ.

٣٦- اڪيون ڪولي گهمندو مون آهيان سدا،
ڪرائي تو مونکان هي گفتار اُٿ.

٣٧- ڏنم اُٺ جي پيرن جا ڏگ تي نشان،
چيم ”آهہ ڪوئي مزيدار اُٿ.“

٣٨- نہ هڪ پير جي آ لڳل ڪا رهڙ،
تو منڊن جا پڌرا ڪري پار اُٿ.

٣٩- اِنهيءَ مان چيم آهہ منڊو ضرور،
۽ منڊن جو ڏسجي تو مهندار اُٿ.

## ڪلامِ "رشيد"

۴۰- ڏسان چا گهميو دڳ جي آهڪ طرف،
چيم "آهہ ڪاٺو ۽ بي ڪار اُٺ."

۴۱- مکين جو ڏنم هڪڙي پاسي کان ميڙ،
چيم "آ ڪنيو شهد جو بار اُٺ.

۴۲- مَڪوڙا ڏنم ٻئي طرف کان گهڻا،
چيم "آ ڪنيو اَن جو اَنبار اُٺ."

۴۳- بس! آهي اِها مونکي اُٺ جي خبر،
پري ڪئَن ڏيان مان اي سرڪار! اُٺ؟"

۴۴- ڪِلي تنهن تي قاضي کٽي مات ڪئي،
چيائين تہ آهي "ڪو مڪار اُٺ.

۴۵- اَجايو ڏکيو آهہ درويش تيو،
ڏئي شال اهڙو نہ غفار اُٺ.

۴۶- تيو ڏاڍي عزّت سان راهي فقير،
ڪرايو سين کي خبردار اُٺ۔

۴۷- لَڌو پنهنجو اُٺ نيت تاجر وڃي،
کيو پاڻ تي کيس هسوار اُٺ.

۴۸- "رشيدا" نہ قصّي کي اڳتي هلاءِ،
اتي نظم پنهنجي جو ويهار اُٺ.

❀

ردیف ٿ

# پس غائبانہ محبّت

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱ - محبّــت کــي کيــمر منظــور پــرپــٿ.
رَهـــان تـــو لاءِ تـــو مجبـــور پـــرپـــٿ.

۲ - چـڙهـــائـــي دار تـــي تـــو عشـــق تنهنجـــو،
سڏائـــي عـــاشـــقِ منصـــور پـــرپـــٿ.

۳ - اجـــا محفـــل ۾ تـــو نـــاهـــي گهـــرايـــو،
تيـــو آهيـــان اڳـــي مشهـــور پـــرپـــٿ.

۴ - اجـــا تـــي کيـــن آ عينـــي مـــلاقـــات،
رهيـــن صـــورت تـــي تـــو مغـــرور پـــرپـــٿ.

۵ - ٻُـــڌي منهنجـــو تـــون پيغـــامِ محبّـــت،
تيـــو آهيـــن وجـــي مستـــور پـــرپـــٿ.

۶- ڪتـــي تنهنجـــو ڪنـــدس ديـــدار، ورنـــہ،
جَـــلايـــان دل جـــو ڪـــوهِ طـــور پـــرپـــٿ.

۷- ڪتـــان آيـــو اَلائـــي تيـــرِ مـــژگـــان،
تيـــو آ زخـــمِ دل نـــاســـور پـــرپـــٿ.

۸- نـــہ آ صيّـــاد ظـــاهـــر، ڪـــٿَـــن اَڏامـــي،
تيـــو آ مـــرغِ دل ڪـــافـــور پـــرپـــٿ.

۹- ”رشيـــد“ آهـــي تيـــو نـــالي تـــي عـــاشـــق،
تڏهـــن يـــي تـــو رهـــي مهجـــور پـــرپـــٿ.

❁

ردیف ث

# نفس خبيث

(مفاعلن- فعلاتن- مفاعلن- فعلات)

۱ - ڪري نہ ڪنهن کي ڪڏهن تنگ شال نفس خبيث.
وڃائي ڪنهن جو نہ دنيا ۾ حال نفس خبيث.

۲ - بشر جو قلب ڪري قيد دامِ دنيا ۾،
مٽائي دل مان ٿو حق جو خيال نفس خبيث.

۳ - ريا ۽ مڪر جي تسبيح پنهنجي هٿ ۾ کڻي،
نبيﷺ جي دين ۾ آندو زوال نفس خبيث.

۴ - هِري ٿو غير جي سٽيي ٽڪر تي مثلِ سگان،
بنائي مرد کي جڳ ۾ ٿو زال نفس خبيث.

۵ - ڏيان ٿو نفس کي تشبيہ اُٺ پڪي سان مان،
ڪري ٿو پنهنجي غرض ۾ ڪمال نفس خبيث.

۶ - سڄي جهان ۾ ٿو ڪي بنائي ٿو رسوا،
گهٽائي تنهنجو ٿو جاه و جلال نفس خبيث.

۷ - هميشہ پنهنجي مخالف جو ٿو رهي دشمن،
رفيق پنهنجي سان آهي نهال نفس خبيث.

۸ - ڪري ٿو دل مان صفا دور صبر و استقلال،
ڪرائي سڀ جي اڳيان ٿو سوال نفس خبيث.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - ڏسان ٿو غير ڪي دل جي نگار خاني ۾،
ڇڏايو ذاتِ خدا جو جمال نفس خبيث.

١٠ - ڪيون حبيب جي جلوي جي ڪين ٿا پروا،
ڪرايو غير سان آهي وِصال نفس خبيث.

١١ - ڏسان نہ جنسِ حقيقت ٿو دل جي ديري ۾،
بچايو پِڙ ۾ رڳو آ پلال نفس خبيث.

١٢ - گهمي ٿو قلب جي صحرا ۾ خوڪ باطل جو،
کهائي حق جو ڇڏيو آ غزال نفس خبيث.

١٣ - سين کي مڪر و دغا جا پري ٿو ڏئي ساغر،
دغا جو ٻڌجي ڇُڪو آ گلال نفس خبيث.

١٤ - سڏائي پاڻ کي پيرِ مغان ٿو دنيا ۾،
ڪيو حرام کي آهي حلال نفس خبيث.

١٥ - پَٽي "رشيد" خدا نا مراد جون پاڙون،
پَرائي حرص جي آهي پَخال نفس خبيث.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ث

# ميراث

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيل)

۱- ڏسي قرآن ۾ معزوم ميراث.
ڪڏي هر حاڪم و محڪوم ميراث.

۲- پڙهي قرآن، چئو دل سان ته آهي،
ڪيو نياڻين کي ڇو محروم ميراث.

۳- پڙهي ڏس صاحبِ اولاد تاريخ،
ورهائي ڪئَن ويا معصوم ميراث.

۴- غضب آهي جو پٽ کائي ٿو حلوو،
عطا ذيءَ کي ڪئي آ ٿوم ميراث.

۵- پٽن کي ٿو ملي حصّو، ڪري ٿي،
نه حاصل دخترِ مظلوم ميراث.

۶- ملي ڇو ٿو فقط هڪ ڏر کي حصّو،
ڇڏي سڀ لاءِ ٿو مرحوم ميراث.

۷- ڪڏيو آهي اِمامن پاڻ ورثو،
ورهائن پير ۽ مخدوم ميراث.

۸- ڏجي نياڻين کي هر حالت ۾ حصّو،
اُماڻڻ گهرجي شام و روم ميراث.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- ڪـڏي بيـوه چڏن تـا گهـر ڪـان ٻـاهـر،
سنـدس ڄـڻ ڪيـن هئـي مقسـوم ميـراث.

١٠- ڪسـي زيـور ٻـه بيـوه ڪـان ونـن تـا،
تئـي اُن لاءِ تـي معـدوم ميـراث.

١١ - وصيّـت ڪـر سخـي! ورثـي جـي سـالـم،
متـان تـوڪـي سڏائـي شـوم ميـراث.

١٢- حيـاتـي پنهنجـي ۾ سـاري ڪٽنـب لاءِ،
ڪـري ڪـاغـذ ۾ وچ مـر قـوم ميـراث.

١٣- مسـائـل ديـن جـا ٻيـا سـڀ تـو ڄـاڻيـن،
فقـط تـوڪـي نـه آ معلـوم ميـراث

١٤ - وڏي ورثـي ڪـڏهن سـان تـي محبّـت،
سچـو اُلفـت جـو آ مفهـوم ميـراث.

١٥- بلـوچـن ڪـي ڏسـي اڄـاڻ جـڳ ۾،
"رشيـد" آهـي ڪئـي منظـوم ميـراث.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ث

# الغياث

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - ويو ڪُسي شبّيرؑ دشتِ ڪربلا ۾ الغياث.
تي چڪو ماتم بپا ارض و سما ۾ الغياث.

۲ - ڪين هو قابل ڪڍهن شمشير جي حلقِ حسينؑ،
پر مروّت هئي نہ شمرِ بي حيا ۾ الغياث.

۳ - ساقيِ ؑڪوثر جو جن اولاد آ پياسي ڪُٺو،
ڇا رکن اُمّيد اُهي مشڪلڪشا ۾ الغياث.

۴ - جن ڏنو شبّيرؑ کي باغي جو آ جڳ ۾ لقب،
تن خرابي آ ڏني جڻ مصطفىٰ ۾ الغياث.

۵ - جن زبان سان هو پڙهيو ڪلمو محمّدؐ مير تي،
تي ويا سي مبتلا قهرِ خدا ۾ الغياث.

۶ - دين دنيا لاءِ هو پنهنجو وڃايو عالمن،
تن گهٽايو ڪين آ مڪر و ريا ۾ الغياث.

۷ - امرِ احمدؐ کان زياده تي لڳن حڪمِ يزيد،
مست تي آيا سيئي جورو جفا ۾ الغياث.

۸ - دشمنانِ مرتضىٰؑ جا جيڪي آهن خيرخواه،
تپ چڙهي تو تن کي حيدر جي ثنا ۾ الغياث.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - جن دغا سان آ ڪيو مرغِ نبوت کي شهيد،
مرغِ ايمان تن جو اُڏري ويو هوا ۾ الغياث.

١٠- جن ڏنا تي بنت حاتم کي هزارين برقعا،
تن جو اڄ ويڙهيل نه آهي سر ردا ۾ الغياث.

١١- ڇا ڪيان ابنِ عليءَ جي پارسائي جو بيان،
پارسائي ڪانهي سا ڪنهن پارسا ۾ الغياث.

١٢- جنگ جو هرگز ارادو ڪين هو شبّيرءَ کي،
آل سوڙو ويو ڪُسي صبرو رضا ۾ الغياث.

١٣- آهه زنجيرن ۾ جڪڙيل تو ڇڪي اُٺ جي مهار،
آهه هيٺائي گهٽي زين العبا ۾ الغياث.

١٤- زينبِ دلگير تي آنسو وهايا خون جا،
درد ڇا هوندو دلِ خيرانسا ۾ الغياث.

١٥- تي ڇُڪو آ بي وفا سارو زمانو اي "رشيد"،
ڪين تي ڏسجي وفا ڪنهن آشنا ۾ الغياث.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ث

# ابدال و غوث

(فعولن- فعولن- فعولن- فعول)

۱ - مجن تا شریعت کي ابدال و غوث.
تا سمجهن حقیقت کي ابدال و غوث.

۲ - چڙهن تا شریعت پٺیان دار تي،
قبولن تا آفت کي ابدال و غوث.

۳ - لهائن تا کل جسم تان شرع لاءِ،
ٽڙن تا جهالت کي ابدال و غوث.

۴ - ٿین قتل تا راهِ حق ۾ مجي،
حسیني شهادت کي ابدال و غوث.

۵ - پین تا کڏهن کین پنگ ۽ شراب،
فنا کن تا بدعت کي ابدال و غوث.

۶ - سڏائن نه تا پاڻ کي سر بلند،
لکائن تا رفعت کي ابدال و غوث.

۷ - نه عزّت زماني جي کن تا قبول،
ڏسي حق جي عظمت کي ابدال و غوث.

۸ - رهن تا حقیقت جي نشي ۾ مست،
کري ترک دولت کي ابدال و غوث.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩ - رياضت تا ڪن ۽ نہ جڳ ۾ ڪڍهن،
ڇڏن تا عبادت ڪي ابدال و غوث.

١٠- مريدن ڪرڻ تي رکن تا نہ زور،
عيان ڪن تا وحدت ڪي ابدال و غوث.

١١- خوشامد پرستي ڪان آهن پري،
ڪڍين تا ڪدورت ڪي ابدال و غوث.

١٢- رهي تو عمل تن جو قرآن تي،
لهن تا سعادت ڪي ابدال و غوث.

١٣- نہ گهٽ ڪن تا خلقِ خدا تان ڪڍهن،
عنايت ۽ شفقت ڪي ابدال و غوث.

١٤- تعصّب ڪان آهن بري، تا مجن،
عليءَ جي فضيلت ڪي ابدال و غوث.

١٥- "رشيدا" عيان ڪن تا صبح و مسا،
جهان ۾ هدايت ڪي ابدال و غوث.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف پ

# ميلاپ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱ - اچي ڪر مونسان اي پُرنور ميلاپ.
ڪري دک درد دل جو دور ميلاپ.

۲ - تجّلي تنهنجي ناخن مان عيان ٿي،
ڪيو موسىٰ سان برقِ طور ميلاپ.

۳ - نہ آهي فڪر رهہ پل دور، توسان،
قيامت ۾ ڪندو مهجور ميلاپ.

۴ - نہ ڏي پرده نشين مِهٺو جو تنهنجو،
ڪرائي عشق ٿو مجبور ميلاپ.

۵ - سدا رهہ شمسرو ظاهر جو جڳ سان،
هميشہ سچ جو آ دستور ميلاپ.

۶ - رکي سر دار تي سردار ٿيو آ،
ڪيو آ دار سان منصور ميلاپ.

۷ - اگڻ منهنجو ٿيو آ رشڪِ جنت،
ڪيو آ مونسان رشڪِ حور ميلاپ.

٨ - نيــاز ۽ نـــاز جـــو آهـــي تفـــاوت،
كندو عاجز سان ڪٿَن مغـرور ميـلاپ.
٩ - رقيــب آهـــي پـري رو جـــي نـــہ لائــق،
پري سان ڪٿَن ڪندو لنگـور ميـلاپ.
١٠- جـــوانـــي عشـــق ۾ ســـاڙي زليخـــا ،
سندس مصحـف ۾ آ مـذڪـور ميـلاپ.
١١- تصـــوّر جـــي لڳـــائـــي دوربيـــن ڏس،
ڪنـدو ورنـــہ نـــہ هـو مستـــور ميـــلاپ.
١٢- پـڙهـي قـرآن ۾ ڏس قـــاب و قـــوسيــن،
نبيﷺ جـو حـق ســان آ مشهـور ميــلاپ.
١٣- ٿئـــي پيـــرو شـــريعـــت جـــو ســـدائيـــن،
نبيﷺ جـو جنهـن ڪـي آ منظـور ميـلاپ.
١٤- بحبـــل الله جميعـــاً جـــي مطـــابـــق،
رڪـــو الله جـــو مـــأمـــور ميـــلاپ.
١٥. "رشيدا" دوست جـو آهيـان مـان شـاڪـر،
سنـدس آهـــي ســـدا مشڪـــور ميـــلاپ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چُپ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱- ڪرائي حق جو تي حاصل لقا چُپ.
حقيقت ڪان نہ آ هرگز جدا چُپ.

۲- نہ ڪر تون ڪنهنجي عيبن جي شڪايت،
شڪايت ڪان رهي تو خود خدا چُپ.

۳- نہ پنهنجي نفس تي ڪر پروسو ڪو،
ڏنگڻ ڪان ڪٿي ڪندي آهي بَلا چُپ؟

۴- ڪُتي سان تي ڪتو پونڪڻ نہ گهرجي،
ڪميني وٽ ڪجي بي اِنتها چُپ.

۵- ڪري مرغِ هَوَس! وٽ شور و غوغا،
ڪرائيندءِ اچي تيرِ قضا چُپ.

۶- ڪندو بدنام هر جا غير توکي،
اگر رهندو تہ رهندو آشنا چُپ.

۷- لعابِ خضر آ منهنجي دهن ۾،
ڪري تي ڪٿي پيلا طبع رسا چُپ.

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - تئي تو "واذڪروا" جو امر هردم،
ڪندو ڪئَن شاعرِ رنگين نوا چُپ.

٩ - مري ويو آهه اڄ شايد ڪو عاشق،
زماني جي تڏهن آهي فضا چُپ.

١٠ - هُو آ پوڙو پُڏي تو کين هوريان،
متان محفل ۾ تئين بادِ صبا چُپ.

١١ - مري وينڊو سڏي توکي مسيحا،
تئي تو چو مريضِ لا دوا چُپ.

١٢ - تهِ خنجر وني دلبر جو نالو،
ڪجي مثلِ شهيدِ ڪربلا چُپ.

١٣ - وڏي فِتنو متان دينِ نبيﷺ ۾،
ڪئي آهي تڏهن مشڪلڪشا چُپ.

١٤ - متان مهديءَ هجي ساڳيو محمّدﷺ،
ڪئي هن ڳالهه ۾ آ مصطفىٰ چُپ.

١٥ - "جوابِ جاهلان باشد خموشي"،
"رشيدا" جاهلن وٽ رهه سدا چُپ.

ردیف پ

# پاپ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - بي خطا کنهن کي ستائڻ آهه پاپ.
پاڻ کي ڏاڍو سڏائڻ آهه پاپ.
۲ - چو بَڌيون سندرو تو چوري تي وتين،
بيکسن جو مال کائڻ آهه پاپ.
۳- چو پرائي حق پنيان ٿئين تو حرام،
بي حيا تي سر ويائڻ آهه پاپ.
۴ - اي وڏيرا چو سُريتون تو رکين؟
بي حيائي کي وڌائڻ آهه پاپ.
۵ - ڏيڍ چانور پنهنجو چو چاڙهين تو ڏار،
قوم پنهنجي سان ڦٽائڻ آهه پاپ.
۶ - پاڻ پنهنجن ۾ کميناڻي کري،
پنهنجي منهن ۾ ڌوڙ پائڻ آهه پاپ.
۷ - چاڻ هک الله کي حاجت روا،
غير وٽ مُرليون وڄائڻ آهه پاپ.

٨ . ڪر رذيلن جي نہ صحبت اختيار،
پاند ڏنگهرن سان اڙائڻ آهہ پاپ.

٩ . ٿي زماني ۾ نہ حاسد، چغل، چور،
ڪنهن جي عزت کي گهٽائڻ آهہ پاپ.

١٠ . زالِ دنيا جي محبت دل مان ڪڍ،
پنهنجي گهر ڏائڻ رهائڻ آهہ پاپ.

١١ . دشمني بدران بہ تون احسان ڪر،
دشمني جڳ ۾ وڌائڻ آهہ پاپ.

١٢ . صدق ڪنهن جي سان عداوت ڪين رک،
ڪنهن کي رستي تان هٽائڻ آهہ پاپ.

١٣ . ڇو خريدي ٿو وٺين آه غريب،
پاڻ پنهنجو گهر جلائڻ آهہ پاپ.

١٤ . هي هدايت ٿو ڪري توکي "رشيد"،
هوڏ ۽ هستي هلائڻ آهہ پاپ.

١٥ . نفس پنهنجو ڪُهہ رياضت ۾ "رشيد"،
نانگ کي لٽ کان بچائڻ آهہ پاپ.

ردیف پ

# چاءِ جو ڪوپ

(مفاعیلن-مفاعیلن-فعولن)

۱ - چڙي سُستي تہ تاري چاءِ جو ڪوپ.
۽ چستي تہ ڏياري چاءِ جو ڪوپ.

۲ - هيو گرمي ۾ گم ليڪن ورائي،
وري آندو سياري چاءِ جو ڪوپ.

۳ - وڌي ٿي جذبۂِ اُلفت جي تيزي،
بدن کي تہ پگهاري چاءِ جو ڪوپ.

۴ - جلائي بغض کي تہ دل ۾ فوراً،
چڙي تہ من کي ماري چاءِ جو ڪوپ.

۵ - رَهان تہ خيرپور ۾ ڪين مايوس،
سدا دل تہ ڏُتاري چاءِ جو ڪوپ.

۶ - اچي ٿا انجمن هوٽل تي ويهون،
نہ خالي تہ اُتاري چاءِ جو ڪوپ.

۷ - هجي خوشنود شل تاجِ محمّدؐ،
جو ناهي تہ پياري چاءِ جو ڪوپ.

٨ - وچان هوٽل ڪان تو پاسو ڪيون پر،
"هلي اچ" تو پُڪاري چاءِ جو ڪوپ.
٩ - حبيبن جي ٽئي تي گرم محفل،
چِڏي اندر تو ناري چاءِ جو ڪوپ.
١٠- حبيبا! غير ڪي چو تو پيارين،
رقابت ۾ تو ٻڳاري چاءِ جو ڪوپ.
١١- رقيب آيو ڏسي مونکي هليو ويو،
پياريو آ نہ ڪاري چاءِ جو ڪوپ.
١٢- پين تا چاءِ جي "حاجي" ۽ "حامي"،
تہ مونکي پي تو ساري چاءِ جو ڪوپ.
١٣- تيس دل ۾ زياده خوش، پياريو،
جي "ابراهيم" پاري چاءِ جو ڪوپ.
١٤- پيڻ ۾ ڪين ڪر تاخير هرگز،
تو نشئي ڏي نهاري چاءِ جو ڪوپ.
١٥- ڪراچي ۾ "رشيدا" ڪَر نہ ٻڪٽتي،
"نظامي" تو پياري چاءِ جو ڪوپ.

❀

ردیف پ

# نہ اڳتي ٽپ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

۱ - عنايت تنهنجي سان دل منهنجي جو ٽيو آهہ روشن گهپ،
ٿو پانيان جڻ مليو انعام آ چانڊي جو مونکي ڪپ.

۲ - مسيحا! نطق تنهنجي سان پوي ٿي جان مردي ۾ ،
خدارا ڪجهہ تہ تون ڳالهاءِ ماري چو ٿو ويهين مَپ.

۳ - وڃان چو محفلِ اغيار ۾ تنهنجي ڇڏي محفل،
اگر موجود آ حلوو تہ بصرن جو نہ آهي ڪپ.

۴ - بهار ۽ ابر ۽ دورِ شراب آهي ٿي هم بستر،
هجي اي يار! ساري رات تنهنجي چَپ تي منهنجو چَپ.

۵ - ٿئي ضايع محبّت ڪمسني جي ڪئَن ٿي اي دلبر،
ڇڏي ڪم عمر واري کي وڏي دقت سان ٿو دِق تپ.

۶ - پَڇي پيو آهہ گر پيالو تہ اُنجي ڪين آ ڳڻتي،
پيان ٿو ٻُڪ ۾ ئي ساقي! خوشي سان ڏي پَري هڪ لپ.

۷ - لغام اڄ وات پنهنجي کي خدارا جلد ڏيئي ڇڏ،
رقيبا! وات تنهنجي ماَن اڇي مونکي ٿي ٻُڇڙي ڏَپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - ويس تي بي وفا جي بزم ۾ ليڪن ڪڏي ليڪو،
چيو هن شوخرو مونکي "نہ هن ليکي ڪان اڳتي ٽپ".
٩ - پڇي دل تي سوين ٽڪرا مرمّت لاءِ ويس ليڪن،
چيو نجّار اُلفت جي تہ "هن کي ڪين لڳندو نپ".
١٠ - خيالِ زلف دل ساڙي جُنون تي سر ڏي موٽيو آ،
لڳي آ باهہ پاٽي کي چڙهيو آهي مُني تي سَپ،
١١ - ڪرين تو عشقبازي ۾ ملامت جو بہ پَو آهي،
ڏجڻ گهرجي نہ ڦهنگن ڪان جي پيرن کي تي وچڙي گپ.
١٢ - ڪٽي تو ڪمسني ۾ تيغ ابرو جي هو نازڪ تن،
ڪٽڻ گهرجي اَياٽي ٻار کي هرگز نہ هٿ ۾ ڪپ.
١٣ - وفا جي ڪين تي مرهم اڃي هن بي وفا کي هٿ،
چُناٽڻ لوڻ سان چاهي طبيبِ دل تو دل جو نپ.
١٤ - سدائين من جي مندر ۾ تو ويهي رام ريجهايان،
چوي تو عشق جو اوتار تان ستنام ويهي جپ.
١٥ - "رشيدا" راست گوئي ڪان ڇو دنيا ۾ تو ڪيٻائين،
رکڻ گهرجي خدا جو خوف ٻئي ڪنهن جو نہ رکجي ڊپ.

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# در بہ چُپ ديوار چپ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - اڄ دوا ڏسجي ٿي چپ، حاذق بہ چپ، بيمار چپ.
نبض چپ، خواهش بہ چپ، طاقت بہ چپ گفتار چپ.
۲ - آهہِ شايد بادِ خاموشي گهلي جو جڳ ۾ آهہِ،
باغبان چپ، گل بہ چپ، بلبل بہ چپ گلزار چپ.
۳ - سڀ جو اُڏري هوش ويو ۽ شوخ جي آمد کان آهہ،
مئي بہ چپ، مينا بہ چپ، ساقي بہ چپ ميخوار چپ.
۴ - جنَن کفن سر سان ٻڌي مقتل ۾ پهتس تنَن ٿيا،
تير چپ، نيزو بہ چپ، ڀالو بہ چپ تلوار چپ.
۵ - دل ڏئي کئَن حسن جي دولت ونان آ عشق ۾،
مشتري چپ، جنس چپ، بائع بہ چپ بازار چپ.
۶ - بزمِ جانان ۾ عيان کئَن حالِ دل ٿئي آ جڏهن،
در بہ چپ دربان چپ ديوار چپ دربار چپ.
۷ - بند حالِ يار آ جنگِ رقيبان کان ۽ آهہ،
ريڊيو چپ، تار چپ، خط پٽ بہ چپ اخبار چپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - حال پنهنجي ۾ رهان ٿو مست ۽ آهن سدا،
دوست چپ، دشمن بہ چپ، پنهنجا بہ چپ اغيار چپ.

٩ - تيرِ مژگان ۾ پروئي دل ڪٽي ويو يار، آهہ،
دل بہ چپ، بيدل بہ چپ دلڪش بہ چپ دلدار چپ.

١٠ - هجر ۾ سڙندو ڏسي، دلِ منهنجي کي فوراً ٿيا،
ڦوڪٽي چپ، باھہ چپ ۽ لوھہ چپ لوهار چپ.

١١ - شهرِ دل منهنجو ڏسي پرپور داغن سان، ٿيا،
مصر چپ، ملتان چپ، ڪابل بہ چپ، قنڌار چپ.

١٢ - ٿي چُڪا منهنجي تخيّل جي ڏسي تيزي "رشيد!"
برق چپ، طائر بہ چپ، گهوڙو بہ چپ هسوار چپ.

١٣ - ٿي چڪا آہ و فغانِ دل ٻُڌي هڪ پلڪ ۾،
دهل چپ، ڍولڪ بہ چپ، طبلو بہ چپ، ستار چپ.

١٤ - ثانيءِ مجنون ڏسي هرڪو ڊنو ۽ ٿي ويا،
وڻ بہ چپ، پٿر بہ چپ ۽ در بہ چپ، ديوار چپ.

١٥ - بيڪسي شبّير؏ جي تي آهہ چپ احمدﷺ "رشيد!"
آ حسن؏ چپ، فاطمہ؏ چپ، حيدرِ؏ ڪرّار چپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف پ

# تصویرِ تخیل

(مفاعیلن-مفاعیلن-فعولن)

۱ - ڪدي مونکي ڏي پنهنجي دلربا! چاپ.
نہ سيني کانِ کيان هرگز جدا چاپ.

۲ - اکين توکي ڏنو آهي نہ ليڪن،
ڪرايو توتي آ تنهنجي فدا چاپ.

۳ - ڪدايان پنهنجي سيني تي ها ليڪن،
شريعت تي بنا ئي نارو چاپ.

۴ - اڳي ميلاپ تنهنجي کان اي دلبر!
مصيبت ۾ کيو آ مبتلا چاپ.

۵ - اَلائي اِنتها چا وصل جي آ،
محبّت جي ڪئي آ ابتدا چاپ.

۶ - کيان ڪوشش تو ڳالهائڻ جي ليڪن،
نہ تي آهي نہ ٿيندي لب ڪشا چاپ.

۷ - بڻي آ بت پرستي ڪفر ورنہ،
بڻائن ها سوين پنهنجو خدا چاپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - رڪيان ٿو مون جي مندر ۾ لڪائي،
سڏائي پاڻ کي ٿي ديوتا چاپ.

٩ - ٿيان هن شڪل تي ڇو ڪين شيدا،
جڏهن آهي شبيهِ آشنا چاپ.

١٠ - جدا جاني نہ ٿئي مون کان "رشيدا"،
رهي مون سان ٿي هردم همنوا چاپ.

١١ - ڏسان ديدن سان ٿو هڪ دلربا کي،
ٻڌي مون لاءِ آ دارالهدىٰ چاپ.

١٢ - بقا حاصل اجا ڇو ڪين ٿيندي،
ڪيو آهي فنا کان اڳ فنا چاپ.

١٣ - مصوّر ڪنهن ڪڍي آهي نہ ليڪن،
ڪڍي منهنجي تخيلِ آ اها چاپ.

١٤ - طبيبا! ٻي دوا درڪار نا هي،
مريضِ وصل جي آهي دوا چاپ.

١٥ - مليو جي صاحبِ تصوير ٻئي کي،
"رشيدا" ڇا ڪندس خالي پَلا چاپ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف پ

# تپِ فرقت

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

١ - تنهنجي فراق جو تو ڪري بي قرار تپ.
هر ڪو چوي تو آهِ وڏو موتمار تپ.

٢ - سوز و فراقِ يار اچي دل ۾ جاءِ ڪئي،
دل مان هلي اکين ۾ ٿيو آشڪار تپ.

٣ - تون ڪوئيٽا ۾ سرد هوا ٿو جهٽين مگر،
مونکي ڪري هلاڪ ٿو هت بار بار تپ.

٤ - هجرِ وصالِ يار جو هر وقت ٿو ڪري،
شهباز بڻجي طائرِ دل کي شڪار تپ.

٥ - هي تپ نه آهِ جن ٿو فرقت جو پانئجي،
دل ۾ ڪري دخول ٿو بڻجي غبار تپ.

٦ - هن وقت دل کي ڳڻتي مسيحا جي آ لڳل،
تو موت جي مَلڪ جو ڪيو اِنتظار تپ.

٧ - اهڙي حساب دان جي مونکي هئي تلاش،
دل جي ڦٽن جو ويهي ڪري ٿو شمار تپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - ڪاوان ٽڪر ٿو دل جا پيان ٿو جگر جو خون،
مون لاءِ آهه ڪولي چڏيو روزگار تپ.

٩ - جئَن تپ وڌي ٿو تتَن ٿو اضافو وفا ۾ ٿئي،
اهڙو چڏي نه شال اي پروردگار تپ.

١٠ - ساقي جي ڪين گهرج رهي آهه مطلقاً،
ڏئي خمر ڪانسوا ٿو اکين کي خمار تپ.

١١ - تارن جي مثل چمڪي اُٿيا داغهائي دل،
سيرِ فلڪ ڪرائي ٿو ليل و نهار تپ.

١٢- فرقت جي تپ سان دال بشر جي نتي ڳري،
آهي ڪُنو فراق ۾ اسفنديار تپ.

١٣- جوش و جنون کان ڪئَن ٿو سلامت رهي دماغ،
آيو تي اسپِ عقل تي آهي سوار تپ.

١٤ - وقتِ الست سمجهي مسرت، فراق جو،
آهي ڪيو قبول دلِ داغدار تپ.

١٥ - قابضِ تپ فراق ٿو دل تي ڏسان "رشيد"،
آ تاجِ شاه کان بہ گهڻو شاندار تپ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هــڪ ٿــڦ

( مفعول - مفاعيلن مفعول مفاعيلن)

١ - اُستـاد حقيقـت جـي آ مـونکـي وٺـي هــڪ ٿــڦ.
هستـي مـان بنـايـو آ پيـرن جـي پٽـي هـڪ ٿـڦ.
٢ - هـي ٿـڦ نـہ ڪـري پـانيـان، آ ڏور محبّـت جــي،
اِن لاءِ اچـي تـي پٺـي، مـون ڏانهـن ٽٽـي هـڪ ٿـڦ.
٣ - تــو دوسـت ڪـي گـل جيڏو ايـذاءُ رسـي ليڪـن،
دشمن تـو ڪـري پـانـئي چـاليهـہ مَٽـي هـڪ ٿـڦ.
٤ - الفــت جــي حسينـــہ وٽ آ زور نـــہ ڪنهنجـــو، آ،
رستمر ڪـي محبّت جـي هنئي هـڪڙي جَٽـي هـڪ ٿـڦ.
٥ - اڄ نرم هٿن سان هـو منهـن منهنجـو ڪُٽـي تـو پيـو،
نـازڪ جـي ڏيـاري تـي ڏاڙهـي ڪـي ڦٽـي هـڪ ٿـڦ.
٦ - غيـــرن جـــي چمـــاٽـــن ڪـــان الله بچـــايـــو آ،
مـون لاءِ سجـڻ تنهنجـي آ فخـر بڻـي هـڪ ٿـڦ.
٧ - آ کيـر پگهـر تنهنجـي هـٿ جـو اي سجـڻ سـائيـن!
تـو مينهـن سڏيـان اُن کـي پـر پنـج ٽٽـي هـڪ ٿـڦ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸ ـ اُستادِ وفا! پل وڙهه ڇا ٿيو جي هنئي آهي،
شاگرد ڪي مڪتب ۾ اُستاد ڪٽي هڪ ٿڦ.

۹ ـ نخرا ٿو سهان تنهنجا، جو باغِ محبّت مان،
آمونکي لڳي منهن تي الفت جي چٽي هڪ ٿڦ.

۱۰ ـ صد شڪر ڪيان جانان! جو ڪاسهءِ رُخ ۾ آ،
خيرات عطا ڪئي آهي پنج ڪٽي هڪ ٿڦ.

۱۱ ـ گل تنهنجو به پٿر آ ڇا لاءِ جو پنهنجي جي،
دشمن جي تبر کان آهي تيز گهٽي هڪ ٿڦ.

۱۲ ـ پنهنجو ٿو اگر ماري ته به ڇانوَ ۾ ويهاري،
پرواه نه آهي جي هنئي راڄ ڏٺي هڪ ٿڦ.

۱۳ ـ اغيار جي آهن تي هن شوخ وٽان پُلجي،
هڪ منهنجي هدايت جي آ ڳالهه ڳٽي هڪ ٿڦ.

۱۴ ـ ڇو قوم جي ظالم کي هڪ ڏک سان نتا ماريو،
هو ختم ڪيو موسيٰؑ قبطي کي هٽي هڪ ٿڦ.

۱۵ ـ اُستاد "رشيد" آهيان ليڪن نه ڪڏهن وهندس،
پُل چوڪ ۾ به ٻارن کي ظالم تي هَٽي هڪ ٿڦ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# يار جي ٺـڪ

(مفعول مفاعيلن- مفعول - مفاعيلن)

۱ - عاشق جي محبت کي تازو ٿي ڪري هـڪ ٺـڪ.
منهن منهنجي تان ڪر دلبر هرگز نه پري هڪ ٺـڪ.
۲ - چشمن مـان وَهـي پـاڻـي دريـا تـو ٺـئي رُخ تـي،
دريـا ئي محبّـت ۾ پـل تنهنجـي تـري هـڪ ٺـڪ.
۳ - رُخ آهـِ پـريشـانـي جـي بـاهـِ جـو مـرڪـز تيـو،
جـڻ مثـلِ سمنـدر تـي آتـش ۾ ٻـري هـڪ ٺـڪ.
۴ - تيـو آتـشِ شـوخـي ۾ آ تنهنجـو بـدن پُختـو،
آهي نه ڪڏهن ممڪن جو تنهنجي ٺري هڪ ٺڪ.
۵ - رُخ منهنجي تـي وارن جـي آ ويءَ اي منـا سـائيـن!
ٿي مينهن منجهس گويا تنهنجي ٿي چَري هڪ ٺڪ.
۶ - هڪ ڏسجي نَيَستان تـو رُخ منهنجي تـي وارن ڪان،
آ خوف متـان تنهنجـي ڳـٽـيـن ۾ ڳـري هـڪ ٺـڪ.
۷ - اڄ منهنجي ڳلي لڳ تان دشمن جو ڪُٺيان سينو،
اي يار! سندس دل تي مُڳَ منهنجي ڏري هـڪ ٺـڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸ - ماراءِ نہ غيرن کان هٿ پنهنجي سان هڻ سهڻا!
ڏُک ٽيندو جي مونکي هنئي گنجي ۽ گري هڪ ٽڪ.
۹ - تو ناز سهان تنهنجا مونکي ٿي هڻڻ گهرجي،
ڪٿَن تنهنجي ٿي دشمن جي رُخ ڏانهن وَري هڪ ٽڪ.
۱۰ - هٿ پنهنجو پليدي سان چالاءِ پرين سهڻا!
آ غير جي بد رُخ تي هنئي تنهنجي پري هڪ ٽڪ.
۱۱ - گُل مثل هٿين چو تو رُخ منهنجي تي هڪ آگر،
هڻ زور سان منهن منهنجي تي يار پري هڪ ٽڪ.
۱۲ - مضبوط ٿي اي جانان! ڪُٽ زور سان منهن منهنجو،
چا ٿيو جي هنئي منهن تي ڪنهن سُست ڍري هڪ ٽڪ.
۱۳ - هٿ يار جي ڪي ڪَک سڏ منهن منهنجي ڪي مقناطيس،
منهن منهنجي تان آ مشڪل جو هن جي نري هڪ ٽڪ.
۱۴ - مان عيد تو سمجهان ۽ ڪپڙن ۾ نتو ماپيان،
نازڪ تو ٻِگلن منهنجن تي پاڻ ڌري هڪ ٽڪ.
۱۵ - صراف "رشيدا" تو ڪوٽو ۽ کَرو پرکي،
هنئي ڪين ڪڏهن آهي ڪوڙي ڪي کري هڪ ٽڪ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

(فاعلاتن- مفاعلن- فعلات)

۱ - رھہ تون خاموش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.
ڏار ڪو ھوش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

۲ - راز اُلفت جو، ڪين ظاھر ڪر،
زھر ڪر نوش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

۳- منھنجي عيبن تي پَردو وجھہ دلبر،
پَل وڏي جوش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

۴- منھنجون ڳالھيون ٻُڌي، نہ ٿي ناراض،
نہ ٿي روپوش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

۵ - جان بيشڪ وڃي، نہ راز ڪلي،
ٻنجي ھمدوش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

۶ - بيوفائي، گِلاءِ غيبت ڇڏ،
ٿي وفا ڪوش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

۷ - پَل محبت جو پي شراب، مگر،
ٻنجي مدھوش، ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

۸ - راز محرم "رشيد" جو ٿي رھہ،
ڇڏ نہ آغوش ڪڏ نہ ٻاھر ٻاڦ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كلامِ "رشيد"

# ڳجهه ظاهر نه ڪر

(فاعلاتن- مفاعلن- فعلات)

١- تـــي سيـــاڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.
رهــہ اُيـــاڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.

٢- ڇـــو وڃـــائيـــن تـــو عمـــر، جـــڳ ۾ تـــي،
عشـــق هـــاڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.

٣- ســـر سُکيـــو رک سيـــن جـــو سهـــہ تڪليـــف،
تـــي وهـــاڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.

٤- ڪيـن ڪنهـن ڪـان بـہ ڪنهـن جـي ڳجهـہ بـابـت،
ڪـــر پُڇـــاڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.

٥- ڪـــوڙ ڪـــي عشـــق جـــي ۾ رهـــہ هـــردم،
بنجـــي داڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.

٦- پنهنجـــي دل ڪـــي بنـــاءِ دنيـــا ۾،
غـــم جـــو ٿـــاڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.

٧- پيـــڙ عشـــاق ڪـــي مصيبـــت جـــو،
بنجـــي گهـــاڻـــو ۽ ڪـــيڏ نـــہ پـــاهـــر پـــاڻ.

## رديف ڦ

٨ - هجر جي بار ڪان اي عاشق دل!
پل تي ساڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

٩- ماهيءِ دل ڪي پَل اچي پڪڙي،
ڪو مهاڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

١٠ - تي شتر درد جو ۽ آفت جو،
ڪا ۽ لاڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

١١- رهہ سدائين تون پنهنجي ۾ پورو،
ڪر نہ ماڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

١٢- مثلِ منصور دل ۾ اُلفت جو،
ساڙ پاڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

١٣ - گنجِ دل ۾ سدا محبّت جو،
جوڙ ناڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

١٤ - سڪ نئون ڍنگ، رنگ دنيا جو،
ڇڏ پُراڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

١٥ - گهر "رشيدا" "اياز" سان گڏجي،
لاڙڪاڙو ۽ ڪڏ نہ ٻاهر ٻاڦ.

## ڪلامِ "رشيد"

# تورو نہ تڦ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١ ـ ڪين لڳ او بي وفا! منهنجي پنيان تورو نہ تڦ.
ڪين تو تنهنجي محبّت ۾ مران تورو نہ تڦ.

٢ ـ مون تہ تنهنجي "اُڙدو گڙدو" خوب ڄاڻان ٿو مگر،
تون نٿو منهنجي ڪڏهن سمجهين زبان تورو نہ تڦ.

٣ ـ زلفِ هندو جي پنيان مان ڇو ڇڏيان پنهنجو وطن،
توکي بخشي ڏئي خدا هندوستان تورو نہ تڦ.

٤ ـ تيس جواني ۾ ڪُراڙو هجر تنهنجي ۾ حبيب!
سڏ اَچايو ڪين هاڻي نوجوان تورو نہ تڦ.

٥ ـ تنهنجي سوزِ عشق آهن ڪيتريون ساڙيون دليون،
منهنجي دل جو پي جلائي ڇڏ مڪان تورو نہ تڦ.

٦ ـ منهنجي حالِ غم ٻُڌڻ ڪان تو نَٽايو تي اَڳي،
ڪين ٻُڌ هاڻي بہ دل جو داستان تورو نہ تڦ.

٧ ـ تو ڏئين خالي دلاسو ڏانهن ورنائين نہ تو،
بند منهنجي ڪين ڪر آه و فغان تورو نہ تڦ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ڦ

٨ - گهرج تنهنجي وصل جي دل ۾ نہ آ باقي رهي،
سوزِ فرقت ۾ بلاشڪ پيو سڙان ٿورو نہ ٿڦ.

٩ - پنهنجي چنبي ۾ نہ تون ڦاساءِ مونکي اي رقيب!
ٿو گهري شيطان پيي تو کان اَمان ٿورو نہ ٿڦ.

١٠ - باهہ ۽ پاڻي جي ٿي آهي نہ ٿيندي دوستي،
ٿي رقيبا! ڪين منهنجو رازدان ٿورو نہ ٿڦ.

١١ - بدگماني کي ڇڏي غمخوار منهنجو ڪين ٿي،
تا قيامت رهہ بلاشڪ رازدان ٿورو نہ ٿڦ.

١٢ - تلخ گو! شيرين سخن سان ڪر نہ هرگز همسري،
بند ڪر نامِ خدا پنهنجي زبان ٿورو نہ ٿڦ.

١٣ - گل ويو، گلشن ويو، گلچين ويو، ويو باغبان،
ڪر قفس کي پيي فنا بادِ خزان ٿورو نہ ٿڦ.

١٤ - مون مصيبت کان ڏجڻ وارو نہ آهيان مطلقاً،
رک اَجا جاري ستم اي آسمان ٿورو نہ ٿڦ.

١٥ - عشق جي مضمون ۾ ڇو بخل ڏارين ٿو "رشيد"،
لک محبّت جو سمورو داستان ٿورو نہ ٿڦ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اجايو تورو

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱ - ڏي ڇڏي او بي وفا منهنجي پڇر تورو نہ تڦ.
درد جي هاٿي نہ پُڇ مون کان خبر تورو نہ تڦ.

۲ - دردِ فرقت مان رهائي جي نہ آهي آرزو،
درد کان خوگر ٿيو آهي بشر تورو نہ تڦ.

۳ - درد کي تو عيش پانيان شام کي پانيان تو صبح،
تئي خوشي جو يا نہ تئي پيدا سحر تورو نہ تڦ.

۴ - وئي جواني هاٿي پيري ۾ تئين تو آشنا،
غير سان ڪر زندگي پنهنجي بسر تورو نہ تڦ.

۵ - باهہ ۾ ٿيو باهہ آهيان نار کي پايان تو خلد،
خانـۂ دل پيل هجي مثلِ سقر تورو نہ تڦ.

۶ - مون عدم ڏي خود بخود ويندس هليو او بي وفا،
مونکي گهرجي ڪين تو زادِ سفر تورو نہ تڦ.

۷ - ماهِ نخشب مثل تنهنجو حسن آهي بي بقا،
آسمانِ دل جو تون ناهين قمر تورو نہ تڦ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - هاڻي توکي منهنجي آهن جو ٿيو احساس آ،
منهنجي آهن ۾ نہ آهي ڪجهہ اَثر ٿورو نہ ٿڦ.

٩ - محفلِ اغيار ۾ تنهنجو هيو هردم قيام،
ڪين ٿي مهمان هاڻي منهنجي گهر ٿورو نہ ٿڦ.

١٠- وصل جي لالچ تي ڇو تنهنجي پٺيان پينو ٿيان،
ڇو ڪرائين ٿو تون مون کي دربدر ٿورو نہ ٿڦ.

١١ - عشق تنهنجو بي وفا دل مان اِجهو برباد ٿيو،
ڪاٿي ويو ديوار کي آهي ڪلر ٿورو نہ ٿڦ.

١٢ - تو اچين بهرِ عيادت يار سان گڏجي رقيب!
مون ڪندس تُنهنجون پَٽي پاڙون پَڌر ٿورو نہ ٿڦ.

١٣ - مونکي عزّت ٿي کپي گهرجي نٿي دولت جهجهي،
مان وهائڻ ٿو گهران پنهنجو پگهر ٿورو نہ ٿڦ.

١٤ - سنڌ جي صوبي ۾ هاڻي ڇو کيان مان نوڪري،
مان رياست ۾ ٿي رهندس ماستر ٿورو نہ ٿڦ.

١٥ - ٿي "رشيدا" يار جو يا ڪر وفا اغيار سان،
ياد رک منهنجو اِهو هڪڙو اکر ٿورو نہ ٿڦ.

❁

## رديف ج

# رنج

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - دشمن سان ڪين جڳ ۾ ٿئي ٿو عقيل رنج.
ليڪن رسائي پنهنجو ٿو بنجي ذليل رنج.
٢ - هر چيز آ مضر جي وڌي اِعتدال کان،
ڇو جو ڏسي جمال وٺان ٿو جميل رنج.
٣ - بدنسل جو ڪڏهن نہ منو ٿو ثمر ٿئي،
بدڪار کان هميشہ رهن ٿا اَصيل رنج.
٤ - خالق سان همسري نہ ڪري ها تہ بي شبہ،
فرعون تي ڪڏهن بہ ٿئي ها نہ نيل رنج.
٥ - پنهنجي برادري سان زماني ۾ خواه مخواه،
دنيا ئي دون جي لاءِ رهن ٿا رذيل رنج.
٦ - اوچ، نيچ جي سوال تي هندن کان ٿا رهن،
سنتال، مينگهواڙ ۽ گوندا ۽ ڀيل رنج.
٧ - قاسي ڏئي ٿو جيل جي بدران جَلي ڪري،
جج کي اگر ڪرائي ٿي ڪنهن جي اپيل رنج.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ . ڪـوڙو بنـائـي ڪيـس وجهـائـي تـو جيـل ۾ ،
پيسـي بنـا تـئـي تـو اگـر ڪـو وڪيـل رنـج.
٩ . دُنيـا ۾ سـب ڪـان رنـج تـي دنيـا رهـي مگـر،
ڪنهن ڪان ڪثير رنـج ۽ ڪنهن ڪان قليل رنـج.
١٠ . دنيـا مـوافقـت ۾ نـہ آهـي تـہ چـا ٿيـو،
شـل ڪيـن ٿئـي جهـان ۾ ربّ الجليـل رنـج.
١١ . ڪـر زنـدگـي ۽ مـوت پنهـي مـان نصيب هـڪ،
ورنـہ رهـي ٿـو تـوڪـان مسيحـا! عليـل رنـج.
١٢ . سـچ ڪـانسـواءِ ڪـوڙ تـي هـرگـز نـہ زور ڏي،
دعـوىٰ عطـا ڪـري ٿـي بغيـر از دليـل رنـج.
١٣ . تنهنجـي سخـائـي حسـن تـي نـاراض آ رقيـب،
رهنـدو سخـي جـي مـال ڪـان آهـي بخيـل رنـج.
١٤ . آهـي نـہ سک ڏنـو مـون يتيمـي ڪـان اي "رشيـد"،
مـولىٰ بنـائـي منهنجـو چـڏيـو هـو ڪفيـل رنـج.
١٥ . "حـامـي" "ايـاز" تنهنجـو ٿـا ديـوان ڪـن پسنـد،
تـو ڪـان ڪڏهـن "رشيـد" نـہ رهنـدو "خليـل" رنـج.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوش مزاج

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - آهي خدا جي ذات جو محبوب خوش مزاج.
ساري جهان جو سڏجي ٿو مطلوب خوش مزاج.
٢ - چشمن مان جنهن جي شرم وسي ٿو مثالِ ابر،
مثلِ عروس گهاري ٿو محبوب خوش مزاج.
٣ - خُلقِ عظيم شيوو نبيَن جو ٿا چون،
آهي رسولِ پاڪ ڏي منسوب خوش مزاج.
٤ - ايمان جي سلطنت جو شهنشاه سڏجي ٿو،
شيطان کي بنائي ٿو مغلوب خوش مزاج.
٥ - اُبتي ٿو بدمزاج جي ساري رَوش ڪري،
بد لاءِ آهي صنعتِ مقلوب خوش مزاج.
٦ - سڀ کو ٿو ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏئي سدا،
دشمن جي دل ۾ گهر ٿو ڪري خوب خوش مزاج.
٧ - گفتار سان بنائي ٿو شيدا ۽ سربلند،
آ خمرِ ارتفاع جو مشروب خوش مزاج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - جنّت ۾ خوش مزاج جو سهرو چوي ٿي حور،
سدره جي پن تي ڏسجي ٿو مڪتوب خوش مزاج.

٩ - هر عيب کان ٿي پاڪ رهي ذاتِ ڪبريا،
تاهم نہ آ گهٽو ڪري معيوب خوش مزاج.

١٠- تسخير ڪائنات ٿو هڪ پلڪ ۾ ڪري،
آ تيغِ بد زبان جو نہ مضروب خوش مزاج.

١١ - ڪينئَن جو روزگار بنايائين جسم ڪي،
خلقِ خدا ۾ اهڙو هو ايّوبؑ خوش مزاج.

١٢- سلطان ٿيو غلام منجهان ملڪ مصر جو،
رشڪِ قمر هو زينتِ يعقوبؑ خوش مزاج.

١٣- خوش خلق جي نصيب سان ڪنهن جي نہ آهِ ريس،
بنجي ٿو شاه صاحبِ جارُوب خوش مزاج.

١٤- دنيا ۾ بدمزاج رهي ٿو سدا ذليل،
هر دل بنائي پنهنجو ٿي مرغوب خوش مزاج.

١٥- خوش خلق تي خدا ٿو رهي مهربان "رشيد"،
روزِ جَزا ۾ هوندو نہ معتوب خوش مزاج.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ج

# سِج

(فعولن- فعولن- فعولن- فعو)

۱ - ٿيو آهِ ڪرڻن سان اِظهار سج.
ڪئي روشني آ نمودار سج.

۲- ٿيو آهِ مشرق کان اُنجو شعاع،
ڏنو آهِ دنيا کي ديدار سج.

۳ - فَلڪ تي ڪو هڪڙو نہ تارو رهيو،
ٿيو پنهنجي مسند تي نروار سج.

۴ - ڏجي نور کان آهِ اونده ڀڳي،
ڪيو ننڊ مان آهِ بيدار سج.

۵ - زماني جو چرخو وري ٿيو شروع،
ڏنو ڪنهن کي سُک ڪنهن کي آزار سج.

۶ - پکي، جيت، ماڻهو، مِرون ٿيا سجاڳ،
ڪيو سڀ کي ڪم لاءِ تيّار سج.

۷ - ڪيو برف ٽڪرن تي پگهرڻ شروع،
بڻيو آبپاشي جو مهندار سج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ ـ وڃي چور پنهنجن گهرن ۾ لِڪا،
ڪيو ڪين فوراً خبردار سچ.

٩ ـ شوالي ۽ مسجد، مڙهي ۾ ڪٺا،
ڪيا پير، پنڊت اڪيچار سچ.

١٠ ـ ٿڏي هير جا صبح جو ٿي گهلي،
ڪئي بند اُنجي ٻـ رفتار سچ.

١١ ـ رهي پاڻ هردم ٿو هڪ جاءِ تي،
گهمائي ٿو سيتار هروار سچ.

١٢ ـ ٿئي سچ تان صدقو ٿي ڏرتي سدا،
ڏئي ڪيس چڪر ٿو چوڌار سچ.

١٣ ـ ڏڪڻ ڏي روانو اوير ڪان ٿئي،
ڪري گم ٿو اولهه ۾ آثار سچ.

١٤ ـ اُتر ۾ رهي رات ٻي صبح جو،
سڏائي ٿو اوير ۾ سردار سچ.

١٥ ـ لٿو سج تہ آرات نڪتو تہ ڏينهن،
"رشيدا" زماني جو آيار سچ.

❁

ردیف ج

# حجّ

(مفعول فاعلات مفاعیل فاعلات)

۱ ـ توحِید جو تو جذبو کري آشکار حجّ.
هر بيقرار دل کي ڏئي ٿو قرار حجّ.

۲ ـ ٿي قصرِ اتحاد جي مضبوط ٿئي بنا،
مِلت جي کوٺ کي ٿو کري اُستوار حجّ.

۳ ـ شاه و گدا ۾ کين رهي ٿو ڪو امتياز،
هڪ جاءِ تي پڙهن ٿا اُخوّت شعار حجّ.

۴ ـ ٿو موقعو سخا جو ڏئي مالدار کي،
بي کار کي عطا ٿو کري روزگار حجّ.

۵ ـ اِسلام جو ٿو شان زماني ۾ ٿئي بلند،
دل مان ٿو بُزدلي جو وڃائي غبار حجّ.

۶ ـ ٿئي ختم اِختلاف فروعي جو ٿو فساد،
اِخوانِ لاءِ دل مان ڪڍي ٿو ڏڪار حجّ.

۷ ـ لطف و ڪرم ۽ مهر و محبّت جي تير سان،
مرغِ نفاق دل مان ڪري ٿو شڪار حجّ.

٨ - تعليم لاءِ دل ۾ تو جذبو ڪري ظهور،
جاهل کي علم تان تو بنائي نثار حجّ.
٩ - هر ملڪ جي تي صنعت و حرفت تئي عيان،
مسلم کي تو جهان ۾ ڪري ڪامگار حجّ.
١٠- مصري، عرب، پٺاڻ ۽ هندي بلوچ کي،
هڪ قوم ۾ ڪرائي ڇڏي تو شمار حجّ.
١١- عاداتِ بد جو قوم ڪري خاتمو تي پاڻ،
مسلم کي تو بنائي سچو دينددار حجّ.
١٢- ذوالحجّ جو مهينو اچي سال کان تو پوءِ،
سَڏ آ تہ "تئي حياتي ۾ ليل و نهار حجّ".
١٣- شاهِ نجف ڏسان ۽ ڏسان ڪربلا اڳي،
مونکي ڪرائي بعد ۾ پروردگار حجّ.
١٤- زوّار بنجي حجّ کان فارغ تي فوت تيان،
زان بعد قبر ۾ بہ ڪيان بار بار حجّ.
١٥- تئي غيب کان مدد کا عنايت "رشيد" کي،
ورنہ ڪرائي ڪين تو سَگھو پگهار حجّ.

# پهاج

(فعولن- فعولن- فعولن- فعول)

۱ - تـــي آهـــي اچـــي گهـــر ڏيـــاڻـــي پهـــاج.
سڏي مـونکـي تـي نـوکـريـاڻـي پهـاج.
۲ - غصـــب منهنجـــا تـــي ويـــا سمـــورا حقـــوق،
جـــي آ مـــڙس راڻـــو تـــہ راڻـــي پهـــاج.
۳ - جي خـاونـد سـان خلـوت گـزيـن تـي تيـان،
تـہ اُن وقـــت پـــي آهـِ ســـاڻـــي پهـــاج.
۴ - زبـــان كـــار آهـــي ۽ بـــاري تـــي پٺـــي،
بجـــا تيـــل جـــي روز پـــاڻـــي پهـــاج.
۵ - نـــہ سهـري ۽ ســـس ســـان بـــہ آ ســـازبـــاز،
كـــري گفتگـــو تـــي رنـــاڻـــي پهـــاج.
۶ - كنـدي كـك پيچـــي آ نـــہ بيٺـــو كڏهـــن،
كڏهـــن كـــٽ بـــہ آهـــي نـــہ واڻـــي پهـــاج.
۷- سُكـــن ۾ تـــي گهـــاري ڏكـــن جـــي مگـــر،
كڏهـــن سيـــج آهـــي نـــہ مـــاڻـــي پهـــاج.

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - رهي گهر ۾ هردم تو جهيڙو ڪروڌ،
مِلي آهِ مونکي اياڻي پهاج.
٩ - سُني شئي جي گهر ۾ ڪا آئي ڪٽي،
تہ پيڪن ڏي هڪدم اُماڻي پهاج.
١٠ - رڳو ديد هڪڙي طرف ڏي اٿس،
ڪبي اک ڪان ٿي آهِ ڪاڻي پهاج.
١١ - ڪميني ڪي ڇا قدر عزّت جو آ،
اُٿي روز ڪورين جي تاڻي پهاج.
١٢ - گلن سان نہ اُلفت رکي ٿي ڪڏهن،
ٿئي ٿي جي ڪنهن جي مهاڻي پهاج.
١٣ - وڃي ڪوهہ جي پَوتري ۾ پلي،
ڪيان تو ڪان ٿي موڪلاڻي پهاج.
١٤ - اِها نفس ۽ روح جي ڳالهہ آ،
متان سمجهو پي ڪا نماڻي پهاج.
١٥ - وڃي چئو تون روحي اُدي کي "رشيد"،
تہ ٿيندي نہ تنهنجي سياڻي پهاج.

ردیف ج

# علاج

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - ڪين ڪر منهنجو تون اجمل خان لاهوري علاج.
ڏي چڏي اي جيڪب آبادي ۾ ڪشموري علاج.

۲ - منهنجا ناخن ڪين لهرايو پٽيان انگورِ زخم،
هم نشينو ڇو ڪرايو منهنجو تا زوري علاج.

۳ - وصل سان حاصل رڳو صحّت نہ ٿيندي اي حڪيم!
دردِ هجران جو مگر آ يار جي لوري علاج.

۴ - رشتئہ اُلفت ٽُٽڻ وارو نہ آ اي هم نشين!
جي هجي ٽاٽي تہ پل اُنجو ڪري ڪوري علاج.

۵ - غير جي اُلفت ڪيڻ جي لاءِ ڪيِ سوراخِ دل،
آهہ بدبودار پاٽي واسطي موري علاج.

۶ - دشمنِ اُلفت ڪي دنيا ۾ سگهو برباد ڪر،
آهہ اهڙي ديوِ دل جو زهر جي پوري علاج.

۷ - نفس سرڪش جو رياضت سان ڪري ڇڏ خاتمو،
جي ڪُتو ٿئي تو ڇتو تان اُنجو آ گوري علاج.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨. آ ڳجهو دل جو مَرَض ظاهر حڪيمن وٽ نہ ڪر،
درد جي دارون سان زخمِ دل جو ڪر چوري علاج.

٩. رشڪِ گل جي هجر ۾ مونکي مرڻ ڏي حاذقا!
بلبلِ بيمار جو ڪٿَن تي ڪري پوري علاج.

١٠. هر مرض جي واسطي جڳ ۾ مسيحا! بي گمان،
آهہ تنهنجي درد جي بالڪل دوا ٿوري علاج.

١١. غم نہ رک پنهنجو امانت تنگ ظرف آهن رقيب،
درد جي اسباب جو آ منهنجي دل پوري علاج.

١٢. هڪ بلوچ آهي نہ بيوس پر ڪرائڻ ٿا گهرن،
شيخ ۽ ڪوري ۽ خوجا، ميمڻ ۽ بوري علاج.

١٣. ڪشتِ دردِ دل کي ڏي چشمن جو پاڻي عام جام،
چانورن جي فصل جو پاڻي جي آ ڊوري علاج.

١٤. ڪين آ پهتو مسيحا ويس مري هاڻي "رشيد"،
آهہ منهنجي لاش جو چادر اڇي ڪوري علاج.

١٥. اِئَن رقيبن جي تڪبّر جي دوا ڪر جئَن "رشيد"،
راجپوتن جو ڪيو هو غزنوي غوري علاج.

ردیف ج

# عشق منصوري جو ٻج

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - زارعِ اُلفت ڇٽيو هن دل ۾ مجبوري جو ٻج.
درد جو غم جو اَلم جو رنج، مهجوري جو ٻج.
٢ - ڇو نہ منهنجو رازِ اُلفت ٿئي جهان ۾ آشڪار،
آپيل دل جي زمين ۾ عشق منصوري جو ٻج.
٣- حُسن وارن کان ڪڏهن ٿيڻي نہ آ جڳ ۾ وفا،
ڪينڪي پيدا ڪندو آهي ڪَدو تُوري جو ٻج.
٤- جو بہ سهڻو ٿو لنگهي سو منهن لڪايون ٿو وڃي،
ملڪ هن ۾ پيو ڪڏهن ڪان آهِ مستوري جو ٻج.
٥ - قصرِ اُلفت تنهنجي تو دل ۾ بَنايان بي وفا!
ڏس تہ ڪئَن ٿو رنگ لائي منهنجي مزدوري جو ٻج.
٦ - ويو شجر بنجي وفا جو، هو ازل جي روز کان،
دل تماچي جام جي ۾ اُلفتِ نوري جو ٻج.
٧ - تيغِ ابرو جو ڏنو پاڻي تو آ دل کي سجڻ!
ڇَٽ اچي هاڻي خدارا مسلم ڪافوري جو ٻج.

٨ - فصل تنهنجي قرب جو مان ڪٽَن ڪٽي سگهندس ڀلا،
تو ڇٽيو دل جي زمين ۾ آ جڏهن دُوري جو ٻج.

٩ - مثل گِدري جي پڪڙجي داغهائي دل ويا،
تو تہ هو پوکيو ڪِري دل جي تي رنجوري جو ٻج.

١٠ - تون بشر آهين ۽ تنهنجو خاڪساري آهہ ڪم،
حِلم جي گلشن ۾ پوکين ڇو تو مغروري جو ٻج.

١١ - اشڪهائي چشم جي دريا جو پاڻي دل ۾ آڻ،
ڇٽ اچي دل جي زمين ۾ زخم ناسوري جو ٻج.

١٢ - نڪري باغِ حسنِ جانان مان سگهو وڃ اي رقيب!
ڇو جو تون پوکين تو هر جا پنهنجي لنگوري جو ٻج.

١٣ - تون دغا دل ۾ تو ذارين ڪٽَن ڪندين مون سان وفا،
ڪٽَن گجر پيدا ڪري تو باغ ۾ مُوري جو ٻج.

١٤ - يار جي محفل ۾ تون ويهڻ خُلاصو تو گهرين،
انڪري پوکين تو منهنجي لاءِ مفروري جو ٻج.

١٥ - قبر تنهنجي روضئہ رضوان ڪان وَڌ ٿيندي "رشيد"،
پوک دنيا ۾ اگيئي پنهنجي مغفوري جو ٻج.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماهِ رمضان

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - آيو آهي ماهِ رمضان رحمتِ رحمان جو گنج.
فيض جو انعام جو توحيد جو عرفان جو گنج.

۲ - دين جي ٿي فتح ۽ لئجي ويو لاريب فيه ط،
شرڪ جو ۽ ڪفر جو بدعت جو ۽ شيطان جو گنج.

۳ - منڪرانِ دين ۾ سارو ويو تقسيم ٿي،
درد جو غم جو اَلم جو رنج جو حرمان جو گنج.

۴ - آهِ دنيا لاءِ نعمت، ڪين هڪ آهي رڳو،
چين جو، جاپان جو، رشيا جو پاڪستان جو گنج.

۵ - تا اَبَد هرگز کٽڻ وارو نه آ الله جي،
دوست جو دلدار جو محبوب جو مهمان جو گنج.

۶ - آهِ ڪافي اُمَتِ خيرالبشر جي واسطي،
هِن سخي جو، شاه جو سردار جو سلطان جو گنج.

۷ - هن ڪان منڪر ڪين ٿيو، آهي اِهو الله جي،
امر جو، اِرشاد جو ۽ حڪم جو فرمان جو گنج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - رحمتہ اللّعالمين ڪان مؤمنن کي آ مليو،
اِتّقا جو علم جو اعمال جو اِيقان جو گنج.

٩ - آ اِهوئي ماهِ رمضان اي مجاهد فيض ۾،
حشر جو دنيا جو ۽ عالم جو ۽ اِمڪان جو گنج.

١٠- سلطنت جنّت جي ۾ آهي اِهو ماهِ صيام،
مؤمنن جو حور جو غلمان جو رضوان جو گنج.

١١- مؤمن ۽ ڪافر ۽ ظالم ۽ سخي کي آ مليو،
حقّ جو باطل جو اِستبداد جو اِحسان جو گنج.

١٢- منڪرِ نعمت ۽ غافلِ، بد ۽ جاهلِ آ لڌو،
بُک جو غفلت جو ڪمينائي جو ۽ نسيان جو گنج.

١٣- آ غنيمت مسجدن ۾ مؤمنن جي واسطي،
ذِڪر جو تسبيح جو تبليغ جو قرآن جو گنج.

١٤- مرحبا صد مرحبا! آئين ڪٿي ماهِ صيام،
صدق جو ۽ عدل جو ۽ صبر جو ايمان جو گنج.

١٥ - زندگي ڪُٽندي "رشيدا" پر نہ ڪٽندو تا قيام،
عشق جو، غربت جو، بدقسمت جو ۽ ديوان جو گنج.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماءُ جي هنج

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١ - جهان ۾ آهِ جنت ماءُ جي هنج.
خدا جي آهِ نعمت ماءُ جي هنج.
٢ - ٿئي خالي نہ ڪنهن ڪان ڪمسني ۾،
خدايا رک سلامت ماءُ جي هنج.
٣ - بنائي پار ڪي معبودِ اُلفت،
ڪندي آهي عبادت ماءُ جي هنج.
۴ - ٿي سڄي زندگي جو درسِ اوّل،
وَڌائي ٿي فضيلت ماءُ جي هنج.
۵ - ڪو ڪاذب ٿو ٿئي ۽ ڪنهن ڪي حاصل،
ڪرائي ٿي صداقت ماءُ جي هنج.
٦ - ڪري ٿي ڪنهن ڪي پينو ڪنهن ڪي جڳ ۾،
ڏياري ٿي حڪومت ماءُ جي هنج.
٧ - هيا جيڪي بہ جوڌا تِن ڪي جڳ ۾،
عطا ڪئي آ شجاعت ماءُ جي هنج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - مـلي آ ڪنهـن ڪـي لعنـت، ۽ ڪئـي آ،
عطـا ڪنهـن ڪـي اِمـامـت مـاءُ جـي هنـج.

٩ - حسيـن ؑ ابـنِ عـليؑ ڪـي راهِ حـق ۾،
ڏسـي آهـي شهـادت مـاءُ جـي هنـج.

١٠ - اَرسطـو مثـل ٻـارن جـي جهـان ۾،
سنـواري تـي ليـاقـت مـاءُ جـي هنـج.

١١ - ڪـري فـرعـون پـاري ڪـي تـي جـڳ ۾،
خـلافِ ذات وحـدت مـاءُ جـي هنـج.

١٢ - وسـي تـي طفـلِ مـؤمـن تـي هميشـه،
خـدا جـي بنجـي رحمـت مـاءُ جـي هنـج.

١٣ - هجـي شـل ڪيـن ڪنهـن جـي مـاءُ جـاهـل،
بگـاڙي تـي طبيعـت مـاءُ جـي هنـج.

١٤ - پـڙهـايـو علـم زالـن کـي مسلمـان!
تـہ بڻجـي فخـرِ ملـت مـاءُ جـي هنـج.

١٥ - اهـو آ زنـدگـي نـاهـڻ جـو سـانچـو،
"رشيـدا" آهِـہ عبـرت مـاءُ جـي هنـج.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ج

# ”چار پنج اشعار“

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - مون وٽ ڪي ڏينهن گهار اي دلدار چار پنج.
ليڪن نه آڻ پاڻ سان اغيار چار پنج.

٢ - هڪڙو هجي ته اُن تي ٽئي دل ڪي اِعتبار،
مون سان ڪرين ٿو روز تون اِقرار چار پنج.

٣ - خالي شهيد مونکي نه ڪر قتل گاهه ۾،
ڪر بدگمان رقيب به مُردار چار پنج.

۴ - مجنون ڪي ڪر رِها ته ٿري دشت ۾ وڃي،
پيرن ۾ پل ته ڪيس لڳن خار چار پنج.

۵ - درد ۽ فغان وغيره چِڪن دل تا پاڻ ڏي،
هڪ دل بنائي پنهنجا تي مختار چار پنج.

٦ - دل ۽ جگر ۽ سينو ۽ سر و جسم تا سڙن،
آهن فراقِ يار ۾ بيمار چار پنج.

٧ - هڪ جو تجي ۽ هڪ جي اِطاعت ڪجي قبول،
تين تا نه هڪڙي قوم جا سردار چار پنج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - هڪڙي جي لاءِ چٽڻ ۽ پنجڻ ۾ ڪين وڙهه،
تنهنجو پسند ڪن ٿا نہ تڪرار چار پنج.
٩ - دل آهہ هڪ ۽ هڪ سان رکي ٿي معاملو،
دلِ جا ٿين ٿا ڪين خريدار چار پنج.
١٠ - هڪ ملڪ ۾ بہ شاهہ ڪڏهن گڏ نٿا رهن،
ليٽن ٿا هڪڙي کپڙي ۾ نادار چار پنج.
١١ - تو رحمتِ خدا کي اچي جوش زود تر،
گڏجي دعا گهرن ٿا جي بدڪار چار پنج.
١٢ - اڄ ڪنهن نہ ڪنهن غريب جو ٿيندو جُهڳو تباهہ
ڏسجن ٿا ڪي پوليس جا هسوار چار پنج.
١٣ - سچ پيي وڃي تو ڪوڙ ۾ ٿي جذب اي "رشيد"،
گمراهہ ڪن ٿا هڪڙي کي عَيّار چار پنج.
١٤ - بادِ صبا اِجهو ٿي رواني ٿئي "رشيد"،
لک يار ڏي ڪي درد جا تُومار چار پنج.
١٥ - ايندين مرڻ کان بعد بہ تون ياد اي "رشيد"،
پڙهندو جي دل سان تنهنجا ڪو اَشعار چار پنج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ج

# تخت نبيؐ جو تاجدار

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

١- ديدار پنجتن جو اتم انتظار اج.
ڏي بيقرار دل کي الهيٰ قرار اج.

٢- هن طائرِ خيال کي پرواز کر عطا،
شاهِ نجف جي آڏو کيان جئن پُڪار اج.

٣- ڪل بلبلِ فراق ڏسي باغ وصل جو،
بدران خزان جي آڻ خدايا بهار اج.

٤- بنتِ اسد مان آهه اسد جو ٿيو ظهور،
ٿي ويو شگاف ڪعبهءِ ديوار دار اج.

٥- عزيٰ منات ولات ٿيا سر نگون شتاب،
دوشِ نبيؐ تي آهه عليءِ ٿيو سوار اج.

٦- ٿيو امر ڪر دگار جو يومِ غدير ۾،
تختِ نبيؐ جو آهه عليءِ تاجدار اج.

٧- احمد ۽ اُنجي آل تي صلوات پڙهه "رشيد!"
لعنت عدو تي اُنجي ڪجي بي شمار اج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کلامِ "رشيد"

# فاعل ۽ مفعول

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١- خط تيو آ يار جو موصول اڄ.
تيس خدا جي شڪر ۾ مشغول اڄ.
٢- يار جي ديدار کان رهندس نه هي،
منهن لڳو آهي عدو مجهول اڄ.
٣- غير کان ٿا نوش ڪن جامِ شراب،
ويو ٿِري رندن جو آ معمول اڄ.
٤- آهه مڪتب ۾ بہ گردانِ فساد،
آ اَٿي يي فاعل ۽ مفعول اڄ.
٥- زخمِ دل جو آ وري ٿا ڪو ٽٽو،
ڪئي خدا آهي دعا مقبول اڄ.
٦- سيفِ ابرو سان ڪُهي ڇڏ دلربا!،
ڳالهه توکي تو چوان معقول اڄ.
٧- جاءِ منهنجي غير کي آهي مِلي،
نوڪري تان ٿي چڪس معزول اڄ.
٨- چو اجا زنده گذارين تو "رشيد"،
ناز جي خنجر سان ٿي مقتول اڄ.

❁

ردیف ج

# اجوڪي ڳالهہ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١- قوم تئي هڪ ٻئي ۾ شهد و شير اڄ.
سڏجي تو نسخو اهو اڪسير اڄ.

٢- ياءُ پنهنجي ياءُ کان بيزار آ،
اهڙي گنبد جي گهلي آ هير اڄ.

٣- ليڊرن کي آهہ ڳڻتي پيٽ جي،
پيڙجي تي قوم بي تقصير اڄ.

٤- تو فتاويٰ ڪفر جون مفتي ڪڍين،
پاڻ کي پي ڏي ذرا تعزير اڄ.

٥- خضر بنجي رهبري ڪر قوم جي،
قوم تي ڏيکارجي دلگير اڄ.

٦- مرد ۽ زالون ڪيو گڏجي جهاد،
ڏيو ڇڏي تانيث ۽ تذڪير اڄ.

٧- اڳ تہ سيڪو تي ويو ڪشمير ڏانهن،
پر وڃي ڪوئي نہ تو ڪشمير اڄ.

٨- نطق تنهنجي سان تي لرزيو آسمان،
بي اثر پنهنجي نہ ڪر تقرير اڄ.

## ڪلام "رشيد"

٩- چو نہ تو مانوس آزادي کان ٿئين،
ڪر غلاميءَ جا ڦٽا زنجير اڄ.

١٠- نشئہِ توحيد سان سرشار ٿي،
ترڪ ڪر وِسڪي، برانڊي بير اڄ.

١١- پئي ڊهي ديوار آهي دين جي،
قصرِ ملت ڪر وري تعمير اڄ.

١٢- ٿي چُڪو برباد آ جاه و جلال،
ڪر عيان اِسلام جي توقير اڄ.

١٣- قطع ڪر اُن سان ڪلام ۽ خوردو نوش،
جانِ غدارِ وطن خنزير اڄ.

١٤- ڏار همّت ڏوهہ قسمت کي نہ ڏي،
خود سلامي تنهنجي آ تقدير اڄ.

١٥- دفترِ اغيار آتش ۾ جلاءِ،
ڪر رقم قرآن جي تحرير اڄ.

١٦- آهہِ تنهنجي واسطي ڪون و مڪان،
ڪر سڄو عالم وري تسخير اڄ.

١٧- ٿي سياڻو وٺ ديانت جو جلاب،

## رديف ڄ

پيٽ مان ڪڍ رشوتي جو گير اڄ.

١٨ - پائرن ڪي پنهنجي دل جو خون ڏي،
ڪر سِڌي اغيار تي شمشير اڄ.

١٩- ڪر عيان دنيا ۾ شانِ مصطفيٰ،
ڪر نہ پنهنجي دين جي تحقير اڄ.

٢٠- تي مجاهد، تي ڦري چشمن اڳيان،
روضہءِ رضوان جي تصوير اڄ.

٢١- جڳ ۾ روشن دل تي ۽ ٿئي جابجا،
جلوه گر ايمان جي تنوير اڄ.

٢٢- آهہ رت تنهنجن رڳن ۾ بغض جو،
تي سگهو ڇوڙاءِ پنهنجي سير اڄ.

٢٣- بلبلِ اِيمانداري پالجي،
هڻ ڪدورت جي ڪبر ڪي تير اڄ.

٢٤- فرقہ بندي کي فنا ڪر اي "رشيد"،
پڙهہ "بحبل الله" جو تفسير اڄ.

٢٥- سِک خطا پوشي جو قرآن کان سبق،
ڪنهن جي عيبن جي نہ ڪر تشهير اڄ.

٢٦ - آ مـلي آزادگـي تـون پـي ذرا،
ڏي مُـريـدن کـي رهـائـي پيـراج.

٢٧ - ڪـو ڪـو رانجهـو تـو سڏائـي پـاڻ کـي،
زور سـان سيڪـا تـي سڏجـي هيـراج.

٢٨ - تـرڪ ڪـر اغيـار جـي الفـت "رشيـد"،
شـاه حيـدر جـو تـي دامـن گيـراج.

٢٩ - "چي" "سجي دنيـا تـي تينـدس حڪمـران"
ڪـر تـون پنهنجـي خـواب جـو تعبيـراج.

٣٠ - آهـ پـاڪستـان، چـورئ ڪـان تيـن،
بنـد شـاهـو خـان ۽ شهميـراج.

٣١ - تيـا رِهـا آهـن رڳـو سـرمـايـه دار،
پنهنجـي آزادي جـي ڪـر تـدبيـراج.

٣٢ - جـي ڏسـان دنيـا ۾ اصحـابِ ڪهـف،
تـان سنـدن ٻچـان وجـي قطميـراج.

٣٣ - خيـرپـور اسٽيـٽ ۾ مـوٽـي "رشيـد"،
تـا ڏسـون چشمـن سـان پنهنجـو ميـراج.

## رديف ج

# حمايتِ پاڪستان

(فعلن- فعلن- فعلن- فعلن- فعلن- فعلن- فعلن- فعلن)

۱ - تعميرِ وطن سان رک رغبت ٿي حامي پاڪستان جو اڄ.
ڪر پيش سڄي دنيا جي اڳيان قانون فقط قرآن جو اڄ.
۲ - هڪ ملڪ هجي، هڪ قوم هجي، اوچ نيچ جو جهڳڙو ڪونہ رهي،
هر مسلم دل سان قائل ٿئي "واعتصموا" جي فرمان جو اڄ.
۳- ٿئي فرقہ پرستي ختم سکهو هڪ قوم مسلمان سارا ٿين،
ٿي ناهہ رهي پنجاب ۽ سرحد، سنڌ بلوچستان جو اڄ.
۴ - آ ملڪ مسلمانن جو گڏيل هڪ ڏر جي نہ آهي ملڪيّت،
آ گوڙ اَجايو ڪراچي جو لاهور جو ۽ ملتان جو اڄ.
۵ - سڀ هڪڙي زبان تي حاوي ٿين مفهوم سڀن جو هڪڙو هجي،
ٿئي قدر اسانجي پاڪستان ۾ اعلىٰ اُردو دان جو اڄ.
۶- جي ڪن ٿا قوم سان غداري بندوق جي منهن ۾ تن کي ڏجي،
اُن باغي کي برباد ڪجي جو دشمن ٿئي سلطان جو اڄ.
۷ - اعدائي وطن کي ختم ڪجي ٿئي پاڪ اسانجو پاڪستان،
جو بڻجي ٿو غدارِ وطن سو نانو آ شيطان جو اڄ.

٨ - نالو نہ رهي ڪو رشوت جو هر شخص ديانتدار ٿئي،
هر هنڌ عَلمِ اظهار ٿئي اِسلام جو ۽ ايمان جو اڄ.
٩ - دنيا ۾ عدالت عام ٿئي ڪنهن سان نہ ٿئي ڪو جبر و ستم،
قاتل نہ زماني ۾ ڪو ڏسون اِنسان ٻچو اِنسان جو اڄ.
١٠ - تدبيرِ سياست ۾ نہ ڪڏهن مايوس سياستدان ٿين،
هر وقت مسَرت دل ۾ هجي هي دَور نہ آ حرمان جو اڄ.
١١ - مصري ۽ عرب ۽ ترڪ ملي پاڪستانين سان سڀ پيار رکن،
اِعلانِ اِعانت ٿئي ظاهر افغانن ۽ اِيران جو اڄ.
١٢ - الله جو شڪر آهي، جو لڳي آ قوم جي ڪشتي ساحل سان،
ڪو خوف نہ آهي موج جو ۽ گرداب جو ۽ طوفان جو اڄ.
١٣ - ڪر ياد اڳوڻو شان ذرا سو شان وري تو موٽي ملي،
چو توکي وٺي ويو آهِہ مَرَض اي خستہ دل! نسيان جو اڄ.
١٤ - ڪشمير، فلسطين کي تہ ڇڏيو دنيا کي ڪنداسين فتح اَسان،
هڪ اونو دل ۾ آهِہ اَسان کي قائد جي اِعلان جو اڄ.
١٥ - وهہ واهہ "رشيدا" تنهنجو سخن تو قوم جو جذبو جاڳائي،
مداح ڏسون ٿا هر ماڻهو هن تنهنجي نئين ديوان جو اڄ.

❀

# جورِ فَلَڪ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱ - اي فلڪ! ايڏو نہ ڪر بيداد اڄ.
ڪين ڪر برباد ڪي برباد اڄ.

۲ - ڇا فلڪ تنهنجي شڪايت مان ڪيان،
نئين ڪان نئون ٿئي ٿو ستم ايجاد اڄ.

۳ - پنهنجي بربادي جو پيو ڪجهہ ڪر خيال،
ڪر نہ ايڏو جبر و اِستبداد اڄ.

۴ - ڪو شرافت جو نہ آهي جڳ ۾ قدر،
آ ڪمينن جو وڌيل تعداد اڄ.

۵ - بد نہ ٿيندو نيڪ، پنهنجي اصل جو،
تو پَٽي بنياد بد بنياد اڄ.

۶ - درد تا روزِ جزا رهندو رفيق،
درد کان ٿيندس نہ مان آزاد اڄ.

۷ - آ مصيبت کان نہ واندو وار وار،
منهنجا مولا ڪر اچي اِمداد اڄ.

٨ - مون جبل تي سور جا سر تي ڪٺا،
تنهنجو تي شيرين دهن فرهاد اچ.
٩ - تيغِ ابرو آهي ڪافي قتل ڪر،
جو ڪٺين تو خنجرِ فولاد اچ.
١٠- هر بغل تي وصل جا ماڻيون مزا،
ختم ٿيو آ هجر جو ميعاد اچ.
١١- در قفس جو کول اي صيّاد جلد،
گل بنا بلبل نه آهي شاد اچ.
١٢- دخترِ دنيا، هَوَس دنيا جي آ،
زالِ دنيا جو نه تي داماد اچ.
١٣- سرو قد بنجي تو بيهان راه سان،
آهي لنگهڻو قامتِ شمشاد اچ.
١٤- تو بنا منهنجو نه آ ڪو داد گر،
ڪر اچي مشڪلڪشا ڪو داد اچ.
١٥- عشقبازي ڪو سکي مون کان "رشيد"،
عشق جو آهيان بڻيو اُستاد اچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تڪرار ڪان پڄ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱ - نہ ڪاهل ٿي ڪڏهن ڪم ڪار ڪان پڄ.
زمانـي جـي نـہ ڪنهـن آزار ڪـان پڄ.

۲ - منقـش آ ڏنگينـدڙ مـار وانگـر،
تـون هـن سنسـار جـي سينگـار ڪـان پڄ.

۳ - هجـي تنهنجـو سيـن سـان صلـح هـر دم،
خـدا جـي واسطـي تڪـرار ڪـان پڄ.

۴ - نہ ٻُڌ پنهنجي نہ ڪر ٻئي جي خوشامد،
خـدارا هـن تڪـي تلـوار ڪـان پڄ.

۵ - سـدا يـارانِ مفلـس جـو ٿـي سـونهـون،
مگـر احبـابِ دنيـا دار ڪـان پڄ.

۶ - جـو يـارِ غـار بنجـي ڏنـگ مـاري،
تـون اهـڙي يـار مثـلِ مـار ڪـان پڄ.

۷ - ڪـري جيڪـو مـريـدن ۾ خيـانـت،
تـون اهـڙي پيـر بـدڪـردار ڪـان پڄ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ . نہ پنهنجن کان ڪرڻ ڪو خوف گهرجي،
هميشہ صحبتِ اغيار کان پڄ.

٩ . سڏائي يار جيڪو خار بڻجي،
تون اهڙي يار جي ديدار کان پڄ.

١٠ . نہ اُن وٽ رازِ دل ڪر آشڪارا،
وطن ۽ قوم جي غدار کان پڄ.

١١ . جو دنيا جي پٺيان تو دين وڪٽي،
تون اهڙي مولوي مڪار کان پڄ.

١٢ . جو چورن جي بجا پاڳين کي پڪڙي،
تون اهڙي چور صوبيدار کان پڄ.

١٣ . پُٺي دنيا سجي کي ڏي وليڪن،
نہ هرگز حيدرِ ڪرّار کان پڄ.

١٤ . تي فوجِ دينِ احمد ﷺ جو سپاهي،
نہ تون پنهنجي سپہ سالار کان پڄ.

١٥ . "رشيدا" دو جهان ۾ ڪين هرگز،
جنابِ سيّد الابرار کان پڄ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مڪر و دغا جو راڄ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - ملڪِ دل منهنجي تي منهنجي دلربا جو آهِ راڄ.
شڪر آ ظلمِ عدو ڪان دل جو آجو آهِ راڄ.

٢ - ملڪِ دل جي بادشاهي مان نہ آ ڪو آشنا،
پانئجي اِئَن تو تہ ڪنهن نا آشنا جو آهِ راڄ.

٣ - رحم جو ذرّو دلِ اهلِ زمين ۾ ڪين آ،
آسمانن تي متان لطف و عطا جو آهِ راڄ.

٤ - مثلِ عنقا آهِ سچ، آهي زمانو ڪوڙ جو،
سچ جي ڪانهي صاحبي مڪر و دغا جو آهِ راڄ.

٥ - ملڪ ۾ سڪو هلي ٿو جبر و اِستبداد جو،
گرچہ حاڪم ناهہ جابر تہ بہ جفا جو آهِ راڄ.

٦ - بخل آ هر چيز ۾ ايمان ۾ پي بخل آهہ،
ڪير چوندو جو زماني ۾ سخا جو آهِ راڄ.

٧ - بي حيائي ۽ ڪمينائي وذيل آ ملڪ ۾،
دوستو! دنيا ۾ ڪٿ شرم و حيا جو آهِ راڄ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - آ اميرن ۾ ريا رشوت بہ آهي عام جام،
گرچہ ڪنهن خطہ ۾ شاہِ بي ريا جو آهہ راڄ.

٩ - پنهنجي دل جو هرڪو مالڪ آهہ جڳ ۾ بادشاہ،
جهوپڙي پنهنجي ۾ هر پينو گدا جو آهہ راڄ.

١٠ - چشمِ عالم کان رهي پنهان، ٿي سلطانِ جهان،
ڪٿي پکين سيني تي هڪ پنهان هما جو آهہ راڄ.

١١ - صبر واري ملڪ ۾ وڃ ترڪ ڪر دنيا جو هِت،
سيد الشهدا حسين المجتبيٰ جو آهہ راڄ.

١٢ - ڪير آهي جو ڪري شانِ عليءَ سان همسري؟
بعد احمدﷺ حضرتِ مشڪلڪشا جو آهہ راڄ.

١٣ - آ شهنشاہِ حقيقت رحمتہ اللّعالمين،
جملہ عالم تي ازل کان مصطفيٰ جو آهہ راڄ.

١٤ - آ رعيّت جملہ عالم ڪونہ آهي بادشاہ،
ساري مخلوقات تي ربِّ العليٰ جو آهہ راڄ.

١٥ - آ تخيل جي حڪومت ذرّہ ذرّہ تي "رشيد"،
هر جڳهہ تي شاعرِ رنگين نوا جو آهہ راڄ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ڄ

# ثنائي رسولﷺ

(فعولن- فعولن- فعولن- فعولن)

١ - ڏسان شل جمالِ نبي الوريٰ اڄ.
ڪري منهنجي پوري خدا مدعا اڄ.

٢ - نبين ۾ ممتاز اِٿن آ محمدﷺ،
شرف تو رکي جڏن پکين ۾ هما اڄ.

٣ - محمّد تي صلوات ٿي فرض آهي،
پڙهان اُن تي صدبار صلِ علیٰ اڄ.

٤ - ويو آهِ اڄ عرشِ اعظم تي احمّدﷺ،
ڪري سجدو ٿو سدرة المنتهيٰ اڄ.

٥ - تصوّر جي عينڪ ٿو چشمن تي چاڙهيان،
مديني مان ڏيڪار مرسل لقا اڄ.

٦ - ٿئي منهنجي لحظي ۾ آسان مشڪل،
مصيبت ۾ آهيان گهڻو مبتلا اڄ.

٧ - نہ مشڪل اِگيان تنهنجي ايندي "رشيدا"
نجف مان نهاري ٿو مشڪل ڪشا اڄ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مسيحا ڪان اڳ ۾ مرڻ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١- جدائي ۾ ويو آهيان ڳري اڄ.
پيون آهن سيئي نبضون ٺري اڄ.

٢- نہ ٿئي تڪليف جنَن اُن ڪي اچڻ ۾،
مسيحا ڪان اڳي وڃجي مري اڄ.

٣- گهمي چوگرد پنهنجي ٿي جنون ۾،
محبَت ۾ ٿي آهي دل چري اڄ.

٤- ڪسيون دريا جهلڻ وارا نہ آهن،
وڃان ٿو قلزمِ اُلفت تري اڄ.

٥- وڃائي ننگ ۽ پنهنجن ڪي "رشيدا"،
ملامت جي ڪنيم سر تي پري اڄ،

٦- مجازي عشق جي تعليم يارو!
سڄي جڳ ۾ ٿي آ ڪمپلسري اڄ.

٧- پرستان جو ٿيو ڏوڪو "رشيدا"،
ڪئي رشڪِ پري سر تي سري اڄ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٻوجهہ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱ - پند ڪنهن جي ڪي تصوّر ۾ نٿو آٽي اٻوجهہ.
باغِ دنيا ۾ مزا هرگز نٿو ماڻي اٻوجهہ.

۲- آ عزازيلي تڪبّر سان پريل سينو سندس،
آهِ مشڪل پنهنجي غلطي کي غلط ڄاڻي اٻوجهہ.

۳ - آ اِهو دانا جو ڪم جو عشق ۾ مجنون ٿئي،
پر خرابت جا ڪتولا ٿو ڪٽي واٽي اٻوجهہ.

۴ - عشق جي بيگار ۾ ٿو اِئَن وهي عاشق غريب،
جئَن بنايو ڏاند تيلي جي ڪي آ گهاڻي اٻوجهہ.

۵ - ٿو ڏڪائي ٻين کي آهي پاڻ عريان ۽ ڪيو،
قرب جي ڪوري کي آ اُلفت جي اَڏاڻي اٻوجهہ.

۶ - آهِ موروثي اٻوجهائي بنايو جڳ ۾ آ،
ڪنهن کي ڏاڏاڻي اٻوجهہ ۽ ڪنهن کي ناناڻي اٻوجهہ.

۷- ڪين سو مهدي مان پي لهندو هدايت مطلقاً،
جنهن کي جڳهہ ۾ آ ڪيو دجّال رو ڪاڻي اٻوجهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - پاڻ دل جي ۾ هجن پل ڪک ڪدورت جا پيل،
تہ بہ اُنو اُلفت جو هرگز ڪين تو ڇاڻي اڀوجهہ.

٩ - ڪين تو ڪنهن کي رسائي مطلقاً نفعو فقط،
پنهنجي پورت تو ڪري جڳ ۾ ڇڪي تاڻي اڀوجهہ.

١٠ - وئي سڙي آڙاه ۾ ساري وڃائي آبرو،
هو ڪيو مومل جي دل کي ڍڪ ڏڻي راڻي اڀوجهہ.

١١ - الفتِ دنيائي دون غارت ڪري ٿي دوجهان،
مردِ عاقل کي ڪيو دنيا ۾ آ ناڻي اڀوجهہ.

١٢ - ترڪِ دنيا جو اچي ڏانوڻ وجهہ ، جمّالِ عشق!
دل جي اُٿ کي آ بنايو حرص جي لاٽي اڀوجهہ.

١٣ - پيو جنون دنيا ۾ مونکي ڪين آهي دوستو!
آ ڪيو جڳ مان حبيبن جي ٿي لاڏاڻي اڀوجهہ.

١٤ - زندگي آهي بلوچن جي سدا جنجال ۾،
ڪنهن گذاريو جيل ۾ ڪنهن کي ڪيو ٿاڻي اڀوجهہ.

١٥ - عشق جو خالي فقط نالو تو بُڌجي اي "رشيد"،
آ ڪيو جڳ ۾ بشر کي ڪٽڪ جي داڻي اڀوجهہ.

❀

# نيڪي جي دعا

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - غيرن جي لاءِ تون تہ رهين دلربا اپوجهہ.
سودا ۾ تنهنجو آهہ تيو سر فدا اپوجهہ.

۲ - دل آهہ جنهن جي لاءِ رهي تو جهان ۾،
بيدل جدا اپوجهہ ۽ دلبر جدا اپوجهہ.

۳ - منهنجي جنون جي ريس ڪان چڪر ۾ تو رهي،
مونکي ڏسي اپوجهہ تيو آ سَما اپوجهہ.

۴ - دانا هجي تہ اُن ڪي تئي دوستي جو قدر،
افسوس! آهہ منهنجو سڄڻ بي وفا اپوجهہ.

۵ - آ بي وقوف دوست ڪان دانا عدو ڀلو،
ڪنهن جو تئي نہ شال ڪڏهن آشنا اپوجهہ.

۶ - جيڪو سڄاڻي قدر تو اُن سان رکي تي پيار،
آهي ڪڏهن نہ منهنجي دلِ بي بها اپوجهہ.

۷ - عاقل جو دوست ڪين تو دشمن تئي ڪڏهن،
دل ۾ حبيب لاءِ رکي تو دغا اپوجهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - نارِ حسد رقيب جي ساڙي ڪنديس فنا،
حاصل نہ دوستي جي ڪندو اِنتها اُبوجهہ.
٩ - اُمّيد ٻي وفا ۾ نہ لطف و عطا جي رک،
هرگز ڪندو معاف نہ جرم و خطا اُبوجهہ.
١٠- عقلِ سليم جهڙي ٻي نعمت نہ آهِ ڪا،
ڪنهن کي بنائي جڳ ۾ نہ ذاتِ خدا اُبوجهہ.
١١- تيرِ قضا کي پاڻ تو پاسو ڏئي وڃي،
آهي حيات منهنجي جو مرغِ هوا اُبوجهہ.
١٢- دشمن هجي تہ اُن کي بہ نيڪي جي ڪر دعا،
مشڪل جي وقت آهِ ڪندو بد دعا اُبوجهہ.
١٣ - شانِ عليءَ کي جن جون اکيون ڪين تيون ڏسن،
تن کي سڏي تو پاڻ نبي الوريٰ اُبوجهہ.
١٤ - باطن ۾ هن جي عقل سان ڪنهن جي نہ آهِ جاءِ،
ظاهر ۾ آهِ شاعرِ شيرين اَدا اُبوجهہ.
١٥- جاڻان تو زندگي جو سچو فلسفو "رشيد"،
تاهم سڏن رفيق تہ مونکي سدا اُبوجهہ.

✿


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صحبتِ اهلِ خدا

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱ - جو بہ آ ادنیٰ تون اُن کي پاڻ کان اعلیٰ سمجھہ.
هڪ خدا جي ذات سڀ کان برتر و بالا سمجھہ.
۲- نفس جي پيرو کي تون شيطان جو پيرو سمجھہ.
جو تو ماري نفس کي سو طالب المولیٰ سمجھہ.
۳- آ خدا جي هر نشيني صحبتِ اهلِ خدا،
خانۂ درويش کي تون جنّت الماویٰ سمجھہ.
۴ - کين تي کاهل خدا جي ذات ۾ رک پروسو،
مهرباني کئي خدا تان کر سيئي سولا سمجھہ.
۵ - دين کي غارت نہ کر ڏيندين خدا کي ڇا جواب،
پاڻ تي شاهد قيامت ۾ سَيئي عضوا سمجھہ.
۶ - حبِّ دنيا ترک کر آهي وڏي بڇڙي بلا،
باعثِ نارِ جهنّم خواهشِ دنيا سمجھہ.
۷ - بهتري پنهنجي جي چاهين ڳالھہ کنهنجي کين ٻُڌ،
کن کلامِ ذاتِ باري کانسوا ٻوڙا سمجھہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - خاڪ تي ۽ خاڪ ڪي سڏ پاڪ هر مخلوق ڪان،
تختئہ روئي زمين هادي جو نقشِ پا سمجهہ.

٩ - اي مسلمان امتيازِ ملت و دين ترڪ ڪر،
مصطفىٰ جي دين ۾ هڪ بنده ۽ آقا سمجهہ.

١٠ - اُمّتي احمدؐ جو آهيان هن ڪان وڌ ٻيو ڇا ڪيي،
اُمّتِ احمدؐ ۾ داخل حضرتِ عيسىٰ سمجهہ.

١١ - عشق ڪان خالي بشر جڳ ۾ نہ آهي مطلقاً،
مغز افلاطون جي ۾ عشق جو سودا سمجهہ.

١٢ - عزتِ دنيا ڪان رهہ بيزار جي آهين بشر،
عشقبازي ۾ هميشہ پاڻ ڪي رسوا سمجهہ.

١٣ - غير ڪيَ دل ڪين ڏي دل آهہ تنهنجي بي بها،
دل جو تي ۽ پنهنجي دل ڪي پاڻ تي شيدا سمجهہ.

١٤ - هڪ مهيني بعد تيندي عيد وصلِ دلربا،
هڪ مهينو هجر جو رمضان جا روزا سمجهہ.

١٥ - ڪجهہ اگر ڄاڻين تہ تہ بہ ڇئو ڪين تو ڄاڻان "رشيد"،
پاڻ ڪي جڳ ۾ نہ هرگز بو علي سينا سمجهہ.

ردیف جهہ

# ثنائي عليءِ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

١ - بعــــد از خـــدا بلنـــد نبـــي الـــورىٰ سمجهـــ .
احمدؐ کـان بعـد شـان ۾ مشڪلڪشـا سمجهـ .
٢- ڳـوليـن خـدا کـي زهـد ۾ چـو تـو اي زاهـدا!
جـو آ سيـن جـي دل ۾ تـون تنهـن کـي خدا سمجهـ .
٣ - حضـرت علـيء جـو لطـف و ڪـرم آهـ آشڪـار،
خيـرالبشـرؐ جـي ياءُ کـي بـاب السّخـا سمجهـ .
٤- راهِ خـــدا ۾ ذبـــح ٿيـــڻ آ وفـــائـــي ديـــن،
ابـنِ علـيء کـي صـاحـبِ صبـرو رضـا سمجهـ .
٥ - سلطـــان تـــو گـــدا کـــي بنـائـــي ڇڏي شتـــاب،
لطـــفِ علـــي جهـــان ۾ بـــالِ همـــا سمجهـــ .
٦ - ڪعبـــ ۾ آهِــ کهـــڙو عيـــان انقـــلاب اڄ،
پيـــدا جنـــاب حضـــرتِ شيـــرِ خـــدا سمجهـــ .
٧- سُـــرمـــو بنـــاءِ خـــاڪ درِ بـــوتـــراب کـــي،
شـانِ علـي نـــ شـانِ خـدا کـان جـدا سمجهـ .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كلامِ "رشيد"

٨ - حيدر تہ سڄي مستحقِ مسندِ رسولﷺ،
هي انتخابِ حضرتِ خيرالوريٰ سمجهہ.

٩ - زورِ عليءَ سان ڪين ڪري تہ ڪو همسري،
تون فقرو "لافتيٰ" جو عليءَ جي ثنا سمجهہ.

١٠- واپس ٿيو غروب شده آفتاب آ،
هن معجزي عليءَ جي کي مثلِ بقا سمجهہ.

١١- موليٰ عليءَ کي ڄاڻ تون مختارِ خير و شر،
دستِ عليءَ ۾ قبضئہِ روزِ جزا سمجهہ.

١٢- مٿي بہ نور ٿئي ٿي عليءَ جي نگاه سان،
تون بوتراب مرشدِ راهِ هديٰ سمجهہ.

١٣- ڏسجي جتي رسول تہ آهي اُتي عليءَ،
معراج تي عليءَ کي بہ جلوه نما سمجهہ.

١٤- ڇا خوف روزِ حشر جي گرمي جو آ "رشيد"،
لطفِ عليءَ کي حشر ۾ ابرِ عطا سمجهہ.

١٥- مدّاح آهہ حيدرِ ڪرّار جو "رشيد"،
مونکي ڪڏهن نہ شاعرِ رنگين نوا سمجهہ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مزار جو اونو

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

١- رک خوف دلربا تون پروردگار جو کجهہ.
ٻُڌ حالِ دردِ فرقت مون بي قرار جو کجهہ.

٢- سو ڏهہ قلم لڳايو مون سان رقيب آهي،
پاور رکي تو شايد مختارِ کار جو کجهہ.

٣- رهڙي جبين سان، متي تو سنگِ در بنايان،
اونو اڳيئي رکجي پنهنجي مزار جو کجهہ.

۴- هاڻي کتي لڪائي دل تنهنجو تيرِ مژگان،
خالي نہ آهِہ حصّو هن داغدار جو کجهہ.

۵- چشمن جي تير سان کر دِل جو غزال زخمي،
رک دل ۾ شوق دلبر دل جي شکار جو کجهہ.

٦- مانوس ايترو آ بادِ خزان بنايو،
جو دل ۾ کونهي اونو فصلِ بهار جو کجهہ.

٧- چشمن مان آڻي پاڻي دل کي کيان تو آلو،
رکجي خيال غم جي آبادگار جو کجهہ.

٨ - هو شهسوار شايد مون ڏي اچي رهيو آ،
ڏيکارجي ٿو منظر گردو غبار جو ڪجهه.

٩ - آهي مرض محبّت جي دل بنائي خوگر،
دل کي خيال ڪونهي تيمار دار جو ڪجهه.

١٠ - معمارِ دل ٻُڌان ٿو اڄ منهنجي گهر کان لنگهندو،
تعمير ٿيندو حصو دل جي ديار جو ڪجهه.

١١ - هو سنگدل اڳي کان آهي وڌيڪ اڳرو،
شايد اثر نه ٿيو آ دل جي پڪار جو ڪجهه.

١٢ - هو ٿو امين سڏجي دِل اُن کي ڏي امانت،
معلوم حال ٿئي جنَن ايماندار جو ڪجهه.

١٣ - دنيا جي فڪر و غم ۾ ٿي ويس فنا "رشيدا"،
هٿ موقعو نه آيو ديدارِ يار جو ڪجهه.

١٤ - مداح مصطفيٰ ﷺ آلِ عليؑ جو آهيان،
آهي نه خوف دل کي روزِ شمار جو ڪجهه.

١٥ - "لا تقنطوا" ته آهي ٻڌاري ڇڏيو "رشيدا"،
مقصد نه ٿئي ٿو پورو مون دلفگار جو ڪجهه.

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعويذ ۽ تومار

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١ - دِلاسو آهي اڄ دلدار جو ڪجھ.
تيو آهي اثر طُومار جو ڪجھ.
٢- سخاوت ڪر ۽ ڏي دلدار حصّو،
ألم جو رنج جو آزار جو ڪجھ،
٣- رهي ٿو شوق منهنجي دل ۾ جانان!
محبّت تنهنجي جو اشعار جو ڪجھ.
۴ - جواب آهي ڏنو سيني حڪيمن،
مسيحا! حال ڏس بيمار جو ڪجھ.
۵- سدائين شام جو ڪر سير سهڻا،
چمن جو، بحر جو بازار جو ڪجھ.
٦- دلِ نادان ڪي ڪر زخمي خدارا،
تبر جو تير جو تلوار جو ڪجھ.
٧- سوين وعدا ڪرين هڪ ڏينهن ۾ تو،
نہ آهي پروسو اِقرار جو ڪجھ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - سڄڻ مون سان سدا شير و شڪر رهه،
نه ڪو نالو رهي تڪرار جو ڪجهه.

٩ - نظر ڪر مون ڏي جٿ منظر ڏسان مان،
خدا جي ذات جي اَسرار جو ڪجهه.

١٠ - سڄڻ بخرو عدو ۽ عاشقن کي،
مِلي ذلت جو ۽ ديدار جو ڪجهه.

١١ - هجي ڪو خمر جو دريا اي ساقي!
نه ڍوءَ آهي تيو ميخوار جو ڪجهه.

١٢ - عَلم اُلفت جو آ مون سان رقيبا!
اَدب رکجي علمبردار جو ڪجهه.

١٣ - اَثر تعويذ جو ڇا اُن تي ٿيندو،
نه ٿيو آهي اَثر طوُ مار جو ڪجهه.

١٤ - محبّت ۾ ٿيو منصور آهيان،
مزو دلبر چکائي دار جو ڪجهه.

١٥ - "رشيدا" خارجي سان رک نه اُلفت،
حيا ڪر حيدرِ ڪرار جو ڪجهه.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ج

# ڪشمير وچ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱ - اي مجاهد! اُٿ ذرا بيدار ٿي ڪشمير وچ.
زورِ دستِ حيدرِ ڪرار ٿي ڪشمير وچ.

۲ - خون مسلمانن جو ظالم ٿا وهائن رائگان،
ڪر گريبان چاڪ ماتم دار ٿي ڪشمير وچ.

۳ - سورةِ انا فتحنا" پڙهه ۽ ٻڌ سر سان ڪفن،
سيّد الشهدا جو دامن دار ٿي ڪشمير وچ.

۴- خون و حريت جو ۽ مهرو محبّت واسطي،
بحر ٿي، گلزار ٿي، اثمار ٿي ڪشمير وچ.

۵ - چشمِ حاسد ۽ سرِ اعدا ۽ شهرِ دين لاءِ،
خار ٿي، تلوار ٿي، ديوار ٿي ڪشمير وچ.

٦ - نار نمرودي جلايو آ نه اِبراهيم کي،
تون خليلِ دين جو غمخوار ٿي ڪشمير وچ.

٧ - ملت و دين، جو عَلم ۾ سرفروشي واسطي،
راه، در ۾ شهر ۾ بازار تي ڪشمير وچ.

٨ - ڏي ڇڏي شاعر اجائي شاعري ۾ دين لاءِ،
خوش بيان، خوش وضع، خوش گفتار تي ڪشمير وچ.

٩ - گردنِ دشمن جي خاطر اي گلِ اِسلام و دين!،
هار جي بدران ڏنگيندڙ مار تي ڪشمير وچ.

١٠ - قاتلانِ قوم ڏي وچ جلد سرڪوبي جي لاءِ،
تن جي سر تي گرز آتشبار تي ڪشمير وچ.

١١ - نامِ عبدالله ۾ پنهان آهه هڪ عبد لپٽيل،
اُنجي لئي تون خنجرِ خونخوار تي ڪشمير وچ.

١٢ - جي "رشيدا" دينِ احمد کي بچائڻ تو گهرين،
تان خدارا برسرِ پيڪار تي ڪشمير وچ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موٽي اي عزرائيل وچ

(مستفعلن مستفعلن- مستفعلن- مستفعلن)

١ - دنيا کي فرقت جو ڏئي پيغام جبرائيل وچ،
آ روح اڳ نڪري ويو موٽي اي عزرائيل وچ.

٢- آه و فغان دل جي مثالِ صور آ محشر جي لاءِ،
مون وٽ ڇڏي تون صور پنهنجو جلد اِسرافيل وچ.

٣- اُجڙيل دِليون آباد ٿين امّيد جا غنچا ٽڙن،
بارش وسائي مهر جي اي رشڪِ ميڪائيل وچ.

٤ - قابيل جهڙا ڪيترا شامل ٿيا شيطان سان،
صبر و رضا سان قتل ٿي اي ثانيءِ هابيل وچ.

٥ - هرڪو عدم مان ٿو اچي رخصت وٺي هڪ ڏينهن جي،
دارالفنا دنيا ۾ تون پوري ڪري تعطيل وچ.

٦ - رحمت ٿئي قربان تو تان نار ٿئي تو لاءِ خلد،
ليڪن ڪري قربان اوّل دل جو اِسمٰعيل وچ.

٧ - توکي ”رشيدا“ حشر ۾ پي آهِ ڏيڻو درسِ عشق،
ان جي ڪري دنيا ۾ الفت جي ڪري تحصيل وچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كلامِ "رشيد"

# ڳالهين ۾ سرچائي نہ وڃ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١ - دامِ اُلفت پنهنجي ۾ اي يار ڦاسائي نہ وڃ.
پنهنجي بدران دُزدِ دل پاڳئي کي پڪڙائي نہ وڃ.

٢ - دل جو هيرو وٺ ۽ پنهنجي حسن جي دولت بہ ڏي،
يار سمجهي دل کسي ڳالهين ۾ سرچائي نہ وڃ.

٣ - ڇڏ رقيبن جي پچر مون سان محبّت رک فقط،
ٻين جي ڏنگهرن سان پنهنجو پاند اٽڪائي نہ وڃ.

٤ - آب چشمن جي سان مون آهي ڪنن تائين پريو،
نارِ غم تي ديگڙي دل جي کي ٻڙڪائي نہ وڃ.

٥ - تيرِ مژگان هڻ ۽ ڪر ابرو جي خنجر سان حلال،
مرغ دل جي کي بغير از ذبح تڙڦائي نہ وڃ.

٦ - دل رقيبن وٽ ڇڏي منهنجي نہ وڃ اي دلربا!
پنهنجي اُلفت جي پري ديون سان پرڻائي نہ وڃ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧ - در قفس جو کول اي صيّاد يا بلبل کي کُهہ،
بيدِ نفرت سان قفس جي در کي کڙڪائي نہ وڃ.

٨ - وٺ ڪبابِ دل جي لذت پنهنجي گهر قصّابِ دل!
دل جو ٽڪرو سيخِ غم ۾ هٿ تي لڙڪائي نہ وڃ.

٩ - تنهنجي ڪوچي ۾ رئيس ٿي، مڙهہ بہ ڪوچي ۾ رلاءِ،
لاش منهنجو قبر ۾ دلدار دفنائي نہ وڃ.

١٠ - دل جَلائي خاڪ ڪر بحرِ وفا ۾ وجهہ وجي،
دل جلڻ کان اڳ غمن جي باهہ پڙڪائي نہ وڃ.

١١ - ڪر اِها هر دوست کي دل سان نصيحت اي "رشيد"،
عشق جي دفتر ۾ پنهنجو نام لِکرائي نہ وڃ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كلام "رشيد"

# غبارِ راهِ حجاز تي وچ.

(فعول- فعلن- فعول- فعلن- فعول فعلن فعول فعلن)

۱ - سِکھو تي باطل ۽ حق جي وچ ۾ تون صاحبِ امتياز تي وچ.
نفاقِ ملت کان زندگاني ۾ صورتِ احتراز تي وچ.
۲ - وِسار ذاتِ خدا نہ هرگز ڪڏهن مصيبت جي وقت مسلم!
نہ ڏچ ترارين جي ڇانوَ هيٺان خوشي سان وقفِ نماز تي وچ.
۳- عمل جو توحيد ۽ رسالت تي تو ڪري آ اُهو مسلمان،
بچائي دامن بتن کان پنهنجي غبارِ راهِ حجاز تي وچ.
۴ - هلاءِ هرگز خودي نہ پنهنجي خودي وڃائي خودي کي هٿ ڪر،
جي بڻجين محمود غزنوي تو تہ اگ ۾ شڪلِ اياز تي وچ.
۵- نياز آهي تہ ناز آهي نياز ڪونهي تہ ناز ڪونهي،
نياز مان تي تون ناز وارو ۽ ناز مان بي نياز تي وچ.
۶ - نياز ڌاري جي ناز سهندين تہ ناز ٿيندو نياز تنهنجو،
هجي زماني کي ناز جنهن تي تون اُنجي نازن جو ناز تي وچ.
۷ - شجر جي ميوي سان آ پريل تہ ٻہ نمائي پنهنجو تو سر سدائين،
وڃائي عالم ۾ سربلندي خدا اڳيان سرفراز تي وچ.
۸ - سدا زماني سان ساز رهجي نہ ڪنهن سان ڪو اختلاف رکجي،
لِڪي شريعت جي پرده اندر اُتان طريقت جو ساز تي وچ.

## رديف ج

٩ - جي خاڪ ٿيندين تہ ذات تنهنجي ٿي پاڪ ويندي نہ خاڪ رهندي،
جهان ۾ بنجي خدا جي بندن جو بندو بنده نـواز ٿـي وڃ.

١٠ - جي مشڪ دبلي مان نڪتو ٻاهر تہ ويندي خوشبو هوا ۾ ڳڏجي،
نہ راز ڪر دل جو آشڪارا رُموزِ عرفان جو راز ٿـي وڃ.

١١ - زمانو اُستاد سڀ جو آهي ۽ هر بشر ڪي گهڙي تو ٿاهي،
سِکي زماني ڪان ڪارسازي ۽ بعد ۾ ڪار ساز ٿي وڃ.

١٢- زمين ۾ ٻج اگر نہ چِتبو تہ ڪيـن ٿيندو درخت پيدا،
اگر حقيقت عيان ڪرڻ تو گهرين تہ رنگِ مجاز ٿي وڃ.

١٣- عيان ڪيو "وابتغوا اِليہ الوسيلتہ" آهي ڪلامِ باري،
طلب رکين ٿو جي رازِ حق جي تہ راهِ عرفان جو راز ٿي وڃ.

١٤ - سچلؒ کان حاصل ڪري سچائي سچو ٿي دنيا ۾ رهہ "رشيدا"،
ڏکي تصوف جو ويس هڪدم غلامِ شاهِ دراز ٿي وڃ.

١٥- جي گرميءِ روزِ حشر کان تو نجات چاهين تہ اُٿ "رشيدا"،
حسينؑ اِبنِ عليؑ جو ذڪرِ اَلم ٻُڌي جان گداز ٿـي وڃ.

١٦ - هميشہ همدم "رشيد" جو ٿي رشيد جو ڪو رشيد بنجي،
"رشيد" جو ٿي، "رشيد" وٽ رهہ "رشيد" سان سازباز ٿي وڃ.

❁

كلامِ "رشيد"

# "غيرتِ گلزار صحرا"

(مفعول- مفاعيل- مفاعيل- فعولن)

۱ـ اڄ اڄ ۾ اچي صبر جو سردار ڏسي وڃ.
شبّير کي اي احمدِ مختار ڏسي وڃ.

۲ـ رمضان ۾ روزي سان جهلي سر تي تو خنجر،
کوفي ۾ اچي حيدرِ ڪرّار ڏسي وڃ.

۳ـ بازو تو وڍائي ۽ بچائي تو عَلم کي،
ميدان ۾ عبّاس علمدار ڏسي وڃ.

۴ـ اصغر کي ڪٺي شاه تو احمد کي پڪاري،
اڄ پنهنجي تون اُمّت جو هي آزار ڏسي وڃ.

۵ـ آ شام جو قيدي ۽ پيادو تو ڪري پنڌ،
آزار ۾ اڄ عابدِ بيمار ڏسي وڃ.

۶ـ جبريلؑ هي دوزخ مان ڪٺي ويندو نياپو،
احمدؐ تون اچي پنهنجا گنهگار ڏسي وڃ.

۷ـ اي محرمِ غم مون ڏي تو دلدار اچي اڄ،
اغيار ٻه دلدار سان ٿي چار ڏسي وڃ.

## رديف ج

٨- اڄ داغ ڏسان دل جو زياده تو منوّر،
خورشيد فلڪ دل جي تي اِظهار ڏسي وڄ.

٩- ديدن سان هٽي يار تو دل منهنجي ۾ ڌاڙو،
ڌاڙيل جي هن ملڪ ۾ قرمار ڏسي وڄ.

١٠- تو درد جو سلطان ڏسان مسندِ دل تي،
اڄ درد جي دل منهنجي ۾ دربار ڏسي وڄ.

١١- ابرو جي نہ آ تيغ تو ناخن سان پٽيان زخم،
دلدار تون هٿ منهنجي ۾ تلوار ڏسي وڄ.

١٢- هڪ تنهنجي محبّت ڪانسوا ڪجهہ نٿو ڌاري،
دلدار اچي عاشقِ زردار ڏسي وڄ.

١٣- چشمن جو ڏنو تير تو آ مونکي اَمانت،
سو دل ۾ تنگيل آهِہ اي دلدار ڏسي وڄ.

١٤- پيرن مان وهي خون هليو خار لڳا جتَن ،
صحرا بہ بڻيو غيرتِ گلزار ڏسي وڄ.

١٥- ڪٿَن ليڪ تي ٿيون ڇوهہ چندن پنهنجا "رشيدا"،
اِصلاح ۾ سنسار سماچار ڏسي وڄ.

❁

# هيچ جاٽڻ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - سيمر تن! تون جاڻ بيشڪ منهنجي خستہ تن کي هيچ.
پر نہ مان جاڻان تو ڪنهن کان تنهنجي تن ۽ من کي هيچ.

٢ - تو ڪيان سيراب صحرا آب آهي زيرِ پا ،
آبلہ پيرن جا جاٽن ڪين تا خارن کي هيچ.

٣ - خار ۽ صيّاد ۽ بلبل، خزان جاٽن تا پيا ،
گل کي ۽ بلبل کي ۽ گلچين کي ۽ گلشن کي هيچ.

٤ - آتش ۽ ڪاني، ڪئو، اِنسان، خس ڪئَن جاٽندا ،
آب کي، آتش، ٻلي کي، موت کي گلخن کي هيچ.

٥ - گل جي بدران شوخرو پٿر تو اُڇلايون وجي،
بعد مُردن جي بہ جاٽي منهنجي تو مدفن کي هيچ.

٦ - شمس رو جي حسن جي آهي تجّلي شمس ۾ ،
خانۂ دل ڪئَن تو جاٽي درد جي روزن کي هيچ.

٧ - اصل ۽ بد نسل جو آهي اَزل کان اِمتياز ،
ڪين تامي جي اڳيان جاٽي تو ڪو ڪُندن کي هيچ.

٨ - نانگ کي ڪائي ڪپائي جڳ ۾ تيون ڪئليون ڇڏن ،

پنهنجي طاقت کي ڏسي چو جاڻجي ڪمسن کي هيچ.

۹ ـ آسمان! اِنسان کي آ خوف تو کان روز و شب،
موت جي ٿي برق جاڻي عمر جي خرمن کي هيچ.

۱۰ ـ منزلِ عشقِ خدا ۾ خوف رک شيطان جو،
قافلي وارا ڪڏهن جاڻن نٿا رهزن کي هيچ.

۱۱ ـ آهه دشمن جي پچڻ دانگي بـ بالڪل ڪارگر،
جاڻجي دنيا ۾ تو هر حال ۾ دشمن کي هيچ.

۱۲ ـ اڄ جا مُلا هڪڙي پيسي تي ٿا وڪڻن دين کي،
دين جي دولت ڪان جاڻن ڪين ٿا پيسن کي هيچ.

۱۳ ـ جلد آفيسر اُهو ٿيندو زماني ۾ تباه،
جو تو پنهنجي دِل ۾ جاڻي پنهنجي ڪامورن کي هيچ.

۱۴ ـ تا اَبَد بيزار تن کان آهه ذاتِ ڪبريا،
جي ٿا جاڻن چوڏهن ۽ ٻارهن پنجن کي هيچ.

۱۵ ـ مون "رشيدا" ڪين آ حاصل ڪيو لطفِ شباب،
آ قدم پيري ۾ تو پانيان سدا جوبن کي هيچ.

❀

ردیف چ

# بُرن جي پويان چگا ٻہ هيچ

(مفعول فاعلات مفاعيل- فاعلات)

۱ - گلرو ڏسان تو تو کان سِين گلرخن کي هيچ.
کون و مکان کي هيچ زمان و زمن کي هيچ.

۲ - الله آ جميل تو چاهي جمال کي،
تحقير حسن آهِ چوڻ ذوالمنن کي هيچ.

۳ - مون لاءِ آهِ فرش عَدو واسطي پلنگ،
ليکين تو مون کان کين کڍهن دشمنن کي هيچ.

۴ - بوسو لبن جو تنهنجو تو پاڻيان وڏو ثواب،
مصحف کان کين سمجهان تو ڳاڙهن چپن کي هيچ.

۵ - ناحق تو منهنجو نام زماني ۾ ٿئي خراب،
جڳ ۾ بُرن جي پويان تو سڏجي چگن کي هيچ.

۶ - ڪَوڙو جي آهِ کير تہ تو زهر ليکجي،
ڪَوڙاڻ تي بنائي آکن جي پنن کي هيچ.

۷- آ خلد کان وڌيک ڳلي منهنجي دوست جي،
زمزم کان کير جاٽي توچاهِ ذقن کي هيچ.

٨ - آ چشمــــۂِ حيـــات لـــبِ دوســـت دلنـــواز،
ڇاڻي تـو ڪيـر دلبرِ شيـريـن دهـن ڪـي هيـچ.
٩- رخســار تنهنجــي ڪـان تـو ڏسان دائمـا سڄڻ!
سنبـل، گـلاب، مـوتيـو، سـوسـن، سمـن ڪـي هيـچ.
١٠- مـاري، قفـس، شجـر ۽ رَسـي ڪـان سمجهـ سـدا،
مـالڪ ڪـي ۽ سَقـر ڪـي ۽ دارو رَسـن ڪـي هيـچ.
١١- نـالـ ۽ درد، عشـق ۽ دل ڪـان هميشــ ڄـاڻ،
بلبـل ڪـي، باغبان ڪـي ۽ گـل ڪـي چمـن ڪـي هيـچ.
١٢- بُڪ، خونِ دل ۽ عشق ۽ گهر دل جي ڪان سمجهـ،
مينا ڪي، مئي ڪي، ساقي ڪي ۽ اَنجمن ڪي هيچ.
١٣- عيش و سرور، ضبط، خوشي، عيش ڪان نـ ڄاڻ،
آه و فغان ڪي، نـالـ ڪـي، رنـج و محـن ڪـي هيـچ.
١۴- چشمــن ۽ روئــي صــاف ۽ دنــدان اڳيــان ڏنــر،
آهــو ختــن ڪـي گـل ڪـي ۽ دُرِّ عـدن ڪـي هيـچ.
١۵- دنيـا جـي طمـع تـي تـا قصـائـد لکـون "رشيـد"،
ورنـ سڏي تـو ڪيـر اَسـان شـاعـرن ڪـي هيـچ.

ردیف ڇ

# دوستي گھٽ دشمني ڳچ

(مفاعيلن مفاعيلن فعولن)

۱- ڪرڻ ٻي سود آهي ڪوڙ ڪي ٽچ.
سچارن ڪي سدائين تو وٽي سچ.

۲- دهانِ مار ۾ وڃجي نه آڳر،
مجازي عشق کان اي همنشين! بچ،

۳- ڪڃي نا اهل تي باور نه هرگز،
سهاسي راءِ سان ڪئي آ دغا ڇچ.

۴- تجي قربان نه ڪيڄي ٻاڦ ٻاهر،
تون شمعِ حسن تي پروانو تي پچ.

۵- نه آمت آتشِ الفت جي جنّت،
محبّت جو ڀري من تنهنجي ۾ مچ.

۶- ملامت عاشقن جو ڏاج آهي،
نه ڏج ڪنهن کان تي نانگو نينهن ۾ نچ.

۷- غبارِ عشق وڃهه خونِ جگر ۾،
ڪپي ديوارِ دل جي لاءِ تو گچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - پگهاري سون کي خالص ڪجي ٿو،
ٺئين ريٺو ته نارِ عشق ۾ رچ.

٩ - نه ڪر لج پنهنجي گهر کان دردِ فرقت!
هلي اچ خانءِ دل ۾ هلي اچ.

١٠ - ڦٺو ڪر ٺاڪئين دل کي نه دلبرَ!
ڪِري پَٽ تي ٺٺي ٿو سَو ٺڪر ڪچ.

١١ - ڪري چڏ دل سان دل پيوند سهڻا!
عجب ٺارين پنهي ۾ ٿو ڏسان پچ.

١٢ - بلوچستان دل جي ۾ اي سهڻا!
محبّت جا ڏنم مشڪاف ۽ مچ.

١٣ - مسلمانن جي ڪر پوشاڪ هر دم،
خدارا ڪين بڻ انگريز ۽ ڊچ.

١٤ - "رشيدا" دوستن جي دل ۾ اچ ڪلهه،
ڏسان ٿو دوستي گهٽ دشمني گچ.

١٥ - وجڻ عقبيٰ ڏي ٿو چاهيان "رشيدا"،
ڪيو آ لامِ دنيا آگهٽو هچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توري اُميد ۽ ڳچ ياس

(فعولن- فعولن- فعولن- فعول)

١ - ڪري تو اگر ڪوئي بڪواس ڳچ.
تہ عزت تو پنهنجي ڪري ناس ڳچ.

٢- حقيقت ۾ اِنسان آهن قليل،
ڏسان تو زماني ۾ خناس ڳچ.

٣- شڪايت ڪرڻ ڪنهنجي اِئن آهہ جئن،
مثل ياءُ جو ڪائجي ماس ڳچ.

٤- رقابت جو دل منهنجي کي صبح و شام،
رسائي تو ايذاءُ راڪاس ڳچ.

٥- اَچي ڪوڙ دل منهنجي ۾ دلربا،
ڀَري پنهنجي اُلفت سان آنگاس ڳچ.

٦- متان خواهشِ وصل ۾ ٿي مران،
پوي منهنجي دل ۾ تو وِسواس ڳچ.

٧- وفا ڪر محبّت ۾ او بي وفا!
وفا جو هجي توکي اِحساس ڳچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- لِکان هر گهڙي دلربا ڏي خطوط.
مِلي ڪين ليڪن ٿو قرطاس ڳچ.
٩ - سڄڻ آيو ٿيو دفع دشمن تڏهن،
پڙهان ٿو مان ”اَلحمد، والنّاس“ ڳچ.
١٠ - ڳجهي ڳالهه آ تو سان ڪرڻي، ٻُڌاءِ،
اچا وِهندو تنهنجو هي اِجلاس ڳچ؟
١١ - نہ ٻي قدر جي ڪر حوالي ڪڏهن،
رکي قدر ٿو دِل جو اِلماس ڳچ.
١٢ - سدا باغِ اِسلام جو سير ڪر،
گُلِ باغِ ملت جو وٺ واس ڳچ.
١٣ - ڏسي آفتِ زر جو سر تي وبال،
ٿيو تنگ يورپ ۾ ميبداس ڳچ.
١٤ - پري پنهنجي تصنيفِ سنڌي سان چڏ،
ڪراچي ۽ بمبئي ۽ مدراس ڳچ.
١٥ - اُميرن جي ياري ۾ اڄ ڪلهہ ”رشيد“،
رک اُمّيد ٿوري مگر ياس ڳچ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف چ

# عشق جو پيچ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - دلبر سان آهي لاتو دلِ داغدار پيچ.
هر وقت عشق جو تو ڪري بيقرار پيچ.

٢ - وس ۾ نہ ڪنهنجي عشق جو آهي معاملو،
آهي لڳو تو يار سان بي اِختيار پيچ.

٣ - خانو خرابِ دل جو ٿئي تو فراق ۾،
لائي نہ ڪنهن سان عشق جو پروردگار پيچ.

٤ - رنج و الم ۽ سوز محبّت جو درد جو،
پيوستہ آهي قلب سان ليل و نهار پيچ.

٥ - صحرا نورد تنهنجي ڪري ٿيس ۽ عشق جي،
دامن ڪرايو منهنجو سڄو تار تار پيچ.

٦ - تنهنجو تو پيچ سڀ کي ڪري هر جڳهہ ذليل،
منهنجو ڪري تباه تو عزّ و وقار پيچ.

٧ - سڀ ڪنهن جي دل ۾ جاءِ ڪري تو جهان ۾،
کهڙو نہ عشق تنهنجي جو آ شاندار پيچ.

٨ - مخفي رکيم تني دل ۾ مگر عشق تنهنجي جو،
دنيا سڄي ۾ آهه تيو آشڪار پيچ.

٩ - هر دل جي سلطنت کي وڏو آهه پيچ عشق،
دلدار عشق تنهنجي جو آ تاجدار پيچ.

١٠ - سڀ ڪنهن جو ڪم نه آهه ڪرڻ جڳ ۾ عاشقي،
لائن ٿا پنهنجي يار سان ڪي جان نثار پيچ.

١١ - هر دو جهان جي دل مان محبّت ڪري ٿو ترڪ،
لائي ٿو جنهن بشر سان هو غفلت شعار پيچ.

١٢ - پُلجي بہ اُنجو نام ونان ڪين ها ڪڏهن،
لائي نہ مونسان پاڻ ها گر گلعذار پيچ.

١٣ - دل ڏي خراج ۾ جو وڏو آهه اوچتو،
تحصيلِ دل کي عشق جي تحصيلدار پيچ.

١٤ - ائِن پيچ پنهنجي يار سان اُلفت جو لائجي،
جئَن باغ سان ”رشيد“ ٿو لائي بهار پيچ.

١٥ - دلدار تو سان پيچ ٿو لائڻ گهري ”رشيد“،
هڪڙو کپي ٿو ڪين هجن سَو هزار پيچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف چ

# سچ پچ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱ - تيو اج ذار آ دلدار سچ پچ.
وڌيو آ هجر جو آزار سچ پچ.

۲ - خدا ڄاڻي تو اج دلدار ايندو،
عَدو تيندو مري مُردار سچ پچ.

۳ - عدو مونکي کري هر جا تو رُسوا،
گلاجي آ ٻڌيو اخبار سچ پچ.

۴ - مَڇر چڪ پاتو آ گردن ۾، يا تو،
وَهائي آ تکي تلوار سچ پچ.

۵ - اگر اچڻو اَٿئي تان زود تر اچ،
مسيحا! تو مري بيمار سچ پچ.

۶ - اي چشمِ سر مگين تنهنجن اکين ۾،
ڏسان تو طور جو اَسرار سچ پچ.

۷ - تو مونکي آزمائين يا اي دلبر!
تيو آهين پڄي بيزار سچ پچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - تون آهين ملڪِ دل جو شاهِ اعظم،
سڏيان توکي ٿو مان سرڪار سچ پچ.

٩ - ڪرين ٿو مون سان خوش طبعي يا سهڻا!
شروع آهي ٿيو تڪرار سچ پچ.

١٠ - سوا تنهنجي اي زينت دو جهان جي،
سُڄو آهي سڄو سنسار سچ پچ.

١١ - ڪندس ساري حياتي هجر ۾ ختم،
قيامت ۾ ڪندس ديدار سچ پچ.

١٢ - قسم آ تنهنجو آهيان تو تي عاشق،
وٺن هرگز نٿا اغيار سچ پچ.

١٣ - مجرد زندگي ساري ٿي رهندس،
فقط توسان ئي رهندو پيار سچ پچ.

١٤ - بنائين مونکي يا بالڪل رُلائين،
تون آهين مطلقاً مُختار سچ پچ.

١٥ - ازل جي روز کان آهيان "رشيدا"،
غلامِ حيدرِ ڪرار سچ پچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف چ

# فنا کان بقا ڏي ڪوچ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - اغيار کي ڇڏي ۽ ڪجي دلربا ڏي ڪوچ.
لطف و ڪرم جي شاه ۽ بابُ السّخا ڏي ڪوچ.

۲ - پنهنجن گهرن ۾ شاد رهو صاحبِ وصال،
مون تو ڪيان فراق جي مهمان سرا ڏي ڪوچ.

۳ - جيڪو سُڄاڻي قدر ڪجي اُن کي نذر دل،
نا آشنا ڇڏي ۽ ڪجي آشنا ڏي ڪوچ.

۴ - مهر و وفا جي شاه جو هردم ڪجي سلام،
هرگز ڪجي نه صاحبِ جور و جفا ڏي ڪوچ.

۵ - غم عشق جو نه دل ۾ پُراڻو ٿئي ڪڏهن،
ڪر غم جي اِنتها کان وري اِبتدا ڏي ڪوچ.

۶ - اي مرغِ روح جسم جي زندان ۾ ڪين رهه،
ڪر جلد فرشِ خاڪ مان عرشِ عُلیٰ ڏي ڪوچ.

۷ - دُنيا ۾ اُن کي آهِ نه پرواهه موت جي،
جو پنهنجي زندگي ۾ ڪري تو خدا ڏي ڪوچ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - رحمٰن جو سڏاءِ، يا شيطان جو تي، ڪر،
خلدِ برين ڏي ڪوچ يا تحت الثريٰ ڏي ڪوچ.

٩ - دُنيا ۾ مرشدانِ ضلالت جو آهه زور،
ڳُهرجي ڪرڻ اسان کي تو ڪنهن پارسا ڏي ڪوچ.

١٠ - هوندين اچا تون پنڌ ۾ اي موت جا مَلڪ!
تو کان اڳي هي روح ڪندو مصطفيٰ ڏي ڪوچ.

١١ - دنيا ٿي دون ۾ ڪين هميشه ڪندين قيام،
هڪ ڏينهن نيٺ ٿيندو فنا کان بقا ڏي ڪوچ.

١٢ - سالن کان مونکي آهه زيارت جو دل ۾ شوق،
مولا! ڇڏاءِ سنڌ، ڪيان ڪربلا ڏي ڪوچ.

١٣ - جي مان پَڪي هجان تہ اُڏامي ڪيان شتاب،
شاهِ نجف ڏي حضرتِ مشڪلڪشا ڏي ڪوچ.

١٤ - مرغِ خيال بنجي مديني ڏي تو وڃان،
اڄ تو ڪيان مان پنهنجي سچي پيشوا ڏي ڪوچ.

١٥ - اَرمان آهه دل ۾ هميشه اهو "رشيد"
تهذيب يورپي تي ڪري ايشيا ڏي ڪوچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



صاحب خان "سورهه" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

واٽس ايپ گروپ

## سچ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

١ ـ لعنت ڪري ٿو ڪوڙ تي ليل و نهار سچ.
ڪون و مڪان ۾ سڀني ٿو ذوالاِقتدار سچ.

٢ ـ هردم ڪري ٿو ڪُوڙ طبيعت ڪي منتشر،
دل مان صفا ٿو دور ڪري اِنتظار سچ.

٣ ـ عنقا جي مثل ڪوڙ لڪائي ٿو پاڻ کي،
ٿو مثلِ شمس جڳ ۾ رهي آشڪار سچ.

٤ ـ زائل ٿئي ٿو ڪوڙ سان ماڻهو جو مرتبو،
اَفزون ڪري هميشه ٿو عِزّ و وقار سچ.

٥ ـ سائو ڪري ٿو سچ ۽ ڪري ٿو تباهه ڪوڙ،
سڀني خِزان ٿو ڪوڙ تہ آهي بهار سچ.

٦ ـ دنيا ۾ ڪوڙ سان ٿو وڌي طمع جو مرض،
آ هر مرض جي واسطي تيمّاردار سچ.

٧ ـ نارِ سقر ۾ ڪوڙ جلائي ٿو جسم و جان،
خلدِ برين جي تخت جو آ تاجدار سچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - رهزن بـ قافلو نـ ڪڍهن سچ جو ٽا ڦرن،
آهي مسافري ۾ سچو يارِ غار سچ.
٩ - دجّال جي اچڻ جو ٿو طوفان سڄي ڪوڙ،
آ آمدِ امام جو گرد و غبار سچ.
١٠- ٽُڪرا ٿيا ٿي ڪوڙ جا ميدانِ حرب ۾،
مولىٰ عليؑ جي هٿ ۾ هئي ذوالفقار سچ.
١١ - آهي أزل کان ڪوڙ عزازيل کي مليو،
بخشيو ڪلامِ خاص کي آ ڪردگار سچ.
١٢ - فرعون جي خدائي ڪئي ڪوڙ آهِ غرق،
موسىٰؑ سان هو أزل کان ٿيو غمگسار سچ.
١٣ - نمرود پنهنجي ڪوڙ سان مڇّر جو ٿيو شڪار،
آتش ڪئي خليلؑ تي باغ و بهار سچ.
١٤- ٿيو ڪوڙ سان يزيد زماني ۾ نامراد،
شبّيرؑ کي جهان ۾ ڪيو ڪامگار سچ.
١٥- ڳالهاءِ ڪين ڪوڙ حياتي ۾ اي "رشيد"،
توکي ڪپي ٿو جڳ ۾ چوڻ بار بار سچ.

❀

# ڪامل سخنور کان پُڇ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

۱- رمُوزِ عاشقان هرگز نہ جاهل بي خبر کان پُڇ،
حقيقت آشنا کان، عشق واري کان هنر کان پُڇ.

۲- جنُون ۽ هجر ۽ لُڇ، يادگيري، درد و غم بابت،
زمان ۽ سال، هفتي، ڏينهن ۽ شام و سحر کان پُڇ.

۳- نہ پُڇ پيرن ۽ گردن، حلق کان مظلوم جي حالت.
سَلاسل، طوق ۽ خنجر کان ۽ بيدادگر کان پُڇ.

۴- جگر ۽ دل ۽ سينـي ۽ گـلي جي پُڇ نہ ڪيفيت،
تون پنهنجي تيغ ۽ تلوار ۽ تير ۽ تبر کان پُڇ.

۵- نہ پُڇ صيّاد مون کان قيد ۽ بادِ خزان بابت،
قفس کان، گل ۽ گلچين کان چمن جي هر شجر کان پُڇ.

۶- خرابي خون جي ۽ دردِ فرقت، سوز ۽ سودا،
تون هن خستہ جگر کان، دل کان، سيني کان ۽ سر کان پُڇ.

۷- جنون، ديوانگي، وحشت جي باري ۾ نہ پُڇ ڪنهن کان،
در و ديوار کان، صحرا کان ۽ شوريده سر کان پُڇ.

٨ - حليمي، تندخوئي، سرد مهري ۽ سبڪساري،
وڃي خاڪي ۽ ناري، آبي ۽ بادي بشر کان پُڇ.

٩ - سياهي ۽ سُفيدي ۽ شفق ۽ ابرِ باران جو،
نہ پُڇ برسات کان منظر مگر هن چشمِ تر کان پُڇ.

١٠ - سمنڊ ۽ ڪوه ۽ ميدان ۽ دريا جو نظارو،
ڪراچي، ڪوئيٽا ۽ جيڪب آباد ۽ سکر کان پُڇ.

١١ - صداقت صبر جي مون کان پُڇين تہ ماجرا ڪهڙي،
خليل الله ابراهيمؑ ۽ اُنجي پسر کان پُڇ.

١٢ - شجاعت، عصمت ۽ صبر و رضا ۽ شان رحمت جو،
عليؑ ۽ فاطمہؑ ، حسنينؑ ۽ خير البشر کان پُڇ.

١٣ - عمر(ابن هشام) فرعون ۽ شداد ۽ نمرود جي آ ڪڙ،
بدر کان، نيل کان، باغ اِرم کان ۽ مچر کان پُڇ.

١٤ - خوشي ۽ عيش ۽ ذلت ۽ دولت ڪين پُڇ ٻئي کان،
تپيدار ۽ وڪيل ۽ ماستر ۽ ڊاڪٽر کان پُڇ.

١٥ - "رشيدا" ڪير تہ تنهنجو سخن سمجهي زماني ۾،
اديب العصر، فخرِ شاعران، ڪامل سخنور کان پُڇ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رنج و بَلا آڄ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١ - ڪئـــي اڄ وصـــل جـــي آ دلـــربــا آڄ.
سڄـــڻ شيـــريـــن سخـــن شيـــريـــن اَدا آڄ.
٢ - عـــدو فـــرقـــت جـــو آهـــي پـــوَ ڏيـــاريـــو،
ڪئـــي آ وصـــل جـــي دلبـــر جـــدا آڄ.
٣- ســـدائيـــن وصـــل ســـان رک شـــاد مـــونکـــي،
رقيبـــن کـــي وجـــي رنـــج و بـــلا آڄ.
٤ - رقـــابـــت ســـان ســـڙي ٿـــو ســـاهـــ منهنجـــو،
نـــہ ڪـــر نـــا آشنـــا کـــي آشنـــا آڄ.
٥ - زيـــارت، شفقـــت ۽ لطـــف و عطـــا جـــي،
ڪنـــدو مـــونکـــي شهيـــدِ ڪـــربـــلا آڄ.
٦ - نـــہ آ خـــوف، سقـــر دل ۾ "رشيـــدا"،
شفـــاعـــت جـــي ڪنـــدو خـــود مصطفـــيٰ آڄ.
٧ - علـيؑ جـيَ ڪـر ثنـا ڪـوثـر جـي تـوکـي،
ڪنـــدو حضـــرت عـــلي المـــرتضـــيٰ آڄ.
٨ - "رشيـــدا" روز و شـــب مـــدحِ عـــليؑ جـــي،
ڪـــري ٿـــو شـــاعـــرن کـــي خـــود خـــدا آڄ.

❁

# تصوير کان پُچ

(فعولن- فعولن- فعولن- فعولن)

١ - تون منهنجي خبر منهنجي تحرير کان پُڇ،
نه بي درد دشمن جي تقرير کان پُڇ.

٢- پريشان آهيان پري کان ڏسي ٿيو،
خبر عشق جي پنهنجي دلگير کان پُڇ.

٣- مصوّر جي آ عمر تصوير کان گهٽ،
فنا جي حقيقت تون تصوير کان پُڇ.

٤ - چگن سان ڪُتو پي چگو ٿي پوي ٿو،
حقيقت هدايت جي قطمير کان پُڇ.

٥ - ٿيڻ عشق ۾ ذبح آهي نه سَولو،
خبر تيغِ بُران جي شبير کان پُڇ.

٦ - "رشيدا" نه آ شاعرن عيش ماڻيو،
تون "مومن" ۽ "غالب" ڪان ۽ "مير" کان پڇ.

# عدو نامهربان کان پُڇ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

١ - حقيقت حال منهنجي جي وڃي ساري جهان کان پُڇ.
حَجر کان پُڇ شجر کان پُڇ زمين و آسمان کان پُڇ.

٢- رُلي، پنڪي، ڌِڪا کائي، ذليل و خوار ٿيو آهيان،
ڳلي کان، ڳوٺ کان، بازار کان خرد و ڪلان کان پُڇ.

٣ - حقيقت تير، سودا، سوز، خنجر، بي زباني جي،
جگر کان، سر کان، سيني کان گلي کان ۽ زبان کان پُڇ.

۴ - تون بي چيني، پريشاني ۽ دردِ دل جي باري ۾،
شبِ فرقت کان، روزِ غم کان ۽ آه و فغان کان پُڇ.

۵ - ڪيان اِظهار مجبوري ۽ حالِ غم جي ڇا حالت،
تون منهنجي اِنڪساري کان ۽ طرزِ داستان کان پُڇ.

٦ - تون عشقِ گل ۽ قيد ۽ بي ڪسي، بلبل جي آزادي،
چمن کان ۽ قفس کان، دام کان ۽ آشيان کان پُڇ.

٧- يتيمي، خستہ حالي ۽ اڳوٽي اوج جون ڳالهيون،
عزيزن کان، حبيبن کان ۽ منهنجي خاندان کان پُڇ.

٨ - جهـاد ۽ وحـدت ۽ اِسـلام جـو زورِ ڪمـاليـّـت،
مجاهد ڪان مـوحّـد ڪان، دلِ ڪشورستان ڪان پُڇ.

٩ - عدالت، عصمت ۽ صبر و رضـا ، ذوقِ شفـاعـت تـون،
عليؑ ، خاتونؑ ، حسنينؑ ۽ شفيعِ دوجهان ڪان پُڇ.

١٠- اسانجي رهبري جي ۽ اِطاعت جي سچي تـاريـخ،
اسانجـي قـافـلي سـالار ڪـان ۽ ڪـاروان ڪـان پُـڇ.

١١ - ”رشيـدا“ پُـڇ نـه مجبـوري ۽ بـدحـالي جـي ڪيفيـت،
فلڪ بـي پيـر ڪان پُڇ ۽ عدو نـامهـربـان ڪـان پُـڇ.

١٢- اسانجي دين و ايمان، خُلق ۽ اِحسـان جون ڳـالهيـون،
عَرَب ڪان، چين ڪان، جاپان ڪان هندوستان ڪـان پُـڇ.

١٣ - سخـاوت ۽ شجـاعـت ۽ عـدالت منهنجـي جـو قصّـو،
تون حاتم اِبـنِ طائـي، رستـم ۽ نوشيـروان ڪان پُـڇ.

١٤ - محبّـــت ۽ مـــروت ۽ مـــؤدت ۽ وفـــائـــي ديـــن،
عـراق ۽ مصـر ۽ بيت الـمقـدّس، سيستـان ڪـان پُـڇ.

١٥- حقيقت شاعـري جي ۽ دلِ محـزون جي جذبـن جـي،
”رشيد احمد“ جي ديوان ۽ سندس طبع رَوان ڪـان پُـڇ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چشمِ گوهر بار کان پُڇ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱ - خطــا منهنجــي نــہ مــون بــدڪــار کــان پُــڇ.
پُڇــڻ چــاهيــن تــہ اُن غفــار کــان پُــڇ.
۲ - نــہ پُــڇ نــااهــل کــان اَشڪــن جــي قيمــت،
فقــط هــن چشــمِ گــوهــر بــار کــان پُــڇ.
۳- بيــان ديــوانگــي جــو چــا ٻُــڌايــان،
بيــابــان ۽ در و ديــوار کــان پُــڇ.
۴ - نــہ پُــڇ وصــف و شڪــايــت منهنجــي هــرگــز،
وڃــي احبــاب ۽ اَغيــار کــان پُــڇ.
۵ - تــون هــن عــاشــق جــي رُســوائــي جــي حــالــت،
گــلــي ۽ گــوٺ ۽ بــازار کــان پُــڇ.
۶ - يتيمــي ۾ تيــو آهيــان مســافــر،
بلــوچستــان ۽ قنــڌار کــان پُــڇ.
۷- نــہ آهــي ڪنهــن ڪــي مــون دشمــن بنــايــو،
وطــن جــي هــر ٻُــدي ۽ پــار کــان پُــڇ.

٨ - نہ حاصل آ تنھن لطفِ حياتي،
فلڪ بي پير جي رفتار کان پڇ.

٩ - فقيري ويس پئي مون آهي پاتو،
تون باھو پير جي دربار کان پڇ.

١٠ - "رشيد" آهي نہ ڪنهنجي دل ڏکوئي،
وڃي ڪنهن اُن جي رشتيدار کان پڇ.

١١ - نہ قاتل بيڪسي پڇ مون کان پنهنجي،
تون پنهنجي تير ۽ تلوار کان پڇ.

١٢ - ڪِلي منهن تو ڏيان هر درد و غم کي،
تون ڪنهن همراز يارِ غار کان پڇ.

١٣ - شهادت روزه سان مسجد ۾ پائڻ،
جنابِ حيدرِ ڪرار کان پڇ.

١٤ - نہ پڇ تون بي ڪسي اِبنِ عليؑ جي،
شمر جي خنجرِ خونخوار کان پڇ.

١٥ - "رشيدا" پڇ نہ بدحالي جو قصو،
تون هن ديوان جي اشعار کان پڇ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف چ

# منهنجي لاچاري نہ پُڇ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١ - سادگي منهنجي نہ پُڇ ۽ پنهنجي عيّاري نہ پُڇ.
خود غرض خاموش رهہ ۽ پنهنجي غداري نہ پُڇ.
٢- مون ڪئي توسان وفا تو بي وفائي ڪئي مگر،
مُنهنجي پڇ تيزي نہ پنهنجي سست رفتاري نہ پُڇ.
٣- طائرِ دل تي ڪيو پرواز تو ڏي هر گهڙي،
عرشِ اُلفت تي اُڏڻ جي لاءِ طيّاري نہ پُڇ.
٤ - انتظاري تنهنجي ۾ ويو نيٺ دم نڪري مٺا،
پُڇ مسيحائي نہ پنهنجي، منهنجي بيماري نہ پُڇ.
٥- اِنڪساري منهنجي تي تو تي ڏنا کهرا جواب،
پنهنجي بي دردي نہ پُڇ ۽ منهنجي لاچاري نہ پُڇ.
٦- مون ڇيو مهجور مونکي ڇو رکين تو دلربا!
تو ڇيو خاموش رهہ آ حڪم سرڪاري نہ پُڇ.
٧- مون ڇيو منزل ڪٺن آهي پري ڏسجي تو پنڌ،
تو ڇيو ٻَڌ ڇيلهہ سان پنهنجي جُتي لاري نہ پُڇ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- مون چيو مونکي بہ بزمِ عشق جون ڳالهيون ڏسيو،
تـو چيـو نـادان چـپ ڪـر ڳـالهہ دربـاري نـہ پُـڇ.

٩- تنهنجي ڳولا ۾ سڄي دنيا رُليس اي دل جا چور!
پـر اِهـا ورنـدي مِـلي چـورن جـي پـاٿـاري نـہ پُـڇ.

١٠- بزم تنهنجي ۾ اچي اِنصاف ڪـو تـو ڪـان سڪـي،
منهنجي معزولي نہ پُڇ غيرن جي مختـاري نـہ پُـڇ.

١١- ڪـن چڱـايون ٿـا چڱـا، بڇڙن جـي آهـي بـد روَش،
دوستـي اَشـراف سـان رک يـار بـازاري نـہ پُـڇ.

١٢- حسن جي سرڪار ڏيئي حڪم ڦاسي جـو چيـو،
تـار زلفـن جـي سـان ڦـاهـو ڪـاءِ ڳـاري نـہ پُـڇ.

١٣- ڪيتـرن عـشـاق جـا خـانـا ٿيـا آهـن خـراب،
هـن عـدو بـدبخـت جـي دنيـا ۾ مڪـاري نـہ پُـڇ.

١۴- بسترِ اُلفـت تـان جـاڳـائـي چيـو مـونکـي سڄـڻ،
درد جي ڏنگهرن تي سُمهہ ۽ وصل جي واري نہ پُڇ.

١٥- صدق تنهنجي ڪان تو سڌجي جڳ ۾ صديقي ”رشيد“،
اِنڪري ڪنهن ڪان تون اُن جي ذات لاشاري نہ پُڇ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اِنعام آڃ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١ - زهر فرقت جو رقيبن کي تون صبح و شام آڃ.
مونکي هر دم وصل جا بسڪوت ۽ بادام آڃ.

٢ - مونکي عشقِ خام جو هرڪو تو ڏوراپو ڏئي،
بي وفائي جو ڪري توکي نہ تو اِلزام آڃ.

٣ - سڀ خوشي سان تا قبولن تنهنجي دينِ عشق کي،
ڇو جو ڪنهن کي ڪين تو زوري ڪري اِسلام آڃ.

۴ - دام تنهنجي زلف جو اِئَن عاشقن کي تو سڏي،
جئَن پکي کي تو ڪري داڻو برائي دام آڃ.

۵ - سيف ابرو سان اچان تو روز ڪُسجي دلربا!
قتل جي ٿيندي اَلائي ڪيترا ايام آڃ.

٦ - عيش، فرحت، سُک، خوشي راحت ڏي مونکي غير کي،
دم ڪشي، سودا ۽ سلهہ ۽ تپ ٻرو سرسام آڃ.

٧ - غير کي ٻي جا خوشامد تي مِلن ٿيون خلعتون،
پنهنجي شاعر کي بہ ڪجهہ اِنعام ۽ اڪرام آڃ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - جڳ سڄو آ منتظر تنهنجي قدم بوسي جي لاءِ،
عشق تنهنجي کي ٿا ڪن بينگال ۾ آسام آچ.
٩ - ڪوس توکي آهِ جائز ڏج نہ هرگز پاپ ڪان،
خودبخود قاطي جي ڪن ٿا عشق جا گگدام آچ.
١٠- "عشق اوّل در دل معشوق پيدا مي شود"
عشقِ سسئي کي ڪئي هئي پاڻ آري جام آچ.
١١- سَڏ ٻُڌي سندرو ٻَڌي صحرا ڏي ڊڪندو ٿو وڃان،
ٿو ڪري وحشت جي تنهنجي هجر جو پيغام آچ.
١٢ - مون ڪفن سر سان ٻَڌي قاتل ڏي ڪاهيون ٿو وڃان،
آ ڪئي عشاق جي مقتل ۾ قتلِ عام آچ.
١٣ - ٿو ڏجي چوري ۾ ٻُنگو تون بہ سر ۽ ساه جو،
پنهنجي دل واپس وٺڻ جي واسطي اِنعام آچ.
١٤- ڪين ڪر آرام دنيا ۾ سدا بيدار رهہ،
ٿو ڪري هر هڪ بشر کي قبر جو آرام آچ.
١٥- صاف ٿا ڏيکارجن اَشعار تنهنجا اي "رشيد"،
ڪين اڄ توکي ڪئي آ صنعتِ اِيهام آچ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ح

# دردِ هجران هر طرح

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١ - فرقتِ جانان ۾ آهي چشم گريان هر طرح.
تيو زبان جو ورد آهي راحتِ جان هر طرح.

٢- جان بلب فرقت ۾ آهيان وصل جي آهي پياس،
تو پئي خونِ جگر فرقت جو مهمان هر طرح.

٣ - ويو ٿپي آهي جنون جو جوش حدِ اعتدال،
چاڪ ٿو صحرا ۾ ٿئي منهنجو گريبان هر طرح.

٤ - دل ڪيو عشقِ بتان جو آهه مذهبِ اختيار،
مون ڪان رخصت ٿا گهرن اج دين و ايمان هر طرح.

٥ - بيو نہ آهي درد و غم رنج و الم دل ۾ فقط،
تي ستائي صبح سانجهي يادِ جانان هر طرح.

٦ - غير ڪي ميلاپ جا هردم اِشارا ٿو ڏئين،
دل مگر منهنجي ڦٽن ٿا تيرِ مژگان هر طرح.

٧ـ وصل جو وعدو اجا تائين نہ آ حاصل ٿيو،
تو ٿئي افزون سدا حالِ پريشان هر طرح.

٨ - خود بخود ٿئي عشق جي آتش ٿي دل ۾ جاگزين،
پاڻ ٿي نازل ڪيان ٿو برقِ تابان هر طرح.

٩ - غرق ٿئي يا دامِ گيسو ۾ سدا لٽڪي پئي،
تو لڳي دل ڪي ڏکيو چاهِ زنخدان هر طرح.

١٠ - پنهنجي بربادي جو توکي اي فلڪ! ڪونهي خيال،
تنهنجي رفعت جي پٺيان آ آهِ سوزان هر طرح.

١١ - اي مسيحا چو پري آهين مريضِ عشق کان،
دل کي ترڦائي ٿو تنهنجو دردِ هجران هر طرح.

١٢ - مثل گل آهن شگفته داغهائي دردِ دل،
ٿي چڪو آباد آ دل جو گلستان هر طرح.

١٣ - منهنجي خاطر آ عدو جي گهر جو پاڻي پي حرام،
تو کٽان دلبر جو ليکن بارِ احسان هر طرح.

١٤ - گريه زاري بند ڪر نامِ خدا پنهنجي "رشيد!"
غرق عالم کي ڪندو اَشڪن جو طوفان هر طرح.

١٥ - ٿي سياڻو ڪر ذرا ذڪرِ بتان کان اِحتراز،
تو تي واجب آ "رشيدا" ذڪرِ يزدان هر طرح.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ح

# قائدِ اعظم محمّد علي جناح

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - آهيــن اســانجــو شــاه محمّــد عــلي جنــاح.
آ دل ۾ تنهنجــو چــاه محمّــد عــلي جنــاح.

٢ - مولد هو جيڪو تنهنجو سو ساڳيو ڪراچي شهر،
آ تنهنجــو تخــت گــاه محمّــد عــلي جنــاح.

٣ - قــوم و وطــن جــو اوج ڏســي ڪــائنــات ۾،
چئجــي تــو واه واه محمّــد عــلي جنــاح.

٤ - اڄ ۾ ڇڏي ڏنــو هــو جــو "جــوهــر" پــروگــرام،
اُنجــو ڪيــو نبــاه محمّــد عــلي جنــاح.

٥ - هڪڙن ڏهن ورهين ۾ ڪيائين صدي جو ڪم،
آ فخــرِ عــزّ و جــاه محمّــد عــلي جنــاح.

٦ - آهــي جــوان عقــل ۾ هــي پيــر پــارســا،
آ عــدل جــو ڪــلاه محمّــد عــلي جنــاح.

٧ - پيــدا جفــاڪشــي ســان ڪئــي آهِــ قــوم لاءِ،
آزادگــي جــي راه محمّــد عــلي جنــاح.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ ”رشيد“

٨- آهي سياسيات ۽ تدابير ۾ سجي،
دنيا جو بادشاهه محمد علي جناح.

٩- آهي بنايو قوم ۽ ملت جي واسطي،
هڪڙو ئي شاهِ راهه محمد علي جناح.

١٠- آ تاجدارِ اولِ اقوام ۽ ملڪ دين،
عالم جي آ پناهه محمد علي جناح.

١١- آهي سپاهي قوم جو ۽ پنهنجي قوم کي،
آهي سڏيو سپاهه محمد علي جناح.

١٢- جيڪو تو قوم پنهنجي جو چوسي وطن ۾ خون،
اُنجو گهٽي تو ساهه محمد علي جناح.

١٣- غدارِ ملڪ ۽ قوم جو، آ پنهنجي ملڪ ۾،
بيڙو ڪيو تباهه محمد علي جناح.

١٤- ظالم ۽ مرتشي کي ڪري تو خيال سان،
هر وقت اِنتباهه محمد علي جناح.

١٥- ”الحمد“ پڙهه ”رشيد“ اُجهائي وطن ۾ آهه،
ظلم ۽ ستم جي باهه محمد علي جناح.

❀

ردیف ح

# صبح

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

۱- جڳ ۾ آئي ٿو مسرت جو ڪڏهن پيغام صبح.
ٿو ڪڏهن زائل ڪري عيش و خوشي آرام صبح.
۲- آهه نئون سج نئين مصيبت حضرت انسان لاءِ،
ڪين آهي اهڙي هستي جا بَنائي رام صبح.
۳- مرغِ دل قيدِ حوادث کان نه واندو آ ڪڏهن،
هر بشر جي لاءِ آهي درد و غم جو دام صبح.
۴- بعدِ مُردن شمس نا اُڀري تہ ڇا اُڀري تہ ڇا،
ديد بد قسمت جي ۾ آهي هميشہ شام صبح.
۵- وصل جي شب هڪڙي لحظي ۾ وڃي ٿي ختم ٿي،
ٿو ڪري دل جي تمنائن جو قتلِ عام صبح.
۶- گردشِ چرخِ ڪهن آهي نہ هڪڙي حال تي،
ڪنهن جي آ ناڪام شب ۽ ڪنهنجو آ ناڪام صبح.
۷- ڏينهنُ سارو جڳ ۾ ٿو محنت مشقت ۾ لنگهي،
مرقدِ اِنسان جي شب جو ڇو نہ ٿئي انجام صبح.

٨ - پردهٔ ظلمات مان خورشيد ٿئي ٿو آشڪار،
جڻ ٿو ڪفرستان ۾ آڻي سچو اسلام صبح.
٩ - قومِ خوابيده ۾ پيدا جوشِ بيداري ڪري،
ٿو وري پُنتي وَرائي گردشِ اَيام صبح.
١٠ - ابتدائي دردِ انسان آهه صبحِ زندگي،
زندگي ۾ رات آهي عيش ۽ آلام صبح.
١١- رات جو مايوس ٿي ليٽي ٿو فرشِ خاڪ تي،
آ گدا جي لاءِ دل جي خواهشن جي بام صبح.
١٢ - ڪيترن رندن جون ميٽي ٿو هزارين حسرتون،
لعل مئي سان پُر ڪري آڻي ٿو رنگين جام صبح.
١٣ - ساري عالم جو پريرو بنجي ٿو جڳ ۾ اچي،
شب جي ڪاري ديو جو گم ٿو ڪري آرام صبح.
١٤- هر جڳهه عيش و طرب جو ٿو اچي منظر نظر،
باغ کي بادِ صبا جو ٿو ڏئي اِنعام صبح.
١٥ - رات جي غفلت شعاري بُزدلي جو اي "رشيد"،
ٿو وڃائي تپ، پرو، سودا ۽ سلهه، سرسام صبح.

ردیف ح

# "روح"

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - اَسرارِ حق جو سڏجي ٿو دنيا ۾ راز روح.
هر شئي کان رهندو ۽ ٿو رهي سرفراز روح.

۲ - موجود آسان ۾ ڏسڻ ۾ نٿو اَچي،
تيو زندگي ۽ موت کان آ پاڪباز روح.

۳ - آهي بشر کي ويجهو پري جي اُتس خبر،
هردم ٿو خير و شر ۾ ڪري اِمتياز روح.

۴ - نڪري وڃي ٿو جسم مان تاهم رفيق آهِ،
ڏک سُک ۾ جسم سان ٿو رهي جان گداز روح.

۵ - هڪ جسم مان ٿو نڪري تہ ٻئي ۾ نٿو اچي،
ميثاق کان رهي ٿو تناسخ کان باز روح.

۶ - اِحساس عيش و غم جو رڳو روح کي ٿو ٿئي،
هر ڪم ۾ جسم واسطي آ ڪار ساز روح.

۷ - جي جسم ٿو ڳري تہ نہ ڳٽتي ڪجهي سندس،
آ زندگي ۾ تنهنجي حقيقت جو ساز روح.

٨ - بد فعل هن ڪان ڪين تو سرزد ٿئي ڪڏهن،
آهي صفت خدا جي سان رنگِ مجاز روح.
٩ - ذاريو سمجهه نہ پاڻ کي آهين تون پاڻ روح،
خالق اڳيان تو توکي پڙهائي نماز روح.
١٠ - ڪر جسم کي فنا تہ بقا جي جهان ۾،
توکي بنائي بنده مان بنده نواز روح.
١١ - آ روح کي بقا نہ فنا تو ٿئي ڪڏهن،
باقي رهڻ تي پنهنجي ڪري ڇو نہ ناز روح.
١٢ - مان ڇا چوان تہ روح کي ڇا ڇئجي آهِہ ڇا؟
محمود آهِہ روح يا آهي اياز روح.
١٣ - جنهن آ سڃاتو نفس کي تنهن آ سڃاتو ربّ،
هن "رب" لفظ جو تون سڄو ڄاڻ راز روح.
١٤ - اَصحاب پاڪ توڙي پريشان تي رهيا،
ظاهر ڪيو تڏهن بہ نہ شاهِ حجاز روح.
١٥ - اعليٰ اڳيان جهڪو تي ۽ ادنيٰ کان رهہ اوچو،
مؤمن جي جسم ۾ تو رهي بي نياز روح.

❁

# يار جو رُخ

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

۱- پَوي تو ياد مونکي يار جو رُخ.
ڏسڻ دل تي گهري، دلدار جو رُخ.

۲- محَبت ۾ تيو منصور آهيان،
چڏيو مون ڏانهن ڦيري دار جو رُخ.

۳- وٺڻ تو حسن جي خيرات چاهيان،
سخي جي در تي ڏِس پينار جو رُخ.

۴- فلڪ دل جي تي اَج پنهنجن اکين سان،
ڏسان تو شمس پُر اَنوار جو رُخ.

۵- نہ مقتل مان تون چڏ، مونائي قاتل!
ڏسان شل سيگهہ مان تلوار جو رُخ.

۶- اُڏائي تو چڏيان، باد صبا سان،
ڪري دلدار ڏي تُومار جو رُخ.

۷- سجاڻ جهڙو بلڪل ڪين آهيان،
مسيحا! ڏس اچي بيمار جو رُخ.

۸- "رشيد" اَج ڏسجي تو بدليل زمانو،
ڦِريو تنهنجي نہ چو اشعار جو رُخ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كلامِ "رشيد"

# بيدل جو رُخ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱ - عشق ۾ هوندو هميشه آهِ زنده دل جو رُخ.
ڪين مَنجي تو ڪڏهن غفلت کان ڪنهن غافل جو رُخ.

۲ - رُخ تو قاتل کان ڦِري مقتول جو ڪُسجڻ کان اڳ،
پر نہ تو قاتل کان مَنجي تو دلِ بسمل جو رُخ.

۳ - دل جي ڪعبي کي پُٺي ڏيئي تو اچ گردن وڍي،
منهنجو آ خنجر ۾ رُخ خنجر ۾ آ قاتل جو رُخ.

۴ - جئَن وجان تو اڳيرو تئَن دُور دُوري ٿي ٿئي،
منهنجو آ منزل ۾ رُخ مون ڏانهن آ منزل جو رُخ.

۵ - بي خطا اچ خود بخود مقتل ۾ تو حاضر ٿئي،
امر کان شايد ڦِري پئي آمرِ عادل جو رُخ.

۶ - دل وٺي بيدل ٿيس دلبر ويو بيدل وٺان،
دل ڪسي دلبر ويو دل جي پُٺيان بيدل جو رُخ.

۷ - مونکي مقناطيس وانگر حسن ڪئي آهي ڪشش،
مون ۾ اچ شايد ڦريو آ يار جي محفل جو رُخ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف خ

٨- ڪٿَن رُخِ زيبا ڇڏي غيرن ڏي پنهنجو رُخ ڪيان،
در سخي جي تي هميشه هوندو آ سائل جو رُخ.

٩- عشق جو هيندل هٿن پنهنجن مان هرگز ڪين ڇڏ،
دل جي پَنڙي تان نه ترڪي غم جي سائيڪل جو رُخ.

١٠- مونکي پنهنجي بزم ۾ ائَن پنهنجو گرويده بناءِ،
جئَن نٿو معمول ڪان مَنجي ڪڏهن عامل جو رُخ.

١١- جو چوي پيرِ مغان سو ڪر ۽ رُخ اُنکان نه ڦير،
ڇو جو آهي راهِ حق ڏي مرشدِ ڪامل جو رُخ.

١٢- سوچي سمجهي زير بالا جڳ ۾ تو عالم ڏسي،
آسمان ڏي هوندو آهي هر گهڙي جاهل جو رُخ.

١٣- دوجهان ۾ آهه حامي حضرتِ مشڪل ڪشا،
ڪٿَن تو ڪو مؤمن ڏسي دنيا ۾ ڪنهن مشڪل جو رُخ.

١٤- ساري عالم کان جي منجي رُخ ويو پروا نه آهه،
پر "رشيدا" ڪين منجي دلربا کان دل جو رُخ.

١٥- بحرِ غم ۾ لُڙهه بَڏي سندرو توڪل جو "رشيد"،
خود بخود تنهنجي طرف ايندو ڦري ساحل جو رُخ.

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شوخ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيل)

١- هميشه دل ۾ ڏارن ٿا دغا شوخ.
تين کنهن سان نٿا اهلِ صفا شوخ.

٢- عزازيلي اَمانت آهِه شوخي،
نه ٿيو آهي ڪڏهن خيرالوريٰ شوخ.

٣- عدو ٿيو آهِه وقتِ قتل گستاخ،
ٿيو تاهم نه آ مشڪل ڪشا شوخ.

٤- سدائين بد رَوش پنهنجي سان جڳ ۾،
فسادن جي ڪري ٿو اِبتدا شوخ.

٥- زمانو شوخ سان ناساز آهي،
نه پنهنجي جڳ ۾ ڪر عزّت فنا شوخ.

٦- مروّت ۽ وفا ڪان آهِه عاري،
بنائي پاڻ کي ٿو بي حيا شوخ.

٧- پڇي احباب ٿا بيزار ٿين گر،
مصيبت ۾ ٿئي ٿو مبتلا شوخ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف خ

٨- ڏنگي تو نانگ وانگر هر بشر کي،
تئي تو ڪين ڪنهنجو آشنا شوخ.

٩- زمين وانگر رهن تا پست عاشق،
تين ڪنهن سان نتا مثلِ سَما شوخ.

١٠- نه ڪر اي شوخرو هيٺن سان شوخي،
متان تو سان تئي ذاتِ خدا شوخ.

١١- نه ڪر شوخي ڪڏهن ذاتِ خدا سان،
ڏسڻ چاهين تو چو تحت الثریٰ شوخ.

١٢- مَرَض شوخي جو بالڪل آهه بُڇڙو،
مسيحا وٽ به آهين لا دَوا شوخ.

١٣- مرڻ کان بعد پي تيندين گِلارو،
ڪندو تنهنجي نه ڪو وصف و ثنا شوخ.

١٤- بوقتِ نزع ڏاڍو نرم ٿيندين،
سِڌو توکي ڪندو تيرِ قضا شوخ.

١٥- ”رشيدا“ تنهنجو ڪم شوخي نه آهي،
نه تئي تو شاعرِ رنگين نوا شوخ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كلامِ "رشيد"

# نبيﷺ جي شان ۾ گستاخي

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيل)

١ - نبيﷺ سان ٿي نه مُشتِ خاڪ گستاخ.
نبيﷺ جي ذات آهي پاڪ گستاخ.

٢ - بشر ۽ نور ٿو يڪسان بنائين،
جهنم کان نه رهه بي باڪ گستاخ.

٣ - نبيﷺ کي آهه بيشڪ علم، ڪُلي،
سندس هر علم آ اِملاڪ گستاخ.

٤- نه ٿو جبريلؑ ڄاڻي شانِ احمدﷺ،
ٿيالي سان نه آهي ڊاڪ گستاخ.

٥ - بشر ٿي عرشِ اعليٰ کان لنگهي ويو،
نبيﷺ سان ڪين ٿيا اَفلاڪ گستاخ.

٦ - مَلائڪ ڇو نه ڪن ذڪرِ محمّدﷺ،
سدائين آ پنهن سان ماڪ گستاخ.

٧ - محمّدﷺ رَحمتہ اللعالمين آ،
سندس هر جاءِ آهي هاڪ گستاخ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف خ

٨- تنهنجي تو زير بالا ڪان نه بالا،
نه آهي پاسري سان ٻاڪ گستاخ.

٩- نبيﷺ کي تون فقط ليڪين نبيﷺ تو،
نبيﷺ آ صاحب لولاڪ گستاخ.

١٠- خبر شانِ نبيﷺ جي توکي ڪهڙي؟
نه تي رانجهو سان سمجهي چاڪ گستاخ.

١١- گِلا جي تخت تي ويهي گلا گو،
نه ڪَدِ شانِ نبيﷺ ۾ واڪ گستاخ.

١٢- ڪري دنيا ۾ پنهنجو دين برباد،
قيامت ۾ نه تي غمناڪ گستاخ.

١٣- مِٽائين تو چيو تحريرِ نبوّت،
ڪسي تو بورڊ سان تي چاڪ گستاخ.

١٤- وهابين جو گهٽو آهيان مان گهائل،
چڪائين چو تو ويتر چاڪ گستاخ.

١٥- خبر پرديس جي ديسي کي ڪهڙي،
نه تي سنڌي سان اَهلِ تاڪ گستاخ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسرارِ احمدؐ (غیر منقوط)

(مفاعیلن-مفاعیلن-فعولن)

۱ - عطاءُ اللہ آ اَسرار احمدؐ.
دو عالم لاءِ آ دلدار احمدؐ.

۲- رسول اللہ آ اطهر مکمل،
ملائڪ لاءِ آ سردار احمدؐ.

۳- عطا دل لاءِ ڪر دائم دلاسو،
سگهو ڪر لهه اُمالڪ سار احمدؐ!

۴ - مطالع لاءِ حاصل در دو عالم،
ڪلام اللہ ڪر هر وار احمدؐ!

۵ - اِها آ آس ڪر آلام معدوم،
عطا سولو ڪو ڪر ڪم ڪار احمدؐ!

۶- عَلم اِسلام وارو ڪر مُعلیٰ،
سدا مسرور رک سالار احمدؐ!

۷- عطا آرام ڪر آلام ڪر دور،
اُمالڪ ڪر عدو مردار احمدؐ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - "سـدا الله آ الله، الله"
اِهـا ڪـر هـڪ عطـا للڪـار احمـدؐ!

٩ - محمّـدؐ آهـ مسلـم لاءِ مـولىٰ،
اِهـو دل لاءِ آ معمـار احمـدؐ!

١٠- عطـا راهِ هـدا ڪـر رحـم وارا!
ڪـرم ڪـر رک سـدا رهـوار احمـدؐ!

١١- سـدا رک صلـح وارو مهـر طـالـع،
عطـا ڪـو عـدل ڪـر سـرڪـار احمـدؐ!

١٢- اِهـا دل لاءِ لاحـاصـل صـدا ڪـر،
"گـداگـر لاءِ هـردم عـار" احمـدؐ!

١٣- هُـدا وارا سـدا رک عـام مسـرور،
عـدو الله وارا مـار احمـدؐ!

١٤- روا دل لاءِ رک آلام هـردم،
عطـا سـر لاءِ ڪـر ڪـا دار احمـدؐ!

١٥ - محمّـدؐ آ محمّـدؐ آ محمّـدؐ،
اِهـو آ "احمـدا" اَسـرارِ احمـدؐ.

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بي جا ثنا پسند

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - سڀ ڪنهن کي اڄ جهان ۾ آهي ڳِلا پسند.
ڪن بُوالهَوَس اَمير تا بي جا ثنا پسند.
۲ - هر شئي رُجوع اصل ڏي آهي ڪندي ضرور،
جابر کي آ جهان ۾ جورو جفا پسند.
۳ - دنيا ئي دون جي لاءِ سڏائن تا پارسا،
مونکي نہ آ جهان ۾ ڪو پارسا پسند.
۴- يورپ ۾ ڪين آهِ ڪو مذهب جو خير خواه،
يورپ ڪان آهِ مونکي سدا ايشيا پسند.
۵- جو تو نِمي سو نيٺ ٿئي بارياب تو،
بنده جو اِنڪسار ڪري تو خدا پسند.
۶ - رحمت جو باب کولي تو اُن لاءِ ڪردگار،
حاتم جي مثل جيڪو ڪري تو ثنا پسند.
۷ - وسري وڃي تو ديس شهادت جي شوق ۾،
يثرب ڇڏي حسينؑ ڪئي ڪربلا پسند.

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - قاتل کي پي ڪرايائين شربت ۾ شهد نوش،
ڪنهنجو ضرر ڪيو ٿي نہ مشڪل ڪشا پسند.

٩ - ڪشتيءِ قومِ بحرِ حوادث ۾ ٿي ٻُڏي،
بس! نوحؑ جهڙو قوم کي آ ناخدا پسند.

١٠- چوسي جو خون قوم جو پنهنجو ٿو ڍِڍ ڀَري،
هرگز نہ اهڙو قوم کي آ پيشوا پسند.

١١- فرعون هن زماني جو اڄ پي چوي ٿو اِئن،
دنيا ۾ هر بشر کي هجان مان خدا پسند.

١٢- هن بلبلِ قديم کي اي باغبان جديد!
آهي رهڻ نہ باغ کان هرگز جدا پسند.

١٣- جو دل کي آ پسند سو آ لوڪ کي پسند.
آهي دلِ حزين کي سدا دلربا پسند.

١٤- تعجيل آهہ شيوهٔ شيطان اي "رشيد"!
مشڪل ۾ ڪر هميشہ تون صبر و رضا پسند.

١٥- آهن سدا "رشيد" دلِ بيقرار کي،
حسنينؑ احمدؐ و عليؑ، خيرالنّسا پسند.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بلبلِ آزاد

(مفاعلن- فعلاتن- مفاعلن- فعلات)

۱ - مريضِ هجر کي هر وقت آ مسيحا ياد.
زبان ۾ کين رهي آهِ طاقتِ فرياد.

۲ - تيو جو اصل عيان فصل سو رَڙيون تو کري،
نہ آهِ گل کان سوا شاد بلبلِ آزاد.

۳ - بهار آيو نہ آ سيرِ گل تي کا بندش،
قفس جي قيد مان کڍ عندليب اي صيّاد!

۴ - مئو تہ قيس مئو پنهنجي دلربا سان گڏ،
بغير تيشہ جي تيو فوت کين آ فرهاد.

۵ - شهيد مونکي تون کر يار سيفِ ابرو سان،
وَهاءِ منهنجي گلي تي نہ خنجرِ فولاد.

۶ - بيان کهڙو کيان پنهنجي جوشِ وحشت جو،
جنون ۾ قيس بہ مونکي بنايو هو اُستاد.

۷ - جُنون ۾ هوش کان نکري وڃان تو صحرا ڏي،
سگهو کي لوهہ جا پيرن ۾ نعل وجهہ حَداد!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- اڳيئي نشترِ غم آهي دل ڪئي مجروح،
وري تون سيفِ ملامت سان ڦٽ نه اي همزاد!

٩- اِجهو تون دل جي چمن ۾ خوشي جا گل ڏسندين،
ويو ٿي ختم مصيبت جو آ سڄو ميعاد.

١٠- عجيب نقش محبّت جا دل تي ٿا ڏسجن،
لڳي ٿي ڪنڌ ٿا ڪن هيٺ ماني و بهزاد.

١١- چمن ۾ تنهنجي نه قامت جي آهِ ڪو همسر،
جُهڪي سَلام ٿا ڪن توکي سرو ۽ شمشاد.

١٢- ٿيو تباه تڪبّر سان آرزو اندر،
ڏنو نه باغِ اِرم جو ڪو ڇهڻو شداد.

١٣- ڪُتي ڪي ڪٽڪ جي ماني جو قدر آ ڪهڙو،
ڪرم جو قدر زماني ۾ ڪن نه ٿا ڪمزاد.

١۴- لڄاءِ پنهنجي نه ايمان ڪي اي غيرتمند،
بناءِ دخترِ دل جو نه نفس کي داماد.

١٥- "رشيد" ڪنهنجو به دل ۾ نه آهي درد مگر،
رهان ٿو آلِ محمّدؐ جي درد ۾ ناشاد.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نياز مند

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - هر شاه آهِ تنهنجو اي دلبر! نيازمند.
دارا نيازمند سڪندر نيازمند.

٢ - حُجّت جو حرف ڪين ٿو واتان ڪڍان ڪڏهن،
سڏجان ٿو پنهنجي دوست جو نوڪر نيازمند.

٣ - آهيان مان رِند ڪهنو نہ ساقي ڪپي، مگر،
پيندو هتان عليءَ جي ئي ڪوثر نيازمند.

٤- محشر ڪان اڳ ۾ هڪڙو ٿو محشر بپا ڪيان،
ذاري ٿو دل ۾ جذبۂ محشر نيازمند.

٥- آه و فغان ۾ ايڏو اثر آ رکيل اي چرخ،
پاڻي ڪري ٿو پلڪ ۾ پٿر نيازمند.

٦- شيطان جي خودي نہ ٿو ذاري ڪڏهن "رشيد"،
جاڻي ٿو سڀ کان پاڻ کي ڪمتر نيازمند.

٧- مولا عليءَ جو شان ۾ شاهن کان آ وڌيڪ،
سلمانؒ نيازمند ۽ قمبرؓ نيازمند.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- هادي اڳيان ٿي آيو هدايت جي واسطي،
پويان ٿي آندو دين جو دفتر نيازمند.

٩- شاعرا! اهو ٿي جنهن جو زماني ۾ ٿي رهيو،
بابر نيازمند ۽ اڪبر نيازمند.

١٠- بيشڪ اديب اُن کي سڏڻ جڳ ۾ آ بجا،
دنيا ۾ جنهن جو آهه گرامر نيازمند.

١١-جو بُت شڪن جو مَٽَ ٿا چئو بُت پرست کي،
آهي خليلؑ پاڪ جو آذر نيازمند.

١٢- ٿي خادمي مان پلڪ ۾ مخدوم ٿا وڃن،
سمجهن ٿا پنهنجو قوم کي ليڊر نيازمند.

١٣- افسوس! پنهنجي قوم جو ٻڌجي نه ٿو ڪڏهن،
منسٽر نيازمند، گورنر نيازمند.

١٤- سڏجي ٿو قوم لاءِ ڪراچي جي واسطي،
کهڙو نيازمند ۽ گدڙ نيازمند.

١٥- مداح پنجتن جو سڏايان ٿو اي "رشيد"
ڏيندو ڪرڻ نه ضيق ۾ حيدر نيازمند.

❀

# ذوالجلال آ هر هنڌ

(مفاعلن- فعلاتن- مفاعلن- فعلات)

۱۔ خدا جي ذات جو جڳ ۾ ڪمال آ هرهنڌ.
ڪمال اُنجو سدا لازوال آ هرهنڌ.
۲۔ خدا جي ذات اَحد بي مثال آ هرهنڌ.
نبيﷺ جي نور جو جڳ ۾ جمال آ هرهنڌ.
۳۔ مِلي ٿو دوست ۽ دشمن کي رزق هڪ جهڙو،
خدا جو خلق سڀني ڏي خيال آ هرهنڌ.
۴۔ وَسي ٿو سڀ ۾ سدا ۽ سڀن کي آ سَوَلو،
”هجي خدا نه ڪٿي“ سو محال آ هرهنڌ.
۵۔ مريضِ درد کي دارون مِلي ٿو راحت جو،
حڪيمِ دل جي جُڙيل اِسپتال آ هرهنڌ.
۶۔ سوين دليون ٿو پچي ۽ سوين ڳنڍي ٿو ڇڏي،
خدا بہ ڪُن فيڪون جو ڳالا آ هرهنڌ.
۷۔ ڪيان ٿو جيڪي سو پَڌرو ۽ خلق جي سامهون،
لڪان مان ڪنهن ڪان جڏهن ذوالجلال آ هرهنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - ڪٿي بہ شمس نہ هڪ جهڙو ٿو رهي روشن،
ٿيو نہ ذرتي تي هڪ جهڙو سال آ هرهنڌ.

٩ - اَسانجي قوم ۾ ويو اِختلاق آهہ وڏي،
نہ اتِّصال رهيو اِنفصال آ هرهنڌ.

١٠ - ڏسون زمانہ ۾ اڄ ڪلهہ ٿا هر بشر مايوس،
خوشي جو دَور نہ آهي ملال آ هرهنڌ.

١١ - رهون ٿا سست ۽ محنت ڪيون نہ ٿا هرگز،
اسان کي جان بہ پنهنجي وَبال آ هرهنڌ.

١٢ - نہ قوم پنهنجي ۾ ڪا ٿوم ٿا ڏسون اڄ ڪلهہ،
جهانَ ساري ۾ قحط الرِّجال آ هرهنڌ.

١٣ - اَچي اِمامُ تہ دنيا ۾ صلح سانت ٿئي،
خدا جي خلق ۾ جنگ و جدال آ هرهنڌ.

١٤ - خدا جي حمد و ثنا ڪر تون مرد بنجي "رشيد"،
اسان ۾ ڇو جو اديبن جو ڪال آ هرهنڌ.

١٥ - بُڌان نہ ذڪر حقيقت بنا ڪڏهن بيو ڪجهہ،
اِهو "رشيد" جو ٿو کي سوال آ هرهنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اديبِ سنڌ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - آهي اسانجي ديس جي عزت اديبِ سنڌ.
سنڌي زبان جي سڏجي تو زينت اديبِ سنڌ.

۲ - "بلبل"، "فقير"، "قادري"، "عاقل"، "قليچ" جي،
آهي اسانجي واسطي حجّت اديبِ سنڌ.

۳ - شايع تو لاڙڪاڻي کان ٿئي هر مهيني ۾،
ٻڌجي اچي تو روح جي راحت اديبِ سنڌ.

۴ - شعرائي سنڌ تنهنجا مددگار تا رهن،
"خادم" ڪري تو تنهنجي ٿئي خدمت اديبِ سنڌ.

۵ - سنڌي زبان جو آ تو سُڌارو ڪيو سُٺو،
سنڌي ادب جي آهين تون دولت اديبِ سنڌ.

۶ - سو بدنصيب آهِ جو توکي نٿو پڙهي،
افزون ٿئي تي توسان لياقت اديبِ سنڌ.

۷ - "واصف"، "خليل"، "عبد"، "نظامي"، "نظام" جي،
سڏجي تو سنڌ لاءِ سخاوت اديبِ سنڌ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - "حامي"، "اثر"، "نظام" ۽ "جوش" ۽ "ضيا"، "عزيز"
تنهنجي هميشه ڪن ٿا رفاقت اديبِ سنڌ.
٩- "منظور"، "گل"، "اياز" ۽ "آصف"، "امير" سان،
آ تنهنجو زور شان ۽ شوڪت اديبِ سنڌ.
١٠- "جامي"، "بشير"، "خواب" ۽ "ساغر" ۽ "خالدي"
تو سان رکن ٿا خوب محبّت اديبِ سنڌ.
١١- "احسن"، "عطا"، "غريب"، "غني"، "حيدري"، "حنيف"
تو سان رکن هميشه ٿا رغبت اديبِ سنڌ.
١٢- "عالم" ۽ "زيب"، "فاضل" ۽ "ناظر" سان ٿي ٿئي،
تنهنجي هميشه سنڌ ۾ شهرت اديبِ سنڌ.
١٣- "ضامن"، "فدا" ۽ "عاصي" ۽ "عاشق" جي فيض سان،
تبديل تنهنجي آهِ ٿي صورت اديبِ سنڌ.
١٤- "ميٺر"، "حريف"، "هنٺر" ۽ "روڏي" موالي ڪان،
بخشين ٿو شاعرن کي تون خلعت اديبِ سنڌ.
١٥- ياني ٿو روح پنهنجي جي توکي غذا "رشيد"،
رب العليٰ جي آهين تون نعمت اديبِ سنڌ.

# بلبل جا پَر ڪين ڀَڏ

(فعولن- فعولن- فعولن- فعو)

۱- جنون ڪان تون وحشي جو سر ڪين ڀَڏ.
ڏِگها وار اي ناز ور ڪين ڀَڏ.

۲- ڇڏي پنهنجي زلفن جو ابرِ سياه،
ڪڏهن روئي رشڪِ قمر ڪين ڀَڏ.

۳- حوادث جي رشتي سان چرخِ ڪهن،
ڪڏهن منهنجي سُک جو سَحر ڪين ڀَڏ.

۴- ڇَڙيون ڪين هٽندس سگهو قتل ڪر،
تون هٿ پير بيدادگر ڪين ڀَڏ.

۵- اڳئي دامِ اُلفت ۾ آهي اَسير،
رگِ گل سان بلبل جا پَر ڪين ڀَڏ.

۶- ڪَچو آهِ دُنيا جي سِڪ جو سڳو،
تون دل پنهنجي اُنسان بشر ڪين ڀَڏ.

۷- پرڻ دل جي مان ويندي اُلفت ڇٽي،
تون جاري ۾ هرگز شڪر ڪين ڀَڏ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ . حياتـــي عبــادت ۾ ســاري گــذار،
گناهــن تـــي پنهنجـــي ڪمـــر ڪيــن ٻَــڌ.

٩- رُڪــو ۽ سُڪــو پنهنجـــي گهــر جــو هجـــي،
پَــرائـــي ٽُڪـــر تـــي بصـــر ڪيـــن ٻَــڌ.

١٠- نـــہ نـــااهـــل ســان رک محبّـــت ڪڏهـــن،
هَـــوا ۾ اَجـــايـــو حَجــــر ڪيـــن ٻَــڌ.

١١ - ســـوا سَڏجـــي ڪنهنجـــو نـــہ مهمـــان ٿـــي،
اجـــازت بنـــا پنهنجـــو خـــر ڪيـــن ٻَـــڌ.

١٢- عـــدو ڪـــي رڳـــو ڏي نـــہ دلبـــر! عتـــاب،
دُمِ پيـــلِ بـــر ســـان مَڇـــر ڪيـــن ٻَــڌ.

١٣- نــہ ڪـــڻ بـــي وفـــا جـــو گهڻـــو بـــارِ عشـــق،
نمـــڪ سمجهـــي هـــڙ ۾ ڪلـــر ڪيـــن ٻَـــڌ.

١٤- وَســـون ملـــڪ محشـــر ۾ پنجـــن جـــو آ،
وڃيـــن ٿـــو تـــہ زادِ سفـــر ڪيـــن ٻَـــڌ.

١٥- محبّـــت جـــو ڏاڙيـــل آهـــي "رشيـــد"،
سڄـــڻ اُنســـان پيـــا مـــاستـــر ڪيـــن ٻَـــڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ذ

# آهِ نہ عرض و سما کي سُذ

(مفعول فاعلات مفاعیل- فاعلات)

١ - مرندس کڏهن اَلائي مان آهي خدا کي سُذ.
منهنجي وفا جي آهِ نہ هُن بي وفا کي سُذ.

٢- نا آشنا کي منهنجي مرض جي نہ ڏيو خبر،
بهرِ خدا ڏئي کو وجي آشنا کي سُذ.

٣- ٻاهر ڪيان ها ٻاڦ تہ تين ها سڙي فنا،
ضبطِ فغان جي آهِ نہ ارض و سما کي سُذ.

٤- آه و فغان سان آهِ شرربار تي فضا،
پرواز جي رهي تي نہ مرغِ هوا کي سُذ.

٥- تو لاءِ دل جي گهر ۾ رکيل آهِ انتظام،
اي عشق تنهنجي آهِ دلِ مبتلا کي سُذ.

٦- سيکا بَلا فلک مان سِڌو مون ڏي تي اَچي،
کنهن ٻئي جي گهر جي آهِ نہ رنج و بلا کي سُذ.

٧ - وقت وصال جي تا سدائين قرن خلاف،
آهي نہ وقتِ وصل جي صبح و مسا کي سُذ.

٨ - اَهلِ صفا کان منهنجي صداقت جي پُڇ خبر،
آ صدق جي نہ صاحبِ مڪر و دغا کي سُڌ.

٩ - هيري جو قدر ڄاڻي ٿو دنيا ۾ جوهري،
آ شاعري جي شاعرِ شيرين اَدا کي سُڌ.

١٠- وحدت ۾ ٿي فنا تہ حقيقت ٿئي عيان،
اهلِ بقا جي آهہ نہ اهلِ فنا کي سُڌ.

١١- جنت کي ٿو سخي جو مِلي اڳ ۾ اِطلاع،
آ آمدِ بخيل جي تحت الثريٰ کي سُڌ.

١٢- هڪڙو ئي تير توکي عَدم ڏي اُماڻي ها،
شايد اَچا نہ تنهنجي پٺي آ قضا کي سُڌ.

١٣- منهنجي ضرر ۽ نفعي جي آلام و عيش جي،
آهي اَزل کان حضرتِ مشڪل ڪشا کي سُڌ.

١٤- سڀ ڪنهن کي پنهنجي گهر جي سڄي ئي رهي خبر،
خالق جي آ علوم جي خيرالوريٰ کي سُڌ.

١٥- ٻُچڙي کي پيي نہ چئجي ڪڏهن ٻچڙو اي "رشيد"،
آهي بشر جي قلب جي رَبُّ العُلىٰ کي سُڌ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان هُجان سرور سان گڏ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱- زندگي جنهن آ گذاري سبط پيغمبر سان گڏ،
تنهن گذاريو آهه گويا خالقِ اڪبر سان گڏ.

۲- هاءِ! اڄ ڪلهه قوم مان نڪري مساوات آهه وئي،
باعثِ شرم آ وڃڻ زردار ڪي بي زر سان گڏ.

۳- مجتهد اڄ جا طبيعت ۾ ٿا آڻن انتشار،
ڪاش! مان هردم هجان ها حضرتِ جعفرؓ سان گڏ.

۴- "لافتيٰ اِلا علي ؑ لاسيف اِلا ذوالفقار"
ڪير ٿو بيهي شجاعت ۾ سگهي حيدر سان گڏ.

۵- حُبِ حيدر جي اَزل کان آهه منهنجي دل کي پياس،
حشر منهنجو ڪر خدايا ساقيءِ ڪوثر سان گڏ.

۶- عشق ۽ صدق و صفا جي ڪو پُڇي تن کان خبر،
جن ڪهايا پار آهن حضرتِ اصغر سان گڏ.

۷- دوشِ احمدؐ تي هئا هر وقت بيٺي گڏ سوار،
هاءِ حسرت!! ڪين اڄ شبّير آ شبّر سان گڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- شل اچي جلدي قيامت چو جو اُت مولىٰ وٽان،
وصل جي ٿيندي سخاوت شورشِ محشر سان گڏ.

٩- جو ڪرائيندو زيارت ڪربلا جي اُن تان مان،
ساهه، سر صدقو ڪندس پنهنجي دلِ مضطر سان گڏ.

١٠- آ اهائي آرزو شل نزع ڪان اڳ ۾ اَچي،
رُخ ڏسان تنهنجو اي مولىٰ روضهءِ اَطهر سان گڏ.

١١- سر وڍيو شبّيرؑ جو جئَن شمر بد اعمال تئَن،
ڪئي ندا "الله اڪبر" جي زبان خنجر سان گڏ.

١٢- ڪافر و مؤمن ۾ آب و نار ۾ آهي تضاد،
ڪين ابراهيمؑ گهاريو آ سدا آذر سان گڏ.

١٣- هڪ گهڙي جي وصل سان سهندس مصيبت سالها،
يا الهيٰ! تا قيامت مان هجان سرور سان گڏ.

١٤- هر اڱاري، اَربعا ۾ ماتمِ حسنين ڪر،
وسپت ۾ جمعي ۾ ڇنڇر، آچر ۾ سومر سان گڏ.

١٥- شاعرِ حيدرؑ ڪي ڪهڙو حشر جو آ غم "رشيد"،
خلد ۾ ويندو هليو اَشعار جي دفتر سان گڏ.

❁

# سورهن آنن مان آنو ڇڏ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

۱- خدارا ڪين اِيمان ڪي ڪري دِل مان رَوانو ڇڏ.
نہ قوم و دين سان دِل سورهَن آنن مان آنو ڇڏ.

۲- فقط دنيا جي لذت لاءِ تو بُزدل! مٿو ماريِن،
عيان مردانگي ڪر پنهنجي ۽ پٽڪو زنانو ڇڏ.

۳- وڃي ڪشمير ۾ قربان ٿي ملت ۽ مذهب تان،
ڪباب ۽ خمر ڇڏ ۽ ناچ ڇڏ، محفل ۽ گانو ڇڏ.

۴- ڪڏهن راهِ عمل کان ڪينڪي رکندين قدم ٻاهر،
پڙهي قربانيءِ شبّيرؑ جو هيڪر فسانو ڇڏ.

۵- شجاعت حيدري سک ۽ شجاعت مند پيدا ڪر،
شجاعت جو ڪدي پنهنجي وطن ۾ ڪارخانو ڇڏ.

۶- وري زنده ٿيو آهين تون آزادي سان اي مسلم!
غُلامي جو ڪدي دنيا ۾ هاڻي تازيانو ڇڏ.

۷- عدالت پنهنجي سان نوشيروان جو نام ڇڏ ميٽي،
ڪري شيدا عدالت پنهنجي تي سارو زمانو ڇڏ.

۸- تيو اڄ ڪلهه زماني ۾ گهڻو رُسوا ذليل آهين،
عمل سان اَوج ڪر حاصل ۽ قسمت جو بهانو ڇڏ.

۹- ڪري قربان مال و زر ۽ سر ڇڏ قوم تان شاعر!
زماني ۾ فقط پنهنجي پنيان قومي تَرانو ڇڏ.

۱۰- معيَّن موت جو ڪو وقت ڪونهي اي دلِ نادان!
ڪفن سان گڏ ڪڇي پنهنجو مرڻ کان اڳ ۾ ڪانو ڇڏ.

۱۱- خزان کان اڳ ۾ اُڏري وڃ جي پنهنجي آبرو چاهين،
اُتي اي بلبلِ شيدا چمن ۾ آشيانو ڇڏ.

۱۲- اجل تو روز عزرائيل کي چئي ڪنهن جو دنيا ۾،
نه مامو ڇڏ نه چاچو ڇڏ نه ڏاڏو ڇڏ نه نانو ڇڏ.

۱۳- سَهي سگهندين نه خورشيدِ قيامت جي ڪڏهن تابش،
اُتي ڪوڙي سخا پنهنجي جو اڳ ۾ شاميانو ڇڏ.

۱۴- فراقِ وصلِ حيدرؑ ۾ مصائب کان نه ڊڄ هرگز،
بنائي مرغِ دل کي تيرِ فرقت جو نشانو ڇڏ.

۱۵- زماني ۾ غمن جي لاءِ تون پيدا ٿيو آهين،
غمِ قوم و وطن سک ۽ "رشيدا" شادمانو ڇڏ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف د

# زور زور سڏ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱- هر جنس کي تو هرڪو ڪري زور زور سڏ.
ڪانون کي ڏيندو ڪين ڪڏهن آهه مور سڏ.

۲- ڪنهن ڪان ترن تا ڪين مرڻ ۽ مسافري،
انسان کي تا زور سان ڪن آب و گور سڏ.

۳- آ ڪنهن کي ڇا مجال جو ڏئي ڪين حاضري،
سيني سڏن ڪان موت جو ٻڌجي تو زور سڏ.

۴- آ اختلاف قوم جو غوغا وطن ۾ عام،
اڳ ۾ ڪري تو حشر ڪان محشر جو شور سڏ.

۵- عزت خدا ڏئي تو لياقت ڏسي ڪري،
آهي ڪندي نه ڪانو کي مورن جي تور سڏ.

۶- دنيائي دون جي لاءِ رلائي تو توکي نفس،
ڍڪ کي تو پوک پيلي ڪري پاڻ ڏور سڏ.

۷- ذلت کي تو ڏي نفس چڪيون پاڻ تو اچي،
ازخود ڪري تو نانگ کي هرگز نه نور سڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - دنيا جي ڏيتي ليتي ۾ ڪر ڪين ڪنهن سان ڪوٽ،
توکي ڪري ٿي حشر ۾ عملن جي تور سڌ.

٩ - خالق جي ذڪر لاءِ تون دنيا ۾ تو اچين،
توکي رڳو ڪري ٿو نہ ماني جو پور سڌ.

١٠ - مقتول ڪيترا ٿا زماني ۾ ٿين بشر،
قاتل کي اڄ ڪري ٿي نہ ڦاسي جي ڏور سڌ.

١١ - ڪر دل ۾ ياد يار کي چو ٿو رڙيون ڪرين،
ياڳئي سُتل کي ڪين ڪندو آهہ چور سڌ.

١٢ - آهي غرض ڏسڻ سان ڪبو گفتگو کي ڇا؟
هرگز ڪندو نہ چنڊ کي آهي چڪور سڌ.

١٣ - راهِ خدا ۾ ونجي ڪو رهبر وڃي "رشيد"،
اوجهڙ ۾ آدمي کي ڪندو آهہ ڪور سڌ.

١٤ - دشمن جي راجپوت نہ چو ور چڙهن ها پاڻ،
جئچند جو ٻُڌو هو جڏهن شاهِ غور سڌ.

١٥ - دل تنهنجي عشق ۾ ٿي ٿئي مبتلا "رشيد"،
پيلِ دمان کي چو ٿي ڪري پاڻ مور سڌ.

❀

ردیف ڏ

# ڪيچي اُٺن جي لوڏ

(مفعول فاعلات مفاعيل- فاعلات)

١ - موهي ٿي اڄ زماني کي شاہِ زمن جي لوڏ.
هڪڙي جي مٽ نہ آهِ هزارن لکن جي لوڏ.

٢- اڄ ٿيون اکيون ٺرن ۽ ٿئي دل ٿي باغ باغ،
ڏيکارجي پَري کان ٿي آهو ختن جي لوڏ.

٣- رفتار جي ٺنا ۾ پيو قلب آ کُلي،
رنگين بنائي طبع ٿي رنگين بدن جي لوڏ.

٤- دلدار ٻانهن لوڏ ڪيون مون ڏي ٿو اَچي،
شرمنده ٿي ڪبڪ کي ڪري سيم تن جي لوڏ.

٥- گرمي کان عرقِ جسم وهي دڳ ٿي ٿو ڪري،
شيرين بنائي خاڪ ٿي شيرين ذقن جي لوڏ.

٦- سهڻي جي لوڏ سان ٿو وٺي روح تازگي،
ڪڙڪائي ٿين دل جا ٿي دُرِّ عدن جي لوڏ.

٧- هرڪو مَٿي اُگهاڙو ٿو دوڙي ڏسي جلوس،
وڻ ٿي ٿيڏي وڃائي اَميرِ وطن جي لوڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلامِ "رشيد"

٨ - هن سرو قد جي لوڏ اَچي تون چمن ۾ ڏس،
شمشاد ڪي نمائي تي رشڪِ چمن جي لوڏ.

٩ - قربان تن تان پنهنجو سڄو ساه، سر ڪيان،
لڪ تي لهي هميشہ اي جيجان جتن جي لوڏ.

١٠ - واري بنائي پنهنجون اکيون واٽ تي وجهان،
سوگهو ڪري تي ساهہ کي ڪيچي اُٺن جي لوڏ.

١١ - اي يار! ڪين آڻ وني پاڻ سان رقيب،
ساڙي تي منهنجي ساه کي ڪارن ڪُتن جي لوڏ.

١٢ - گفتار تنهنجي ۾ تو مسيحا جو دم ڏسان،
زنده ڪري تي مرده کي تنهنجن چپن جي لوڏ.

١٣ - تعظيم تنهنجي لاءِ هلي اِيندو متيرو،
ڏسجانءِ يار قبر ۾ اهلِ ڪفن جي لوڏ.

١٤ - شيرين دَهن جي لاءِ وهائي تو جوءِ شير،
تيشہ سان اڄ ڏسي ڪو اَچي ڪوهڪن جي لوڏ.

١٥ - مونکي سُڄاڻي دُور ڪان هرڪو تو چئي "رشيد"،
آهي پري ڪان پَڌري اوهان شاعرن جي لوڏ.

# اِبتدائي ونڊ

(فاعلاتن- مفاعلن- فعلن)

۱- جڳ ۾ آ منهنجو واندڪائي ونڊ.
شعر ۾ طبع آزمائي ونڊ.

۲- عشق دلبر جو آ ٽيو تقسيم،
آهِه مونکي مليو جدائي ونڊ.

۳- بوسهِ لب جو مستحق آهيان،
آشنا ڏي ڪو آشنائي ونڊ.

۴- مان شرافت تي ٿو ٽيان قابض،
تنهنجو آ اي عدو لُچائي ونڊ.

۵- تون رقيبا! منافقي ٿو رکين،
تنهنجو آهي نه پارسائي ونڊ.

۶- زلف جي نانگ آ نه توکي ڏنگيو،
نامِ مولىٰ جي ڪا منائي ونڊ.

۷- تيرِ فرقت ڪان دل تي هت ٿو رکان،
هي اَجا آهِه اِبتدائي ونڊ.

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - دولت حسن غير ڪي ملندي،
توکي ملندو نه هڪڙي پائي ونڊ.

٩ - ڇو امانت جي تو ڪرين خيرات،
خوب دل جي ڪري صفائي ونڊ.

١٠- نام مولیٰ جو وٺ نياز وجي،
آهه عشق بُتان خدائي ونڊ.

١١- دشمنن سان به تو ڪريان احسان،
آ مليو مونکي مرتضائي ونڊ.

١٢- من ملي مونکي روزِ محشر ۾،
ذات باري ڪان مصطفائي ونڊ.

١٣- دل کي آهي مليو حسينؑ جو غم،
آ خدا جو هي انتهائي ونڊ.

١٤- ماستر کين ٿيندو آ سودو،
اُنجو آهي رُڳو سُچائي ونڊ.

١٥- راهِ حق ۾ ٿئي شهيد "رشيد"،
ڏي خدا اُن کي ڪربلائي ونڊ.

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ٻ

# ڪنٻ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱ - نـايـاب آهـ ملـڪ ۾ پـروردگـار ڪنـٻ.
ڪـائـن رڳـو ٿـا پيـٽ پـري شـاهـوڪـار ڪنـٻ.

۲ - چـوتيـن پتـي تـ راه ۾ بـربـاد تـي ٿئـي،
ڊيپـو ڪـي جـي ڏيـاري تـو مختـارڪـار ڪنـٻ.

۳ - ڪوپن جي هوندي سوندي بہ هاري سِڪن ٿا پيا،
گهـر ۾ وڏيـره جـي تـي رهـي بيشمـار ڪنـٻ.

۴ - داروغـو دوستـن ڪـي ڪـري ڪنـٻ سان تـو خـوش،
آهـي اڪيـن سـان ڪيـن ڏنـي بيلـدار ڪنـٻ.

۵ - حـاصـل دوا جـي لاءِ بہ هـرگـز نـه ٿئـي،
آهـن ڪيـا حڪيـم بـہ بـي روزگـار ڪنـٻ.

۶ - مصـري جـو نـالـو ڪـونـہ تـو دنيـا ۾ اچ ونـي،
ڪـن ننـڍ ۾ بـہ يـاد تـا ٻُـڍڙا ۽ ٻـار ڪنـٻ.

۷ - آفيسـرن ڪـي ڪنـٻ مِـلي عـام جـام تـي،
ڪـن مـاسـتـر طلـب تـا رُڳـو بـار بـار ڪنـٻ.

٨- شربت ۽ چاءِ جو بہ وجي گھٽبو تہ رواج،
پيدا ڪري تہ دل ۾ گھڻو انتشار ڪند.

٩- صاف چنڊي پٽن تا موالي مڪان ۾،
تن سان بہ آهہ ڪين رَهي غمگسار ڪند.

١٠- چوري فروخت ڪند تا بي رحم ڪن سوين،
برباد ڪيترن جو ڪري تي وقار ڪند.

١١- رمضان جا بہ روزا رکي ڪين تا سگھون،
تاڏل جي واسطي تي ڪري بي قرار ڪند.

١٢- مولىٰ اسانجي ملڪ کي آسودو ڪر وري،
هرهڪ غريب چاهي تہ ڪپڙو ۽ ڪار ڪند.

١٣- جلدي اچن جهاز کي جاوا مان ڪند جا،
ورنہ ڪندي اسان کي غمن جو شڪار ڪند.

١٤- ڪر دفع ڪنٽرول جو آزار يا خدا،
ڪافي ڪرائي آهہ چُڪي انتظار ڪند.

١٥- شڪوو نہ جئن زبان سان ڪڏهن ڪند جو ڪري،
مولىٰ! تون ڏي "رشيد" کي ليل و نهار ڪند.

ردیف ڊ

# توکي جاڳائي ٿو گھنڊ

(مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن)

١- ساوا هجن سائين! سدا پنهنجي وطن جا کرڙ کنڊ.
پياري وطن تي رات ڏينهان ٿو رهي مونکي گهمنڊ.

٢- شل پاڪ پاڪستان پنهنجو ٿي پليدن کان وڃي،
دشمن ڪُتي وانگر اسانجي ملڪ ۾ لائي نہ ڏنڊ.

٣- آئين قرآن پاڪ جو جلدي مروّج ٿي وڃي،
۽ قوم جي تعمير ۾ مولىٰ وجهي هرگز نہ رَنڊ.

٤- اسلام مان خُوگر ٿيون رحمت اَسان تان ٿئي نثار،
شيطان وانگر ڪين شل ڪنهن تي پوي لعنت جو ڏنڊ.

٥- بغض و تعصّب کان بَري سارا مسلمان ٿي وڃن،
باقي نہ چشمن سان ڏسون ڪا اِنفصالي ڇانڊ ڇنڊ.

٦- شمسِ عروجِ قوم اُڀري آسمانِ دين ۾،
ڏيکارجي اڄ ٿو اڪين سان پنهنجي آزادي جو چنڊ.

٧- هڪ ٿي وڃن، هڪ ٿي رهن ۽ فرقہ بندي ٿئي فنا،
باشندا پاڪستان جا دائم هجن شل کير کنڊ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸ - بدر و حنين وارا مسلمان شال اچ بنجون آسان،
حاصل خدا کان ٿئي زماني ۾ وري عزّت جو ونڊ.
۹ - بحرِ محبت سان هجي سيراب ملڪِ اتحاد،
شل ڪين دنيا ۾ هٽي ملت جو شاهي واهه ڪنڊ.
۱۰- آهي نہ گهٽ وڌ ڪو مسلمانن ۾، سڀ سڏجن ٿا هڪ،
ڪوسا، بجاراڻي، جمالي، سهرياڻي، ڀَٽ ۽ ڀنڊ.
۱۱- غافل نہ ٿي بيدار ٿي ۽ قوم کي بيدار ڪر،
جاڳاءِ اٿَن تون قوم کي جڏهن توکي جاڳائي ٿو گهنڊ.
۱۲- قبضي مسلمانن جي ۾ محشر ڪان شل اڳ ۾ ڏسان،
جاپان ۽ رشيا، فرانس ۽ انگلنڊ، اِسڪاٽلنڊ.
۱۳- خانا ڪيا برباد آهن اَژدهائي اِختلاف،
تنهن واسطي آهي مجرّب اِتحادي ڦيڻ مَنڊ.
۱۴- ڳالهاءِ منهن ڏيئي سين سان، بنجي رهه شيرين زبان،
دشمن هجي توڙي سڄڻ ڪنهن کي نہ ڏي دنيا ۾ ڪَنڊ.
۱۵- آزاد "لاشاري" جا ٿين شل قيد مان ڀائر بلوچ،
حاصل ٿئي تو بي شبہ جن کي سڪر جو جيل جنڊ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ڊ

# چنڊ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١ - ترڪِ وفا ڪري تُو رهين مون ڪان ڌار چنڊ.
آهيون مگر اَزل ڪان ٻئي يارِ غار چنڊ.
٢ - ذاتِ بشر سان ڪر نه تون دعويٰءِ همسري،
سڏجان تُو ساري خلق جو مان تاجدار چنڊ.
٣ - ڇا ۾ وڌيڪ مون ڪان تون آهين ڀَلا ٻُڌاءِ،
تو جهڙي آهِه منهنجي دلِ داغدار چنڊ.
٤ - صدقي جي شئي جو قدر نه آهي جهان ۾،
انگشت احمدؐ تي تون آهين نثار چنڊ.
٥ - ماڻهو جي رُخ سان تنهنجي ڪرڻ ڀيٽ آ غلط،
آهين تون گول مول ۽ بي اِعتبار چنڊ.
٦ - روشن ضمير منهنجو نه محتاج ڪنهن جو آهِه،
تون سج جي فيض سان تُو رهين تابدار چنڊ.
٧ - تنهنجو ۽ منهنجو آهِه سدائين مَتو قريل،
هڪ جاءِ تي ٻنهي ڪي نه آهي قرار چنڊ.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- خالي نہ انقلاب کان آهي ٻنهي مان ڪو،
گهٽجي وڌي ٻنهي جو ٿو جڳ ۾ وقار چنڊ.

٩- آهن نجوم دل جي فلڪ جا ٻہ سَو هزار،
تون داغهائي دل جو ڪري ڏس شمار چنڊ.

١٠- گرهڻ غمن جا ڪن ٿا ٻنهي کي گهٽو ذليل،
آهي ٻنهي جي سر تي مصيبت جو بار چنڊ.

١١- باغِ خوشي ٻنهي جو لُٽي ٿي خزانِ غم،
آهي ٻنهي جي لاءِ نہ هردم بهار چنڊ.

١٢- منزل ٻنهي جي آهہ گهڻو دُور ۽ دراز،
همّت جي اَسپ تي ٿا ٿئي ٿيون سوار چنڊ.

١٣- "هے چار دن کی چاندنی اور پهر اندهيری رات"
جاڻون ٿا ٿئي عروج کي ناپائدار چنڊ.

١٤- توکي ۽ مونکي آهہ جُنون جو مَرَض سدا،
چڪر رهي ٻنهي کي ٿو ليل و نهار چنڊ.

١٥- پالي تو پنهنجو پيٽ مشقت ڪري "رشيد"،
ليڪن اَزل کان آهين تون بي روزگار چنڊ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاڍ

(فاعلاتن- مفاعلن- فعلات)

١- يـــار آ تنهنجـــي بـــي وفـــائـــي ڏاڍ.
کيـــن هيٺـــن ســان کـــر ڏنگـــائـــي ڏاڍ.

٢- هجـــر جـــي کيـــن تـــو رکـــان طـــاقـــت،
تنهنجـــــي مـــــون لاءِ آ جـــــدائـــــي ڏاڍ.

٣- غيـــر ســان تنهنجـــو نينهـــن ۽ نـــاتـــو،
آهِـــــ مـــــون لاءِ انتهـــــائـــــي ڏاڍ.

٤- چـــڙپ ســان منهنجـــو ســـاه ســـاڙيـــن تـــو،
۽ چـــويـــن تـــو تـــــ آ هـــوائـــي ڏاڍ.

٥- ٻڌجـــي رستـــم سڏائيـــن تـــو ســـورهيـــــ،
آ مگـــر تنهنجـــي ســـورهيـــائـــي ڏاڍ.

٦- تنهنجـــو بيـــدادگـــر رکـــي تـــو وڏيـــک،
بـــاهــ دوزخ جـــي کـــان تِکـــائـــي ڏاڍ.

٧- تـــو ۾ اهـــڙي نـــــ تـــوم آهِـــ مگـــر،
تـــو کـــري تنهنجـــي پُنيـــرائـــي ڏاڍ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨ - عشق ڏاران مان ڪٿَن ٿو شعرِ لکان،
آ اِها طبع آزمائي ڏاڍي.

٩ - عشق سڄي ٿو گهر ملامت جو،
زاهدا آهِ پارسائي ڏاڍي.

١٠- رهه مسيحا جي واسطي بيمار،
ڇو جو آ تنهنجي ڇگ ڀلائي ڏاڍي.

١١- سيڪو ڀوڳي سزا ٿو عملن جي،
ڪين ڪنهن سان ٿو ٿئي خدائي ڏاڍي.

١٢- ڏاڍ سان بدمعاش ٿا سُڌرن،
آ حقيقت ۾ رهنمائي ڏاڍي.

١٣- ڏاڍ ڪي غير ڏاڍ ٿا ڀانئَن،
آهِ دلبر جي دلربائي ڏاڍي.

١٤- پنجتن جو گدا سڏاءِ سَدا،
غير جي در جي آ گدائي ڏاڍي.

١٥- سير هوندي سڏاءِ پاءُ "رشيد"،
آهِ دنيا ۾ خودنمائي ڏاڍي.

ردیف ڊ

# ڪتاب ۾ رڊ

(فعولن- فعلن- فعولن- فعلن- فعولن- فعلن- فعولن- فعلن)

۱- نہ یار پنهنجو بناءِ یاري جي شوق ۽ انتخاب ۾ رڊِ.
نہ "بي" جي ٻولي بنا ڪو هڪڙو اکر ٿي ٻولي جواب ۾ رڊِ.

۲- جو علم جي لاءِ عقل پنهنجو ڪري نٿو صرف زندگي ۾،
ٻڪر ٻُڍاپي ۾ آ اُهو ۽ ٿو سڏجي عهدِ شباب ۾ رڊِ.

۳- جو آهِ بي درد اُن کي هرگز نہ عشقبازي جي ڄاڻ آهي،
هئي نہ قابل نہ ٿيندي قابل ڪڏهن بہ ليکي حساب ۾ رڊِ.

۴- مثال رڊِ جي ٿا ٻيڪ ڪن ۽ پڙهي نہ بابِ وفا ٿا ڄاڻن،
مدارسِ غير ۾ ٿو گويا ڏسان سموري نصاب ۾ رڊِ.

۵- فلڪ ۾ گجگوڙ کي رڊن جي ٿو ٻيڪ سمجهي ۽ برق کي رڊ،
جوي ٻُڪايل ٻگهڙ ٿو دل ۾ تہ آهِ شايد سحاب ۾ رڊِ.

۶- رقيب رڊِ جي مثال آهي لکي ٿو ريڊيا خيال خط ۾،
نقاب ۾ آ ٿو خط لڪايو ڏسان ٿو گويا نقاب ۾ رڊِ.

۷- چمن ۾ فصلِ بهار آهي ڪثير رندن جي آهِ محفل،
ڪباب ڏاران شراب ڪهڙو ڪپي ٿي دورِ شراب ۾ رڊِ.

۸ - طلوع جي وقت آسمان ۾ تو مهر چشمِ شراب ڀڃي،
شعاع سان اِئَن تو پانئجي جڻ ڪُهي تو ڪو آفتاب ۾ ردِ.

۹- هميشه عزت ڏي عالمن کي ۽ جاهلن جي نه ڪر تواضع،
بجاءِ رشڪ گلاب جي وِجهه نه حوضِ عرقِ گلاب ۾ ردِ.

۱۰- تون آهين عادل ۽ عدل تنهنجي جي آهه دنيا ۾ هاڪ ليڪن،
اي رشڪ نوشيروان ڏسان تو وزير تنهنجي جناب ۾ ردِ.

۱۱ - چوي تو مُلا ته "اي مسلمان! ڏي مونکي اُضحيٰ جي لاءِ ٻڪري،
وٺي جهنم جي پُل تي ڏيندس خدا کان توکي ثواب ۾ ردِ.

۱۲- هيو زماني جو شير رستم مگر نه حڪمت کان آشنا هو،
سگهيو نه سهراب کي سُڃاڻي، هو مُلڪ اَفراسياب ۾ ردِ.

۱۳- جناح صاحب کي ڪر دعائون جو ملڪ آزاد تو ڏسين اڄ،
لڪن جا چندا وَٺي بنايو تي ورنه گورن خطاب ۾ ردِ.

۱۴- نظر نه ايندي ڪڏهن حقيقت سُخن ۾ نااَهل کي "رشيدا"،
ڏئو نه اڄ ڏينهن تائين ڪجهه آهه ۽ نه ڏسندي رباب ۾ ردِ.

۱۵- رديف "ردِ" جو خيالِ نازڪ سان آ نپايو "رشيد احمد"،
ڏسان تو ڳولي وَرَق وَرَق ۾ مگر نه آهي ڪِتاب ۾ ردِ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ڍ

# ڏڍ

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱- آهي نہ ڪنهن عزيز جو ۽ آشنا جو ڏڍ.
مونکي فقط جهان ۾ آهي خدا جو ڏڍ.
۲- والي شفا جو آهہ محمدؐ نبيؐ ڪريم،
اُمت ڪي آهہ حشر ۾ خيرالوريٰ جو ڏڍ.
۳- آ مهربان عدو تي بہ ڪئن تو ڇڏي غلام،
آهي جنابِ حيدرِ مشڪل ڪشا جو ڏڍ.
۴- خورشيدِ روزِ حشر جي گرمي جو آ نہ خوف،
محشر ۾ آهہ مونکي عليؑ جي لوا جو ڏڍ.
۵- خيرالبشر! مان تنهنجي تيان نام تان نثار،
تنهنجو وجود سڀني تو ارض و سما جو ڏڍ.
۶- واندو نہ وار وار گناهن ڪان آ ڪڏهن،
آهي فقط شفيعِ اُمم مصطفيٰ جو ڏڍ.
۷- داڻو ۽ پاڻي تنهنجي تو صدقي ٿئي نصيب،
دِل جي پکي کي آهہ تو رشڪِ هما جو ڏڍ.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- چشمن جو آب قلزمِ رحمت تو تي وهي،
آ دل کي سوز خوانيءِ آلِ عباءُ جو ڏي.

٩- توڙي هزارها تو جُنيون روز و شب ڪرين،
دِل کي رهي تڏهن به تو تو دلربا جو ڏي.

١٠- ٿيندين ڪڏهن تہ مونسان اچي هم بغل حَبيب!
سائل کي آ هميشہ سخي جي سخا جو ڏي.

١١- حاصل ڪيان تو روز شهادت جو لطف يار!
هردم رهي تو مونکي تو تيغ آزما جو ڏي.

١٢- راضي رڳو ڪرين تو رقيبن کي اي منا!
آهي دلِ حزين کي نہ تو بي وفا جو ڏي.

١٣- "لاتقنطوا" جو آهہ رڳو آسرو "رشيد"،
زاهد جي مثل آهہ نہ زهدِ ريا جو ڏي.

١۴- آلِ عباءُ جي غم کي عبادت سڏيان تو مان،
آ دل "رشيد" جي کي شہ ڪربلا جو ڏي.

١۵- هر دو جهان ۾ دل ۾ اَزل کان اَٿم "رشيد"،
حسنينؑ، احمدؐ و عليؑ، خيرالنّسا جو ڏي.

❀

# نشاني ڪڏ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

۱- عطا ڪر حسن مان حصّو زڪواتِ زندگاني ڪڏ.
لِڪين ڇا لاءِ تو ٻاهر فنونِ نوجواني ڪڏ.
۲- ڏسڻ اَغيار وٽ تحرير تنهنجي ڪين تو چاهيان،
سَزا منهنجي جو سهڻا آرڊر سيڪو زباني ڪڏ.
۳- ڇڏيون تو وٽ نشاني تو وجان دل پنهنجي اي دلبر!
تون انگشتِ حنائي مان ڇَلو ٻاهر نشاني ڪڏ.
۴- اڪيون رت ٿيون ڇڏن منهنجون ڏسي منحوس جي صورت،
عدو کي بزم پنهنجي مان ڪري ڪا مهرباني ڪڏ.
۵- لِڪي خورشيد پي ظلمت جي پردي ۾ نٿو هردم،
ذرا صورت تہ ٻاهر بُرقعي مان يار جاني ڪڏ.
۶- سُياڻي عشق جو عشاق کي آ اِمتحان ڏيڻو،
اُتي اي ممتحن اُلفت جا پيپر اِمتحاني ڪڏ.
۷- فغانِ دل جي پو ڪان آسمان مونکي چوي تو ائَن،
ڪرامت جي زبان پنهنجي مان ٻاهر ڪين ڪاني ڪڏ.

٨ - خدا جو شڪر ڪر گهر تنهنجي آهي سبز پوش اڇٽو،
سندس ڪٽ تي وڇائڻ لاءِ چادر آسماني ڪئي.
٩ - اگڻ سارو ٻهاري صاف ڪر چشمن جي پنبڻين سان،
تون دل مان دلربا جي گهر خيالِ ميهماني ڪئي.
١٠ - پَلي تو آستين تنهنجي ۾ ڪارو نانگ ٻنجي نفس،
تون ٻاهر اُن ڪي، ڦاڙي آستينِ شيرواني ڪئي.
١١ - ڪئي دنيا وما فيها جا سڀ وسواس ڇڏ ليڪن،
الٰـه العلمين دل مان نه اُلفت جاوداني ڪئي.
١٢ - خدا عادل بنائي موڪليو دنيا ۾ آ توکي،
عدالت لاءِ ڳولي طرز تون نوشيرواني ڪئي.
١٣ - ڏسڻ چاهيان تو گل ڪي ۽ ڇهڻ وارو نه مان آهيان،
خدارا پنهنجي دل مان منهنجي ياران بدگماني ڪئي.
١٤ - ڪري جو ساه مُن ۾ ساري عملي جو رعيت جو،
خداوندا تون اهڙو ديس مان فرعون ثاني ڪئي.
١٥ - "رشيدا" بزم ۾ شعرا جي اڄ آهي چٽاڀيٽي،
نئين ڳولي ڪا پنهنجي لاءِ طرزِ شعر خواني ڪئي.

❀

ردیف ذ

# ڪاغذ

(فاعلاتن- فعلاتن- فعلاتن- فعلن)

۱ - جڳ ۾ آ تنهنجي سڄڻ! مونکي رُلايو ڪاغذ.
تنهنجي ڪوچي کان اُتم دُور رهايو ڪاغذ.

۲- دوستي مان تي ويا دوست ٻه آهن دشمن،
آ عداوت کي گهڻو زور وڌايو ڪاغذ.

۳- دل رقيبن جي ۾ آ نارِ حسد ڀڙڪي اُٿي،
منهنجو سينو ۽ جگر آهه جَلايو ڪاغذ.

۴ - خط متان غير ڏسي دِل ۾ اِهو خوف هيو،
شيرواني جي مون کيسي ۾ لِڪايو ڪاغذ.

۵ - پاڪ لفظن جو اَدب ڪين رهي ها ٻئي وٽ،
ٻئي کان اِن لاءِ مون آهي نه پڙهايو ڪاغذ.

۶ - اي عدو! نارِ حسد تنهنجي جلايو آ خط،
دوستي کي نه گهڻو آهه هَلايو ڪاغذ.

۷ - منهنجي قسمت! جو تيو وصل کان آهيان محروم،
هاءِ! مون غير کان آهي نه ڇڏايو ڪاغذ.

٨ - مون چيو وصل جي گلشن جي ڪندس گل چيني،
آهِ محروم مگر تنهنجي ڪَرايو ڪاغذ.

٩ - ٿئي متان خون ڏسي تنهنجو پريشان دماغ،
خونِ دل مون ڪان تڏهن آ نہ لکايو ڪاغذ.

١٠ - ويو لکڻ مهل پنو سارو پُسي اَشڪن سان،
آهِ سيني جي تپش سان مون سُڪايو ڪاغذ.

١١ - نامہ برا تنهنجي نہ قدمن تان ڪٽان پنهنجو سَر،
صد نوازش! جو تو آ مونکي رَسايو ڪاغذ.

١٢ - دل ۾ حسرت ڪان سوا ڪجهہ نہ رهيو آ باقي،
آهِ سامانِ خوشي دِل ڪان ڦُرايو ڪاغذ.

١٣ - ٿي مُلاقات اجا مس تہ ٿيو هجر شروع،
تنهنجو ٿيو آهِ نہ مون لاءِ سجايو ڪاغذ.

١٤ - دشمنن کي مان سڌو ڏاڍو ڪيان ها ليڪن،
مونکي آ تنهنجي فقط ماري مَنايو ڪاغذ.

١٥ - لِک غزل ٻئي ۾ غزل درد جي مضمون جو "رشيد"،
چو جو تو سان نہ چڱو آهِ نيايو ڪاغذ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روئدادِ ڪاغذ

(فاعلاتن- فعلاتن- فعلاتن- فعلن)

۱- تنهنجو سيني سان سڄڻ آ مون لڳايو ڪاغذ.
دل ڪي اڄ آهِ گهڻو شاد بڻايو ڪاغذ.

۲- تي فنا دورِ خزان رنج و الم زائل ٿيا،
شڪر الله جو اڄ دوست جو آيو ڪاغذ.

۳- سالها جنهن جو تصوّر تي پڇايم دل ۾،
آهِ تنهن يار جو اڄ اوچتو آيو ڪاغذ.

۴- دِل جو دل ۾ ٿي سِڪيس ڪين ٻُڌايم ڪنهن کي،
نيٺ ديدار هلي تنهنجي ڪَرايو ڪاغذ.

۵- هجر جي ضعف ڪان منهنجا تي ڏکيا هٿ دلبر!
انڪري غير ڪان مون آهِ لکايو ڪاغذ.

۶- آتشِ آه و فغان سان نه جَلي خاڪ ٿئي،
انڪري آهِ مون اَشڪن سان پُسايو ڪاغذ.

۷- قدر ڪاغذ جو ڪيم ڪين ٿيس نيٺ ذليل،
مثلِ تعويذ هيم ڪين مڙهايو ڪاغذ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - عشق جو راز کُلي آهه هوا بنجي ويو،
غير کي چو مون پَڙهي آهه ٻُڌايو ڪاغذ.

٩ - منهنجي ڪيسي مان ڪڍيو چوري عَدو يار جو خط،
چي "رکيون وينو تون آهين چو پرايو ڪاغذ.

١٠ - هاڻي فرقت جو بيان تو ڏي لِکان ڪئَن سهڻا،
آ ڪتابت جو سچو رشتو ڦٽايو ڪاغذ.

١١ - وصل تنهنجي جو ذريعو ٿي ويو بند شتاب،
هاءِ اَفسوس! نہ آ مونسان نيايو ڪاغذ.

١٢ - تنهنجو ڪاغذ بہ وري مونکي عدو ڪونهي ڏنو،
هاءِ! بدبخت ڪِٿي آهه رُلايو ڪاغذ.

١٣ - غير جو ڏک نہ اِٿم درد اِهو تو ڳاري،
مونسان دلبر جي نہ ڪجهہ آهہ رَهايو ڪاغذ.

١٤ - هاءِ حسرت! نہ ٿيو وصل سڄڻ جو ورنہ،
وصلِ جانان جو رکي آيو هو رايو ڪاغذ.

١٥ - پَروسو ڪنهن جي بہ خط تي نہ ڪجي جڳ ۾ "رشيد"،
چو جو آ ابنِ علي ءُ کي بہ کُهايو ڪاغذ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شڪوهِ ڪاغذ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

۱ - ڪئي برباد تنهنجي آهِ منهنجي بهتري ڪاغذ.
ڪئي مون لاءِ ليڪن آهِ پيدا بدتري ڪاغذ.

۲ - فقيرن مثل پهچي ۽ اڪين ڪان تي چڪو غائب،
هَلائي مسندِ دل تي نہ آهي سروري ڪاغذ.

۳ - عذر جي وَر چڙهي اُنجي رفاقت ۾ گذاري تو،
ڏني مونکي نہ اي دلدار آهي دلبري ڪاغذ.

۴ - عدو غارت ٿئي جيڪو ويو خط آهِ چورائي،
بٽيو آهي ميانِ وصل سَدِ اسڪندري ڪاغذ.

۵ - مسرت جي بجا آهي بٽيو آلام جو باعث،
دلِ غمگين ۾ اَفزون ڪئي، اڄ مضطري ڪاغذ.

۶ - نتيجو ٿيو عيان غفلت جو، تي عالم ۾ رُسوائي،
پَوي شل مار مونکي جو تي سمجهيم مسخري ڪاغذ.

۷ - اَچڻ تنهنجي محلہ ۾ تو پانيان ساه جو جوکو،
عجب آهي ڪئي اي يار بنده پَروري ڪاغذ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨ - ٿيا رنج و اَلم زائل تہ سيکنھن آ ڏنو ليکن،
مُصيبت جي رکي سر منھنجي تي آهي پَري ڪاغذ.

٩ - هيو منظوم سارو ۽ هئي تحريرِ نستعليق،
ڏياريو ياد ٿي دل کي زمانو اَڪبري ڪاغذ.

١٠ - ٿيو ساري زماني ۾ گھڻو رُسوا ذليل آهيان،
ڪرڻ آيو هو بنجي خضر منھنجي رهبري ڪاغذ.

١١ - اَڳي تنھنجي محبّت کي رُڳو ٿي ساهہ ۾ سانديم،
مگر آهي ڪئي ازخود اُمالڪ دلِ چَري ڪاغذ.

١٢ - ٻُڌڻ وارو نہ آهي ڪو ٻُڌايان ڪنھن کي دردِ دل،
جُدائي دِلربا جي ۾ ويو آ هي ڳري ڪاغذ.

١٣ - ڪم از ڪم ويھہ پيرا منھنجي عزت کي بچائين ها،
ويو هڪوار پي مونکان نہ آهين تون ٿَري ڪاغذ.

١٤ - ٿئي دلبر نہ ها رُسوا فقط رُسوا ٿيان ها مان،
اِنھيءَ شرمندگي کان شل وڃان ها آگ مَري ڪاغذ.

١٥ - "رشيدا" رات ڏينھان آ فقط ڳڻتي اِها دل ۾،
رياست مان مَتان مون کان ڇڏائي نوڪري ڪاغذ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# همدرديءِ ڪاغذ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

١- دوباره تو رڪان اُمّيد ڏيندو دلبري ڪاغذ.
مِلائيندو مٿي منتار سان مونکي وري ڪاغذ.
٢- عدو کي نيٺ حاصل آهِ ٿي ڏاڍي پشيماني،
بيان منهنجي حقيقت آهِ ڪئي بالڪل کري ڪاغذ.
٣- بحمد الله رقيب آخر رفيق آهي بڻيو منهن جو،
ڪري ٿو خضر بڻجي منهنجي گويا رهبري ڪاغذ.
٤- وصالِ يار جا آثار پيي آهن ٿيا ظاهر،
جَلي نارِ حَسَد ۾ نيٺ پيو آهي نري ڪاغذ.
٥- ”ڏسان ٿو دُور ڪان گُل کي، ڇُهڻ وارو نه مان آهيان“
اهائي ساک منهنجي آهِ سيني وٽ پَري ڪاغذ.
٦- وڃي اُلفت جي گلشن ۾ ڪندس بي غم ٿي گُل چيني،
پَجي پُرزا ڪندو همّت سان سَدِ اسڪندري ڪاغذ.
٧- هٿن ۾ ڏور زُلفن جي ڪري مسرور ٿي چوندس،
”جزاڪ الله تو منهنجي گُهري آ بهتري ڪاغذ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- غلامن سان وَري پنهنجو سَچو آقا مِلائي ٿو،
بِلاشڪ ٿو ڪري دنيا ۾ بنده پروري ڪاغذ.

٩- نَہ ناپاڪن جو فتنو ٿو ڪري ناپاڪ پاڪن کي،
پليدن جي عيان جڳ ۾ ڪري ٿو ڪمتري ڪاغذ.

١٠- عطا دلدار کان شل صلح جو پيغام ٿئي جلدي،
ڪرائي مونکي حاصل دلربا جي دِلبري ڪاغذ.

١١- پيامِ عشق پيو پهچاءِ هر عاشق کي هر ساعت،
خدا جي حڪم سان ڪر عشق جي پيغمبري ڪاغذ.

١٢- خدا جي فضل سان روزِ مسرت عنقريب آهي،
عداوت جا ويا آهن صفا ڏونگر ڏري ڪاغذ.

١٣- ڳڙو آفت جو ڪنهن ٻئي هنڌ دشمن تي وُٺو هوندو،
مصيبت جو ڪڪر سر منهنجي تان وِيو آ ٽري ڪاغذ.

١٤- حبيبن کي مرڻ تائين وِساريندي نہ دل منهنجي،
ٿيو ڇا جي ڇڏائي خيرپور مان نوڪري ڪاغذ.

١٥- "رشيدا" تو رکان قبضو دلين تي دهر ۾ گويا،
سُليماني وِڏي آگر ۾ آ انگشتري ڪاغذ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مزدورِ تاجدار

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱- شدتِ گرميءَ کان تيو جڳ بي قرار.
مثلِ گل ڪومائجي ويا گلعذار.

۲- باھ تي ويا سج جي تابش کان پکي،
۽ اچي پھتي لبن تي جانِ زار.

۳- خاڪ اُڏائي تي سمومِ جان گداز،
چارسو عالم تي ڇانيل ھو غبار.

۴- ھر طرف بيتاب شعلا باھ جا،
گرميءِ محشر سندا آئينہ دار.

۵- خاڪ جا ذرا ٿيا اخگر جي مثل،
پنھنجي دامن ۾ ڪٽي صدھا شرار.

۶- باھ تي ويا مثل ڪوري جي تپي،
سج جي گرمي کان تمامي ڪوھسار.

۷- ڇا چوان گرمي عرب جي الامان،
روح قالب کان ٿي ويندو آھہِ ذار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸- ٽاڪ پيهر جو اهڙي ڏينهن ۾،
باغ ۾ شمعون جي هڪ بيلدار.

۹- آهِ بيٺو بيلچو هٿ ۾ ڪنيو،
ٿا سجاٽيو آهِ ڪهڙو ذي وقار؟

۱۰- فاتحِ خيبر شِ بدر و حنين،
شهسوارِ لافتيٰ دلدل سوار.

۱۱- قبلهٔ اربابِ دين فخرِ عرب،
زينتِ عرشِ برين والا تبار.

۱۲- پيڪرِ انسانيت جنهن ڪان پڻ،
سرفراز و سربلند و ڪامگار.

۱۳- فاقه ڪش مزدور آ ليڪن "رشيد"!
آهِ هيڻن جو رفيق ۽ غمگسار.

۱۴- ڪار ذاتي واسطي مزدور آهِ،
آهِ تختِ سلطنت تي تاجدار.

۱۵- هي شِ درويش سيرت آ عليؑ،
هي شهنشاهِ ولايت آ عليؑ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آه ۾ اثر

(مفاعيلن-مفاعيلن-فعولن)

١- خدايا موت کي نزديڪ تر ڪر.
جفائي زندگي کي مختصر ڪر.
٢- هجان مان ۽ هجي دلبر نه مونسان،
حياتي ختم اهڙي زود تر ڪر.
٣- ٿيو آ عمر جو لبريز ساغر،
اِجهو ٿو هارجي تنهن ڏي نظر ڪر.
٤- چراغِ عمر ڦوڪي سان اُجهائي،
بجا اُنجي عيان نورِ سحر ڪر.
٥- سگهو هڪ قلب ۾ سوزِ درون سان،
زياده برق کان پيدا شرر ڪر.
٦- اها دل بي بها ڏاڍن جي شئي آ،
نه هن دل کي رسائيندو ضرر ڪر.
٧- لڳي دل جي ڏئي کان باهه دل کي،
عذاب النار کان دل بي خطر ڪر.
٨- قفس منهنجو سڙي چشمن جي آڏو،
الهي! آهه منهنجي ۾ اثر ڪر.
٩- مرڻ چاهيان ٿو عزرائيل ليڪن،
مران جنهن لاءِ ٿو اُن کي خبر ڪر.
١٠- اڳي يا پوءِ مرڻو آ "رشيدا"،
وليڪن خودڪشي کان ڪجهه حذر ڪر.

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبّت جو چمن

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

١- جنهن سجڻ کي ياد آهين تنهن سجڻ کي ياد ڪر.
آهِ جو نزديڪ توکي تنهن اڳيان فرياد ڪر.
٢- جي حقيقت جو ٽيڻ هٿيار چاهين تو تہ اُٿ،
قلبِ آهن کي اُمالڪ هديئہِ حداد ڪر.
٣- تون بهارِ جاودان جو هڪڙو آهين عندليب،
دل جي دنيا ۾ محبّت جو چمن آباد ڪر.
٤- حسن آهي روضئہِ جاويد ليڪن ڪين ڪي،
روضئہِ جاويد کي تون روضئہِ شداد ڪر.
٥- گل چوي تو "ڇُهہ نہ مونکي دور کان ديدار ڪر،
بي ادب بلبل نہ گل سان همسري ايجاد ڪر.
٦- آ چڱو ميلانِ اُلفت جنس جو هم جنس سان،
واصف محمود تي ۽ شڪوهٔ فرهاد ڪر.
٧- شمع روشن تي اُڏامي تا اچن صدها پتنگ،
ڪر رقيبن جو نہ شڪوو بغض کي برباد ڪر.
٨- زهر جي ڍُڪ تي ويهڻ سان نہ ايندو موت آ،
پل حسينن جي زيارت ڪر ۽ دل کي شاد ڪر.
٩- دل هٿي جنهنجي امانت سو کٽي ويو آهہ دل،
دل پرائي واسطي ناحق نہ تون فرياد ڪر.
١٠- ڪين ٿي تلميذ مُلا نيم خوانده جو "رشيد"،
عشق جو تسليم پنهنجو پاڻ کي اُستاد ڪر.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ر

# الفت جو آغاز ڪر

(فعولن- فعولن- فعولن فعو)

١ - تون همراز ڪي پنهنجو همراز ڪر.
مخالف جو برباد اعزاز ڪر.
٢- رهن ساز سان ساز ٿَا سڀ سدا،
سڪي ساز ناساز ڪي ساز ڪر.
٣- تون انجام اُلفت ۾ ٿي ڪالعدم،
عدم بعد اُلفت جو آغاز ڪر.
٤ - مجازي جي چُون چُون ڪري ٿي چڙي،
حقيقت جو غالب مٿس باز ڪر.
٥- ڪجي نازگر ناز تي ناز آهه،
سڪي ناز اي نازور ناز ڪر.
٦- فنا نفس سرڪش ٿي ويندو مگر،
تصور ڪي تسليم بمباز ڪر.
٧- خدا قلب تنهنجي ۾ موجود آهه،
تون پنهنجي تصوّر ڪي ممتاز ڪر.
٨ - ڪڏهن ڇڏ نه غافل تون دم پنهنجي کي،
تون دمساز ٿي دم ڪي دمساز ڪر.
٩- ثنا ڪي عيان ڪر ۽ ٿي خود ثنا،
ثنا جو مقرر نه انداز ڪر.
١٠- ”رشيدا“ محبت جا پر پائي ڏس،
اي شهباز تون شوق پرواز ڪر.

# ڪير ٿو توکي چوي؟

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلن)

۱- ڪير ٿو توکي چوي جو دين جي تحقير ڪر.
تي پٺاريدار چوري جي سدا تدبير ڪر.
۲- ڪير ٿو توکي چوي جو جا بجا ڌاڙا هڻاءِ،
پاڻ سان همراه شاهو خان ۽ شهمير ڪر.
۳- ڪير ٿو توکي چوي جو ڪر زنا ۽ پيچ نڪاح،
رک ڪُتا ۽ تن سان گڏ موجود سَو خنزير ڪر.
۴- ڪير ٿو توکي چوي جو ڪر غريبن کي تباه،
پيٽ پنهنجي لاءِ پيدا رشوتي جو گير ڪر.
۵- ڪير ٿو توکي چوي جو بڻجي آفيسر وڏو،
جبر و استبداد ۾ هرگز نڪا تقصير ڪر.
۶- ڪير ٿو توکي چوي جو قوم جو ليڊر سڏاءِ،
پنهنجي شهرت واسطي بازار ۾ تقرير ڪر.
۷- ڪير ٿو توکي چوي جو مولوي صاحب سڏاءِ،
هر مخالف لاءِ جاري ڪفر جي تحرير ڪر.

٨ - ڪير ٿو توکي چوي جو ڏن ونڻ کي فرض ڄاڻ،
چڙهه ڏڏي تي پاڻ کي دنيا ۾ پڏرو پير ڪر.

٩ - ڪير ٿو توکي چوي جو عشق بازي سِک "رشيد"،
ثانيءِ رانجهو سڏائي جستجو ٿي هير ڪر.

١٠ - اي مسلمان هوش رک باطل کي ڇڏ ٿي حق پرست،
آب کي تون آب ڪر ۽ کير کي تون کير ڪر.

١١ - نفس جي خواهش کي ڇڏ ۽ عمر جو ڇڏ پروسو،
زندگي هڪ خواب آ اُن خواب جو تعبير ڪر.

١٢ - ليس للانسان الا ماسعيٰ تي ڪر عمل،
دين جي ديوارِ کهنه جي وري تعمير ڪر.

١٣ - خون جا دريا وهائي قتل ڪر اغيار کي،
ديس پنهنجي کي وري تون غيرت ڪشمير ڪر.

١٤ - اي مسلمان! طاقتِ بازو وري ڪر دستياب،
پنهنجي بازو ۾ تون پيدا زورِ خيبر گير ڪر.

١٥ - عدل ۽ انصاف جو مرڪز ٿي رهه جڳ ۾ "رشيد"،
ابنِ اڪبر مثل قائم عدل جو زنجير ڪر.

# آهي پنڻ تي لعنت

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

١- هٿ چور ڪر نہ غفلت چو تــو پنين گــداگــر.
ڏيڪار پنهنجي همت چو تــو پنين گــداگــر.
٢- بي ڪار چو رهين تــو ڪنهن روزگــار ســان لڳ،
ڪم آڻ پنهنجي طاقت چو تــو پنين گــداگــر.
٣- هٿ پيــر توکي آهن هٿ چو ٽنگين تــو پين وٽ،
حــرڪت ۾ آهِ برڪت، چو تــو پنين گــداگــر.
٤- واپار آهِ وڏندڙ، چو تــو مــرين بکن ۾،
اُٿ ڪر وجي تجارت، چو تــو پنين گــداگــر.
٥- هرهڪ هنر ڪــان جڳ ۾ ڪــيــتي اُتم چون ٿــا،
تون ڪجهہ نہ سهہ هلاڪت چو تــو پنين گــداگــر.
٦- چو نيچ نوڪري لئي سندرو ٻَڌي تــو دوڙين،
ڇڏ نيچ جي مــحــبت چو تــو پنين گــداگــر.
٧- تعليم ۾ ســمــوري ڪر ختم عــمــر پنهنجي،
ڪر نوڪري ڪــان نفــرت چو تــو پنين گــداگــر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- دنيــا ۾ مــشــڪــلاتن جا پاس اِمــتــحــان ڪر،
ڪر دل سان خوب محنت چو تو پنين گداگر.

٩- چرخو چلاءِ پنهنجو ڪڍ پنهنجو ڪارخانو،
ڪپڙي جي آهِ قلت چو تو پنين گداگر.

١٠- وٺ مت "رشيد" جي چو باطل جي ڪڍ تو ڏوڙين،
هٿ حق جي ڪر حقيقت چو تو پنين گداگر.

١١ - ڏيندو نہ ڪو رهڻ تو ڪو ناهي توکي ڪو وات اندر،
ڪر پاڻ پنهنجي پورت، چو تو پنين گداگر.

١٢ - چستي ڪي پنهنجو شيوو دنيا ۾ چڏ بنائي،
چڏ ڪاهلن جي صحبت، چو تو پنين گداگر.

١٣- راهِ عمل ۾ هرگز پنتي قدم نہ رک تون،
ڪر غير تي حڪومت، چو تو پنين گداگر.

١٤- گڏجي سيئي مسلمان پنهنجو وطن سُڌاريو،
پنهنجي وڏايو عزت، چو تو پنين گداگر.

١٥- ذڪرِ خدا ڪان هرگز غافل نہ ٿي "رشيدا"،
هردم سمجهہ غنيمت، چو تو پنين گداگر.

❀

# ڪاوڙ

(مفعول- فاعلاتن- مفعول- فاعلاتن)

۱- دنيـــا ۾ دشـــمني ســـان ٿي هم رڪاب ڪاوڙ.
درياءِ دل ۾ آهي، مــــوجِ حـــجاب ڪـاوڙ.

۲- ڪاوڙ جي وقت مـــاڻهــو مــجبــور ٿي پوي ٿـــو،
نشي ۾ آهِ بيـــشڪ مـــثلِ شـــراب ڪاوڙ.

۳- اُيــرڻ ســـان آهِ اوندهہ ۽ ســوجهــرو لهڻ ســان،
عـــيش و اَلم جو آهي هڪ آفـــتـــاب ڪاوڙ.

۴- آ ابِتـــدائي ذلت ۽ مـــرڪزِ مـــصـــيـــبت،
بـــنـــجي اَچي تـــي دل ۾ پُر اِضـــطـــراب ڪـــاوڙ.

۵- ڪاوڙ ســان ٿي مــبدل دنيــا جي ٿـئي حــڪومت،
آ ســـــيني اِنقـــــلابن جو اِنقـــــلاب ڪاوڙ.

۶- بيـــهـــودگي جي ڪـاوڙ تعليم آهِ بيـــشـــڪ،
تخريبِ زنـدگي جو آهـي ڪـتـــــاب ڪـاوڙ.

۷- ڪـاوڙ حـــرام جو آ ڪـــائڻ حـــلال توڪي،
مـــرغِ نـفـــاق جو آ گـــويا ڪـبـــاب ڪـاوڙ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- ڪاوڙ بہ عقل جو هڪ جوهر ڪري ٿا ڄاڻن،
موکي ڪي ڪين ايندي آهي شتاب ڪاوڙ.

٩- ڏٻري بشر کي ڪاوڙ ٿيندي نہ آهہ ايڏي،
ٿئي سيٺ ۽ سَٻر کي ٿي بي حساب ڪاوڙ.

١٠- شغلن جي پڇڪڙي سان ڪاوڙ ٿئي ٿي پيدا،
جذبات دل جو آهي هڪ انتخاب ڪاوڙ.

١١- مارڻ ڪُتڻ سان ٿئي ٿو عاقل جو ختم جوهر،
عاقل جي لاءِ آهي بالڪل خراب ڪاوڙ.

١٢- اَڻ ڄاڻ ماسترا! ڇو ماربن ٿو ٻارڙن کي،
مفقود خُلق سان ڪر شوخي ۽ تاب ڪاوڙ.

١٣- ڪاوڙ سان ڪارِ دنيا ۾ چست ٿئي ٿو ماڻهو،
محنت ڪري سين جي ٿي برصواب ڪاوڙ.

١٤- مذهب جي دشمن سان ڪاوڙ ڪجي تہ اهڙي،
دينِ نبيﷺ ۾ آهي اعلىٰ ثواب ڪاوڙ.

١٥- گردش فلڪ جي خوگر آ صبر سان بنايو،
آهي ڏنو ”رشيدا“ ڪورو جواب ڪاوڙ.

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ڙ

# گوڙ

(مفعول- فاعلات-مفاعيل- فاعلات)

١- آ نامراد عشق جو ساري جهان ۾ گوڙ.
ڪون و مڪان ۾ گوڙ زمين و زمان ۾ گوڙ.

٢- تقسيم ڪن ٿا دل ۽ جگر مال عشق جو،
آ تاجرانِ درد جي سود و زيان ۾ گوڙ.

٣- عشاق قتل گاه ڏي ڊوڙن ٿا مثلِ برق،
اڄ آهِ ڪهڙي ڳالهہ جو ڪون و مڪان ۾ گوڙ.

٤- شايد چمن ۾ آهِ خزان جو ٿيو وُرود،
اِن لاءِ عندليب جي آ آشيان ۾ گوڙ.

٥- گلشن ۾ آهِ اڄ ڪا گُهلي بادِ اختلاف،
بلبل جو گل جو آهِ لڳل گلستان ۾ گوڙ.

٦- هو ٿو گهري نجات ۽ هي ٿي گُهري ٻُڏڻ،
آ ناخَدا ۽ ڪشتي جو بحرِ روان ۾ گوڙ،

٧- منزل ڪٺن ٿي پانئجي پُر خوف راه آهِ،
خضرِ مُبين ٿي آهِ لڳو ڪاروان ۾ گوڙ.

٨- پوندو ڪِري ۽ ٿيندي زمينِ خوشي تباهه،
اي رعدِ درد! دل جي نه وجهه آسمان ۾ گوڙ.
٩- ڪن پاس ڪي ٿا فيل ٿئي فيل پاس ٿو،
اڄ ڪلهه ڏسون زمانه جي ٿا اِمتحان ۾ گوڙ.
١٠- سهڻي جي عرقِ جسم جي خوشبو جي ريس ڪان،
آ عطر ۾ ۽ مشڪ ۾ ۽ زعفران ۾ گوڙ.
١١- اڄ آهِ پنهنجي ملڪ ۾ بي لطف شاعري،
ڏسجي سخنورن جي ٿو طبعِ روان ۾ گوڙ.
١٢- آزادگي جي لاءِ ٿا اقوام ۾ ڏسون،
رشيا ۾ روم و شام ۾ چين و جپان ۾ گوڙ.
١٣- ماضي ۾ گوڙ ٿيندو نظامِ وطن تي هو،
هندوستان جي آهِ مگر اڄ زبان ۾ گوڙ.
١٤- ملت بچاءِ پنهنجي اي ملت جا بادشاهه!
ملت ڪشي جو ٻُڌجي ٿو هندوستان ۾ گوڙ.
١٥- هر روز ڪونه ڪو ٿو ٿئي فيصلو ضرور،
آهي ”رشيد“ تنهنجي سڄي خاندان ۾ گوڙ.

# منهن نه موڙ

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١- اي مسلمان! بارگاهِ ڪبريا کان منهن نه موڙ.
ڪين ٿئي منظور توڙي تہ بہ دعا کان منهن نہ موڙ.

٢- آ خدا حاجت روا ٻئي کان نہ ڪر حاجت طلب،
ٿي خدا جو بندو ۽ ذاتِ خدا کان منهن نہ موڙ.

٣- قيدِ غربت کان مسلمانن کي ڏي جڳ ۾ نجات،
شافعِ محشر محمد مصطفيٰ کان منهن نہ موڙ.

٤- تشنہ لب رهندين مسلمان! ڪينڪي دارين ۾،
ساقيءِ ڪوثر علي المرتضيٰ کان منهن نہ موڙ.

٥- دخترِ اسلام! رهہ دارين ۾ عصمت مآب،
سيده، بنت النبي، خيرالنسا کان منهن نہ موڙ.

٦- ترڪ ڪر لذاتِ دنيا، فقر و فاقہ ۾ گُذار،
حضرت شاهِ حسن ذوالاصفيا کان منهن نہ موڙ.

٧- خونِ دل سان باغِ دينِ مصطفيٰ سيراب ڪر،
سيدالشهدا، شهيدِ ڪربلا کان منهن نہ موڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- صادق و عادل، غني، حيدر جو رهه هردم غلام،
پيرِ پيران ۽ امير الاوليا ڪان منهن نه موڙ.

٩- ڪين ڪر تحقير ڪنهن جي خُلق پنهنجو ڪر وسيع،
گهر ۾ جي دشمن اَچي ته به مرحبا ڪان منهن نه موڙ.

١٠- صاحبِ احسان جو رهه مرهونِ منت دهر ۾،
ڪر خوشامد ترڪ، پر وصف و ثنا ڪان منهن نه موڙ.

١١- دوست ڪي چئو ڪين گهٽ وڌ دوستي جو دم نڀاءِ،
يَل ڪري پيو هو جفا پر تون وفا ڪان منهن نه موڙ.

١٢- عشق جي آ ترڪٽي بازي نه هٿ پُنتي ڪڍهن،
انتها تائين هليو هل اِبتدا ڪان منهن نه موڙ.

١٣- حلق تي خنجر هجي ته به ڪر زبان سان ذڪرِ حق،
راهِ حق ۾ ذبح ٿي صبر و رضا ڪان منهن نه موڙ.

١٤- ٿي اچي مونکي نظر عشقِ بتان ۾ ذاتِ حق،
تون بلاشڪ ذاهدا زهد و ريا ڪان منهن نه موڙ.

١٥- واصفِ حيدرؑ اَزل جي روز ڪان آهي "رشيد"،
تون عليؑ جي شاعرِ رنگين نوا ڪان منهن نه موڙ.

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ڙ

# سوال ڳڙ ٻڙ جواب ڳڙ ٻڙ

(فعول- فعلن- فعول- فعلن- فعول- فعلن- فعول- فعلن)

١- هوا جي تيزي کان اڄ تو پرده نشين جو ڏسجي نقاب ڳڙ ٻڙ.
نقاب آهي رهيو نہ منهن تي ٿئي نہ تو چو حجاب ڳڙ ٻڙ.

٢- زماني جي اِنقلاب آهي ڪيو مسرت کي زير و بالا،
نہ آهِ ساقيّ نہ مئي نہ مينا ڏسان تو دورِ شراب ڳڙ ٻڙ.

٣- وياج اُلفت جو درد آهي جو روز وڌندو رهي تو جانان!
نہ راس ۾ مورجي خبر آ ڏسان تو تنهنجو حساب ڳڙ ٻڙ.

٤- گريڊ فرسٽ آ رقيب جو ۾ گريڊ ٿرڊ آهِ عاشقن جو،
ڪيو محبت شعار وارن جو آهِ تو انتخاب ڳڙ ٻڙ.

٥- ڏئين ٿو مونکي نہ منهن اي سهڻا فقط رقيبن کي خوش رکين ٿو،
هميشہ آ گفتگو ۾ تنهنجو سوال ڳڙ ٻڙ جواب ڳڙ ٻڙ.

٦- نہ عشق آهي نہ عشق وارا ڪمائي جڳ ۾ ٿا عشق جاڻن،
مدارسِ عشق جو سمورو ڏسان تو اڄ ڪلهہ نصاب ڳڙ ٻڙ.

٧- ڪري ٿو ڪيهون، ڳلا جي جوڳير سان مري ٿو، ملامتن جو،
رقيب جي پيٽ مان اُمالڪ ڪڏي ڇڏيندو جُلاب ڳڙ ٻڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ ”رشيد“

٨- عدوا أجائي ڪرين ٿو بَڪ بَڪ ڏئين ٿو عشقِ بُتان جا مهڻا،
لڳامر ڏي وات کي ڪري ٿي دماغ منهنجو خراب گـسز ٻڙ.

٩- ڪري محبت کي ترڪ واعظ جي وعظ تي وچ ڪڏهن نه پُلجي،
رڳو نـڳي جو نماءُ آهي هي آهِ مـــــــثلِ سُراب ڳِڙ ٻـڙ.

١٠- رضائي حق ۾ خموش رهه، گفتگو کي رک صاف گو ٿي،
ڪيو زماني ۾ ڪين ڪنهن کي ڪڏهن به آ ڪاميـاب ڳِڙ ٻڙ.

١١- ٻُڌي رقيبن جي ڳالهه مونسان هو رشڪِ گل شوخ ٿئي ٿو گويا،
ڪري ٿو خارن جي چُرچ تي عندليب سان اچ گُلاب ڳِڙ ٻڙ.

١٢- بروزِ مـحـشـر تمام عـاشق ٿي تنگ ديدار لاءِ چوندا،
أجايو ٿائيمر ٿـئي ٿـو ضـايع مَچائي آ آفـتـاب ڳِڙ ٻڙ.

١٣- غريب ٻُڪ ٿا مرن نه روزي جي لاءِ مـاني ٽُڪـر ملن ٿـو،
ريا تي مُلا کي ڏيئي فطرو ڪرين ٿـو سـارو ثواب ڳِڙ ٻڙ.

١٤- نه حـال آهي نه قـال آهي نه ڏسـجي دُنيـا ۾ ٿـو ڪو صـوفي،
چوي ٿـو ڳِڙ ٻڙ جو راڳ مطرب ڪري ٿـو ويتـر رباب ڳِڙ ٻڙ.

١٥- نه علم و دانش جو قدر آهي سُخن ٿا تنهنجو کي خاص سمجهن،
سَليس أشـعـار لِک ”رشـيـدا“ هجي نه تنهنجو ڪتـاب ڳِڙ ٻڙ.

❁

## رديف ز

# شهرِ دراز

(فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلاتن- فاعلات)

١- فـيضِ حق جو آهِ بحـرِ بي ڪران شـهـرِ دراز.
فـيض ياب آهن ڪيـا اهلِ جهـان شـهـرِ دراز.
٢- شـهـر راڻي پور جي ويجهـو خيـرپور اِسـتـيـٽ ۾،
وحـدتِ باري جو آهي گلسـتـان شـهـرِ دراز.
٣- آ شـهـاب الدين فـاروقي جو اعليٰ يادگـار،
عـزت و رفـعت ۾ رشڪِ آسـمـان شـهـرِ دراز.
٤- آ سـچل سـرمـست صـوفي جو هتي نامر آشـڪـار،
آشـڪـار آهي ڪيـو رازِ نهـان شـهـرِ دراز.
٥- صدق آ صاحب ڏني سائين جو نيڪ و بد جي پرک،
عـاشـقن جي لاءِ آهي اِمـتـحـان شـهـرِ دراز.
٦- جنهن سخي آهي ڪيو عشقِ محمدؐ کي قـبـول،
آهِ تنهن جو آشـڪـارا آسـتـان شـهـرِ دراز.
٧- حـضـرتِ عطارؒ جو آ فـيض روحـاني هتي،
شـهـرِ نيـشـاپور جو آهي رازدان شـهـرِ دراز.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ ”رشيد“

٨- طوطيءِ سدره ٻہ ڏسجي ٿي هتي نغمہ سرا،
بُلبلانِ عشق جو آ بوستان شهرِ دراز.

٩- تا قيامت تو ۾ رهندو امن چو جو آ بڻيو،
پيرِ عبدالحق تنهنجو پاسبان شهرِ دراز.

١٠- ”با مسلمان الله الله با برهمن رام رام“
حافظِ شيراز جو آ ترجمان شهرِ دراز.

١١- آ سچلؒ جو چوڏهين رمضان تي يومِ وفات،
تو وهائي فيض جو بحرِ روان شهرِ دراز.

١٢- ساڪنانِ خلد کان اهلِ درازا آهن وڌيڪ،
آ سجي سنسار ۾ رشڪِ جنان شهرِ دراز.

١٣- طالبِ حق! ذاتِ حق کي ڪر درازن ۾ تلاش،
خضر کان وڌ تو رکي پيرِ مغان شهرِ دراز.

١٤- مئي ڪده جو قحط ڪونهي جام تي ڪر جام نوش،
تو رکي چاهِ شرابِ اَرغوان شهرِ دراز.

١٥- فيض ياب آهي تيو شهرِ درازا مان ”رشيد“،
روز وشب آهي سندس وردِ زبان شهرِ دراز.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ز

# ایاز *

(مفعول- فاعلات-مفاعیل- فاعلات)

۱- هر حسنِ بي بقا کي لڪايو آچي اياز،
زلفن جو دام دل تي وڇايو آچي اياز.

۲- ڪوڻي درم جي مثل محبت جو قدر هو،
جڳ ۾ وفا جو شان وڌايو آچي اياز.

۳- مردانِ حق جو عشق ٿيو دل ۾ جاگزين،
عشقِ نسا جو قدر گهٽايو آچي اياز.

۴- گمراهِ راهِ عشق ۾ عشاق کي ڏسي،
سڀ کي ڪتابِ درد پڙهايو آچي اياز.

۵- هرڪو مرڻ لڳو بتِ ترسا جي هجر ۾،
مسلم کي آهِ گويا جلايو آچي اياز.

۶- بنجي غلام شاه جي دل ۾ ڪيائين گهر،
محمود کي غلام بنايو آچي اياز.

۷- سيرت جو شاه تي ۽ وفا جو غلام تي،
محمودِ حال سان ٻه نيايو آچي اياز.

---

★ ڊاڪٽر اياز حسين قادري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- عشاق لاءِ خضر خراسان ۾ هو پر،
پيغامُ، سنڌ مونکي رسايو اَچي اياز.

٩- غزني ڪان لاڙڪاڻه ۾ پيدا ٿيو وري،
ابن "فقير" آهِ سڏايو اَچي اياز.

١٠- "محمود" جي گروهه جو "حامي" سڏائي ٿو،
"اَلطاف" سان بہ ناهِ گهٽايو اَچي اياز.

١١- جنهن راز کي اياز ڪيو هو نہ آشڪار،
تنهن کي لباسِ شعر ڍڪايو اَچي اياز.

١٢- چشم غزال بنجي ٿو چشمن اڳيان ڦري،
چشمن ۾ رازِ عشق سَمايو اَچي اياز.

١٣- خوش خلق پنهنجي سان ٿو مسخر ڪري جهان،
پنهنجو غلام مونکي بنايو اَچي اياز.

١٤- بنجان اياز چو نہ مان رشڪِ اياز جو،
هُن سان بہ مونکي آهِ ملايو اَچي "اياز".

١٥- شادان رهي "رشيد" ٿو خُلقِ اياز تي،
خوشين جو مينهن مون تي وسايو اَچي اياز.

❁

# رهان ٿو اُداس

(فعولن- فعولن- فعولن- فعو)

١- خدا کي ڇڏي ڪــــئَن، ڪري ڏس قــيـــاس.
مــــجي دل عـــــزازيل جو ٿي ســـپـــاس.

٢- تڪـــبــــر جي اســـڪـــول ۾ ڪين مـــان،
ٿـــيـــان ٿـــو عـــزازيل جو هم ڪلاس.

٣- نـہ ڪـر ڏوهـ، مـــــوجود دل تـنـهـنـجي ۾،
خدا پـاڪ آهـي ســـــــــدا، بـي شـنـاس!

٤- خدا پـاڪ جو ٿـي ۽ شـــــــيــطـان جي،
ڪري ڇڏ حــــبـــــيبن کـي نـابـود نـاس.

٥- ســـڙي ســـاه اغيـــار کي ٿـــو ڏسـي،
ســـجڻ وٽ هـمــيـــشـــہ رهان ٿـــو اُداس.

٦- ٿـــو پـــانيـــان مـــان تنهنجن ننهن کيْ هلال،
ســـجڻ مـــاهِ نَو ســـان نہ پَٽ دل جو مـــاس.

٧- ڪـڏهـن رحـم ڪـر ڪـين اَغيـــار ســـــان،
ســـتم تـنـهـنجو دل مـــان وڃائي ٿـــو ياس.

## ڪلامِ ”رشيد“

٨- ڪــٺــان ضــعف ڪــان ڪــٽَن ســروپا جو بار،
ڏِڪائين ٿـــــو ڪاني ڪي شـــــاهي لبــــــاس.

٩- رقــــــيبن ســــــان دلدار! دل منهنجي ۾،
ٿـــــيـــــو صلح ڪـــــان آهِ پيـــــدا هِراس،

١٠- رقـــيبن ڪي لوڏيو، مـــان چاهيـــان نہ ٿـــو،
لُچا منهنجي ويهن اچي آســــــپـــــاس.

١١- ڏسي ســــادگي منهنجي سڀ ڪنهن چيـــو،
ڪـــئـــي آهِ جاهـــل بـــ ”آنـــرس“ پـــاس.

١٢- ڦــــري ويندو پاٽي ســــان ســــوزِ درون،
پـــري باه جو ســاقـــيـــا! ڏي گـــلاس.

١٣- چوي مـــــونکي دلبـــــر ٿـــــو ”ديدار لاءِ،
اچي منهنجي خدمت ۾ ڪر التِـــمـــــاس.

١٤- مـــــجازي ڪـي ڪـر تـرڪ، چو جو، نہ ٿـي،
روا شـــــــــرع ۾ آهِ شـطـرنـج تـاس.

١٥- ”رشـــيـــدا“ تون بيـــهـــوده اَشـــعـــار ۾،
ڪڏهن ڪر نہ قـــرآن جو اِقـــتـــبـــاس.

# حسنِ خدا آشڪار ڏس

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلن)

۱- لطف و ڪرم ڏي پنهنجي تون ليل و نهار ڏس.
نفرت سان دلربا نہ ڪڏهن عيب دار ڏس.

۲- عصيان ڪان منهنجو واندو نہ آ وار وار ڏس،
اي غافرالذنوب! اچي عيبدار ڏس.

۳- عشقِ بُتان ڪان باز اچي ڪين تو سگهان،
رحمت ۾ مونکي پنهنجي تون اُميدوار ڏس.

۴- ابرو جي تيغ تيز ڪري هل اي شاهِ حسن!
مقتل ۾ اڄ تون پنهنجو هلي جان نثار ڏس.

۵- تيرِ نگاه تنهنجي جو ڦٽ غير چو ڏسن،
پنهنجي اَچي تون پاڻ دلِ داغدار ڏس.

۶- بسمل ڪندو وتين تو هزارين دِليون هميشہ،
دلدار پنهنجي دل بہ ڪري بيقرار ڏس.

۷- سِڪ تنهنجي ڪانسوا نہ سمائي سگهي تو ڪجهہ،
مختارِ قلب! قلب ڪي بي اِختيار ڏس.

# ڪلامِ ”رشيد“

٨- هر وقت دل تي حڪم هلائي ٿو دردِ هجر،
هن دل جي تعلقي جو تون مختارِ ڪار ڏس.

٩- درد و فراق و رنج و اَلم جا لڳن ٿا تير،
دل ۾ ٻُڪيون ٿيون جيرو ۽ سينو فگار ڏس.

١٠- ٻِهندو اُيو تي لاش ڪندا هٿ مُصافحو،
منهنجي مزار ڪي نه اچي بار بار ڏس.

١١- عاشق! هميشه دامِ محبت ۾ رهه اسير،
حسنِ بتان ۾ حسنِ خدا آشڪار ڏس.

١٢- دلبر جي درتي ويهه نه ڪاريون اکيون ڪري،
هر رهگذر ۾ نقشِ ڪفِ پاءِ يار ڏس.

١٣- اِظهار رازِ عشق ڪنايات ۾ تون ڪر،
دردن جي داستان جو ڪري اِختصار ڏس.

١٤- ڪر نفس کي تباه رياضت جي تير سان،
پنهنجي ڪُتي کي پاڻ ڪري تون شڪار ڏس.

١٥- دارلفنا ۾ پنهنجون اکيون بند ڪر ”رشيد“،
هڪ وحدة الوجود سدا پائدار ڏس.

# دردِ فرقت جو هَس

(فعولن- فعولن- فعولن- فعو)

۱- سڄڻ! مونکي اَسرار اُلفت جو ڏس،
محبت جو دنيا ۾ ڳوليان ٿو گس.

۲- شبِ وصل چو مختصر آهِ ٿي،
اچا تو سان ٿي آ ملاقات مَس.

۳- عداوت ڪان تون پاڻ مون کي بچاءِ،
عدو سان هلي ڪين منهنجو ٿو وس.

۴- سڄڻ! عشق تنهنجي جي آ دل عروس،
سندس ڳل ۾ وجهه درد و اُلفت جو هَس.

۵- ٿيو دل مان معدوم آهي سرور،
نہ حسرت بنا ڪجهہ رهيو آ وٽس.

٦- سڄڻ ڪهڙي ڪئي آ مون اَربع خطا،
جو تنهنجي رهي آهِ مونسان نہ چس.

۷- سڙي چو نہ دل عشق جي باه ۾،
سڙن نيٺ گلخن ۾ ٿا خار و خس.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- ويــو آهِ بــربــاد تــي مــلــڪِ دل،
اچي بـارشِ وصـل تـون وس مـــــتس.

٩- چيـــو مـــونکي دعـــوت تي دلبـــر بلوچ،
"قـــزاڪـــڙ د مَرشي ڪُشـــون مـــانہ قس"

١٠- نہ رک نفس ۽ زالِ دنيـــا ســـان پيـــار،
بنـائي نہ ڇڏ ڪين سَـــهـــرو ۽ سس.

١١- ڪري نفس ســـرڪش ڪي ڇڏ پنهنجي زير،
وجهي ديو کي چيلهـــــــم بَک ۽ دس.

١٢- تون غفـــــار آهين اي پروردگـــــار!
"توئي عـــاصـــيـــان را خطا بخش و بس.

١٣- خطا پوش آهين خطا ڪر مـــعـــاف،
"نداريم غيـــر از تو فـــريـاد رس"

١٤- لکي ڪين دلبـــر تـــو هـاٿي خطوط،
ليـن ڪين شـــايد تـــا ڪاغذ ۽ مس.

١٥- صداقت جو صيقل گهـمـائي "رشـيـد"،
ڪري دُور ڇڏ قلـــب تـان ڪـت ۽ ڪس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گنهگار جي تلاش

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١- آهي دلِ ضعيف کي دلدار جي تلاش.
دلدار کي نه آهِ دلِ زار جي تلاش.

٢- تعزيرِ عشق آهِ قبوليو مون شوق مان،
منصورِ درد کي تي رهي دار جي تلاش.

٣- سالن کان آهِ بند هلائي نه تو کو شخص،
آ دلِ جي ڪارخانه کي مختار جي تلاش.

٤- وٺ دردِ دل جي لاءِ دوا درد مند کان،
آ کنهن کي سون واسطي لوهار جي تلاش؟

٥- ابرو جي سيف سان تو کري عاشقن کي قتل،
آهي نه منهنجي يار کي تلوار جي تلاش.

٦- دائي اُها پُچائي تي جنهن کي لڳن تا سور،
بي يار کي ئي آهِ سدا يار جي تلاش.

٧- ساقي کي جڳ ۾ پاڻ پُچائي لهي تو رند،
ساقي کي هوندي آهِ نه ميخوار جي تلاش.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ ”رشيد“

٨- سمجهي مريضِ هجر تو پئي جي دوا حرام،
آ يار جي دوا ڪي نہ بيمار جي تلاش.

٩- پيارو گهران چو غير ڪي توڪان اي رشڪِ گل!
بلبل ڪي هوندي آ نہ ڪڏهن خار جي تلاش.

١٠- دنيا ۾ پنهنجو پاڻ تو حاصل ڪجي ڪمال،
گهوڙي ڪي رهندي آهہ نہ مسوار جي تلاش.

١١- هڪ هٿ سان جڳ ۾ ڪين تي تاڙي وجي ڪڏهن،
ماڻهو ڪي آ ضرور مددگار جي تلاش.

١٢- دنيا جو ڍونڍ ڳولي مسلمان اڄ تو، جڻ،
آهي حلال خور ڪي مردار جي تلاش.

١٣- جلدي ظهور جڳ ۾ تئي شل اِمام جو،
آهي اسانجي قوم ڪي سردار جي تلاش.

١٤- گهر تي پُڇي ”رشيد“ جو پر ڪونہ تو ڏسيس،
رحمت ڪي آهِ ڪهڙي گنهگار جي تلاش.

١٥- دنيا ۾ ڪر نہ ڪنهنجي ڪڏهن جستجو ”رشيد“ ،
هر وقت ڪر تون حيدرِ ڪرار جي تلاش.

❁

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# خوش

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١- تقسيم پنهنجي مان تو رهي هر قسيم خوش.
قسمت تي ڪو ڪو جڳ ۾ ٿئي ٿو سقيم خوش.

٢- رهندو اَلم ڪان آهِ نہ ڪوئي اَليم خوش.
رنج و اَلم ۾ ڪئَن ٿو گذاري يتيم خوش؟

٣- آهي حيا ۽ حلم ڪان مردِ حليم خوش،
بدفعل مان هميشہ رهي ٿو لئيم خوش.

٤- سيرِ عدم مان آهِ خيالِ عديم خوش،
پنهنجي قيام گاه ۾ آ هر مقيم خوش.

٥- رهندو ندامتن مان نہ آهي نديم خوش،
طرزِ جديد مان نہ ڪو آهي قديم خوش.

٦- پشتِ گدا ڪي شب جو رڪي ٿي گليم خوش،
هر روز نيمِ نان سان گهاري ٿو نيم خوش.

٧- آ منهنجي بوءِ عشق مان رشڪِ شميم خوش،
بيمار جي خوشي سان ٿئي ٿو حڪيم خوش.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸- آهي ڪلام پنهنجي مـــان هرڪو ڪليم خوش،
قـــرآن خوان مـــان ڏســـجي تـــو رب العليم خوش.

۹- رقـــعـــ لکڻ مـــان آهِ هـمـــيـــشـــ رقـــيم خوش،
ڪاتب جي آ قلم کي ڪتـــابِ ضـــخيم خوش.

۱۰- مـــدحِ عليءَ ڪـــان ڏســـجي تي طبعِ سليم خوش،
آهي عليءَ ڪـــان فـــخرِ الف، لام، مـــيم خوش.

۱۱- مـــهـــر و ڪرم مـــان آهِ هـمـــيـــشـــ ڪريم خوش،
انعـــامِ بندگـــان ڪـــان رهي تـــو نعـــيم خوش.

۱۲- لطف و عطا مـــان آهِ غفـــورُالرحـــيم خوش،
آهي عـناد و بخل مـــان شـــيطان رجيم خوش.

۱۳- مـــؤمن ڪـــان آهِ خُلد ۾ لطفِ عـــمـــيم خوش،
ڪافـــر ڪـــان آ ســـقـــر ۾ عـــذابِ عظيم خوش.

۱۴- آهي گُلن ڪـــــان باغ ۾ بادِ نســـــيم خوش،
اُمت ڪـــان آهِ پنهنجي مـــحـــمـــدؐ ڪريم خوش.

۱۵- آهي ”رشـيـد“ جسم مـان هر ڪو جَســيم خوش،
خالق جو ڪنهن کي تـو نہ لڳي خوف و بيم خوش.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ش

# اِحسان فراموش

(مفعول- مفاعیل- مفاعیل- مفاعیل)

۱- دلدار کي کر کين اي نادان! فـــــرامــــوش.
ڇو دل جو کرين تـــو تون نگهـــبـــان فـــرامـــوش.

۲- نازل تـــو کري برق! اِجهـــو چرخ ســـتـــمگر،
کر پنهنجي تون خرمن کي اي دهقـــان فـــرامـــوش.

۳- دل منهنجي جي هر داغ کـــان خورشـــيـد لڄي ٿـيـو،
يوسفؑ کـــان ٿـــيـــو حـــجرهٔ زندان فـــرامـــوش.

۴- شب روز کيـــان مـــصـــحفِ رو جو تـــو مطالع،
ڇو کين وڃي مـــون کـــان ٿي قـــرآن فـــرامـــوش.

۵- ٿـــيـــا شـــمس و قـــمـــر تنهنجي ڏسڻ لاءِ پريشـــان،
حـــورن کـــان ٿـــيـــو روضـهٔ رضـــوان فـــرامـــوش.

۶- فـــرصت ٿي ملي کين کڏهن عـــشقِ بُتـــان کـــان،
مـــون آهِ کـيـــو دين ۽ اِيمان فـــرامـــوش.

۷- هر شـــئي ٿي فـــرامـــوش وڃي دهر ۾ ليـــکن،
دل مـــان نـہ ٿـــئي عـــشق جو اَرمـــان فـــرامـــوش.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- هر وقت ڪيـــــان ذڪر تــــو بي رحم بتن جو،
ويو آهِ تي دل منهنجي ڪـان رحـمـان فـرامـوش.

٩- قـــاتل! نـ اچا جامِ شـــهـــادت تـــو پيـــارين،
چو پنهنجو ڪيـو آهِ تو مـهـمـان فـرامـوش.

١٠- آ ســـاڻ ڪفن، ڪين ڪرين قـــتل تـــو تاهم،
چو تو ڪـــان ويو آهِ تي پيـــمـــان فـــرامـــوش.

١١- زاهد تـــو قـــران دشت ۾ وحـــشي تي جنون ڪــان،
مـون آهِ ڪيـو حـشـر جو مـيدان فـرامـوش.

١٢- ڪو تنهنجي مـحـبت جي نتـو سـمـجهي مـعـمـا،
تــيــو آهِ اَرسطو ڪـــان بـ برهان فـــرامـــوش.

١٣- دلدار ســڏن توکي تـا دِل منهنجي جي ســبـبـان،
مـونکي چو ڏڪارين تـو اي اِحـســان فـرامـوش.

١٤- دُنيـا جي مـصـائب ۾ سـوين سـال رهيـو تنگ،
احـمـدؐ کي ڪيـو ڪينڪي سلمـانؓ فـرامـوش.

١٥- زنده تـــو ڇڏيون نام وڃين جڳ ۾ "رشـــيـــدا"،
ڪوئي نـ ڪندو تنهنجو هي ديوان فـــرامـــوش.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آزار فراموش

(مفعول- مفاعيل- مفاعيل- مفاعيل)

١- ڪئن تنهنجي محبت کي ڪيان يار! فراموش.
بلبل ڪان ٿئي ڪين ٿو گلزار فراموش.

٢- هر رات ڪيان تنهنجي ٿو زلفن جو تصور،
ٿئي ڏينهن جو تنهنجو نہ ٿو رخسار فراموش.

٣- تون وصل جي وعده جي تسلي ٿو ڏئين پر،
ٿئي دل مان نہ ٿو هجر جو آزار فراموش.

٤- زلفن جي وجهي ڏور اي دلدار ڏي ڦاهو،
منصور صفت ڪين ڪندو دار فراموش.

٥- رُخ پاڪ ڏسي تنهنجو تہ بي مُلهہ ٿي وِڪامي،
يوسفؑ ڪان ٿئي مصر جي بازار فراموش.

٦- فرقت ۾ مري تنهنجي ٿو اچ جلد مسيحا!
پنهنجو تو ڪيو آهِ چو بيمار فراموش،

٧- تو لاءِ ڇڏيو آهِ وِساري مون زمانو،
ٿين تو ڪان آچا ڪين ٿا اغيار فراموش.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- سڀ ڪجهہ ٿي فراموش ويو عشقِ بُتان ۾،
ليڪن نہ ٿيا عشق جا آشعار فراموش.

٩- دم دم ۾ ڪري ذڪرِ بُتان آهِ ڪئي مون،
تسبيح فراموش ۽ زنار فراموش.

١٠- تسليم ڪري نيت چُڪو عشقِ بُتان کي،
زاهد کان ٿيا جُبّہ ۽ دستار فراموش.

١١- رحمت جي تسلي تي ڪندا ڏوهہ رهون ٿا،
غفار کي ڪئن ڪن ٿا گنهگار فراموش.

١٢- مون آلِ محمدؐ کي نٿو دِل مان وِساريان،
مونکي چو ڪندو حيدرِ ڪرار فراموش.

١٣- دارا ۽ سڪندر بہ جتي سر ٿا نمائن،
ڪئن تنهنجي ڪندس يار مان دربار فراموش.

١٤- حاتم بہ ڪري روز ٿو دلبر جي گدائي،
دلبر جو ڪندو در نہ هي پينار فراموش.

١٥- صحرا ۾ متو چا سان پيجان پنهنجو "رشيدا"،
مجنون کي ڪيو آهِ چو ديوار فراموش.

❁

# شراب خالص

(فعول- فعلن- فعول- فعلن- فعول- فعلن- فعول- فعلن)

١- نہ عدل آهي، ڪُليل ستم جو ڏسان ٿو هر هنڌ باب خالص.
بجاءِ روغن جي دوستو ٿو ٻري زماني ۾ آب خالص.

٢- زمانو نفرت سان ٿو ڏسي، جو نہ هڪڙي حالت ۾ ٿو گذاريان،
نہ آهِ بغض و عناد جو ڪو اکين جي آڏو حجاب خالص.

٣- شباب ٿيو ختم هجر ۾ آهِ، وصل پيري ۾ خاڪ ٿيندو،
پچائي فرقت جي آگ تي دل ٿو ناهي ڪاوان ڪباب خالص.

٤- مصائبِ دهر ڪي پُلايان ٿو دل مان نشي ۾ چور بنجي،
پيان ٿو خونِ جگر خوشي سان هميشہ سمجهي شراب خالص.

٥- مَتي ۾ پنهنجي اَچا ڏسان ٿو چَويهہ سال آهِ عمر منهنجي،
نہ دردِ فرقت جي پير جي واسطي ڪو آهي خضاب خالص.

٦- لڳي نہ مونکي هوا زماني جي آهِ اڄ ڏينهن تائين يارو!
ازل ڪان شرم و حيا جو منهن تي پيل ڏسان ٿو نقاب خالص.

٧- ٿيان مان ڪنهنجو نہ آ ڪو پنهنجو ڪري ٿو پيسن ڪي هرڪو پنهنجو،
عطا ٿيو ڪمسني ڪان آ مفلسي جو مونکي خطاب خالص.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

۸- ڏيان زماني کي بدگماني جو موقعو ٿو حقير بنجي،
ڏسي رَوَش منهنجي دل ۾ سيني کي جاڳي ٿو اضطراب خالص.

۹- لکيا هزارين خطوطِ اُلفت مون هوندا دنيا جي دوستن کي،
نہ آهِ آيو، نہ آهِ اچڻو ڪو مون ڏي موٽي جواب خالص.

۱۰- جي لعل کي لڏ ۾ آهِ وِجهبو تہ قدر اُنجو نہ آهِ گهٽبو،
مِلي خرابي سان ڪين دنيا ۾ آهِ ٿيندو خراب خالص.

۱۱- ونان مان تعليم چا تي تعليم ۾ اِضافو ٿئي ٿو غم ۾،
زماني جي ڪشمڪش کان خالي نہ ڏسجي ٿو ڪو ڪتاب خالص.

۱۲- بقولِ "غالب" "بُرن جي پوبان چڱن کي پيي ٿا بُرو سڏن سيي"
نہ نيڪ و بد جو ٿئي ٿو اڄ جي زماني ۾ اِنتخاب خالص.

۱۳- خدايا ڏي عيشِ زندگي يا بقا ڏي ڪر زود تر روانو،
وَساءِ رحمت جو مينهن مون تي يا ڪر عنايت عذاب خالص.

۱۴- ٿيو نہ دنيا جو عيش حاصل نڪا قيامت ۾ کهڙا وَنبا،
ألائي ڪو ڏئي ڪٿي دِلاسو متان رسالتمآب خالص!

۱۵- نہ عيد کان پوءِ آهِ ڪپڙن جو لطف رهندو "رشيد" احمد،
ٿيو چا حاصل جي آيو پيري جي عمر ۾ اِنقلاب خالص.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ص

# دلدار جو اِخلاص

(مفعول- مفاعيل- مفاعيل- مفاعيل)

١- اُتساه سان ڏسجي تو سدا يار جو اِخلاص.
اُن کي تو وٺي کين دلِ زار جو اِخلاص.

٢- ڏوئي تو پئي تنهنجو لِکيل نامر مسيحا!
ڏس دوست اچي پنهنجي تون بيمار جو اِخلاص.

٣- ماٺهوءَ جو ڪڏهن نانگ نہ همدرد ٿي رهندو،
عاشق سان ڪڏهن آهہ نہ اغيار جو اِخلاص.

٤- عشاق ٿين چو نہ سجڻ تو تي پريشان،
شيدا تو ڪري قومر کي سردار جو اِخلاص.

٥- پاسي ۾ چُڀي توڙي مگر گڏجي گذاري،
چا گل کي تو گلشن ۾ وٺي خار جو اخلاص.

٦- هکوار بہ قاتل نہ ڪري قتل تو مون کي،
گردن سان رهي چو نہ تو تلوارِ جو اِخلاص.

٧- شاعر جي "رشيد" آهِ تہ بس عشق جي صدقي،
ورنہ هو ڪٿي ۽ ڪٿي اشعار جواِخلاص.

## ڪلامِ ”رشيد“

٨- تي دور رقيبا! ڏي چڏي ترڙي خوشامد؛
منظور ڪندو ڪير تو مردار جو اِخلاص.

٩- منظور غلامي کي ڪيان ڪين تو، هرگز،
پابند ڪري مونکي تو دِلدار جو اِخلاص.

١٠- توکي نہ ڪڏهن خضر جي پوندي ڪا ضرورت،
سنئين راه سان گر آهِ تو رهوار جو اِخلاص.

١١- چڙهندي جو زماني ۾ وٺي هرڪو تو پاسو،
نادار سان تئي ڪين تو زردار جو اِخلاص.

١٢- اونو نہ رهيس ساه ۽ سر پنهنجي جو هرگز،
منصور کي منظور هيو دار جو اِخلاص.

١٣- قاتل بہ متائي تي چڏي قتل جي خواهش،
ڪهڙو نہ هيو سيدِ اَبرار جو اِخلاص.

١٤- بستر تي ڪُسڻ لاءِ سُتو دوست جي بدران،
اهڙو هو محمدؐ جي مددگار جو اِخلاص.

١٥- صد شڪر خدا پاڪ جا ڪر دِل سان ”رشيدا“،
آ مفت مِليو حيدرِ ڪرار جو اِخلاص.

❀

# حرص

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

۱- نفرت سان هر ڪو ڦيري ٿو تو ڏي نگاه حرص!
پُلجي بہ ڪونہ آهِ ڪندو واه! واه! حرص.

۲- لشڪر خوشامدين جو وٺي زور و شور سان،
اِيمان جي سلطنت تي ڪندو آهِ ڪاه حرص.

۳- سلطانِ ڪذب بنجي ضلالت جي ملڪ ۾،
پائي گهمي ٿو مڪر جو تاج و ڪلاه حرص.

۴- بچڙن جي هٿ ۾ شان و شرافت ٿو ڏئي ڇڏي،
اَشراف لاءِ ڪين ڇڏي ٿو ڪا واه حرص.

۵- گمراه آدمي ٿو ڪري هن ۾ غرق ٿئي،
دانا چون ٿا آهِ ضلالت جو چاه حرص.

۶- نيڪي ڇڏي ٿو لوڙهي گناهن جي بحر ۾،
اَفعالِ بد کان آ نہ ڪندو انتباه حرص.

۷- بدخواه آهِ سڀ جو ڪري سڀ کي ٿو ذليل،
دنيا ۾ ڪنهنجو آهہ نہ ٿيو خيرخواه حرص.

۸- اَحـبـاب جون دِلـيـون بہ جلائي ڪري ٿـو خاڪ،
ٻاري ٿـو دشـمـني جي زمـاني ۾ باھ حـرص.

۹- پيـدا ٿـو اِختـلاف ڪري دل ۾ خواھ مـخواھ،
هرگز رڪڻ نہ چاهي ٿو ڪنهن سان بہ ناھ حرص.

۱۰- مـحـتـاج مـعـتـبـر ڪي رذيلن جو ٿـو ڪري،
برباد ٿـو بشـر جو ڪري عـز و جاھ حـرص.

۱۱- آخر حـريص ڪي ٿـو پوي سـر لِڪـائڻـو،
ڪنهن وٽ ونڻ ڇڏيندو نہ آهي پناھ حـرص.

۱۲- پنهنجو پَلو جي پـانئين تہ ڏي حـرص کي ڇڏي،
ورنہ ڪندو جهـان ۾ توکي تبـاھ حـرص.

۱۳- عـزت بچاءِ پنهنجي نہ ٿي حـرص جو غلام،
بيـهـودگي جو دهر ۾ آ بادشـاھ حـرص.

۱۴- اِنعـام ڪردگـار نہ توتي ڪندو حـريص!
توکي سِڌو ڏسـيندو جهنم جي راھ حـرص.

۱۵- دنيا ئي دُون جي حرص کان بيزار رھ "رشيد"،
صـدها عـقـوبتن سـان وجائي ٿـو سـاھ حـرص.

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پهلوان ڪهڙو شخص؟

(مفعول- فاعلات-مفاعيل- فاعلات)

۱- سمجهي ٿو اڄ جهاد کي آسان ڪهڙو شخص؟
ملت تي چاهي ڪرڻ ٿو اِحسان ڪهڙو شخص؟

۲- ڪشمير ۾ جهاد ڪرڻ واسطي هلو،
چاهي مرڻ ٿو بڻجي مسلمان ڪهڙو شخص؟

۳- هاتف اِها ندا ٿو ڏئي چَوطرف ڪان اڄ،
”تيندو وطن ۽ قوم تان قربان ڪهڙو شخص؟“

۴- ڏسڻو اسانکي آهِ اِهو اي مجاهدو!
سَر ٿو ڪري جهاد ۾ ميدان ڪهڙو شخص؟

۵- دنيا جون لالچون ٿا ڏين غير بي شمار،
ڏسجي بچائي پنهنجو ٿو اِيمان ڪهڙو شخص؟

۶- ملت جي لاءِ ڏسجي تہ ٿو ڪير سر ڏئي؟
دل جا ڪڍي ٿو مرد تي اَرمان ڪهڙو شخص؟

۷- ڦوڪي ٿو ڪير روح وري مرده قوم ۾؟
شعرا منجهان سڏائي ٿو حسان<sup></sup>رضہ ڪهڙو شخص؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- اَڄ ڄاڻ قـــوم جي تـــو ڪري ڪيـــر رهبـــري؟
اندڙا وجي رســائي تـــو ملتــان ڪهــڙو شـــخص؟
٩- جامـــو ڍَڪي بشـــر جو عـــزازيل تـــو ڳـــهـــمي،
مـــاري اُهو تـــو صـــورتِ شـــيطان ڪهـــڙو شـخص؟
١٠- حـــيـــدرؑ جو زور ڪهـــڙو مـــجاهد عـــيـــان ڪندو؟
حـــمـــزهؓ جي مـــثل تـــيندو پهلوان ڪهـــڙو شـــخص؟
١١- خالد جي مـــثـــل ڪيـــــر تـــــو تيغِ خدا تـــئـي؟
ٻُڌڻ منجهـان سـڏائي تـو سلمانؓ ڪهـڙو شـخص؟
١٢- شـبـيـرؑ سـان ملڻ تو گـهري ڪهـڙو تي شـهـيـد؟
خلدِ برين جو بڻجي تـو مـهـمـان ڪهـڙو شـخص؟
١٣- تيـغـن جي ڇانوَ هيــنــان تـــو ڪهـــڙو پڙهي نماز؟
سـر ڏئي پڙهي تـو نيـزي تي قـرآن ڪهـڙو شـخص؟
١٤- عـــبـــاسؓ مـــثل پنهنجا تـــو بازو وڃائي ڪيـــر؟
گهوڙي کي ڏئي تو جوش مان جولان ڪهڙو شخص؟
١٥- ڏسـجي "رشـيـد" قـوم جو ٿئي ترجمان تـو ڪيـر؟
قـومي سـخن ۾ نـاهي تـو ديوان ڪهـڙو شـخص؟

❀


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذاتِ خدا جو فيض

(مفعول- فاعلات- مفاعيل- فاعلات)

١- شل ٿئي نصيب مونکي حبيبِ خدا جو فيض.
دنيا کي مستفيض ڪري مون گدا جو فيض.

٢- عالم ۾ آشڪار ٿيو آهِ منهنجو نام،
مونکي مليو رقيب کان آهي گلا جو فيض.

٣- شمس وقمر ۾ آهِ شعاعِ جمالِ يار،
آهي فلڪ تي منهنجي مني مهه لقا جو فيض.

٤- هر وقت آشنا سان رهي آشنا ٿو ساز،
ناآشنا کي ملندو نه آ آشنا جو فيض.

٥- منهنجي جگر جي خون سان آهن تو هٿ رڱيا،
تنهنجن هٿن تي آهِ نه رنگِ حنا جو فيض.

٦- محروم فيضِ حق کان ٿو ڪافر رهي سدا،
تو لاءِ آ حرام عدو! دلربا جو فيض.

٧- هي منهنجي آهِ سرد جو آهي چمن ۾ شور،
آهي مليو نه باغ کي بادِ صبا جو فيض.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- ڪو خوش نصيب ٿـئي ٿـو زمـاني جو بادشـاهه،
حـاصل ٿـئي ٿـو سڀ ڪي نہ بالِ همـا جو فـيض.

٩- آهـن اڄا بہ ملـڪ ۾ بندا خدا جا عــــــام،
مـسـدود ڪين آهـِ تـيـو اوليــا جو فـيض.

١٠- شـــيطان ڪي بہ هـونـدي تمنا نـجات جي،
ڇا ڇنـجي روزِ حـشـر ۾ ذاتِ خدا جو فـيض.

١١- قــرطاس ۾ ٿــو پيش ڪري قند جي مـثــال،
تــيــو عـام آهـِ شـاعـرِ رنگين نوا جو فـيض.

١٢- باب الســخا عليؑ ســان ڪَري ڪيــر ريس ٿــو،
حاتم ڪي ڀي مليو ٿي عليؑ جي سخا جو فـيض.

١٣- هر ذره ذره ۾ تون مـــحـــمدؐ جو نور ڏس،
آهي ســڄي جهــان ۾ خيــرالوريٰ جو فــيض.

١٤- صـوفي فـقـيـر تنهنجا ٿـا ڳائن سـوين ڪلام،
آهي "رشـيـد" تنهنجي هي طبعِ رسـا جو فـيض.

١٥- ڇا تـيـو جي دوجهـان ۾ ويو بخشـجي "رشـيـد"،
آهي ڪـٿڙ جو ڪينڪي مشـڪل ڪشا جو فـيض.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آ بي تمنا غلط

(فعولن- فعولن-فعولن- فعو)

١- ڪرڻ آهِ تقويٰ جي دعويٰ غلط.
نہ ڪر مونسان تڪرار مُلا غلط.

٢- وصالِ خدا عشق سان ٿو ٿئي،
بجز عشق آ زهد و تقويٰ غلط.

٣- نہ منظور ڪر نفس جي دوستي،
شُتر ڪان گهرڻ آهِ آنا غلط.

٤- سڏن حبِ دنيا ٿا پاٽي تي چٽ،
ٿيڻ آهِ دنيا تي شيدا غلط.

٥- اي بلبل! فنا آهِ دورِ بهار،
ڪرڻ آهِ گلشن ۾ غوغا غلط.

٦- عيان نيٺ سبزي ۾ زردي ٿي ٿئي،
گذارن ٿا باغن ۾ طوطا غلط.

٧- عدو ڪين ٿيندو ڪڏهن سرد دل،
سڏڻ تيل ڪي آهِ سودا غلط.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- نہ دل کي ڪري زنده پر جسم کي،
سَڏڻ آهِ اُن کي مسيحا غلط.

٩- گهرين چو تو غيرِ خدا کا مُراد،
تيڻ پار آ نر مان پيدا غلط.

١٠- اچي ڏيندو رڳڙو اِجهو توکي موت،
ڪٿين تو هي ڏنبا ۽ ڪوندا غلط.

١١- پُڙيو پيم جوڏو نہ آ موت سان،
عيان ڪن تا طاقت کي جوڙا غلط.

١٢- نہ چڏجي رَسو هٿ مان اِسلام جو،
بنائن مسلمان تا تولا غلط.

١٣- اگر دل ۾ حُبِ عليؑ ڪين آ،
تہ آهن نمازون ۽ روزا غلط.

١٤- تجي دشمنانِ عليؑ جو بہ دوست،
سڏي اهڙي ياري تو مولىٰ غلط.

١٥- هجي وصلِ مولىٰ جي خواهش "رشيد"،
سوا اُنجي آ بي تمنا غلط.

## رديف ط

# قحط سالي

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلات)

١- پائي اچي تـــو رخ تي قـضـــا جو نقــاب قـــحط.
قـــزاقِ مـــوت ســـان تـــو ٿـــئي همـــرڪاب قـــحط.

٢- تصـــويرِ مـــوت بنجي ٿـــو مـــاڻهن اڳيـــان ڦـــري،
ٿـــئي زندگي جي لاءِ ٿـــو تعـــبيـــرِ خواب قـــحط.

٣- ٿـــئي ٿـــو نہ اعـــتـــراض ڪـو عـــقلِ سليم تي،
ڪنهن ســـان ڪرڻ نہ ڏئي ٿـو ســوال و جواب قـحط.

٤- عـــلامـــہ فـــيلســـوف بہ پاڳل ٿـــا ٿي پون،
ڏيئي ڇڏي ٿـــو عـــقل جي آڏو حـــجاب قـــحط.

٥- اعـــمـــالِ بد جي بنجي ٿـــو صـــورت جهـــان ۾،
بد امن ملَڪ لاءِ ٿـــو بنجي عـــذاب قـــحط.

٦- رهندي نہ آ تـــمـــيـــز حـــلال و حـــرام ۾،
ڪـــولي درندگي جو ٿـــو دنيـــا ۾ باب قـــحط.

٧- هر شيءِ جو احـــتـــيـــاج ڪـــان ملهہ ٿـو وڌي وڃي،
خارن ڪي پيي ســـڏائي ٿـــو رشڪ گـــلاب قـــحط.

٨- تعـــمـــيـــر قـــوم جذب تي تَخريب ۾ ٿـــئي،
پيـــدا ڪري زمـــاني ۾ ٿـــو انقـــلاب قـــحط.

٩- مـــضـــمـــر ”رشـــيـــد“ آهہ منجهس انتـــبـــاهِ خلق،
آ بي دريغ درسِ عـــمـــل جو ڪتـــاب قـــحط.

❁

# بي عمل واعظ

(مفعول-فاعلاتن-مفعول-فاعلاتن)

۱- عيار آهه واعظ مڪار آهه واعظ.
مڪار آهه واعظ عيار آهه واعظ.

۲- دستار آهه واعظ مڪر و دغا جي ويڙهي،
مڪر و دغا جي ويڙهي دستار آهه واعظ.

۳- بيزار آهه واعظ اخلاق مصطفىٰ کان،
اخلاق مصطفىٰ کان بيزار آهه واعظ.

۴- غدار آهه واعظ قوم و وطن جو پورو،
قوم و وطن جو پورو غدار آهه واعظ.

۵- ايثار آهه واعظ ايمان کيو رياتي،
ايمان کيو رياتي ايثار آهه واعظ.

٦- ميخوار آهه واعظ دولت جي مئي کدهه جو،
دولت جي مئي کدهه جو ميخوار آهه واعظ.

۷- بيدار آهه واعظ ڪئي قوم کين پنهنجي،
ڪئي قوم کين پنهنجي بيدار آهه واعظ.

۸- بيمار آهه واعظ شهرت جي آرزو ۾،
شهرت جي آرزو ۾ بيمار آهه واعظ.

۹- بيڪار آهه واعظ مطلب گزين "رشيدا"،
مطلب گزين "رشيدا" بيڪار آهه واعظ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فضائلِ شريعت

(مفعول- فاعلاتُ- مفاعيل- فاعلات)

۱- توحيد جي ڪتاب جو آ انتخاب شرع.
دنيا ۾ پنهنجو ڪين رکي ٿي جواب شرع.
۲- معراجِ معرفت تا سڏن ڪيس اوليا،
ذاتِ خدا جي وصل جو آهي نقاب شرع.
۳- پي اَهڙو جو وري نه پوي توکي احتياج،
عرفان جي ميڪدهه جو ٿي سڏجي شراب شرع.
۴- شرعِ مُبين عطا ٿي ڪري خلد جي سند،
فوراً ڪري ٿي بند جهنم جو باب شرع.
۵- سر پل وَجي نه بيعتِ غير خدا ڪجي،
مومن کي اهڙو جڳ ۾ ڪرَي ٿي خطَاب شرع.
۶- خوشبو جي لاءِ گل نه عزيز و وجهو ڪڏهن،
آ قبر منهنجي واسطي بوئي گلاب شرع.
۷- ايمان جو ٿي دل ۾ جلائي چِڏي ڏيو،
تاريڪ دل کي آهه ڪندي نور ياب شرع.
۸- آ ڪير جو ٿو ترڪ شريعت ڪري جڏهن،
آهي ڇڏي نه پاڻ رسالت مآب شرع.
۹- سر مال و جان شرع تان قربان ڪر "رشيد"،
انعام توکي ڏيندي بغير از حساب شرع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باغِ جاودان

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلات)

۱- مـــــومن بنـاء دل ۾ ۽ روح روان ۾ بـاغ.
تعـمـيـر چو ڪرين تـو فنا جي جهـان ۾ باغ.
۲- روئي زمين ڪي عـدل سـان رشڪِ چمن بناء،
انجي صلہ ۾ تـيندو عطا آسـمـان ۾ باغ.
۳- شـداد رُو جا باغ فـنا تـا تين مگر،
برباد تـيندو تنهنجو نہ ڪون و مـڪان ۾ باغ.
۴- دنيـا جي گلسـتـان ۾ سـوين خار تـا رهن،
بي خار ڪو لڳاء اي مـومن جهـان ۾ باغ.
۵- دريا وهائي خون جا ملت جو سـبـز ڪر،
اٽلي، فـرانس، روس ۽ چين و جپـان ۾ باغ.
۶- مـثلِ حـسين دشتِ مـصـيـبت چمن بناء،
اهڙو هجي نہ ڪنهن جي بہ وهم و گـمـان ۾ باغ.
۷- بلبل! رهي چمن ۾ پيي گل لاء تي سـڪين،
توکي نظر اچي تـو نہ چو آشـيـان ۾ باغ.
۸- پيـدا ڪرين تـو نظم ۾ آزادگي جا گل،
ڏسجي "رشـيـد" تنهنجي تـو رنگين بيان ۾ باغ.
۹- شـاداب باغِ قـوم ڪي ڪر خون پنهنجي سـان،
اُجڙي "رشـيـد" تنهنجو نہ دورِ خزان ۾ باغ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پٽ ڌڻي

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- ڪين نورِ ذات حق ڪـــان آ جدا عـــبــــداللطيف.
جي خدا ناهيَ تہ آ نورِ خدا عـــبـــــداللطيف.

٢- پٽ ڌڻي آلِ نبي دنيـــا ۾ آهي آشـــڪـــار،
طائرانِ نظمِ سنڌي جو همـــا عـــبـــداللطيف

٣- جذبئہ توحـــيـــد جو مـــرڪز ۽ آ صـــوفي صـــفـــا،
پيـــشـــوائي ســـرگـــروهِ اوليـــا عـــبـــداللطيف.

٤- آ سـنـدس تصنيف پيـــــغامِ نجات ۽ پاڻ آهـ،
راهِ آزادي جو ڪامل رهنمـــا عـــبـــداللطيف.

٥- آ مـــصـــور فطرت انســـان جو نقـــاش دهر،
ڪشـــتيءِ قـــوم و وطن جو ناخدا عـــبـــداللطيف.

٦- آ جلال الدين رومي مـــثل دنيـــا ۾ ڪيـــو،
پيش سنڌي ۾ ڪلامِ ڪبـــريا عـــبـــداللطيف.

٧- افـصـح الفـصـحـا ڪليمِ حق بـڻـيـو آ سنڌ جو،
سڀ ڪـــان اول شـــاعرِ رنگين نوا عـــبـــداللطيف.

٨- فـــيلســـوفـــانِ زمـــانـہ آ ڪيـــو تسليم ائين،
فلســـفـــہ آهہ خبـــر آ مـــبـــتـــدا عـــبـــداللطيف.

٩- سنڌ جي شـعـرا ڌي پيـغامِ تخيل پنهنجي ســان،
شل "رشـيـدا" مـوڪلي بادِ صـبـا عـبـداللطيف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عدالت جو شائق

(فعولن-فعولن-فعولن-فعولن)

١- تـــيـــو جڳ ۾ آهين جهـــالت جو شـــائق.
تـــئين تـــو نہ حق جي هدايت جو شـــائق.
٢- وڃائـي نہ ڇڏ قـــوم پنهنجي جي عـــزت،
نہ ٿي غيـــر جي عـــز و عظمت جو شـــائق.
٣- رکي راهِ عـــرفـــان ۾ پنهنجا قـــدم، ٿي،
طريقت جو شـــائق حـــقـــيـــقت جو شـــائق.
٤- عـــداوت، جفـــا ۽ شـــرارت ڇڏي، ٿي،
مـــحـــبت، مـــروت، مـــؤدت جو شـــائق.
٥- تـــئـــي نفس ۽ قلب تنهنجو جهـــان ۾،
مـــشـــقت جو شـــائق مـــسـرت جو شـــائق.
٦- ٿي حـــاتم ۽ نوشـــيـــروان مـــثل جڳ ۾،
ســـخاوت جو شـــائق عـــدالت جو شـــائق.
٧- ســـدا ســـاز رهہ سڀ ســـان، ۽ ٿي نہ هرگـــز،
دغا، بـغض، کـيـنـي، کـدورت جو شـــــائق.

٨- ٻـڌيـــو آهـِ انســـان و شـــيطان ازل ڪـــان،
شـــرافت جو شـــائق رذالت جو شــــائق.

٩- زمـــاني ۾ شـــبـــيرؑ وانگر تي مـــؤمن!
صـــداقت جو شـــائق شـــهـــادت جو شـــائق.

١٠- تـــنـئي ڪنهن ڪي جرأت تي جبــــار آڏو،
مـــحـــمـــدﷺ ئي آهي شـــفـــاعت جو شـــائق.

١١- علـيؑ آهـِ بـعـــــد از نـبـيﷺ بـرگــــزيده
تـــنـئي ڪيـــر تـــو ٻيـــو نبـــوت جو شـــائق.

١٢- عـــلـيؑ آهـِ الله جي دو جهـــــــــان ۾،
خلافت جو شـــائق امـــامت جو شـــائق.

١٣- علـيؑ ســـان نـه رک بغض حبِ علـيؑ سک،
عـلـيؑ آ جهـنـم ۽ جنـت جو شــــــائـق.

١٤- نـه زين العـــبـــاؑ مـــثل تـــيندو ڪو جڳ ۾،
مـــصـــيـــبت جوشـــائق عـــبـــادت جو شـــائق.

١٥- "رشـــيـــدا" نـه رکـــجي مـــذبذب طبـــيـــعت،
تـــجي صـــبـــر ۽ اِســـتـــقـــامت جو شـــائق.

❁

# رفاقتِ رفيق

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلن)

١- غمگين دل جي واسطي غمخوار آ رفيق.
بيدل جو دردمند ۽ دلدار آ رفيق.

٢- ڄاڻي وڏيڪ ڪين تو ڪا شي رفيق ڪان،
سڀ ڪجهه ڪندو رفيق تان ايثار آ رفيق.

٣- آهي رفيق درد ۽ خوشي ۾ رفيق سان،
بيمار آ رفيق ته بيمار آ رفيق.

٤- دنيا جي مشڪلات جو ميدان سر ٿو ٿئي،
بازوئي اتفاق جي تلوار آ رفيق.

٥- جنهن جو نه آ رفيق اهو بدنصيب آ،
آفات لاءِ دهر ۾ ديوار آ رفيق.

٦- آهي بشر جي واسطي تصوير دشمني،
تنظيمِ ڪائنات جو معيار آ رفيق.

٧- دنيا ۾ ائين رفيق ٿي پنهنجي رفيق جو،
جيئن مصطفىٰ جو حيدرِ ڪرار آ رفيق.

٨- حق گو رفيق آهه حقيقت نما "رشيد"،
خضرِ مُبين جي ذات جو اسرار آ رفيق.

٩- آهن رفيق تنهنجا هزارين مگر "رشيد"،
اظهر جي مثل ٿيو نه ڪو اظهار آ رفيق.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نقصانات نفاق

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلات)

١- دنيا ۾ اتفاق ڪان آهي جدا نفاق.
آ اتفاق عرش تہ تحت الثرىٰ نفاق.
٢- ذاري دهن ۾ پنهنجي تو زهرِ زوالِ قوم،
بربادي ءِ ڪمال جي آهي بلا نفاق.
٣- تي ياءُ پنهنجي ياءُ ڪان بيزار تو وجي،
پيدا ڪري تو دهر ۾ روزِ جزا نفاق.
٤- لطفِ ڪرم ڪي ڪين سڃاڻي تو مطلقاً،
جبر و ستم ڪان آهہ گهڻو آشنا نفاق.
٥- انصاف و صلح و عدل جو ميٽي ڇڏي تو نام،
قتل و فساد و فتنہ تو ڄاڻي روا نفاق.
٦- ملت جي خيرخواه سان تو دشمني رکي،
اِخوان تو بنائي فريب و ريا نفاق.
٧- مسجود ڪيس پنهنجو بنائن ٿا بوالهوس،
فرعون مثل سڏجي تو گويا خدا نفاق.
٨- مقهور ڪابہ قوم نہ حق تو ڪري مگر،
بنجي عذاب و قهر جي تو ابتدا نفاق.
٩- حسرت جي آگ تيز اڪين ۾ تي ٿئي "رشيد"،
چشمن جي آب ڪي تو بنائي هوا نفاق.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لافَ زني

(مفاعلن-فعلاتن-مفاعلن-فعلات)

١- حسد ۽ بغض جي باري ٿي دل ۾ باهه ٻناڪ.
ڪندي غرور ڪان آهي نہ انتباهه ٻناڪ.
٢- فضول خرچ رهي ٿي زنِ غرور اها،
رکيو ڪڏهن نہ قناعت سان آهہ نناهہ ٻناڪ.
٣- رهي هميشہ زماني ۾ آهہ بنت الوقت،
نہ عاقبت ڏي ڪئي آ ڪڏهن نگاهہ ٻناڪ.
٤- رکي ٿي تخت تڪبر تي روز و شب تشريف،
ڏکي مٿيَ تي ضلالت جو ٿي ڪلاهہ ٻناڪ.
٥- هميشہ بحرِ حوادث ۾ ٿي هٽي غوطا،
ڪري ٿي ڪشتيءِ قوم و وطن تباهہ ٻناڪ.
٦- وجهي ٿي راهِ هدايت ۾ پيچڪڙيون بيحد،
عيان ڪري ٿي رزالت جي شاهراهہ ٻناڪ.
٧- رسي ٿو صاحبِ توقير کي ڪمالِ زوال،
ڪري تباهہ بشر جو ٿي عز و جاهہ ٻناڪ.
٨- مچير ڪان جان گنوائي ڪري ٿو تخت ڪان هيٺ،
هٽي ٿو ٿانءِ ۾ پرجي جي بادشاهہ ٻناڪ.
٩- اثر نہ ڪنهن جي هدايت ڪندي مٿس اي ”رشيد“،
ٻڌڻ گهري ٿي خوش آمد جي واهہ واهہ ٻناڪ.

ردیف ک

# باعث امراض

(مفعول-فاعلاتَ-مفاعيل-فاعلن)

١- آهي صحيح جسم جي دشمن مدام مک.
ماٺهو کي ٿي بنائي دوا جو غلام مک.
٢- هرجا گهمي ٿي اسپِ جراثيم تي چڙهي،
آهي مرض بچڻ ۾ گهٽو تيزگام مک.
٣- لوڏين ٿو کيس گهر مان هو آٿي ٿي گندگي،
گويا ٿي پنهنجو چاهي وٺڻ انتقام مک.
٤- هردم رهي ٿي گهر جي صفائي جي برخلاف،
آهي غلاظتن جو ڪندي احترام مک.
٥- لوڏيو نه توجي مک کي ته ائين چاڻ زود تر،
آهي وبا ۽ تپ جو ڪرايو سلام مک.
٦- کائڻ حرام آهه تبرک پليد جو،
تنهي ٿي حرام کائي شريکِ طعام مک.
٧- آله بنائي پنهنجو غلاظت جا جيت تي،
ٿي دشمنِ حيات رهي صبح و شام مک.
٨- آٿي قوائي جسم ۾ هردم ٿي انتشار،
تنظيمِ خون جو ٿي بگاڙي نظام مک.
٩- امراض جو پيام کٽي ٿي اچي "رشيد"،
"پُڻ پُڻ" ڪري ٿي توسان تئي همڪلام مک.

❀

## رديف گ

# تنگ آيد بہ جنگ آيد

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- تنگدستي کان ٿيو آهيان گهڻو بيزار تنگ.
ڪر سڪندر مثل بختاور نہ رک ستار تنگ.

٢- رک خيالِ تنگدستي ۾ نہ دل کي يار تنگ،
ڏينهن گذري ويندا آخرڪار هي ٿي چار تنگ.

٣- تو ڪري جنهن دم بشر کي حرص جو آزار تنگ.
ٿئي ٿو انجو ذهن ۽ عقل و خرد ويچار تنگ.

٤- اڄ رعايا کي ڪيو چنڊي جي آ قرمار تنگ.
زارع و مزدور تنگ امرا ۽ شاهوڪار تنگ.

٥- تنگ آيد گر ڪسي آخر بہ جنگ آيد پديد،
رک نہ هيئين مخلوق کي او بانيءِ آزار تنگ.

٦- دل جي دڪان تي رکي چڏ جنسِ الفت آشڪار،
سپ وڻن ۽ پيڙ کان هرگز نہ ٿئي بازار تنگ.

٧- ختم ٿيو دؤرِ خزان آندي خدا فصلِ بهار،
گهم چمن ۾ رهہ نہ هاڻي عندليبِ زار تنگ.

٨- فضلِ يزدان ۾ اُميدِ رزق جيڪو تو رکي،
اي "رشيدا" ڪين رهندو سو ڪڏهن نادار تنگ.

# راڳ

(فعولن-فعولن-فعولن-فعول)

١- ڪري منهنجي دل کي ٿــو خوشــحـــال راڳ.
ٻُڌان صـــوفـــيـــانو ســـجو ســـال راڳ.

٢- ســـــڏن راڳ کي ٿـــا صـــــدائي اَلست،
ڏياري فـــقـــيـــرن کي ٿـــو حـــال راڳ.

٣- ڪـيـــــــــو نــوحؑ ايــجاد آ راڳ کــي،
ڏَســي ٿـــــو نـبـين جا اقـــــوال راڳ.

٤- مــعــمـــا حـــقـــيـــقت جي آ راڳ ۾،
ٻـٽـــيـــو آهِ عـــرفـــان جو اِجمـــال راڳ.

٥- مــلائي ٿـو ســالڪ کي ســرور ســان ســاز،
چوي پـاڪـدامـن ٿـي قـــــــوال راڳ.

٦- ٿـــئـي مـــرده دل زنده ٿي راڳ ســـــان،
ڏســي ٿـــــو طـريـقـت جا سُر تـال راڳ.

٧- شـــــريـعـت وٺي ٿـــــو طـريـقـت ڏئـي،
خدا پـــــــــــاڪ جو آهِ دلال راڳ.

# ڪلامِ "رشيد"

٨- تنهنجي دل ۾ افزون ٿيو ذوقِ وصال،
وجهي ڪين اُلفت جو ٿيو ڪال راڳ.

٩- تين نفس جا وار ٿيا روح تي،
بڻيو روح جي لاءِ آ ڍال راڳ.

١٠- فنا ۾ جڏهن ٿيا فنا تي وجن،
تڏهن ٿيا چون غوث و ابدال راڳ.

١١- عرب ۾ جمل ٿيو ٿنئي تيز رو،
چوي جوش مان جي ٿيو جمال راڳ.

١٢- هجي راڳ وارو سدا نيڪ خو،
خدارا چوي ڪين بد چال راڳ.

١٣- روا طائفي جو نه پيانيان ٿيو راڳ.
بگاڙي نه ورنه ٿيو اعمال راڳ.

١٤- نچائي ٿيو جو طائفي کي امير،
ٻُڌي ٿيو اُهو بنجي دجال راڳ.

١٥- "رشيدا" ملامت جو درويش کي،
مَٿي تي ٻَڌائي ٿيو رومال راڳ.

## رديف ڳ

# حقيقت جو دڳ

(فعولن-فعولن-فعولن-فعو)

١- محمدؐ جي صدقي بڻيو آهه جڳ.
محمدؐ ڏسي ٿو حقيقت جو دڳ.
٢- محمدؐ جو همسر نه آ ڪو نبيؐ،
محمدؐ جو آ نور آدم کان اڳ،
٣- ٻڌائي اولوالعزم جي انبيا،
محمدؐ کي بيت المقدس ۾ پڳ.
٤- قيامت ۾ ٿيندو اچي ساربان،
وساري ڇڏيندو نه اُمت جو وڳ.
٥- پري اِئَن نه فضلِ محمدؐ تو ٿئي،
جدا خون کان جئَن ٿئي تي نه رڳ.
٦- يلي خلق مونکي سڏي رافضي،
نه ٿيندس گروهِ عليؑ کان الڳ.
٧- ”رشيدا“ نبيؐ تي سدا پڙهه درود،
نڳيندو نه حبِ عليؑ کان ڪو نڳ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- چڪي اُن ڪي دوزخ ڏي ويندا ملڪ،
جي ڪنهن وٽ لڏو بغضِ حيدر جو سگ.

٩- مخالف عليءَ جا عزازيل کان،
وڃي پنهنجي سر جي وڏائن تا چڪ.

١٠- ڪري وٽ حياتي ۾ مدحِ عليءَ،
سمجهه زندگي پنهنجي پاڻي جي جهڪ.

١١- طلب ڪر تون مولىٰ کان پنهنجو نصيب،
ڪڏهن غير جي آسري تي نہ تڪ.

١٢- فقط ڪر اطاعت عليءَ جي قبول،
نہ شيطان جو تي ڪڏهن پوءِ لڪ.

١٣- نظر لطف جي مون تي ڪر ياعليءَ،
محمدﷺ جي صدقي ۽ الله لڳ.

١٤- اچڻ دل ۾ شيطان کي ڏي ڪين دوست،
وٺي پنهنجي دشمن جو تون ويهه اگ.

١٥- فقيرن جي اِئن ڪر ضيافت "رشيد"،
چڙهي جئن تي ڪنهن وير راجا جي جگ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# يادِ دوست

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١۔ دمر بدمر دلدار جي درشن ڪرڻ جي آهہ تانگهہ.
خاص خدمتگار ٿي قدمن چمڻ جي آهہ تانگهہ.
٢۔ صدمۂ فرقت سهان مدت کان تو اي نازنين،
زندگاني جا ڏهاڙا گڏ رهڻ جي آهہ تانگهہ.
٣۔ دين و ايمان، جان و دل مون نذر جانان تو کيان،
اج سرِ ميدان مرڪي سر ڏيڻ جي آهہ تانگهہ.
٤۔ نثر ۾ تڪليف ٿئي پڙهندي مبادا يار کي،
تنهن ڪري اڄ نظم ۾ رقعي لکڻ جي آهہ تانگهہ.
٥۔ قرب مان چاڻن نہ ٿا هي بيوفا آهن حسين،
تن جي دل اندر هميشہ زر وٺڻ جي آهہ تانگهہ.
٦۔ خيرپور کان ويس ڪراچي جستجو ئي يار ۾،
هاٽي بامبي ڪلڪتہ دهلي ڏسڻ جي آهہ تانگهہ.
٧۔ چين و جاپان جرمني، ترڪي ۽ ايران و عرب،
پيرس و لنڊن اميريڪا گهمڻ جي آهہ تانگهہ.
٨۔ ڪابل و قندار غزني مصر بغداد و دمشق،
ڪربلا شهرِ نجف، مڪہ وڃڻ جي آهہ تانگهہ.
٩۔ خواهشِ جنّت "رشيدا" ڪانہ آهي، بس فقط،
يار جي خدمت مقدس ۾ رهڻ جي آهہ تانگهہ.

# سڳ

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلن)

١- روزِ ازل کان آهه ڳنڍيو مون سان يار سڳ.
ٽوڙي نه منهنجو دوست کان شل کردگار سڳ.

٢- هر کو امير جي ٿو کري مائٽي قبول،
ليکن لڳي غريب جو ٿو ناگوار سڳ.

٣- دختر فروش آهه مسلمان سنڌ جو،
ٻڪرين جي مثل وڪڻي ٿو ٻڌجي ڏنار سڳ.

٤- خانه بدوش ٿيس ۽ جدا ٿي ويا عزيز،
قسمت جي شومي! ڪين مليو خوشگوار سڳ.

٥- دولت ملي نه لطف حياتي جو ٿيو نصيب،
رهجي ويا جهان ۾ بي اعتبار سڳ.

٦- روکيان اگر ٿو پاڻ کي قصد گناهه کان،
تاهم عطا کري ٿو نه پروردگار سڳ.

٧- خالق به منهنجو ڪين ٿو منظور سڳ کري،
توڙي کيان تلاش ٿو ليل و نهار سڳ.

٨- کنهن کي ٻڌائي ڪين سگهان ٿو هي حال درد،
مون لاءِ ڪٿَن جهان ۾ ٿئي آشکار سڳ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- پيــري جي رنگ ۾ تــو وڃايان شــبــاب کي،
افــســوس مــون تان ڪونہ ڪري تــو نثـار سگ.
١٠- ٻئي جي گناه جو ٻہ ٿــيــان مــرتڪب تــو مــان،
تــئي جذبہ شــاعــري جي ســان تــو عــيــبدار سگ.
١١- بدنام جنهن جي لاءِ ڪيــو خلق آ گــهــٽــو،
تنهن جو طلب مــان چو نہ ڪيــان بار بار سگ.
١٢- جنهن سگ جي آ تلاش اُهو سگ نٿــو ملي،
پنهنجا وڃايا پاڻ مـــون آهن ٻہ چار سگ.
١٣- مــون لاءِ آهِ تلخ زمــانــي جي زندگي،
غربت ڪـان منهنجي ڪن ٿـا زمـاني ۾ عـار سگ.
١٤- هن زندگي ڪــان مــوت خدايا نصــيب ڪر،
منهنجا ڏسي سـفـيـد نہ چشمن سـان وار سگ.
١٥- قـائم نٿــو جهــان ۾ ٿــئي رشــتــئہ حــيــات،
شــايد لحـــد ســـان آهِ ڳنڊيل پيــچدار سگ.
١٦- مـــحـــروم آ اُهو جو رکـي پاڻ کـي تـــو پاڪ،
بدڪار واسـطـي ٿــــا لين سَو هـزار سگ.
١٧- پيـــســو نہ آهِ جڳ ۾ مــجرد تــو گــهــارجي،
پيــسي ســان مَـڙس کي ٿـا ملن بي شــمــار سگ.
١٨- ڪجهہ شــاعــري بنا نہ ڇڏيان جڳ ۾ تــو "رشـيـد"،
بس منهنجو آ اِهوئي فــقـط ســوگــوار سگ.

❁

## رديف ل

# دل

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلن)

١- طوطي جي مثل عشق چڏي تو پڙهائي دل.
هر وقت "يارا يارا" رهي ٿي نوائي دل.

٢- پارس ٿي بنجي نڪري محبت جي باهہ مان،
حداد حسن جنهن جي تو تائي تپائي دل.

٣- ڦاٿي ڪان پوءِ جاءِ نہ ڦٽڪڻ جي ٿي ملي،
تو ڪير دامِ زلف ڪان پنهنجي ڇڏائي دل.

٤- آئي حصارِ دل تي چڙهي فوج حسن جي،
پيڪانِ چشمِ يار ڪان ڪوئي بچائي دل.

٥- پروانو شمع کي ڏسي ويندو جلي مگر،
ڪو شمع اڻ ڏٺل تي بہ پنهنجي جلائي دل.

٦- ڏاڙي جو مال سمجهي هو بازارِ حسن ۾،
ڪوني روپئي جي مثل تو منهنجي هلائي دل.

٧- اي سودخورِ حسن محبت جي مور تي،
توکي ڏيان تو شوق مان پنهنجي وڏائي دل.

٨- ٺوڪر سان منهنجي دل کي تو ٽڪرا ڪري وڌو،
تو آ پڳي وٺان تو مان توکان پرائي دل.

٩- ممڪن نہ آهِ مون سان تون دمساز ٿي رهين،
وٺ عشق پنهنجو مون کان ڏي مونکي ورائي دل.

١٠- بڻجي ٿا مارِ آستين دل کي ڏنگن حَسين،
ڪوئي لڳائي ڪنهن سان نہ سمجهي لڳائي دل.

١١- يادِ خدا بہ عشقِ بتان تو ڏني "رشيد"،
عشقِ بتان کان ڪير تو منهنجي هٽائي دل.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ملڪ و ملت جو خيال

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- رک اي شاعر شعر ۾ اڄ اهڙي صنعت جو خيال.
جو سيئي تسليم ڪن قادر جي قدرت جو خيال.

٢- مردم آزاري نه آهي فطرتِ انسان ۾،
پر وڏي ٿو جوشِ گندم سان خرابت جو خيال.

٣- چور ۾ آهن چڱايون چور ٿيو تان ڇا ٿيو،
آ منجهس مخفي دليري ۽ ديانت جو خيال.

٤- ٿو گهري مجبور جابر کان جهان ۾ انتقام،
پر ڪري ممنون ٿو احسان ۽ منت جو خيال.

٥- قيد کان آزاد جي آهن سي ٿا ڏاڍا هٽن.
تان به سمجهون ڪين ٿا پنهنجي سياست جو خيال.

٦- جاهليت، جاهليت، جاهليت آ رڳي،
ملڪ مان مسمار ٿئي شل جاهليت جو خيال.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٧- جاهليت سان ٿين ٿا ملڪ ۾ فتنه فساد،
ڇو جو جاهل کي نه هوندو آهِ عزت جو خيال.

٨- ناهه مجرم لاءِ ڪافي قيد، قاسي هٿڪڙي،
ڪين ٿا سمجهون اسان پنهنجي حماقت جو خيال.

٩- علم ۽ اخلاق جي زنجير سان جڪڙيو اسير،
دل منجهان ميٽي ڇڏيو زندان جي محنت جو خيال.

١٠- قيد ۾ تدريس جو رائج ڪرايو اِنتظام،
قوم خاطر جي رکو ٿا دل ۾ خدمت جو خيال.

١١- قوم جو سڌرڻ محال آهي دِلاسي کان سواءِ،
شاعرو دل مان ڪيو قومي شڪايت جو خيال.

١٢- اي نثارِ ملڪ و ملت ڇڏ زباني قال کي،
باعمل ٿي روز و شب رک ملڪ و ملت جو خيال.

١٣- اج "رشيد" آهي سخن سازي ۾ جڻ ثاني لبيد،
پر جهلي تو شعر کان ڪاغذ جي قلت جو خيال.

❀

# ماستر جو اِرادو

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- مـــاســـتـــر مـــونکي بنايو آ خدائي لا يزال.
شـــهـــرهِ آفـــاق منهنجو جڳ ۾ آ اوج و کـمـــال.

٢- مـــون هدي اللجاهلين جو تي چُکس مـصـداق بس،
تـو رهي مـونکي همـيـشـہ ملڪ و ملت جو خيـال.

٣- جهل جي ظلمت جي لئي آهيان ٻٽيو شمس العلوم،
مـون منجهـان روشن ٿين ٿـا قـوم جا بدر و هلال.

٤- تـــو ٻڌايان غور ســـان ليـــڪن ٻڌڻ وارا ٻڌو،
جا رهي جاري ٿي منهنجي لب تي هردم قيل و قال.

٥- منهنجي علمـيـت جو قـائم دهر ۾ رهندو وقـار،
مـا سلف جي عـز و عظمت ڪين ٿـيندي پائمـال.

٦- فـــارغ التـــدريس ٿي ايندس تہ وهندس درس ۾،
جلد ٿي رهندو مطالع جو عـيـان عـمـدو مـثـال.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧- ڪين آ اِسڪيل ۽ عهدي اِضافي جي طلب،
علم جي خدمت ۾ منهنجي ختم ٿيندي عمر شال.

٨- ماستر ثابت سچو هڪدم ڪندس مان پاڻ کي،
نڪتہ چيني جو نہ ڪٽندس سر مٿان هرگز وبال.

٩- چست رهندس وقت تي ۽ ناز هوندو بخت تي،
منهنجي همت جي بلندي رائگان ٿيندي محال.

١٠- قدر پنهنجو جي سڃاتم قدر آفيسر ڪندا،
زود تر اِسٽيٽ ۾ اِسڪيل ٿي ويندي بحال.

١١- روح ڦوڪيندس ترقي جو ٻچن جي قلب ۾،
ڪمسني کان پاڻ ۾ هرهڪ جو هوندو اِتصال.

١٢- علم و اخلاق و ادب مان باخبر رهندو ”رشيد“،
شال اُنجو بخت ۽ اِقبال هوندو لازوال.

❀

ردیف ل

# بيقرار دل

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلن)

١- اڄ ٻيي وري تي آهِ گــهــڻــو بي قــرار دِل.
ســيــني مـــان شل لنگهي نـه وڃي آرپار دِل.

٢- پرواِنو بنجي عــشق ۾ ويندي ســڙي ضـــرور،
روزِ ازل کـــان حــســن تي آهي نثـــار دِل.

٣- خطـرو نـه آ خزان جو خوشــي وئي هـلـي تـه ڇا،
ڏسندي اکين ســـان پاڻ غمن جي بـهـــار دِله

٤- ٻانهــون ٻڌي تــو عـرض کيـان اڄ سگهـو اي يار!
نـامِ خدا نـه هـجر ۾ کـر بـي قـــــــرار دِل.

٥- مـــعـــشـــوق بدمـــزاج جي اُلفت ۾ آ ضـــرر،
ســهــڻـــو ڏسي نـه عــشق کجي اِختــيــار دِل.

٦- آهن ســـوين حَسين کمي کانهي حــســن جي،
کـهـــــڙي حَسين لاءِ ڻــــئي جڳ ۾ خوار دِل.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٧- سهڻن جي لاءِ ڪيترا صدما سَنا اٿس،
ذڪرِ بتان سان چو نہ ٿئي شرمسار دِل.

٨- تارِ وفا نہ ٽوڙ ڪڏهن مون کان بي وفا،
ويندي فراق تنهنجي ۾ ٿي تار تار دِل.

٩- آهو نہ ڪر شڪار اي چشمِ غزالِ يار!
آهي ازل جي روز کان تنهنجو شڪار دِل.

١٠- جاري شرابِ خونِ جگر جو رهي ٿو دور،
ساقي بغير پاڻ ٿي آ باده خوار دِل.

١١- ٻئي جي نہ عشق ۾ ٿي ٿئي مبتلا اي يار!
ليڪن ڪري ٿي شوق مان تنهنجي پچار دِل.

١٢- مشتاقِ ديد جو نہ ڪرين قدر ٿو حبيب،
توڙي ٿو توتي صدقو ڪري بار بار دِل.

١٣- جورو جفا کان تنهنجي ٿي مانوس آ چُڪي،
توتي ڪندي حبيب! نہ هرگز پُڪار دِل.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ل

١۴- آهين طبـــيب دردِ مـــحـــبت جو تون حـــبـــيب!
توڪـــان ســـوا تـــو ڪيـــر ڏسي داغدار دِل.

١٥- مـولىٰ تون مـهـر پنهنجي سـان مـونکي اُهو مـلاءِ،
جنهــن لاءِ روز و شــب تــي ڪـري اِنـتـظـار دِل.

١٦- اِنعـــام عـــشق تنهنجو مليـــو آ خدا وٽان،
پيـــارا ڪندي نـ غيـــر کي پلجي بـ پيـــار دِل.

١٧- وٺ عـــشق پنهنجو مـــون کـــان ۽ واپس ورائي ڏي،
منهنجي جي توکي آهِ مـــنـــا ناگـــوار دِل.

١٨- ٿي رحـــمـــدل حـــبـــيب! ۽ کن ڏي نـ غيـــر ڏي،
تـوکـي ٻُڌائـي درد جون دانـهـــــــون بـ چار دِل.

١٩- ويندي جلي ٿي خاڪ، ڪندي جڳ ۾ اي ”رشيد“،
منهنجي گنوائي جان نـ حـــاصل قـــرار دِل.

٢٠- جنهن دل ۾ حبِ آلِ مـــحـــمّـــد نـ آ ”رشـــيـــد“،
اهڙي عطا نـ ڪـنهن کي ڪري ڪردگـــار دِل.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف م

# بروکیم

(مفعول - فاعلات - مفاعیل - فاعلن)

۱- ذکرِ بتــــان کي ورد بنايم بروکيم.
يادِ خدا ســـان دل نہ لڳايم بروکيم.

۲- آخر ســـڙي مـــئس بُتِ تر ســـا جي هجر ۾
مــسلم ٿي پنھنجو لاش جلايم بروکيم.

۳- ســوداٺي خام ســـوزِ درون کي هنيـــو ٿڌو،
آرام مــــان اَسَد کي جڳايم بروکيم

۴- مــژگـــانِ يار دل ٿـــا چڪـــيون پاڻ ڏي وڃن،
ڏنگھــرن ســـان پنھنجو پاند اَڙايم بروکيم.

۵- آتش پرست آھِ ڪا هُن شـــمعـــرو جي ياد،
اشــکن ســان باھ غم جي وِسايم بروکيم.

۶- ســوزِ درون ســان آھِ ســڙيو دل جو پاڪ گـھر
بيت الحـــرم کي آگ لڳايم بروکيم.

۷- دل وٺــي مــڪـر نہ دولتِ ديدار هــٿ ڪـيم
دل جو مـــتـــاع مـــفت وڃايم بروکيم

۸- مـــارِ خيـــالِ زلف ويو نيٺ دل ڏنگي،
واسينگ نانگ گهر ۾ رهايم برو ڪيم.

۹- سونپي ڇڏيم خرد کي وفا جو معاملو
دشمن کي راز دل جو ٻڌايم برو ڪيم.

۱۰- آواره گرد هوس ڳلين ۾ رُلي ها مڙهه.
مدفون پنهنجو لاش ڪرايم برو ڪيم.

۱۱- دل جنس سمجهي دل جا خريدار ويا ڪٽي،
مُلهه پاڻ پنهنجي شئي جو گهٽايم برو ڪيم.

۱۲- دلبر جي خط ڪسڻ تي ٿيو آ چِتو رقيب،
گويا هڏو ڪُتي کان ڇڏايم برو ڪيم.

۱۳- تي صاف رو ڏي ويس خال و خط ڏنم،
ڏاڙهي ۽ وار پنهنجا ڪَتايم برو ڪيم.

۱۴- هو شوخ پنهنجو ڪين ٿيو توڙي هن جي لاءِ،
ڪنهن سان به جڳ ۾ ڪين رهايم برو ڪيم.

۱۵- هن بي وفا جي واسطي حضرت "نظام" مثل،
پنهنجو "رشيد" نام رکايم برو ڪيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف م

# چڱو ڪيم

(مفعول- فا علات - مفاعيل - فاعلن)

١- هن بي وفـــا ســـان دل نہ لڳايم چڱو ڪيم.
دنيـــا ۾ پنهنجي پت جي رهايم چڱو ڪيم.
٢- دل جو رهيــو نہ عــشقِ حَسين ســان مـعـاملو،
ڪافـــر ڪي راهِ حق تي رســـايم چڱو ڪيم.
٣- ممڪن نہ آهِ رات جو نڪـــري هو بي وفـــا،
ناحق نہ پنهنجي ننڊ ڦـــٽـــايم چڱو ڪيم.
٤- مـضـبـوط مونکي ڪرڻي هئي دل جي سلطنت،
اندازِ فـــــوجِ درد وڌايم چڱو ڪيـم.
٥- ڏســجن ٿـــا باغِ دل ۾ گلِ داغ ســيــرو ســبــز،
چشـــمن مـــان لال لڙڪ وهايم چڱو ڪيم.
٦- مــــولىٰ بچايو آهِ عـنادِ رقـــيـب کـــان،
ڪـنـهـن کي نـہ راز دل جو ٻڌايم چڱو ڪيـم.
٧- دل يار جي هئي ســـو ڪـــٽـي ويو ڇُٽي پيس،
واپس مـــتـــاعِ عـــيش ورايم چڱو ڪيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلامِ "رشيد"

٨- دل ڏيئي شهرِ حسن مان فرقت ڪيم خريد
ڪوڙو درم گهڙي ۾ هلايم چڱو ڪيم.

٩- پوڪيان زمينِ دل تي محبت جي پوڪ ٿو،
اشڪِ روان جو مينهن وسايم چڱو ڪيم.

١٠- ثابت ڪيم وفا ڪي محبت جي راهه ۾،
پنتي قدم نه پنهنجو هٽايم چڱو ڪيم.

١١- ٿيو هم بغل حبيب چَٽيا تو تي چپ رقيب!
باندر بنائي توکي نچايم چڱو ڪيم.

١٢- انسانيت جي بوءِ هئي تو ۾ ڪين ڪي،
تو جانور ڪان جان ڇڏايم چڱو ڪيم.

١٣- دل کي لُٽيو نه آهِ خيالِ صنم "رشيد"،
رهزن نه پنهنجي گهر ۾ رهايم چڱو ڪيم.

١۴- قلبِ حزين "رشيد" جهالت ۾ غرق هو،
بي غم کي درسِ درد پڙهايم چڱو ڪيم.

١٥- هر دم ڪيان قبول تو ارشادِ احمدي،
پنهنجو "رشيد" نام رکايم چڱو ڪيم.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعميرِ پاڪستان

(فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلن)

۱- چست ٿي اي نوجوان! تعـمـيـرِ پاڪـسـتـان ۾.
ناهه سستي جو زمان تعميرِ پاڪستان ۾.

۲- شمعِ آزادي ٻري آهي مگر پروانہ مثل،
ٿئي ٿو پنهنجو اِمتحان تعميرِ پاڪستان ۾

۳- عيدِ ذوالحج بعد جئن ڏسجي محرّم جو هلال،
ماهِ غم تئن ٿيو عيان تعميرِ پاڪستان ۾.

۴- ديد افسرده سان ڏسجي ٿو ڪڇي سگهجي نہ ٿو،
آ لڳل مهرِ دهان تعميرِ پاڪستان ۾.

۵- قوم جي قسمت جي آئي آهہ، بدران صلح جي،
فتنہ جي هٿ ۾ عنان تعميرِ پاڪستان ۾.

۶- اِبتدائي صلح سان گڏ زود تر آندو فساد،
هجرتِ هندوستان تعميرِ پاڪستان ۾.

۷- بحر وانگر برزمين جاري ڏسي خونِ رجال،
آهہ گريان آسمان تعميرِ پاڪستان ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- بلبـــــلانِ قـــــوم! پنهنجو گلشنِ آزادگي،
تــو ڏٺي وقفِ خزان تعـــميــرِ پاڪســـتــان ۾.

٩- قــافلن جا قــافــلا ٿــا گم ٿين ڪانهي خبــر،
زور آ خوابِ گــران تعـــمـــيـــرِ پاڪســـتـــان ۾.

١٠- دربدر مـــثلِ گــدا ڦِرجي ٿـــو مـــاني واسطي،
ٿـيــو مـقــدر بدگـمـان تعـمـيـرِ پاڪســتـــان ۾.

١١- ڪهـــڙي آزادي قـــفس مـــان آ ملي؟ اي بلبلو!
سُڃ ڏٺي تــو گلســتـــان تعـمــيـرِ پاڪســتــان ۾.

١٢- آهـ مـــسلم جي ٻُڌي آهون ڪري ٿــو آســمــان،
تنگ ٿــيــا خُردو ڪلان تعـمــيـرِ پاڪســتــان ۾.

١٣- ڪــو ٻـڌڻ وارو نــ آهـي چا ٻـڌايــون ڪــونــ آهــ.
تيغ ڌاران همـــز بان تعـــمـــيـــرِ پاڪســـتــــان ۾.

١٤- چاهِ آفت ۾ وجهـــــون ٿـــــا يـوسفِ آزادگي،
ويو اُخوت جو نشــان تعـــمــيــرِ پاڪســـتــان ۾.

١٥- قـــــوم جو مـــــاتم ڪجي يا دورِ آزادي ڏسي،
ٻـڻجي رهجي نغمــ خوان تعـمــيـرِ پاڪســتــان ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف مر

# هاري جو پسينو

(مفاعيلن - مفاعيلن - مفاعيلن - مفاعيلن)

۱- ٻُڏس بحرِ مصيبت ۾ تمنا تر تي سيني ۾.
لڙهي ويو پور عزت جو شرافت جي سفيني ۾.

۲- وڃائي جو هر مردانگي مردِ خدا وينا،
نسائي رنگ پيدا ٿيو وطن جي هر نريني ۾.

۳- ڏنو مون سنڌ جي هاري جي مثل آهي نڪو ابتر،
بريلي ۽ مراد آباد ۽ ميرٺ نگيني ۾.

۴- چڙي رشڪِ فلڪ همت جي رفعت غير جي آڏو،
ڪِريس بامِ ترقي تان سِڌو ذلت جي زيني ۾.

۵- سزا وارِ جهنم مرتشي آ بي شبه توڙي،
ڪري رشوت سان پُر ڪيسا وڃي گهاري مديني ۾.

۶- بگي، ڪڪڙي ۽ چونري ۾ جا خوبي تو ڏسي هاري،
نه آهي سا وڏيري جي سمند اطلس ۽ چيني ۾.

۷- نه تي ڪنجوس اي قارون جا همسر سخاوت ڪر،
نهان مارِ مصيبت آ بخيلي جي دفيني ۾.

٨- نگينِ عدل سان ڪر دفترِ عالم متان قبضو،
مقيد ٿي رهي انگشت پُر حڪمت نگيني ۾.

٩- غريبي ۾ خدا کي ڏس نہ ٿي پابندِ عزوجاہ،
عبث ڳولي رهيو آهين ڪنايہ کي قريني ۾.

١٠- محبت ۽ مؤدت ۽ مروت سان مزيّن ٿي،
نہ رهہ بغض و تعصب ۽ ڪپت ڪلفت ۽ ڪيني ۾.

١١- نہ پڌرا عيب ڪر ڪنهنجا خدا موجود آ ساڳيو،
چُچي، ڪاڻي، چبي، لولي، گري، گنجي ۽ بيني ۾.

١٢- مَتان ٿيو غرق ٿاهيو عدل جي ڪشتي زميندارو!
ڳجهو آهُن جو طوفان آهِ هاري جي پسيني ۾

١٣- عذاب القبر اڻ ٽر آ ڪٽي ملبوس ٿئي ظالم،
ڪڏر ۾ بافتي ۾ بوسڪي، ريشم، مريني ۾.

١٤- ڪجي اشراف جو ليڊر نہ ڪنهن بدڪار ماڻهو کي،
ڇڏبو آهي شرافت ۽ حيا جو گڻ ڪميني ۾.

١٥- زمينداري سرشتو ختم ٿئي هاريءَ حڪومت ٿئي،
نظر هيري جي بدران ڪين وجهبي آ بگيني ۾.

١٦- خدا رزاق آ سڀ جو مگر هاري بہ رازق آ،
سڄي دنيا جي اک آ هُن جي محنت جي خزيني ۾.

## رديف ۾

۱۷- ”رشـيـدا“ ان اُپائي ٿـو سـڄي دنيـا کي پالي پر،
وٺس داٽو کـــٽل آ روز و شب ۽ هر مـــهــيني ۾.

۱۸- وڏيري جي شـراکت ۾ جي آهن چار سَو گـانيـون،
ته مشکل سان ٿي هڪ وهڙي اچي ڪڙمي کي چيني ۾.

۱۹- عـدو اِلهـام ڪوني شـاعـري منهنجي کي دُنيـا ۾،
عـــبث آهي رکڻ اُمـــيـــد اهڙي بي يقـــيني ۾.

۲۰- فلڪ! جورو جفا تنهنجي کان آهيان تنگ ٿيـو ڏاڍو.
الائي ڇا ڏنـــو آهي تو مـــون عـــاجز حـــزيني ۾.

۲۱- وفـــا جا وڻ وِيا وڍجي وفـــا جي هن جهـــان اندر،
توقع ڪين رکـجي ڪنهن حـسـيني، مَهـ جبـيني ۾.

۲۲- ”رشـيدا“ شـعـر پنهنجو آبِ ڪوثر مثل ڪر شـيـرين،
نظر مـولىٰ جي هوندي حـوضِ ڪوثر جي لبـيني ۾.

❀

# قوم جي ٻارن کي هدايت

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلن)

١- قوم جي ٻارن کي هڪ رستو ٻڌائڻ ٿو گهران.
دهر ۾ اسلام جو ڏاڪو چڙهائڻ ٿو گهران.

٢- اڄ ٻچا جيڪي ٿا سڏجن ٿيندا صُبحان سي ابا،
شفقتِ آباءِ سينن ۾ سمائڻ ٿو گهران.

٣- عاقل و بالغ حڪومت جا ٿين ٿا مستحق،
ڪمسني ۾ مان حڪومت کي هلائڻ ٿو گهران.

٤- نوجواني ۾ زمانو سرنگون ٿيندو ضرور،
شاهِ عالم ڪمسني اندر سڏائڻ ٿو گهران.

٥- ٿي رهي رائج سياست جو سبق هر درس ۾،
مون سبق توحيد جو سڀ کي پڙهائڻ ٿو گهران.

٦- پيرِ پل آرام ڪن آهي ٿڪل تن جو دماغ،
ننڊ گهري مان جوانن کي جڳائڻ ٿو گهران.

## ڪلامِ "رشيد"

٧- نوجوانن ڪــان ســوا ايندو نہ جڳ ۾ اِنقــلاب،
اتحــادِ قــوم جا نعــرا لڳائڻ تــو گــهــران.

٨- "ٻار ننڍڙو وار ميچ جو" عـــــام آهي اِصطلاح
خدمـتي مــادو منجهن پيـدا ڪرائڻ تـو گـهـران.

٩- قـوم جا همـدرد ڏوڪي ننڍپڻ کـان ٿين "رشـيـد"،
ننڍپڻ کـان سـور ۽ سختـيـون سـهـائڻ تـو گـهران.

١٠- منحـــصـــر طفلي ترقي آهہ بر اُســتـــادِ علم،
شــوق هر اُســتــاد جو تازو جڳائڻ تــو گــهــران.

١١- فــيـــدريشن طالبـــانِ سنڌ جي عنوان ســـان،
قــوم مــسلم کي ترقي تي رســائڻ تــو گــهـران.

١٢- شل هجي قــائم "رشــيــدا" تنهنجو درسِ اتحــاد،
خانئہِ ڪلفت کي مــان آتش لڳائڻ تــو گــهـران.

# ڇا ڪندا سين

(مفعول - مفاعيل - مفاعيل - فعولن)

۱- هڪ هٿ ۾ اسان سيف مسلمان ڪنداسين.
ٻي هٿ ۾ خدا پاڪ جو قرآن ڪنداسين.

۲- برباد ٿين ڪين ڏبو پنهنجي وطن کي،
سر مال وطن پنهنجي تان قربان ڪنداسين.

۳- اغيار جو غلبو نه سدا رهندو اسان تي،
حرفت سان عدو پنهنجي کي حيران ڪنداسين.

۴- اِسلام پٽيان غير ڪان گيدي تي نه پڇبو،
پر سُرخ وجي خون سان ميدان ڪنداسين.

۵- تي فتح نه غازي جي مئا سين نه وري پيي،
جنت جو وجي پاڻ کي مهمان ڪنداسين.

## ڪلامِ ”رشيد“

٦- مــاري ٿــا سگهـــون پاڻ ئي راڪاس ۽ راوڻ،
همـــراهه نـہ خود ســاڻ هنومـــان ڪنداسين.

٧- توحـيـد جي جذبي کي ڪڏهن دل مـان نہ ڪڍبو،
خندان نـہ ڪڏهن پاڻ تي شـــيطان ڪنداسين.

٨- ســـر مـــال ويو ملڪ ويو فـــڪـــر نہ آهي،
زائــل نــہ مــگــر ديــن ۽ ايمــان ڪــنـداســين.

٩- ٽنگبــا نـہ ڪڏهن غيــر اڳيــان دست ”رشِيــدا“،
غربت ۾ اگـــر چاڪ گـــريبـــان ڪنداسين.

١٠- غالب ٿي مـــتـــان ڪفـــر جي هر جاءِ ۾ رائج،
قـــرآن جا قـــانون ۽ فـــرمـــان ڪنداسين.

❀

ردیف ن

# چا ٿو سمجهان

(فعولن - فعولن - فعولن - فعولن)

١- ٿو ڪئن پاڻ کي مان مسلمان سمجهان.
جڏهن ڪين ٿو رازِ قرآن سمجهان.

٢- وساريم خدا کي خدا جو نه آهيان،
فقط پنهنجو مرشد ٿو شيطان سمجهان.

٣- حقيقت ۾ صورت مسخ ٿي چُڪي آ.
فقط نام پنهنجو ٿو اِنسان سمجهان.

٤- نه حيوان جو آهِ حيوان قاتل،
مون خونِ بشر کي ٿو آسان سمجهان.

٥- خدا عيب منهنجا ڍڪي ٿو و ليڪن،
تڏهن جڳ ۾ بهتر ٿو عريان سمجهان.

٦- سلف جو مقلد ٿيان ٿو نه هرگز،
سياڻا سراسر ٿو نادان سمجهان.

## ڪلام "رشيد"

٧- تـــيـــو قـــوم پنهنجي جو غدار آهـيـــان،
وطن تان نثــو ســر کي قــربان ســمــجهـــان.

٨- ڏسي ڪو ترقي جا اســـبـــاب مـــون کي،
ســدا پاڻ کي تــو پريشـــان ســمــجهـــان.

٩- نِدا غيب کـــــان ٿي تـہ اي بي تحـــــمل،
مـــون دنيـــا ۾ توکي تـــو نادان ســمــجهـــان.

١٠- چئـي ڏي مـــســلـمـــان لاريب آهيـــان،
صـداقت ســان تـو ســرِ ســبـحـان سـمـجهـان.

١١- خدا آهِ منهنجو خدا جو مـــون آهيـــان،
خدا کي تـــو رزاق رحـــمـــان ســمــجهـــان.

١٢- مـــسخ منهنجي صـــورت نـہ تـــيندي يقـــيناً،
نبي الورئٰ تـــو نگهـــبـــان ســمــجهـــان.

١٣- ســـتم کي مـــتـــايان تـــو رُوئي زمين مـــان،
بشـــر کي تـــو خلقت جو سلطان ســمــجهـــان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ن

١٤- شفيع الامم حشر ۾ آهِ شافع،
گناهن کان خالي تو ميزان سمجهان،

١٥- کيان تو مان تقليد پنهنجي سلف جي،
اُنهن جي عداوت تو نقصان سمجهان.

١٦- نشاني تي مؤمن جي حب الوطن آ،
وطن جي محبت تو ايمان سمجهان.

١٧- ترقي جا رستا ڏسان تو نمايان،
تنزل کي جهت جو تو مهمان سمجهان.

١٨- "رشيد" آهِ مونکي سڏايو "نظامي"
اِهو خاص اُنجو تو اِحسان سمجهان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

# هاري جي فرياد

(فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن)

١- ڊور ڏک ۾ ان نہ گهر ۾ چيڙ جو سڌ تہ ٻُڌان مان.
پيٽ ۾ وٽ ٿا پون ڪوڏر تڏهن بي ٿو هٺان مان.

٢- آهِ اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ هارين جي ٻيڙي سير اندر
تو پڙهان هردم زبان سان "الامان" مان.

٣- ٽُڪ ٻُجا جٺ ڦٽ وڏيري جي سهان ٿو رات ڏينهان
جي ڪچان ٿو ڪجهہ قلم سَو ڏهہ جي هيٺان ٿو اچان مان.

٤- ڪين ٿو ڪلمو پڙهي ڄاڻيان مگر هردم رکان ٿو،
"ٿُو ڪبي"، "ٻاهر نڪر" ۽ "ڏُک ٻڳا" وردِ زبان مان.

٥- جي ٿني چيٽو جي چوري چور چاڪر اڳ ۾ آهي،
ٿي ويو برباد گهر ٿاٽي ۾ ٿو پرٽا پريان مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ن

٦- پيـر پنجل جي اِجهـو گـهوڙن اچي هِڻ هڻ ڪئي آ،
ديگڙو واٽئي ڪي وڪـٽي پيـر ڪي ڏن تـو ڏيان مـان.

٧- پيٽ پالڻ لاءِ هفــتي ۾ ســپـاهي پـي اچن تــا،
تـو ڏيان رشوت ڪرايان پنهنجي چو عـزت زيان مان.

٨- چـور نـاني ۽ چـنـي ڏهـتـــــو پـــــري انـڏير آهـي،
چـور آهـن خـود وڏيـرا چـور هاري تــو ڏســان مــان.

٩- ريـج ڏيـئـي بج چـنـي همت سـان ڪـيـڙيان تـو زمـيـنـون،
پـانـيـان همت جي بلندي ڪي تـو رشـڪِ آسـمـان مان.

١٠- چو نہ تـيـان همـدرد هارين جـو زمـانـي ۾ ”رشـيـدا“
تـو جڏهن محتاج هارين جو ڏسان سـارو جـهـان مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چا ڪريون

(فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلن)

۱- الفتِ اغيار پنهنجي دل ۾ ڪا پيدا ڪريون.
جو نہ پنهنجي دل کي پنهنجو پاڻ تي شيدا ڪريون.

۲- پان آهيون پاڻ ۾ ۽ پاڻ ۾ سو پاڻ آ،
پاڻ آهيون پست پنهنجو پاڻ کي اعلىٰ ڪريون.

۳- منحصر مرضي تي آهي جو وڻي سوئي تيون،
پاڻ کي فرعون ڪريون يا پاڻ کي موسىٰ ڪريون.

۴- عابد و معبود ۾ باقي نہ آهي ڪو حجاب،
پاڻ کي ٻانهو ڪريون يا پاڻ کي مولىٰ ڪريون.

۵- هست جو پردو سگهو زائل ٿئي از نيستي
ذات حق ۾ غرق ٿي ڪنهن جي نڪا پروا ڪريون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ن

٦- ”چون نمي گـــويم اناالحق يارمي گـــويد بگو“ ،
كلمـۀِ مـذكور سـان پنهنجي زبان گـويا كريون.

٧- اتفــاقِ عــشق ۾ جيـــكي وجهن ٿــا پــچكـــڙيون
نرڙ تنهن جي ۾ نــكــا توحــيــد جا ڏنڊا كريون.

٨- گـر سـجاڻيـون قـدر پنهنجو تان اسـان تي آهِ فـرض،
جو ســـــرِ بازار پنهنجو پاڻ كي رســـــوا كريون.

٩- آشـــــيـــــانو آ جتـي اُڏري اُتـي وڃجي ضـــــرور،
غيـــر جي گـلشن جا چو بلبـل بڻي غوغا كـريـون.

١٠- روضــۀِ جاويد جا آهيــون اسين بلبل ”رشـــيــد“ ،
مـــــوسمِ گـل ۾ هـتـي زندان ۾ ويـهـي ڇا كـريـون.

١١- مشورو ”حامي“ ۽ ”اسلم“ كي ڏئي ٿو هي ”رشيد“ ،
عــــشق اهڙي جي نئين آباد هك دنيـــا كـريـون.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رازِ تصوف

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلن)

١- مون فقط تو عشق ڄاڻان عشق آ منهنجو بيان.
عشق آ منهنجي غذا ۽ عشق آ منهنجو مڪان.

٢- عشق ڪي اِقرار آ ۽ عقل ڪي اِنڪار آ،
عشق ڪي تصديق آ ۽ عقل ڪي آهي گمان.

٣- عشق ۾ ذلت بہ آ همّت بہ آ عزت بہ آ،
عشق ۾ آ دفترِ توحيد جو سارو بيان.

٤- ڪافيہ ڪنزو قدوري مدرسہ سان گڏ ڇڏيم،
عشق جي تدريس ڏي سارو ويو چڪجي ڌيان.

٥- نغمہِ سازِ ترنم سورهِ الحمد آهِ،
ساز ڌاران آ نمازِ عشق مطلق رائگان.

٦- دخل ڪهڙو زاهدا توکي نمازِ عشق ۾،
پل پڙهي جنهن عشق جو آهي ڪنيو بارِ گران.

٧- "لا صلواة الاحضور القلب" آ قول النبي،
"جو بہ دم غافل سو ڪافر" آ چيو پيرِ مغان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- ديد ســـان باديد آ بي ديد ســـان نا ديد آ،
بي نشــان ۾ با نشــان آ بانشــان ۾ بي نشــان.

٩- قمر با ذني تــو پڪــاري هر احــد ۾ آ احــد،
”ڪنت ڪنزا مخفيا“ چئي خود تيو آهي عيان.

١٠- پاڻ پنهنجي عـــشق ۾ هر آن آ باشـــان آ،
بود آ نابود آ خود آ عـــيـــان ۽ خود نهـــان.

١١- مؤمن و ڪافر جو ڪونهي عشق ۾ ڪو اِمتياز،
چو وڃائين عـــمـــر تـــو دير و حـــرم ۾ رائگان.

١٢- پاڻ عـــاشق پاڻ تي تي پاڻ آهين پاڻ ۾،
پاڻ آهين دردِ دل ۽ آهِ دل دار الامـــــــان.

١٣- عشق ڪان تون عشق سک ۽ عشق جي تبليغ ڪر،
قـــوم خوابيـــده کي ڪر بيـــدار جلدي نوجوان.

١٤- ڪنڊ ڏيپـــو مـــان گـــهـــرائي تـــو غريبن واسطي،
پر وڏيرو پاڻ ڪـــائي تـــو رُليل آهيـــون اســـان.

١٥- شـــعـــر تنهنجي ۾ ”رشـــيـــدا“ آ درازي جو اثر،
صـــوفـــيـــانہ رنگ ۾ ضـــرب المثل تي هر زمـــان.

## ڪلامِ "رشيد"

# تذڪرهٔ چند روزه

(مستفعلن-مستفعلن-مستفعلن-مستفعلن)

١- مون وٽ هليو اچ ٿي رقيبن کان خفا ٿي چار ڏينهن.
هڪ جاءِ تي گڏجي رهون اي دلربا ٿي چار ڏينهن.
٢- پرچي سگهو وڃ اي پرين ڪاوڙ نہ ڪر چا لاءِ جو،
ڪاوڙ رکڻ دل ۾ فقط آهي روا ٿي چار ڏينهن.
٣- دل جون ٻُڌيون ڏيئي محبت ۾ حياتي ڪي وڏاءِ،
چا ٿيو جي ڪئي آ زندگي خالق عطا ٿي چار ڏينهن.
٤- ملنداسين محشر ۾ وري جنت ۾ رهنداسين سدا ،
پروا نہ آ هڪ ٻي کان جي ٿياسين جدا ٿي چار ڏينهن.
٥- ارض وسما ويندا جلي آه وفغان منهنجي سان گر،
رهندس جدائي تنهنجي ۾ تي مبتلا ٿي چار ڏينهن.
٦- هجرِ مسيحا ۾ مرڻ چاهيان ٿو ۽ مرندس ضرور،
پل ڪن حڪيمانِ زمان منهنجي دوا ٿي چار ڏينهن.
٧- پهتو نہ سوئم ڪَان اڳي آهي مسيحا نزع ۾،
شايد رهي آ راهہ ۾ بادِ صبا ٿي چار ڏينهن.
٨- رهندين هميشه حسن فاني تي نہ عاشق اي "رشيد" ،
هوندي چمن ۾ آهہ بلبل جي صدا ٿي چار ڏينهن.
٩- آخر ڪندا اغيار پي وصف و ثنا تنهنجي "رشيد" ،
مردن جي ٿيندي آ زماني ۾ گلا ٿي چار ڏينهن.

# چو اٿس اغيار ساڻ؟

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

۱- منهنجو مطلب آ هميشه دوست جي ديدار ساڻ.
ڪين آهي واسطو اِقرار يا اِنڪار ساڻ.
۲- ڪنجِ خلوت ۾ ملڻ چاهيو ٿي مون دلدار ساڻ،
تو اچي مون وٽ پرين پر چو اٿس اغيار ساڻ.
۳- سو عذاب النار ڪان ناجي نه ٿي سگهندو ڪڏهن،
حشر ۾ هوندو نه جنهن کي عشق جو آزار ساڻ.
۴- جنهن گهريو سهڻن کي پيارو سو مصيبت ۾ پيو،
چو جو تن سان ٿا رهن زلفن جا ڪارا مار ساڻ.
۵- يار جو رخسار تيو لاريب وجہ الله آهہ،
ڪين آ تشبيہ زيبا حور جي رخسار ساڻ.
۶- ڪئن عذاب النار جو خطرو رهي دِل ۾ جڏهن،
عشق جي آتش جي اُلفت آهہ آتشخوار ساڻ.
۷- ناصحا! تنهنجي نصيحت، دل ۾ لڪ چُڪهہ ٿي ڪري،
بد زبان تنهنجي سان جڻ آهي سدا سوفار ساڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- آســـتين ۾ بُت لڪـــائي ٿـــو پڙهين زاهدا نماز،
آهِ نســـبت تارِ جبـــ تنهنجي جي زنار ســـاڻ.

٩- يار جي مـــحـــفل ڇڏيندس ڪين آ لاچار ڪـــان،
اتحـــاد احـــبـــاب ســـان ۽ اختـــلاف اغيـــار ســـاڻ.

١٠- دم مـــســـيـــحـــائي جو دنيـــا ۾ هٽڻ ٿـــيندو عـــبث،
جي مـــســـيـــحـــا ڪين ڪٽندين برهه جو بيـــمـــار ســـاڻ.

١١- ٿيو معطر زلف جي خوشبو سان جڳ، آهي غلط،
زلف جي خوشـــبـــو جي نســـبت نافئہ تاتار ســـاڻ.

١٢- هجرِ جانان ۾ رهان بيـــمـــار ٿـــو هر حـــال ۾،
آ دلِ مـــحـــزون جي صـــحـــبت عـــشق جي آزار ســـاڻ.

١٣- نذرِ آتش ٿي چڪـــو دل جو ســـمـــورو داســـتـــان،
اهڙي جُٺ ڪئي آ تو منهنجي درد جي تو مار ساڻ.

١٤- پنجتن جي مـــدح خواني آهِ توتي فـــرضِ عين،
نيت آ ڪم پوٽو سڀ جو احـــمـــدِ مـــختـــار ســـاڻ.

١٥- تنهنجي عـــزت ڇو نہ دنيـــا ۾ ٿـــئي افـــزون "رشـــيـــد"!
ريس ڪـــهـــڙي آ غلامِ حـــيـــدرِ ڪرار ســـاڻ.

## رديف ڻ

# لڪڻ

(فعولن-فعولن-فعولن-فعو)

١- خدا کين مونکان وڇائي لڪڻ.
جڳهه منهنجي دِل ۾ ٿو پائي لڪڻ.
٢- بڻائي ٿو احباب اغيار کي،
سنئين راه سان ٿو هلائي لڪڻ.
٣- اچي ٿئي ٿو مشڪل ۾ مشڪل ڪشا،
بَلا نانگ کان ٿو بچائي لڪڻ.
۴- ڪمين جون پاڙون پٽي ٿو ڇڏي،
ڇڏي پوپٽيون ٿو پڙهائي لڪڻ.
٥- عدو لاءِ اِعجازِ موسىٰ ٿو ٿئي،
ٿو فرعون پارا ڏڪائي لڪڻ.
٦- ٿين سنگدل مٿجي تا موم دل،
ٿو پٿر مان پاڻي وهائي لڪڻ.
٧- لڪڻ سان سڌو آهه سارو جهان،
حڪومت ٿو هرجا هلائي لڪڻ.

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

٨- لڪڻ سان تو فطرت ۾ ڦيرو اچي،
تو حيوان مان اِنسان بنائي لڪڻ.

٩- وَسون ڪين پرديس ڏسجي مگر،
وطن تو بشر کان ڇڏائي لڪڻ.

١٠- حبيبن سان ميلي ڇڏي تو حبيب،
ڇڏي غير کي تو ترائي لڪڻ.

١١- سزا پنهنجي اعمال جي تو ڏئي،
نه بيجا تو ڪنهن کي ستائي لڪڻ.

١٢- مدارس ۾ ڪم فهم شاگرد کي،
پڙهڻ کان ڇڏي تو ڀڄائي لڪڻ.

١٣- ڪري ڪونه محنت مرن بُک رجال،
جهان جو تو چرخو چلائي لڪڻ.

١٤- تو شيرن کي بُزدل بنائي ڇڏي،
ڇڏيو رعب آهي جمائي لڪڻ.

١٥- "رشيدا" پوي شال ڏاڍن تي مار،
غريبن تان مولٰي هٽائي لڪڻ.

# پيغامِ مستقبل

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلن)

١- شاعرو! قومي سخن سان ملڪ کي سينگار جو.
قوم جي جذبات کي اوپار جو اوپار جو.

٢- اتحادي رمز سان ٿي غير آڏو ڪامياب،
ڪاميابي جو سڄي جڳ کي سبق سيکارجو.

٣- پاڻ ۾ سڀ ديس وارا ٿي رهو شير و شڪر،
قوم جي ٻيڙي ٻُڏل کي ناخدا ٿي تارجو.

٤- شعلہ زن ثابت ڪري پنهنجي فغانِ قوم کي،
آتشِ سوزان هلي آبِ روان ۾ ٻار جو.

٥- دل اوهانجي ۾ هجي دردِ وطن پل پل جاڳزين،
ڪيس ناسورِ غلامي ۾ نہ هرگز ڳارجو.

٦- بزمِ آزادي ۾ ٿيندا ٿا وڃن ڌاريا ڪنا،
جاءِ پنهنجي واسطي پي ڪا نہ ڪا والار جو.

٧- آهِ پاڪستان مليو دردِ غلامي ويو هليو،
درد پنهنجي ديس جو دلِ ۾ جوانو ڌارجو.

# ڪلامِ "رشيد"

٨- روضـــۀ رضـــوان ۾ آهي ڪهـــڙو حق ابيلس کي،
ڪـــيس دوزخ ڏي اُمـــاڻي پاڻ خوش تي گـــهـــارجو.

٩- تختيءِ دل تي پيــــا لکجو حـــروفِ اتحـــاد،
آبِ اُلفت ســان اکـر ڪلفت جا سڀ مـيـســارجو.

١٠- آتشِ غيـــــرت ۾ ســــــاڙي سڀ غلامي جا وڳا،
زيورِ آزادگي ســــــان پاڻ کي ســــــينگارجو.

١١- ســرفــروشِ قـــومر جي هر هڪ نظر آ ڪيـمـــيا،
اي فـــــدايانِ وطن ناحق نـہ پارو مـــــارجو.

١٢- آهِ لرزان جنهن جڳهـہ تثليث جو قـومي نشـان،
جلد اُت توحـــيـــد جو ڪـــوڙي علم بيـــهـــارجو.

١٣- نارِ غيـــرت دل ۾ ٻاري غيـــر لئي تي جان گـداز،
عـــرق پنهنجي ۾ پُسي پنهنجي بدن کي ٺـــارجو.

١٤- اڳ ۾ اُلفت جو ڪهـــاڙو پنهنجي هٿ ڳولي کجو،
پوءِ ڪاٺـــيـــون بغض ۽ ڪيني جون وڍِنـــا ڏارجو.

١٥- خودبخود ٿـــيـندو منور ديس ۾ شـــمسِ ڪمـــال،
شـــوق آزادي جي ۾ همت نـہ ليـــڪن هارجو.

١٦- جو چِٽا آهيـــو ٿـيـــا ڏاڙهيـــو رڳو پنهنجن کي ٿـا،
غيـــر جو ٻوٽو پٽي ســـر تان مـصـــيـبت ٽارجو.

## رديف و

۱۷- لذتِ آزادگي ۾ درد ٿيندو تم مگر،
درد پنهنجي ديس جو دل ۾ جوانو ڏارجو.

۱۸- ديس پاين کي ڪُهي بدنام دنيا ۾ نہ ٿيو،
غير جي رت سان روان دريا ڪري ڏيکارجو.

۱۹- يادِ ماضي ۾ گهٽا آهيو ترانا چئي چُڪا،
پنهنجي مستقبل جي باري ۾ بہ ڪجهہ ويچارجو.

۲۰- جي ترقي تا گهرو تان بغض و ڪلفت، ڪوڙ جو،
ڪوٽ جي ڪرڙي منجهان ليڪو سمورو وارجو.

۲۱- قاتلانِ غير، غيرن جو ڏسي رسم و رواج،
پاڻ ڪَرجي قوم پنهنجي کي نہ هرگز ڪارجو.

۲۲- پنهنجا سي وعدا ڪجو پورا وزيرانِ وطن،
قوم مفلس کي نہ ڳٽين ۾ اجايو ڳارجو.

۲۳- ڪنهن بہ مشڪل ۾ نہ ٿيندو مبتلا اي مؤمنو!
وقت مشڪل جي فقط مشڪلڪشا کي سارجو.

۲۴- اِختلافي نانگ سنڌين، کي ڏنگيو آهي "رشيد"،
ٻٽجي جوڳي اِتحادي منڊ کو شوڪارجو.

# بهارِ بي خزانْ آيو

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- محمد مصطفىٰ تي رحمتِ ڪون و مڪان آيو.
برابر باغِ دنيا ۾ بهارِ بي خزان آيو.

٢- مڪان ڪي هر بشر پنهنجو مڪان آهي بنايو پر،
مڪينِ لامڪان بنجي مڪينِ لامڪان آيو.

٣- حقيقت جي نگهباني ۽ تقليدِ امامت سان،
اسانجي زير تابع آهِ رهندو هي جهان آيو.

٤- اسانجي بدنصيبي جو ستارو تي چڪيو طالع،
وئي اُلفت بہ تي ڪلفت ۽ ذلت جو زمان آيو.

٥- اسانجي همتِ پرواز تي گم خاڪبازي ۾،
چڙي شهبازِ دين پنهنجو اڳوڻو آشيان آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف و

٦- بجائي حق جي باطل اڳيان اڄ سرنگون آهيون،
لڄائي غيرتِ اسلام هر خُرد و ڪلان آيو.

٧- عداوت جي مرض ۾ مبتلا صبح و مسا آهيون،
هزار افسوس جو ناهي مسيحِ دوجهان آيو.

٨- تئين چو ڪين تو راهِ عمل ۾ گامزن مسلم!
جو بڻجي هر مسلمان دين جو آ پاسبان آيو.

٩- حسينؑ ابن عليؑ ڪان سڪ رضائي حق ۾ خاموشي،
رضا ۾ ناطقِ توحيد بنجي بي زبان آيو.

١٠- اگر غيرت جي اشڪن ۾ ڪا آئي موج طغياني،
تہ گويا ساحلِ اُميد تي هڪدم عيان آيو.

١١- ”رشيدا“ ملڪ ۽ ملت جو خادم تي جو خدمت جو،
ازل ڪان آهِ سر تنهنجي متان بارِ گران آيو.

❀

# تجارت ڪريو

(فعولن-فعولن-فعولن-فعو)

۱- تجارت جي محڪم عمارت ڪريو.
پڻ لاءِ پيدا بشارت ڪريو.
۲- مقلد ٿيو تاجرِ شام جا،
تجارت ڪريو ۽ سفارت ڪريو.
۳- ڪلامِ خدا تي ڪريو بس عمل،
نڪا اخذ ٻي جي عبارت ڪريو.
۴- ڪريو پاس ٻي ـاي ٿڌهن يي ادا،
ملازم ٿين کان حقارت ڪريو.
۵- وطن کي لٽايو نه اغيار کان،
نه پنهنجو وطن پاڻ غارت ڪريو.
۶- وڏيو آ تجارت سان يورپ جو مان،
ته لنڊن جي ٿڌهين زيارت ڪريو.
۷- ”رشيدا“ بلوچن کي ڏيندس صلاح،
تجارت ڪريو بس تجارت ڪريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بيڪس سان ملال کھڙو

(فعول-فعلن-فعول-فعلن-فعول-فعلن-فعول-فعلن)

۱- سُڌار حالت ڪي اي مسلمان بنايو پنھنجو تو حال کھڙو.
وڏاءِ اوج ۽ ڪمال پنھنجو ڪمال آھي محال کھڙو.

۲- تون آھين شيرِ خدا جو شاگرد ڪر شجاعت سان زير دشمن،
يلا اسد جي مقابلي ۾ اچي تو ڊوڙي شغال کھڙو.

۳- تيو جھالت ۾ غرق آھين اِھو بہ توکي پتو نہ آھي،
تہ آھِ مشرق ڪٿي ۽ مغرب ڪٿي جنوب ۽ شمال کھڙو.

۴- عروج پنھنجي ڪي ياد ڪر تون نبي جي ڪر پيروي ھميشہ،
خيال سان ڏس ھيو محمد جو خاص عاشق بلال کھڙو.

۵- جدا نہ مسلم ڪان ٿي مسلمان اسانجا آھن گڏيل عناصر،
خدا تعاليٰ بدن اسانجي ۾ آ رکيو اِتصال کھڙو.

۶- ڇڏي ڏنوسين خدا جو رستو ڪٿي سين اِبليس جي اطاعت،
نتا سڃاڻيون اسان جو آھي رسول ۽ ذوالجلال کھڙو.

## ڪلامِ "رشيد"

٧- اسان ۾ اچ اِقتدار قومي نه آهِ عز و وقار ڪونهي،
غلام آهيون اِنهيءَ مصيبت کان آ زياده و بال کهڙو.

٨- ڏني سين غيرن جي هٿ ۾ عزت ڪيا سين خانا تباه پنهنجا،
ڏسون ٿا هرجا زوال پنهنجو اسانجو ڪاڏو حلال کهڙو.

٩- زنا اسان ۾ جوا اسان ۾ اسان ۾ چوري اسان ۾ ڪلفت،
اِنهيءَ خرابي کان وڌ زماني ۾ آ اسانجو مثال کهڙو.

١٠- نہ غير سان هم رفيق ٿيون ٿا نہ قوم پنهنجي جي آهِ ڳڻتي،
نہ هن طرف جا نہ هن طرف جا اسانجو آهي خيال کهڙو.

١١- وڏيڪ ڪوئي نہ ڪنهن کان آهي ٿيا سين اِسلام ۾ مساوي،
بلوچ کهڙو پٺاڻ کهڙو ٿهيم کهڙو ڳلال کهڙو.

١٢- جو آهِ قوم ۽ وطن جو خادم اُنهيءَ جو خادم ٿيڻ ٿو چاهيان،
خدا کي هن آرزو بنا آ اچا بہ احسن سوال کهڙو.

١٣- تون سرد سيني سان.ڪر نصيحت ٿي قوم توکي چوي "رشيدا"
هي خاڪسارن سان رنج ڇا جو هي بيڪسن سان ملال کهڙو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جاه و جلال پنهنجو

(مفعول-فاعلاتن-مفعول-فاعلاتن)

١- تن تي نہ آهہِ اڳڙي آ خستہ حال پنهنجو.
پٽڪو بڌون تڏهن پيي تا ويهہ وال پنهنجو.

٢- هر هنڌ اڄ اسان کي آهن تڙا مٿي تي،
افلاڪ تي ٿي ڊوڙيو اسپِ ڪمال پنهنجو.

٣- اڄ ڪلهہ جهان اندر مسلم ذليل آهن،
مشهور هو جهان ۾ جاه و جلال پنهنجو.

٤- هڪ هٿ سان ڪين وڄندي تاڙي ڪڏهن "رشيدا"،
پرچڻ بنا سُڌارو آهي محال پنهنجو.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناز ور جي آمد

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- ڪُلهن تي وار لٽڪائي جڏهن هو ناز ور نڪتو.
مان ڀانيو آ ڪڪر ڪاري منجهان روشن قمر نڪتو.
٢- بوقتِ صبح آ صورت پسائي خوبرو آخر،
شبِ تاريڪ ڪان پوءِ آهه چڻ نجمِ سحر نڪتو.
٣- ڪيم پوڄا تي اُميدِ وفا تي من جي مندر ۾،
مگر روحِ جفا بنجي بت بيداد گر نڪتو.
٤- لڪايم دردِ الفت کي گهڻو دل جي صدف ۾ پر،
اکين مان آشڪارا ٿي اُهو يڪتا گهر نڪتو.
٥- وهائي آب چشمن مان زمينِ دل ڪيم آلي،
ڦٽي اُڻ تُڻ جي آنن مان محبت جو ميڇر نڪتو.
٦- ٻڌايان ڪنهن کي حالِ درد پنهنجو جو زماني ۾،
نه آ ڪو هم زبان نڪتو نه آ ڪو هم سفر نڪتو.
٧- نه ٿيو هن سنگدل جي دل تي ڪو رعبِ فغان طاري،
زبان مان جو اکر نڪتو سو بالڪل بي اثر نڪتو.
٨- عدو جي دل ۾ اي سهٽا محبت ڪين رهٽي آ،
مٿر ٿيندا اُتي ڪيئن جنهن زمين ۾ آ ڪلر نڪتو.
٩- "رشيدا" سهه مصيبت فرقت دلدار ۾ چو جو،
مصيبت مان نه ڪو آزاد ٿي آهي بشر نڪتو.

# هجر رسول

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلن)

١- عشق مونکي آهه هردم احمدِ مختار جو.
دل کي ماري ٿو وڇوڙو سيد الابرار جو.

٢- مفلسي آهي ستايو کيئن مديني ڏي وڃان،
هرکو آ زر دار جو آهي نہ کو نادار جو.

٣- تيغ هجرِ مصطفيٰ سان جسم کان سر ٿئي ٿو ڌار،
وار گردن تي نہ ٿيندو و کارگر تلوار جو.

٤- هڪڙو دم دم ياد احمد تي ستائي پيو وري،
سر تي باري بَار آ دنيا جي ڪاروبار جو

٥- آشنائي دل فقط آهي محمد مصطفيٰ،
بيو نہ آهي آشنا ڪو منهنجي حالِ زار جو.

٦- ڪشتہ درويشِ احمد فيض سان پُر چو نہ ٿئي،
آ جڏهن قاسم محمد رحمتِ غفار جو.

٧- نيڪ سان نيڪي زماني ۾ ڪندو هر نيڪ آ،
آ مگر محسن محمد مصطفيٰ بدڪار جو.

٨- رحمت اللعالمين جي ذات تي آ پروسو،
پروسو آهي نہ مطلق غير جي اقرار جو.

٩- مثل بلبل عشق منهنجو آهه انسان دم بدم،
جو بہ گل آهي ”رشيدا“ احمدي گلزار جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دلبر ڪي دعوت

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلن)

١- منهنجي غريب خاني ڏي دلبر هليا هلو.
گهر آهه پنهنجو پنهنجي پرين گهر هليا هلو.
٢- عشاق انتظار ۾ مقتل ۾ ڪن سوين،
زيب ڪمر بنائي ڪو خنجر هليا هلو.
٣- روزِ ازل ڪان تنهنجي ڪيان ٿو مان اقتدا،
اي خضرِ عشق منهنجا تي رهبر هليا هلو.
٤- نشي بنا چڙيون ٿا هڻن رند بزم ۾،
ساقي کڻي شراب ۽ ساغر هليا هلو.
٥- طفلانِ شهر يار سان سرگس ڪدي هلون،
مجنون کي هڻندا راهه ۾ پٿر هليا هلو.
٦- گوهر تي راهه ۾ ٿا ڪرن اشڪ هاڻي چشم،
ڪٽندا خوشي سان دوستو گوهر هليا هلو.
٧- اي عاشقو اسان کان هو وٺندو حسابِ درد،
کڄ ۾ دٻائي درد جا دفتر هليا هلو.
٨- هر جاءِ جلسو عشق جو آ ٿيڻو منعقد،
اڄ شهر لاڙڪاڻه مان قمبر هليا هلو.
٩- گمنام عاشقن کي ڏئي پند ٿو "رشيد"،
ٿيندا جهانِ عشق ۾ اظهر هليا هلو.

## رديف و

# حورِ آئينہ

(مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن- مفاعيلن)

١ ـ اگر آ توکي اي آئينہ رو منظور آئينو
تہ دل منهنجي جو کر هرگز نہ چکنا چور آئينو
٢ ـ سراپا صاف صورت آهہ اي آئينہ رو تنهنجي،
شکم آئينہ آ ۽ سينئہِ پرنور آئينو.
٣ ـ خدارا شيشہ رو ڏس کين قصرِ شيشہ مان مون ڏي،
گمان آهي تہ بنجي پوندو برقِ طور آئينو.
٤ ـ ڏسڻ آئينہ ۾ صورت نہ تو پنهنجي ڳهران هرگز،
متان ياد رقابت ۾ ڪري رنجور آئينو.
٥ ـ ڏسڻ سان تي اچي مونکي نظر پنهنجي پريشاني،
رکڻ چاهيان تو رخ پنهنجي کان هردم دور آئينو.
٦ ـ ڏسي حورِ لقا رخ پاڪ تو آئينہ ۾ پنهنجو،
اکيون ٿيون منهنجون پائڻ آ سراسر حور آئينو.
٧ ـ ڏسي هکوار جي آئينہ رو کي چشمِ بينا سان،
تہ ٿئي هرگز نہ پنهنجي ذات تي مغرور آئينو.
٨ ـ ڏسان جيڏانهن تو تيڏانهن صورت پنهنجي ٿي ڏسجي،
بنائي عالمِ هستي ۾ تو مسرور آئينو.
٩ ـ شبِ ديجور ۾ آئينہ رو جي تو ڏسان صورت،
"رشيدا" تو تڏهن پايان شبِ ديجور آئينو.

ردیف ھہ

# باغبان چڪر ۾ آھہِ

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- ڏيس ۾ اڄ آتشِ ڪلفت ٻربل گهر گهر ۾ آھہِ.
آب اُلفت جو نہ ڪنهن جي پيي سبو ساغر ۾ آھہِ.

٢- بلبلانِ قوم تي صياد آهي خنده زن،
تا وڙهن خالي قفس ۾ گل نہ ڪنهن جي پر ۾ آھہِ،

٣- ڪو بکيو اعزاز جو ۽ ڪو بکيو شهرت جو آھہِ.
جذبئہِ آزادگي پر ڪين ڪنهن ليڊر ۾ آھہِ.

۴- گل پٽي گلچين ويو ويتر گهلي بادِ خزان،
اڄ فقط بلبل نہ پر خود باغبان چڪر ۾ آھہِ.

۵- سود پنهنجي لئي ڪري گوهي تہ جاٽي قوم سان،
فرق باقي ڪهڙو ليڊر ۽ خرِ لاغر ۾ آھہِ.

٦- جنبشِ لب سان لڳايم باهِ پاڻي ۾ فقط،
جنهن جو نالو آه آهي سا اڃا اندر ۾ آهِ

٧- موم آهن کي ڪريان ٿو طاقتِ اشعار سان،
جو اثر آهي زبان ۾ سو نہ ڪنهن اخگر ۾ آهِ.

٨- رهزنِ فرعون رُو في النار ٿي ويندا اِجهو،
ٿي روان نيلِ سخن اغيار جي لشڪر ۾ آهِ.

٩- بال و پر ڪتري ڪيو صياد پڃري ۾ اسير،
طاقتِ پرواز تاهم طائرِ بي پر ۾ آهِ.

١٠- غير جي سٽيي ٺڪر تي ٿي نہ خودداري فروش،
زندگي جو لمحہ حالتِ ابتر ۾ آهِ.

١١- مفلسي اندر بہ آ شاهِ جهان ذوقِ "رشيد"،
حاڪماڻي دل سمايل سينئہ بي زر ۾ آهِ.

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ھہ

# شاعر تيو بيدار آھہ

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- اي ادا اڄ سچ چوڻ ڏاڍن کي تيو دشوار آھہ.
جو ڪُڇي ٿو تنهن تي پادر جو سدا وسڪار آھہ.

٢- وئي جٽيندي ڏينگهرن اندر سٽيندي نامراد،
جو بہ ساماڻو اھو تيو قوم جو غدار آھہ.

٣- تي مري مادر زُڪاٽي نام ڏيءَ جو آ ڏھي،
قوم بک ۾ پاھہ تي تنئي پاڻ تيو سردار آھہ.

٤- پيٽ ۾ روٽي نہ آ ھر ڳالهہ ڪوٽي تي لڳي،
پيٽ جي لئي ھرڪو تيو دنيا ۾ عهديدار آھہ.

٥- ڇا ڪتو ڪنتور جاٽي ڪٽڪ جي ماني منجهان،
ڪهڙي عزت اُنجي جنهن کي قوم کان تيو عار آھہ.

٦- بيٺي ٽنگون ڪاٽ ۾ ڪِئن ٿو وڃي گمبٽ جوان،
ڪئن ٿو سو رھبر ٿئي جو پير و اغيار آھہ.

٧- عشقبازي ۾ اڃي ڏاڙھي اٿو آھي خراب،
جو بہ ڏسجي ٿو اھو تيو برھہ ۾ بيمار آھہ.

٨- اُٿ سدا خوش "ھُش" ۾ آھي پل پيا گوڏا گسن،
جنهن ثنا سھٽن جي ڪئي سو شعر ۾ سرشار آھہ.

٩- ٻن اُھو زيور جو ٽوڙي ڪن ڇڏيم وصف بتان،
قوم جي حالت ڏسي شاعر تيو بيدار آھہ.

١٠- ياننجي اندن ۾ ڪاٽن مثل ٿو شعر "رشيد"،
بزم ۾ نالي ڳٽائڻ لاءِ تيو نروار آھہ.

# عداوت زياده

(فعولن-فعولن-فعولن-فعولن)

١- نہ رک يار غيرن سان اُلفت زياده.
هجي تنهنجي مونسان محبت زياده.

٢- فقط صبح جو تو ڏسان توکي سهڻا،
ملي ڪين ڪم ڪان تي فرصت زياده.

٣- فقط چند هفتا اچي توسان ملندس،
تنئي تي نہ منظور رخصت زياده.

٤- فدا سر ڪرڻ لاءِ تيّار آهيان،
نہ هن ڪان متي آهِ طاقت زياده.

٥- اي دِلدار تو وٽ ۽ اغيار وٽ آ،
نہ رغبت زياده نہ ذلت زياده.

٦- وٺين غير جي وَر چڙهي تنهنجي خاطر،
ڪيم توڙي محنت مشقت زياده.

٧- زماني ۾ اُلفت رهي آ نہ ڪائي،
ڏسان هر جڳهہ تو عداوت زياده.

٨- اِنهيءَ شعر تي اِڪتفا ڪر "رشيدا"،
رَوان ڪين آهي طبيعت زياده.

# نگاهِ يار

(مفعول-فاعلات-مَفاعيل-فاعلات)

١- ڪر منهنجي حـــــالِ زار تـي اي دلربا نـگاه.
توڪـــان ڪيـــان طلب ٿـــو بدست دعـــا نگاه.
٢- هڪـڙي نظر ســان مس کي بنائين ٿـَو ڪيـميـا،
ڪر مـــون تي خضـــرِ عـــشق ڪا نامِ خدا نـگاه.
٣- خورشـــيـد پـِي جهـڪي ٿـو قـدم بوس ٿـئي اچي،
آفـــاق ڏي ڪرين ٿـــو جي مـــهـــر لقـــا نگاه.
٤- تنـهـنجي نـگـاهِ نـاز تـڪي آهـ تـيـغ ڪَـــــــان،
عـضوي ڪـان منهنجو عـضـوو ڪري ٿي جدا نگاه.
٥- مـــون ڪـــان اڳي رقـــيب کي پيـــغامِ مـــوت ڏي،
نـامِ خدا ڪـر اهـڙي اي پيـڪ قـــضــــا نـگـاه.
٦- ڪر ڳالهه هن سان ڪن ۾ ڇُرَي ڪک ٻـ ڪين جئين،
تو تي پوي عـــدو جي نـ باد صـــبـــا نگاه.
٧- برگِ حنا تي حـــال شـــهــادَت جو ٿـــو لڪان،
من خُون منهنجي ڏانهن ڪري پر جفـــا نـگاه.
٨- بوســــ جي آ طلب ۽ گـــذارين ٿـــو دور دور،
مـــحـــتـــاج تي ڪرين نـ ٿـــو حـــاجت روا نگاه.
٩- سَو وار تيغِ ديد ســـان ڪر قـــتـل ڏينهن ۾،
ڪر عـــاشقِ "رشـــيـــد" تي تيغ آزمـــا نـگاه.

❁

# ظالمن تي ٺوڪ

(فعولن-فعولن-فعولن-فعول)

١- ٺــــيــــا غيــــر آهن چٽـــــا واه واه.
گـــــهــــــروڙي ڏي تـن کـي بـجا واه واه

٢- ويـا انڌ وارن جا گـــــهــــوڙا مـــــري،
کـــــٽـي ويـا مــــتـي تـي ٺـــڙا واه واه،

٣- ٻـڌي هـيـنـگ هـئـي جن گـــــڏهـ جي رڳو،
اُهــي ٺـــــــا ٻـڌن ريـديـا واه واه.

٤- رڳو ٻـوٽ تـي آهـ جامِ شـــــــراب،
پـئـن ٺـــــــا نـ ڏڌجا وٺـا واه واه.

٥- نـ اڄ تن کي مـــاني ڏي جن کلهـ هيـــا،
چٽــــيـــا غيـــر جا ديـگـڙا واه واه.

٦- غريـبن تـي ڏنـدو وســـــايـو ٺـي جن،
لـڳن تـن کـي ٺـــــا اڄ کـــــلا واه واه.

٧- هـيــــا قـــــوم جا جيــــــڪي غدار سي،
چڱا ٺـــــا وٺـن اڄ ٺـــڪــــــا واه واه.

٨- بـنـائـي کـمــــــيـنن کـي دنـيـــــا ۾ رچ،
بـچائـڻ کــــــپـن کـي ڪُتــــا واه واه.

٩- کهي تن کي اضـحـيٰ تي چڏجي "رشـــيـــد"،
جي رشـــوت جا آهن گـــهــــٽـــا واه واه.

❀

## رديف ء

# روبرو ڳالهاءِ

(فاعلاتن-مفاعلن-فعلات)

١- يار اڄ مونسان روبرو ڳالهاءِ.
دل جي ڪر ختم آرزو ڳالهاءِ.

٢- باغ ۾ آ بهار جي آمد،
بنجي گل ۾ تون رنگ و بو ڳالهاءِ.

٣- تنهنجي اُلفت ۾ منهنجو دم نڪري،
ڪين آ پئي جي جستجو ڳالهاءِ.

٤- روح نڪري ٿو هجر ۾ تن ڪان،
روح بنجي اي خوبرو ڳالهاءِ.

٥- بنجي ليلو نه گُهم رقيب جي ڪڍ،
مون سان خلوت ۾ تند خو ڳالهاءِ.

٦- ”ڪجهه ته توسان مان رازِ دل اوريان“
آ اِها دل جي گفتگو ڳالهاءِ.

٧- نطق پنهنجي سان مونکي ناطق ڪر،
ضعف ڪر جسم جو رفو ڳالهاءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- عــــــارضي حــــــسن تي غرور نہ ڪر،
سڪ تواضع اي شـــــوخرو ڳالهـــــاءِ.

٩- آشــــــــڪـــــــارا نہ رازِ اُلفت ڪر،
باد بنجي نہ چار سُو ڳالهـــــــــاءِ.

١٠- تنهنجي دڙڪي جو خوف ناهِ رقـــــيب!
مـــون ســـان بيـــشڪ تي دوبدو ڳالهـــاءِ.

١١- تنهنجا طعنا تـــا ســـاهہ ڪي ســــاڙن،
مـــون ســـان هرگـــز نہ اي عـــدو ڳالهـــاءِ.

١٢- يار وٽ غيـــــــر هوندي اي عـــــاشق!
ترڪ پنهنجي ڪر آبرو ڳالهـــــــاءِ.

١٣- بي ادب ٿي نہ مـــــصــــحفِ رو وٽ،
خونِ دل ســـان ڪري وضـــو ڳالهـــاءِ.

١٤- تشنہ لب جي اڳيـــــــان ڪري ڳُٽ ڳُٽ،
جامِ خالي ســـان اي ســـبـــو ڳالهـــاءِ.

١٥- عـــيب پوشي جي سڪ ”رشـــيـــدا“ طرز،
بنجي ڪنهن ســـان نہ عـــيب جو ڳالهـــاءِ.

## رديف ء

# محبت جي لاءِ

(فعولن-فعولن-فعولن-فعو)

١- سڪي دل ٿي دلبر جي صورت جي لاءِ.
رهي چشم گريان ٿي صحبت جي لاءِ.

٢- بشر ٿو مري شان و شوڪت جي لاءِ.
ستم ٿو سهي نقشِ دولت جي لاءِ.

٣- هٿي دست وپا ٿو مسرت جي لاءِ.
ڪري گڏ ٿو اسباب آفت جي لاءِ.

٤- نهيو قلب آهي محبت جي لاءِ.
نہ بغض و تعصب عداوت جي لاءِ.

٥- خدا آهِ خلقيو سڄڻ ڪي فقط،
محبت، مروت، مؤدت جي لاءِ.

٦- ڳليِ دوست جي آهِ رشڪِ اِرم،
رهان ٿو نہ مشتاق جنت جي لاءِ.

٧- حياتي جو لطف آهِ وصلِ حبيب،
جئي ڪونہ شل دردِ فرقت جي لاءِ.

٨- سڏي سپ ڪي يوسفءُ جهان ۾ تجي،
عيان چشمِ يعقوب قدرت جي لاءِ.

٩- رقيبن سان دلبر گهمي تو سدا،
سڪان مان تو هر وقت سنگت جي لاءِ.

١٠- ڪري خونِ دل منهنجي سان جام پُر،
سڏي مونکي سهڻو تو شربت جي لاءِ.

١١- سڄڻ آهِ ڳڻ ڳوت آيو ڪرڻ،
هلي منهنجي گهر منهنجي قسمت جي لاءِ.

١٢- اجا وينو هڪ منٽ آ مس وري،
تيو آهِ تيّار رخصت جي لاءِ.

١٣- ذرا ڪول عبرت جي اک اي "رشيد"
جو آ حسن چشمِ بصارت جي لاءِ.

١٤- ڪرين دين ضايع تو دنيا جي لاءِ.
ڪرين وقف تو دل ڪدورت جي لاءِ.

١٥- "رشيدا" ڪري پنجتن جي ثنا،
ڪَنو ڪجهه ثمر ڪر قيامت جي لاءِ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ء

# درد کي درمان بناءِ

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- پنهنجو دودِ دل شـــــرر افـــــشـــــان بناءِ.
دل کـي داغِ درد ســـــــان رخشــــــان بـنـاءِ.

٢- عـــــــــشـق انـدر رشـکِ گـل جي واسـطـي،
خار وانـگـر پـاڻ کـي عــــــبــــــريان بـنـاءِ.

٣- دردِ دل پـيـــــــــدا کـري دِل پـنـهـنـجي ۾،
دردِ دل جو درد کـي درمـــــــــــــــان بـنـاءِ.

٤- کـنـهن بـ مـــــاٺـهـــــو جو نـ جڳ ۾ پاڻ کي،
زيـربـارِ مـنـت و اِحــــــــــــــسـان بـنـاءِ.

٥- ڳُجهــــ جي تهـــ خاني ۾ پيــــهي پاڻ کي،
چشـمِ مـــــخلوقـــــات کـــــان پنهـــــان بناءِ.

٦- ســــــر فــــــدا ملت ۽ مــــــذهب تان کـري،
پاڻ کي فــــــردوس جو مـــــهـــــمـــــان بناءِ.

٧- ٿـي رهـا دنـيــــا جي هر چـڪـــــتـــــاڻ کـــــان،
کــين پـنـهـنـجي زنـدگــي زنـدان بـــنـــاءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٩- ڪشتِ اُلفت لاءِ وس اي چشمِ تر،
پاڻ سان گڏ ابر کي گريان بناءِ.

١٠- حسنِ عالمگير پنهنجي تي اي يار!
حور وغلمان و مَلڪ حيران بناءِ.

١١- تني ڏسي بيهوش بزمِ ڪائنات،
روءِ روشن اهڙو اي جانان بناءِ.

١٢- تيغِ ابرو سان ڪُهي چڏ اڄ جو اڄ،
عيدِاُضحيٰ ڪان اڳي قربان بناءِ.

١٣- رشڪِ گل جي ياد ۾ پنهنجي "رشيد!"
اشڪباري نوحؑ جو طوفان بناءِ.

١٤- هجر پنهنجي ۾ "رشيد" احمد کي دوست!
ڪين اِنسان جي بجا حيوان بناءِ.

١٥- شعر جو آباد گلشن ڪر "رشيد"
سنڌ پنهنجي روضئہِ رضوان بناءِ.

١٦- جيڪب آبادي وساري ڇڏ "رشيد"؛
خيرپور کي پاڻ تي نازان بناءِ.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ء

# هاءِ! هاءِ!

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- ويــو جدا تــي يــار جانـــي هـــاءِ! هـــاءِ!
غم ويــو ڏيـئـي نـشـــــــــاني هـاءِ! هـاءِ!

٢- مـــــــــون ۾ آهــي نـاتـوانـي هـاءِ! هـاءِ!
يـــار ۾ آ پـــهـــلـــوانـــي هـــاءِ! هـــاءِ!

٣- ٿـــو وِســايان اشـــكـــهـــائي چشم ســـان،
پنهـنجي شـــــمعِ زنـدگـــــاني هـاءِ! هـاءِ!

٤- غمـــزده جو كوئـ آ غمـــخوار تـــيـــو،
گـــل ڏنـــي آتـــش خزانـــي هـــاءِ! هـــاءِ!

٥- ٿـــو ڦـــزي منهنجي ازل كـــان برخلاف،
روز گـنـبـــــذ آســـــمـــــاني هاءِ! هاءِ!

٦- ٿـو وڃي مــون وٽ ســدا ســورن جو ســاز،
غيـــر وٽ آ شـــادمـــاني هاءِ! هاءِ!

٧- ٿـــو پـيـــان دلـدار وٽ خونِ جگـر،
آ اِهائي مـــيـــهـــمــاني هاءِ! هاءِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- ضعفِ فرقت ڪان ضعيف العمر ٿيس،
تنهنجو آ ماتم جواني! هاءِ! هاءِ!

٩- وصل پنهنجي جو متا! شربت پيار،
تلخ آهي زندگاني هاءِ! هاءِ!

١٠- رنگ آ پيلو ۽ ٿيو آهي سياه،
منهنجو خونِ سُرخ جاني! هاءِ! هاءِ!

١١- اچ تہ گڏجي وصل جا ماڻيون مزا،
ڇڏ خدارا بدگماني هاءِ! هاءِ!

١٢- ڪنَن ٻڌايان توکي پنهنجو حالِ درد،
آهِ حاصل بي زباني هاءِ! هاءِ!

١٣- همنشين آ غير ليڪن منهنجي لاءِ،
آ جوابِ لن تراني هاءِ! هاءِ!

١٤- هجر تنهنجو ڪين ٿئي زائل مگر،
باغِ عالم آهِ فاني هاءِ! هاءِ!

١٥- ڪو سخن سمجهي نہ ٿو تنهنجو "رشيد"
لڄي ٿو گنجِ معاني هاءِ! هاءِ!

❁

## رديف ي

# تقسيمِ گلشن

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

۱- مبارڪ آهه پاڪستان جي هر پيرو ڪمسن کي.
جو جاڳايو خود آهي وري پنهنجن نصيبن کي.

۲- پشيماني ۽ رسوائي، خوشي ۽ غم مبارڪ ٿيا،
حريفِ قوم ۽ غدارِ ملت، دوست و دشمن کي.

۳- شعاعِ جشنِ پاڪستان ڏسي حيرت فلڪ تي ٿي،
ثريا کي، ڪواڪب کي، قمر ۽ روزِ روشن کي.

۴- نہ آهي شاهِ پاڪستان جي عزوجاه سان نسبت،
جم و نوشيروان، پرويز ۽ داراب بهمن کي.

۵- مخالف ڏر ملامت ڪنئي اسان غيور تي ليڪن
محافظ ملڪ پنهنجي جو بنايو ڪين رهزن کي.

۶- چڪي آزاد ٿو آزادگي واري ڪشاڪش ۾،
ڪڏهن پنهن جي گريبان کي ڪڏهن گانڌي جي دامن کي.

## ڪلامِ "رشيد"

٧- ملي ويو آهہ پاڪستان خبر ناهي الائي ڇو،
ڇوٿي ڀونر کي بلبل ڪريون تقسيم گلشن کي.

٨- ڇوته ليس للاِنسان الا ما سعیٰ قرآن،
لهو مقصد جو هيرو ڪوٺي محنت واري معدن کي.

٩- اِهو آزادگي جو ابر آهي خوش ٿيو هاري!
نہ ڀانيو برق ڳوليندي وتي ٿي پنهنجي خرمن کي.

١٠- عزيزو دورِ آزادي ڏنم هاٿي جو دم نکري،
ڏجو گلهائي آزادي سان زينت منهنجي مدفن کي.

١١- وطن ۾ قدر هو ڪهڙو جو ٿئي پرديس ۾ عزت،
"رشيدا" ڏس "اسد" جي قول موجب خس ۽ گلخن کي.

# ناز هو تلوار کي

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلن)

١- باد ڪلفت آ اُجاڙيو قـــــوم جي گلزار ڪي.
رنگِ گل ڪومائجي آ پهتـــو شـــڪلِ خار ڪي.

٢- اسپِ غيرت لنگ ٿي چاهيتو ڪج رفتار ڪي،
بخت جو طالع ٿـــو تاڙي منزلِ دشـــوار ڪي.

٣- خلق جو مــسجود جن چاتو ٿي اڳ جبــار ڪي،
سرنگون ٿي سي ٿا ڪن سجده سدا سرڪار ڪي.

٤- قوم جي اعزاز جو ڪونهي اسان کي ڪو خيال،
ٿي ڪري تسليم عـــزت صـــورتِ اغيـــار ڪي.

٥- اتحادي رنگ ميـــٽيـو آهِ مـعـمـارِ ســتم،
آ لـــڳو رنـــگِ غلامـــي هـــر درو ديـــوار ڪـــي.

٦- اڄ غلامي جو چني سگهجي نٿـو ڳل مـان سڳو،
ڪو زمـــانو هو جو مـــون ٿي ناز هو تلوار ڪي.

٧- منهنجي دل ۾ آهِ غيـرت چو ٿـيـان غيـرت فـروش،
شـــينهن بک هوندي بہ هٿ لائي نٿـو مـردار ڪي.

٨- بـاهہ پـاڻـي ۾ لـڳائـڻ جي اجا طـاقـت اٿـم،
شـــعلہ زن تون چاڻ منهنجي جذبـۂِ ايثـــار ڪي.

## ڪلامِ "رشيد"

٩- وچ هليو صياد واپس ڪر نہ گلشن کي تباھ،
ڪر رها قيدِ قفس مان عندليبِ زار کي.

١٠- سر ڏيڻ ڌاران ڪڌهن ٿيندو نہ آ ميدان سر،
سر ڏئي سردار تي چئي مرحبا سردار کي.

١١- جي ڪتو تئي تو چتو تان اُن کي تي گوري ڏجي،
پر چتو تئي تان ڪجي ڇا ليڊرِ غدار کي.

١٢- قوم جو ڌڻ رک سلامت تو ٻجهي گرگِ سفيد،
مارجي ٻڪريون ويون تان حيف آ ٻڪرار کي.

١٣- خودبخود تنهنجو سلامي سير ۾ ساحل تئي،
مثل سهڻيءَ جي ملڻ چاهين اگر ميهار کي.

١٤- پاڻ سان شامل تون ڪر تقدير کي تدبير سان،
تان عنايت طرهٔ توقير تئي دستار کي.

١٥- بزمِ قرباني ۾ حاضر ڪر شرابِ خونِ دل،
مست ڪر محفل کي مينا کي ۽ هر ميخوار کي.

١٦- زلفِ خوبان کي ڇڏي ۽ تي اسيرِ زلفِ هند،
هند مان ڏي مژدهٔ آزادگي تاتار کي.

١٧- قوم ڌاران ڪين گهر پيارو "رشيدا" غير کي،
گل ڇڏي پيارو نہ گهرندي آهِ بلبل خار کي.

❁

# زماني جي هوا

(مفاعلن-فعلاتن-مفاعلن-فعلن)

١- ڏسي خلافِ زمانہ هوا زماني جي.
اسان بہ طرز متائي ڇڏي تراني جي.

٢- نہ آهِ عشق و محبت جي شاعري جو شباب،
وهي جي آهِ تہ آ نظر نا صحاني جي.

٣- نہ ڪُجهہ ترانہءِ قوم و وطن بنا لکجي،
نہ طرز آهِ رهي شعر عاشقاني جي.

٤- لڳي تي لذتِ آلام سڀ کي اڄ شيرين،
نہ ڳالهہ آهِ ڪا فرهاد جي فساني جي.

٥- بهار آيو مگر گل نہ آهِ گلشن ۾،
رهي اُڪير تي بلبل کي آشياني جي.

٦- وتي تي زلفِ پريشان ڪلهن تي لٽڪايون،
نسيمِ درد کي اڄ گهرج ناهہ شاني جي.

٧- وڄائي ساز الم جو تو مطربِ تقدير،
ڪري تي ليندڙ هوا پيي غمن جي گاني جي.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- اڄي زمين تي تــو اڄ درد حــڪـــمــراني ڪرڻ،
تــئي تي رسم ادا اُن جي شــامـــيــاني جي.

٩- شـــرابِ غم جو تـــو دنيـــا ۾ دور دور هلي،
ڏين ٿــا بحــرِ جهـــان ڏِڪ شــراب خاني جي.

١٠- چمـــن ۾ خون ڏسـي عــنـدلــيـب جو گـل تــي،
ڳچي ۾ طوطي ڪنڌي پاتي ســـرخ ڳاني جي.

١١- جگر ۽ قلب ۽ ســـينو فگار ٿـــا ڏســـڄن،
ڪجي چيا ڳالهـــ غم و درد جي نشـــاني جي.

١٢- صــبــا ني عـــيش ٻـ مــتــجي سـمـومِ آفت ٿي،
هــوا بــدلجي وئـي آهِ اڄ زمــــــــــــاني جي.

١٣- جهـــادِ دين ۾ هر زخم تي رهيـــو ناســــور،
نـ ڪو دوا تـــو گـــهـــري زخم جارحـــاني جي.

١٤- اُمـــيـــد آهِ رڪـڻ ليـــدرانِ قـــوم ۾ ائَن،
رڪي اُمـــيــد ڪو جتَن ڪانو نـر ۾ آني جي.

١٥- ســـتم جي ڪل تي غريبن جي جان ڪي پيـــڙي،
نـ پتـــجي پاڙ تي ظالـم جي ڪارخاني جي.

١٦- لُٽــائي غيـــر ڪي لک ٿـــا ڏيون ۽ پنهنجي لاءِ،
خريد دال ڪري ٿـــا سگهـــون نـ آني جي.

# رديف ي

١٧- نيـــاز ايڏو كيـــون اڄ تـــا غيـــر سنڌي جو،
كـر پتـــــو جتَن كـو تواضع اَبي ۽ ناني جي.

١٨- گـــهـــمي لغام چنايون تـــو انڌ جو گـــهـــوڙو،
كـمي لـغام ۾ آ عــــــــجز جي زبـاني جي.

١٩- پڌن تـــا آه و فـــغان كينكي امـــيـــر و وزير،
كري تـــا وقت تي گـــوهي وهن بهـــاني جي.

٢٠- جهـان تي آهـِ ستم حـكـمران تـيـو اڄ كلهـ،
حـــكـــومت آهـِ نـ انصـــاف ۾ يگاني جي.

٢١- تـــئي تـــو خون حـــريت جو رهـبـــرانِ وطن،
هٿـــو لـپـــاڙ تـــا چو طبع منصـــفـــاني جي.

٢٢- كـبـــا قـــبـــول نـ هرگـــز حـــرام جا حلوا،
مـــني تي مـــاني لڳي پنهنجي آســتـــاني جي.

٢٣- هجي همـــيـــشـــ زمـــاني ۾ رزق پنهنجو وســيع،
ملي نـ شـــال ســـزا كنهن كي آب و داني جي.

٢٤- ٽٽـــون كي ٽارو ۽ تازي كي آ اِشـــــارو بس،
ضــــــــرورت آهـِ نـ تـازي كـي تـازبـانـي جي.

٢٥- هجي همـــيـــشـــ لڳل دردِ حـــال جي ڳٽـــتي،
هجي نـ گـــهـــرج كڏهن درد غائبـــاني جي.

## ڪلامِ "رشيد"

٢٦- خدا  بہ رزق نہ ڪنهن کي ڏئي ٿو گهر ويٺي،
ٿئي مراد ٿي پوري مگر رواني جي.
٢٧- نہ تور سچ جو وکر ڪوڙ واري ڪوڪي سان،
شمار تور ڪبي آ نہ بار داني جي.
٢٨- لٿاءِ دولت و اموال غير آڏو مگر،
تباهي ڪر نہ تون ايمان جي خزاني جي.
٢٩- ڪچي حيات جي منزل ٿو وال موت جو گر،
تڏهن بہ ناهہ خبر قبر واري ڪاني جي.
٣٠- نماز مڪر جي ٿي ليکجي زنانو ڪم،
رکين چو آس ٿو اي مرد ڪم زناني جي.
٣١- زماني پنهنجي عداوت سان آ ڪمال ڪيو،
اجا تلاش رهي ٿي غريب خاني جي.
٣٢- شباب ختم ٿيو توڙي رنگِ پيري ۾،
"رشيد" شڪل ڏٺي تہ بہ نہ شادماني جي.

# نروار ٿي هاٽي

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- اُٿي حــقــبــاز باطل کــان پـڇي بيــزار ٿي هاٽي.
ڪري آزاد پنهنجي قــوم کي ســرشـــار ٿي هاٽي.
٢- مــريضِ اختــلاف قـــوم جو غمـــخوار ٿي هاٽي،
مــســيـحــا پاڻ بنجي پئـو نہ تون بيــمار ٿي هاٽي.
٣- توڪل جي تبــر هٿ ۾ کــڻي هوشــيــار ٿي هاٽي،
ســپـــاهي قــومِ خفـــتــہ جا اُٿي بيــدار ٿي هاٽي.
٤- مروت سان محبت سان مؤدت سان ۽ محنت سان،
تون هر آزاد مــحــفل جو ســچو ســينگار ٿي هاٽي.
٥- نفــاق انگيــز حــالت اڄ وطن پنهنجي ۾ ٿي ڏسجي،
تون بڻــجي شـــمسِ آزادي سگهــو نروار ٿي هاٽي.
٦- يزيدِ عــصــر ســان لڙجي شـــهـــيدِڪربلا وانگر،
ڪڍي نقــشــو مــصــائب جو پڪــو ديندار ٿي هاٽي.
٧- چوي زين العـــبــا تـــو تنگ ۽ لاچار ٿي هاٽي،
اچي اُمت جو منصف احـــمــدِ مـــختــار ٿي هاٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- ستم ڪان باز ظالم شخص جي تلوار ٿي هاڻي،
سڄو برباد آ سيد جو ويو گهرٻار ٿي هاڻي.

٩- اڄي حامي اسانجو حيدرِ ڪرار ٿي هاڻي،
هليو سجاد تنهنجو قيد ۾ بيمار ٿي هاڻي.

١٠- رسيو سبطِ نبيؐ شبير آ آخر شهادت کي،
هلون ٿا بي وسيلا ٿي ۾ حالِ زار ٿي هاڻي.

١١- ويو اصغر ويو اڪبر ڪُهي ڪوفين ڇڏيو قاسم،
ويا آهيون سيني هڪ ٻئي ڪان ڏارو ڏار ٿي هاڻي.

١٢- اسان سيني کي ويو عباس حضرت پيي ڪري چورو،
هلي پيو ڪير حشمت سان علمبردار ٿي هاڻي.

١٣- ادا مؤمن غلامي غير جي ڇڏ هن زماني ۾،
فقط هڪ پنجتن جي در جو خدمتگار ٿي هاڻي.

١۴- ندا هر سال ۾ ٿو ڏئي اها شبير جو عِشره،
سپاهي قوم خفته جا اُٿي بيدار ٿي هاڻي.

١٥- ”رشيدا“ تو گهرين دنيا ۾ عقبىٰ جي اگر عزت،
ته هڪدم حيدرِ ڪرار جو پينار ٿي هاڻي.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تلوارِ قاتل

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- حسين المجتبیٰ! دل کي ڪشش آ تنهنجي محفل جي،
مـــــــران شـل ڪربلا ۾ آرزو آهي اِها دِل جي.

٢- ٻُڏڻ بحـــرِ غمِ حـــسنين ۾ لاريب چاهيـــان تـــو،
مدد وچ سير ۾ مونکي ميسر ٿيندي ساحل جي.

٣- عليءَ باب الســــخا آ پر نٿي ورنائجي هر گـــز،
عليءَ جي حيدارن وٽ صدا مون جهڙي سائل جي.

٤- ڪيو محمود ڪهڙو قدر فردوسي جي محنت جو،
جو مون لئي عزت افزائي ٿئي علمي مشاغل جي.

٥- عجب آ جو اسان مشڪل ڪشا هوندي زماني ۾،
نہ آهيون شاد آ چشمن اڳيان تصوير باطل جي.

٦- چيو شبير سجده ۾ تہ بيشڪ وار ڪر شمرا،
شـــهـــيـــدِ حق کي پرواه ڇا تلوار قـــاتل جي.

٧- "رشيدا" ڪين ٿي گمراه ۽ وٽ خضر جي تلقين،
نظر پٿـــر کي پاٽي ٿي بنائي پيـــرِ ڪامل جي.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوتو نصيب آهي

(فعول–فعلن–فعول فعلن–فعول–فعلن فعول–فعلن)

١- خدا جو ٿيءُ ڏس خودي هلائي خدا جي نصرت قريب آهي.
خودي سان حاصل خدا ٿئي ٿو اِهو عقيدو عجيب آهي.

٢- اڳيان چئي ويا خودي مٽايو چوان ٿو هاڻي خودي هلايو،
خودي کي جيڪو ٿو دل ۾ سانڍي اهو مجاهد لبيب آهي.

٣- اوهان تي اي شاعرو وطن جو ۽ دين جو دارومدار آهي،
اوهان مان هرڪ امير آهي اوهان مان هرڪ خطيب آهي.

٤- چئون ٿا قومي سخن ۾ سڌرڻ محال آهي پريم سڪجي،
بتن تي آ دل فريفتہ ۽ گلا جو پتلو رقيب آهي.

٥- بتن جي پوڄا ۾ زهد و تقويٰ ڇڏن ٿا زاهد سڏائي صنعان،
جي آهِ ريشِ سفيد تاهم بتن جي خاطر خضيب آهي.

٦- ڪمالِ علم و فنونِ يورپ جي جو زماني ۾ آهِ چرچو،
هزار افسوس ديس پنهنجي ۾ هرڪو ماڻهو غريب آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ي

٧- وطن اسانجو نہ غير جو آ اجائي اغيار ڪن ٿا دعوىٰ،
زمين هندوستان جي ٿي اسانجي رت سان ٿي خصيب آهي.

٨- ٿيا سين ڪاٺر نہ آهِ قوم ۾ وطن جو دل ۾ خيال ڪنهن کي،
پُڄي اسانکان نٿي ڪا محنت ڇٿون ٿا ڪوٺو نصيب آهي.

٩- شتاب حب الوطن ۾ تيار ڪر قصيدا، غزل، مسدس،
ڪئي اِها غيب کان اسان کي ندا اُمالڪ نقيب آهي.

١٠- اثر زبان ۾ رکيٿو جيڪو سو پل وطن جا چوي ترانا،
وطن جي باغِ سخن جو سوئي ازل کان ٿيو عندليب آهي.

١١- ڪلام کي بي مثال ثابت ڪري سذاري ٿو قوم جيڪو،
اهو حقيقت ۾ آهِ شاعر اهو بلاشڪ اديب آهي.

١٢- وطن تان جيڪو فدا ٿئي ٿو ٿئي ٿو اُن تان "رشيد" قربان،
اگرچہ آهي خدا جو منڪر تڏهن بہ منهنجو حبيب آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سودا هجي

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلن)

١- يا خدا هر سنڌواسي سنڌ تي شيدا هجي،
جوش دل ۾ اتحادِ قوم جو پيدا هجي.
٢- هاءِ قسمت پست حالت آهِ پنهنجي ديس جي،
شل اسانجو ديس سيني کان اتم اعلىٰ هجي.
٣- خوف پنهنجي گهر جو آهي پاڻ ۾ ڦيٽو نہ پئي،
هيچ دشمن آهِ توڙي قيصر و ڪسرىٰ هجي.
٤- ديس جي بهبودگي آبادگي جو آ خيال،
ديس ۾ آزادگي جو روزوشب غوغا هجي.
٥- سنڌ جي طاقت کان لرزش ۾ هجي سارو جهان،
پر نہ ڪنهن کان سنڌ کي ڪو خوف ۽ پروا هجي.
٦- هڪ ٿين سنڌي پنجابي دل ٻنهي جي هڪ هجي،
سرفروشي ۽ محبت جي منجهن دعوىٰ هجي.
٧- سنڌ سونهاري مٿان قربان ٿي رهندو "رشيد"،
سرسو سرهو آهِ جنهن سر ۾ سندس سودا هجي.

رديف ي

# جاڳڻ جو وقت آهي

(مفعول-فاعلاتن-مفعول-فاعلاتن)

١- شمسِ عروجِ ملت اُڀرڻ جو وقت آهي.
اُٿ جاڳ نوجوان هي جاڳڻ جو وقت آهي.

٢- اسپِ خيال پنهنجو صحرائي صلح ۾ چڙهه،
شترِ نفاق جي لئي ڏاٽوڻ جو وقت آهي.

٣- چوگرد هند جي اڄ اعدا جو آ دسهڙو،
راوڻ جي آگ اندر ڪامڻ جو وقت آهي.

٤- مثلِ شغال گهر ۾ آهين ٻٽيو بهادر،
شيرن سان هاٿي تنهنجي اٽڪڻ جو وقت آهي.

٥- واسينگ اِختلافي دل قوم جي ڏنگي ويو،
ويتر زوال واري هڻ ڪڻ جو وقت آهي.

٦- دل جي غذا بنايون ڪلفت جو تا ڪريلو،
ليڪن وِصال واري واڱڻ جو وقت آهي.

٧- دل جي اُرن سان جوڙيو هڪ ائٽ اتحادي،
نهڪن اُرا اُرن سان نهڪڻ جو وقت آهي.

٨- آهيون اسان مسلمان هڪڙيئي گهر جا ڀاتي،
زيبانہ آ رُسامو پرچڻ جو وقت آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- ٻوڏن سبب لکين جو نقصان تي چڪو آ،
بارش شروع ٿي وئي سانوڻ جو وقت آهي.

١٠- هر شئي جي جنگ سببان شهرن ۾ آ گراني،
واهڻ وڃي وسايو واهڻ جو وقت آهي.

١١- بدرِ نصيبِ اعدا پل ۾ غروب ٿيندو،
شمسِ ڪمالِ مسلم چمڪڻ جو وقت آهي.

١٢- دشمن ڪي اهڙيون آهن ڪي پوپٽيون پڙهايل،
جو ننڊ ۾ ٻـ اُن جي وِڦلڻ جو وقت آهي.

١٣- دشمن ڪُتي جون آهن ڏاٿون پڇي پُري پيون،
هاڻي فقط انهيءَ جي پوڻڪڻ جو وقت آهي.

١٤- جينا جو صلح ٿيندو گانڌي سان ڪين هرگز،
ڇو جو اڃا ٻنهي جي جهگڙڻ جو وقت آهي.

١٥- جهاڳي نہ پار پهتي آ سنڌ جي وزارت،
ڏسجي اڃا گهٽوئي ترڪڻ جو وقت آهي.

١٦- بيدار ٿي ”رشيدا“ بيدار قوم کي ڪر،
غفلت ۾ ڪين تنهنجي ويهڻ جو وقت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردیف ي

# جنگِ عظيم دوم

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- جپان ۾ جرمني جو خاتمو نزديڪ تر آهي.
عطا ڪئي اِتحادين کي خدا فتح و ظفر آهي.

٢- وسن ٿا بم گولا بيعدد بازار برلن ۾،
قضا سان حال هٽلر جو ٿيو بالڪل بتر آهي.

٣- لڪائن نانگ وانگر سر ٿا پنهنجو جرمني وارا!
ٿيو رشيا مٿن لاريب غالب سر بسر آهي.

٤- هلي ٿي صلح جي ڪوشش مسرت عنقريب آهي،
فقط ٿن چئن ڏينهن جي لڙائي مختصر آهي.

٥- هلي تعميرِ بعد ازجنگ جو دنيا ۾ ٿو چرچو،
ترقي لاءِ آماده ٿيو هر هڪ بشر آهي.

٦- مبارڪ صد مبارڪ ٿو چوان هندوستان وارا!
اوهانجي بخت خوابيده جو روشن ٿيو قمر آهي.

٧- ملڻ وارو مڪمل فائدو هندوستان کي آ،
بنايو خالقِ اڪبر اسان کي ڪامگر آهي.

٨- ٿيو اِعلان آهي ديس پنهنجي جي سڌاري جو،
نئين سر پنهنجو پارت ورش ٿيڻو خوبتر آهي.

# ڪلامِ "رشيد"

٩- بحـــمـــدالله بشـــارت ٿـــو ڏيان صـــدبار هاربن کي،
مـــثـــالِ ڪيـــمـــيـــا ثابت ٿـــيـــو دنيـــا ۾ هر آهي.

١٠- حــڪومت ٿيندي هاربن جي ۽ عزت سان گذاريندا،
اها تجويز هر مـــجلس ۾ ٿي مـــقـــبـــول تر آهي.

١١- مـــتـــائي جاهليت کي ڪبـــو علمي چمن آباد،
مـــبـــارڪبـــاد جو مـــصـــداق هرهڪ مـــاســـتـــر آهي.

١٢- ڪبـــوآباد ڳوٺن کي نئين طرزِ حـــڪـــومت ســـان،
اســـان کي پنهنجي مـــحنت جو ملڻ وارو ثمـــر آهي.

١٣- نوان رســـتـــا ٺـــهي ويندا ۽ وڻ پوڪـــائبـــا بيـــحـــد،
اســـانجي عـــمـــر ٿيـــٽي عيش و عـــشـــرت ۾ بسر آهي.

١٤- وطن ۾ صلح ۽ سک ســـانت ٿـــيندو جا بجا قـــائم،
ڪرڻ واجب اســـانکي ڪينڪي خوف و خطر آهي.

١٥- ڪندي سرڪار ڪوشش حد درجي جي اسانجي لاءِ،
رعـــيـــت پروري ۾ شـــاه پنهنجو نامـــور آهي.

١٦- اســـانجو ملڪ پاڪـــســـتـــان ٿي رشڪِ جنان ٿـــيندو،
"رشـــيـــدا" شـــعـــر تنهنجي جو ٿـــيـــو ظاهر اثر آهي.

## ڪلامِ "رشيد"

٧- گـــــــر آهـِ پيٽ ۾ بُک تـا هـم اُرهـ ۾ آڪڙ،
چهــــڙو بـہ پاهراڙي ۾ جمــــعـــــدار آهي.

٨- پنهنجي غرض ۾ هرڪو ڪوشان ڏسون ٿا اڄ ڪلهہ،
ڪنهن کي نہ قـــوم پنهنجي جو اِنتظار آهي.

٩- "واڳڻ ڪنهين کي وائي بادي بصــر ڪنهين کي"،
رســـوا چيــو هي مـــصـــرع جادو نگار آهي.

١٠- غيـــرن کي نـاهـِ طاقت جو ٿين وطن جا ويري،
خاڪِ وطن تان منهنجي هي جان نثـــار آهي.

١١- لٽ ڀي ڀجي نہ هرگـز سپ ڀي مـري "رشـيـدا"،
تنهنجو ســخن جهــان ۾ اِئَن آشـــڪـــار آهي.

## رديف ي

# صدائي وطن

(فعولن-فعولن-فعولن-فعولن)

١- چريو چور چھڙو بہ اج مير آھي.
پريرو ڪُتي سان گلو گير آھي.
٢- مٽي تي لڳي گھر ڪان پاڇي پرائي،
زنا جي وڏيرن ڪي تدبير آھي.
٣- ليي ڪين لوٽڪ مريڙي جي خواھش،
سدائين روان بزم ۾ بير آھي.
٤- اگر چور چانديا تہ شاھد شنباڻي،
تي بيداد نگري جي تعمير آھي.
٥- چڏي رڍ، ڏڳي، مينھن، ٻڪري نہ ڪنھنجي
ڪبڙ، ڪرڙ، شھداد، شھمير آھي.
٦- نڙن ۾ نہ ٿيندو سڌو پُڇ ڪُتي جو،
ڪمين جي سُڌرڻ ۾ تاخير آھي.
٧- سچي سنڌ پڻ موچڙي سان ٻڌل آ،
ڪلو بدمعاشن جي توقير آھي.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- ٻـــلـــي خواب ۾ يـــاد ڇيڙا ڪـــريـــٿـــي،
فــــقط ڏن جي ڳـٽـــــتي ۾ هر پـيــــر آهـي.

٩- نـچن جڄ پرائـي تـي احـــــــمق ٿـــــا بـي جا،
فنا ٿـــيـــٽـي دنـيـــا جي تـصـــوير آهـي.

١٠- سـڪـيـــو ڪـيـن پـيـــشـــاب گـــر اُٿ،ٻـڌو ٿـيـــو،
ڪـئي بـزرگـن پـنـهـنجي تحـــــقـــيـــر آهـي.

١١- مـــري ويـس مـــان جن لاءِ ڪـانڌي نـه ٿـيـــاسي،
صــــدائـي وطن جـو هـي تـفـــســـيـــر آهـي.

١٢- ســـــجاڳـي ســـــان سـنڌي ٿـي آزاد ويـنـدا،
اهـو خواب مـنـهـنجي جـو تـعـــبـــيـــر آهـي.

١٣- "رشـــيـــدا" ڇڏي سـنڌ وڃـجي نـه هـرگـــز،
وطن پـنـهـنجـو سـڀ لاءِ ڪـشـــمـــيـــر آهـي.

❀

# دل ڪِٽي رهي

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلن)

۱- دلبــر تــو منهنجي راءِ ســان شــامل ڪٽي رهي.
منهنجي بہ دل ٿي غيــر ڏي مــائل ڪٽي رهي.

۲- جو بارگـــاهِ عـــشق ۾ تـــو ســـر بڪف اچي،
تنهن جي گلي ڪـــان خنجرِ قـــاتل ڪٽي رهي.

۳- اي مـــــاهرو جي دل کي ڏنـي داغ تـــــو وڃين،
تان هي شـــعـــاعِ شـــمع ۽ مـــحـــفل ڪٽي رهي.

۴- پر خوف راه آهـِ وٺي خضـــــر مــــونکي هل،
رســتــو هجي جي صــاف تہ مــشــڪل ڪٽي رهي.

۵- امـــواجِ غم ۾ ڪشـــتيءِ اُمـــيـــد ڪر نہ غرق،
جي نا خدا تــنــئين تــو تہ ســـاحل ڪٽي رهي.

۶- هڪـــوار قـــتل ڪر تہ وٺـــان قـــبـــر ۾ قـــرار،
هر هر ڪرين تــو قـــتل هي بســمل ڪٽي رهي.

۷- هڪ ڪک پوينتــو اک ۾ تڏهن پيي تــني تــو ســور،
مــژگــان جي تيــر هوندي هي بيــدل ڪٽي رهي.

## ڪلامِ "رشيد"

٨- تنهنجي ڏسڻ ڪـان ڪين ٿي فـرصت ملي ڪڏهن،
دل علم جي پڙهڻ ۾ ٿي شـــاغل ڪٿي رهي.
٩- خوش خلق، نرم طبع ۽ آهين حـضـور شـرم،
ليـڪن نهـان ٿي فطرتِ قـاتل ڪٿي رهي.
١٠- طاقت جفـا سـهڻ جي اگـر دل کي ڪين آ،
تاهم مـزاج عـشق ڪـان ڪاهل ڪٿي رهي.
١١- تنهنجي مـڪـان جو تہ پتـو ڪونہ تـو پوي،
دير و حـرم ۾ جنگ ڏسي دل ڪـٿي رهي.
١٢- پـانـهـو اڳي يـا پـوءِ ڪـنـدو تـرڪ آرزو،
ليـڪن خدا جو امـر تـو مـهـمل ڪٿي رهي.
١٣- ڪر تون خودي خريد تہ ڪامل ٿـئين "رشـيـد"،
بي خود تـو ديدِ حق جي قـابل ڪٿي رهي.

ردیف ي

# هڪ جي پچار ڏي

(مفعول-فاعلات-مفاعيل-فاعلن)

١- هر بيقرار دل کي الٰهي قرار ڏي.
مونکي نہ ڏي قرار مگر اِنتظار ڏي.

٢- سوز و گداز عشق جو ليل و نهار ڏي،
رسوائي عشق کي نہ ڪڏهن افتخار ڏي.

٣- صورت نما حسين ڪان دل ۾ ڏڪار ڏي،
سيرت نما تي دل کي پڪو اعتبار ڏي.

٤- ڪنهن جو بہ ڏي تون عشق مگر پائدار ڏي،
بلبل جي مثل ڪينکي عشقِ بهار ڏي.

٥- پاڻي بہ منهنجي آہ سان جنَن باہ تي ٻري،
تابِ فراقِ يار جو اهڙو بخار ڏي.

٦- موذيءَ دل کي قتل ڪري ڪين تو سگهان،
حيدر جي دستياب ڪري ذوالفقار ڏي.

# ڪلامِ "رشيد"

٧- چڙ واڳ آهہِ نفس حقيقت جي جت جي هٿ،
هن شتر بي محاب جي پڪڙي مهار ڏي.

٨- تيرِ نظر سان دل کي گهٽا ڪن شڪار ٿا،
مونکي بہ ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪرڻ دل شڪار ڏي.

٩- دل رولڙي پر آهہِ گهٽن جي خيال کان،
هڪ جو ڏي ڪيس عشق ۽ هڪ جي پچار ڏي.

١٠- دل حق بين ٿئي ۽ دوئي دور ٿي وڃي،
پنهنجو پريم مونکي اي پروردگار ڏي.

١١- آهيان "رشيد" احمدي احمدؐ سان آهہِ پيار،
هن يار کان سوا نہ خدا بيو ڪو يار ڏي.

١٢- سچ کي تري جي هيٺ لڪائڻ محال آهہِ،
رازِ نهان "رشيد" ڪري آشڪار ڏي.

❀

ردیف ي

# بي زبـاني

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- عــدالت ڪرتون بنجي ثانيءِ نوشــيــروان منهنجي.
سـوا تنهنجي ٻُڌي ٿـو ڪيـر ٻيـو آه و فـغان منهنجي.

٢- ڪري جي نفس امــارو نـه هي عــزت زيان منهنجي،
اطاعت روزوشب جيـڪر ڪري سارو جهان منهنجي.

٣- تـصـور گـهـر ڪيـو دل ۾ نـه آ تصـويـر جي حـاجـت،
رهي اي دوست ٿي ديدار سان دل شـادمان منهنجي.

٤- وسـاريـو آ تـصـور ۾ جڏهن مـون غيـر اي سـهـڻـا،
تڏهن ڪـان ڪن ٿـا دنيـا ۾ ثنا خُردوڪلان منهنجي.

٥- مـجازي جي مون باز ر ۾ اڳي هس ڪجهـ نـه ۽ ڪـمـتـر،
ولي عـشقِ حـقـيـقي ۾ ٿي آ قـيـمت گران منهنجي.

٦- سـبق عــشقِ مــجازي جو ڏنو اُسـتـــاد ڪامل آ،
اُمــالڪ شــاعــري ۾ طبع ٿي آهي روان منهنجي.

## ڪلامِ "رشيد"

٧- حـــبـيـــبـــا! ڪيئن آ پيشِ رقـيـــبـــان تابِ گـــويائي،
خمـــوشي گـــفـــتـگو ۽ بي زباني آ زبان منهنجي.

٨- حـــبـيـــبـــا! تنهنجي آڏو آهه ڳالهــائڻ بہ بي ادبي،
خمـــوشي گـــفـــتـگو ۽ بي زباني آ زبان منهنجي.

٩- فـــــقط لا تقنطوا جو آهه دل کي آســــــرو ورنہ،
وئي رنج و الم ۾ عـــمـــر گـــذري رائگان منهنجي.

١٠- نہ دنيا کي ڏنو هو مون اکيون پوٽيل هيون منهنجون،
نظر پئجي وئي توتي حـــبـيـــبـــا نا گـــهـــان منهنجي.

١١- بلوچســــــتـــــان ۽ پنجاب ۾ هي راز مــــخفي هو،
تي آهي خيرپور اِسـتـيـت ۾ فطرت عـيـان منهنجي.

١٢- مـجازي کي ڇڏي مـولي پوان ڪاهي حـقـيـقت ۾،
تئي شل طبع تنهنجي مدح جي خاطر روان منهنجي.

١٣- وطن تان جي فدا ٿيندس تہ ٿيندو قدر بعد ازموت،
ڪندا تعـريف دنـيــا ۾ زمين و آســمــان منهنجي.

۱۴- سچاتو پنهنجي هستي جو سمورو قدر مون آهي،
سچي دنيا جي آڏو آهہِ تي فطرت عيان منهنجي.

۱۵- مصائب ۾ گهٽوئي مبتلا ٿيندو رهيو آهيان،
ڇا وٺندو آزمايش آسمان جو اِمتحان منهنجي.

۱٦- شهيدِ ناز آهيان حشر ۾ داور اڳيان چوندس،
"لکيل آ دامنِ قاتل تي طرزِ داستان منهنجي"

۱۷- "نظامي" تي رهيتو ناز ۽ اُستاد آ "خادم"،
حمايت آهہِ "حامي" جي سدائين راز دان منهنجي.

۱۸- لبيدي شعر ثاهيم تي "رشيدا" دورِ ماضي ۾،
بگاڙي طبع آ تازو خيالِ امتحان منهنجي.

۱۹- "رشيد احمد!" جڏي دنيا وسائيندس نئين دنيا،
وِساريندا نہ آڪاٽي مگر اهلِ زمان منهنجي.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مسلم تاجدار

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- ڪري مغلوب چو خالق اِسان اِسلام وارن کي.
عطا تيو جذبۂ توحيد آهي دين دارن کي.

٢- اسانجي شان ۾ آ انتم الاعلون جي آ يت،
خدا قائم ڪندو دنيا ۾ مسلم تاجدارن کي.

٣- گذاريون غير وٽ چو عجز سان ۽ انڪساري سان،
جڏهن آهي خودي حاصل اسان خدمت گذارن کي.

٤- ڏِچڻ وارا نہ آهيون توب ۽ ٻمباز دشمن کان،
فلڪ ڏارڻ جي طاقت ڄاڻ تون قومي پُڪارن کي.

٥- نہ آ پروا اگر دورِ خزان ۾ تيو چمن ويران،
صبائي جاودان لڳندي وطن جي لالہ زارن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ي

٦- نمــايان ليس للانســان اِلا مــا ســعىٰ آهي،
نهوڙيو آهہِ چو پستي اسان غفلت شعارن کي.

٧- مسلمان گر قليل آهن نہ آهي خوف ڪثرت جو،
ڪري هڪڙو مجاهد تو ڇڏي پورو هزارن کي.

٨- اسان مالڪ سڄي دنيا جا آهيون جڳ اسانجو آ،
ڏني فــوقــيت آ خالق اســانجن نامــدارن کي.

٩- اسان آهيون بمثلِ شمس اظهر دهر ۾ ليــڪن،
قبــوليت جو مــادو ڪين آ بوجهل پارن کي.

١٠- ”رشــيدا“ حيــدرِ ڪرار جي نقشِ قدم تي هل،
رکي راضي خدا تو پنجتن جي حبــدارن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذرا ڏيان ڪجي

(فعولن-فعولن-فعولن-فعو)

١- مـــنـــا توتان دل جان قـــربان ڪجي.
گــلا ســان نـہ توکي پشــيــمــان ڪجي.

٢- مــري تنهنجي فــرقت ۾ آهيــان ڇُڪــو،
ڪُنـل کـي نـہ ڪُهـــــجي ذرا ڏيـان ڪـجي.

٣- ڏجي پنهنجي هٿ ســان شــهــادت جو جام،
اِهو پنهنجي مــهــمــان تي اِحــســان ڪجي.

٤- ڪـري زلـفِ پيــــچان جي وصـف و ثـنـا،
ڪَنـو ڪجهــ قـيـامت جو سـامـان ڪجي.

٥- گـــدا وٽ رهين تـــو نـہ اي باد شـــاه!
تہ پيـو ڪيـر آ جنهن کي مـهـمـان ڪجي؟

٦- وڏي ويـو جنـون آهــِ، آيـو بـهــــــار،
هـلي چاڪ پنهنجو گــريبـــان ڪـجي.

٧- نـہ رهـنـديـن چمـن ۾ ســـدا بـاغبـــان!
اجايـو نـہ بـلبـل کـي حـــيـــران ڪجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رديف ي

٨- تواضع کي جڳ ۾ ڪجي آشڪار،
تڪبر نہ هرگز نمايان ڪجي.

٩- ڏجي ڪين ڏک ڪنهن بہ اِنسان کي،
عدو تي بہ هر وقت اِحسان ڪجي.

١٠- فقيري ۾ تسليم اي اهلِ زر.
رِلهي کي بہ تختِ سليمان ڪجي.

١١- هجي ڪين غم جان ۽ مال جو،
نہ ضايع مگر دين و ايمان ڪجي.

١٢- رکن تو سان اُلفت تہ سڀ با خوشي،
نہ زوري تہ ڪنهن کي مسلمان ڪجي.

١٣- بغليگر مونسان ٿي پيشِ رقيب
عيان مهر و اُلفت جو عنوان ڪجي.

١٤- ڪري پن ڇٽن جي محبت کي قطع،
نہ اهڙو ڪڏهن ڪارِ شيطان ڪجي.

١٥- هجي ڪنهن نہ ڪنهن سان محبت "رشيد"،
محبت ۾ دل کي پريشان ڪجي.

# صلواة جو ثواب ملي

(مفاعلن-فعلاتن-مفاعلن-فعلن)

١- اِلهيٰ حشر ۾ مونکي نہ ڪو ثواب ملي.
ملي تہ ساقيءِ ڪوثر ابو تراب ملي.

٢- علي جي وصف ۾ اهڙي ڇڏي وڃان تصنيف،
جو اهڙو جڳ ۾ نہ توصيف جو ڪتاب ملي.

٣- ضرورت آهِ نہ دنيا جي ڪنهن بہ ڏگري جي،
غلامِ حيدرِ ڪرار جو خطاب ملي.

٤- اڳي نہ روزِ قيامت ڪان ننڊ مان اُٿجي،
عليءَ جو وصل سدا گر ميانِ خواب ملي.

٥- عليءَ جي حب سان جنت ملي ٿي پر جڳ ۾،
عليءَ جي حب جو ڇو ٿو ثمر خراب ملي.

٦- ڪپي ٿي رحمتِ موليٰ، نہ روزِ محشر ۾،
اِهو گهران ٿو تہ اعمال جو حساب ملي.

٧- ڪيان سوال سوا تنهنجي ڪنهن کي مان موليٰ،
جناب تنهنجي مان گر ڪين ٿو جواب ملي.

## رديف ي

٨- نبيءَ جي آل سان رک پيار جڳ ۾ تان توکي،
نبيءَ جي آڏو قيامت ۾ رُخ کي آب ملي.

٩- جهان ۾ ماتمِ آلِ عبا ۾ ڳوڙها ڳاڙ،
تہ توکي ساقيءِ ڪوثر هٿان شراب ملي.

١٠- حيا ڪريتو اُهو آلِ مصطفىٰ جو ضرور،
حيا جو ڪنهن کي جي دنيا ۾ تو نقاب ملي.

١١- عليءَ جو خاص لقب جڳ ۾ آهہِ وجہ الله،
عليءَ جي رُخ سان تو ڪٿَنُ روئي آفتاب مِلي.

١٢- نبيءَ ۽ آل نبيءَ جي تي پڙهہ "رشيد" صلوات،
تہ روح تنهنجي کي صلواة جو ثواب ملي.

١٣- ڪيي نہ مونکي تو ايمان عارضي هرگز،
مِلي تہ دولتِ ايمان جو اِنتخاب ملي.

١٤- اجا بہ ڪين تي دنيا حسينؑ کي سمجهي،
ڪو اِعتقاد جو دنيا کي اِنقلاب ملي.

١٥- "رشيد" آلِ محمدؐ سان بغض رک نہ، متان،
نبيءَ کان حشر ۾ توکي نہ ڪو عتاب ملي.

# ڪلامِ "رشيد"

## فرائضِ ساقي

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

۱- اڄي ڪان ڏسجي رفتارِ فلڪ تي تيز اي ساقي.
نہ دورِ زندگي سان ٿيندي صلح آميز اي ساقي.
۲- ڪري ٿو خونِ مسلم نوش ۽ ٿو سرخرو ڏسجي،
فلڪ ريش سفيد آهي بڻيو نو خيز اي ساقي.
۳- قديمي رنگ جي ساقي ڳري منسوخ ڪر چو جو،
رهيو آهي نہ ڪيخسرو نہ آ پرويز اي ساقي.
۴- ڪندو رهہ جامِ غصہ نوش رند صبر گر آهين،
ڪندو ميخوار مئي ڪان ڪيئن آ پرهيز اي ساقي.
۵- جهلي سگهندين نہ ڇلڪڻ ڪان ڇنڊا تو تي اچي پوندا ،
اگر پيمانو تي ويو صبر جو لبريز اي ساقي.
۶- شرابِ خلق جا ساغر پياري دشمنن کي ڇڏ،
عدو ني حق کي بي ڪافي نہ آ مهميز اي ساقي.
۷- ڪري اونڌو سبو کي ڇڏ دلِ مسلم جي وادي ۾،
شرابِ معرفت جي تي وهي ڪاريز اي ساقي.
۸- شرابِ معرفت جي شوق ۽ پير مغان جي سڪ،
ڇڏايو شمس تبريزي ڪان هو تبريز اي ساقي.
۹- "رشيد" آهي پريشان ساقيء ڪوثر جي فرقت ۾،
ٻڌي سگهندين بيان انجو نہ غم انگيز اي ساقي.

ردیف ي

# تصويرِ جانان

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلن)

١- آشڪارِ حسن سان دلبر جي رسوائي هئي.
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ چا پائي هئي.

٢- غير کي عاشق ٿيڻ جي لاءِ سهنجا ئي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ چاپائي هئي.

٣- ڪين هن پرده نشين جي ڪنهن سان گهرائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ چاپائي هئي.

٤- جڳ ۾ ڪئي پرده نشين جي عشق پڌرائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ چاپائي هئي.

٥- هو هيو هڪڙو نہ هن ۾ بوءِ يڪتائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ چاپائي هئي.

٦- ڪفر جي فتوىٰ جي مفتي باهہ پڙڪائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ چاپائي هئي.

٧- هو هيو عيسىٰ صفت هن ۾ نہ گويائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ چاپائي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

٨- هيءَ تصوّر منهنجي جي هِن جڳ ۾ گهٽتائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.
٩- شوخرو جي طبع ۾ هر وقت ٽرڙائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.
١٠- هن جي بدزبني جي سڀ جي وات ۾ وائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.
١١- سر هيس گنجو ۽ پاتي منهن ۾ اُن ڇائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.
١٢- شڪل هن جي سان مشابہ جيوٽي ٻائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.
١٣- غير جي محفل ۾ مجري لاءِ هوءَ آئي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.
١٤- هئي چڱي محبوبہ ليڪن ذات جي دائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.
١٥- هوءَ جڏهن عاشق هئي منهنجي تڏهن مائي هئي،
انِڪري تصويرِ جانان مون نہ ڇاپائي هئي.

❀

# قصيدهٔ مبارڪبادي

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

١- بلبلو صدها مبارڪ جو وري آيو بهار.
پنهنجو اُجڙيل آشيانو ٿي چڪو دارالقرار.

٢- اڄ نويدِ عيش ڪي آندو معطر ٿي صبا،
ٿي چڪو بوٽي خوشي سان ملڪ سارو مشڪبار.

٣- چو نيستان مان نہ نڪرن گرگ و روباه‌وشغال،
جو اچي شيرن وسايو آهِ پنهنجو مرغزار.

٤- نيلِ غم ۾ غرق ٿو ڏيڪارجي فرعونِ وقت،
جو عَصائي عيش سان موسىٰ اچي ٿيو آشڪار.

٥- اڄ خليلِ خلق تان راحت تصدق ٿي ٿئي،
پشہٗ غم سان ويو نمرود سيرت آ شڪار.

٦- ارض سان گڏ آ فلڪ ۾ منظرِ دورِ خوشي،
طائر قبلہ نما پيو رقص ۾ آ بار بار،

٧- ڪشتيءِ اُميد پنهنجي ڪي نہ پهتو ڪو ضرر،
سير ۾ ساحل ڪي آندو پاڻ بحرِ بي ڪنار،

٨- تي چڪـــو آهي مـــبـــدل صـــوتِ اعـــدائي ڪرم،
صــوت انِســاني سندن ٿـو يـائنجي صـوتِ حـمـار.

٩- چو طبـائع مـان نہ ٿـئي زائل عــلالت جو نشــان،
باغِ عَـــالم ۾ جڏهن آهي فِضـــائي خوشگوار.

١٠- چو نہ ٿـئي عَـالم مـسـرت جو بپـا جو ٿي وري،
خيـرپور اِسـتـيـٽ ۾ مـيـرن جي شـاهي اُسـتـوار.

١١- فـاتحِ حق ٿـيـو غلام سـيـد الشـهـداءِ حـسين،
ٿي يزيدِ عــصــر تي لعنت خدا جي بي شـــمـــار.

١٢- ســر نگون ٿـيـا ڪعـبـۂ مـقـصـد ۾ اصنامِ دغا،
ٿـــيـــو وري پيـدا نصـيـبِ پيـر و دُلدل سـوار.

١٣- خيـرپور اِسـتـيـٽ ۾ ٿـيـو ايتـرو جشنِ خوشي،
جو قـريب الموت، ڪم طاقت، ضـعـيف و حـالِ زار.

١٤- غنچـۂ گل مـثل ٿي خوشنود، خندان خوش لقـــا،
تهـنيت خواني ۾ ڪن ٿـــا، لـحن دائودي نثـــار.

١٥- آ چمـن ۾ جا بـجا بـادِ بـهـــــــــاران جو اثـر،
اڄ رياست تي نئين ســـر ٿي عطائي ڪردگـــار.

١٦- مـيـر صــاحب تنهنجي همت ســان وري آئي بهـار،
ناز جي گلشن ۾ ڪو باقي رهيـــو آهي نہ خار.

۱۷- اج عــدو جي واسطي روزِ قــيــامت ٿــيــو بپــا،
جو اوهان جهــڙا حــســيني ٿــيــا اســانجا تاجدار.

۱۸- اج اوهانجي تيغِ همت ســان قــريب الموت ٿــيــو،
چو نہ ٿـئي رنج و تعَب ســان دلِ عــدو جي بي قــرار.

۱۹- اج تحـــيــر ۾ عطارد مـــشـــتـــري زهرو ٿـــيــا،
روئي تابان کي ڏسي، خورشــيــد آهي شــرمـــســار.

۲۰- حق پنهنجو حـــقـــدارن کي ڏياريو آ خدا،
ٿي چڪـو غاصب زمــاني ۾ ڳـهـٽـو رسـوا ۽ خوار.

۲۱- صــد مــبــارڪ اي گلِ نازڪ بهــارن جي فــضــا،
صــد مــبــارڪ تاجِ عــزت ســايئہ پروردگــار.

۲۲- صــد مــبــارڪ صــد مــبــارڪ نورِ ايوانِ ســخا،
صــد مــبــارڪ ســيــرتِ درويش عــالي اِقــتــدار.

۲۳- صــد مــبــارڪ رشڪِ حــاتم ثانيءِ نوشــيــروان،
صــد مــبــارڪ منهنجا مــحــسن پنجتن جا حــبــدار،

۲۴- صــد مــبــارڪ علم ۽ اخلاق جا روشن قــمــر،
صــد مــبــارڪ اي لبــاسِ ســروري ۾ زيبــدار،

۲۵- صــد مــبــارڪ مــخزنِ جود و ڪرم جو ٿي چڪــو،
نظم ۾ درخواست تي مــفلس کي حــاصل روزگــار.

٢٦- مدح خوان تنهنجو فقط هڪ مون نہ آهيان ماستر،
پر سڀجو تعليم ڪاتو ڳائي ٿورا ٿو هزار.
٢٧- ڇا ڪريان دريا دلي بنده نوازي جي ثنا،
ختم ٿيندي ڪين از امروز تا روزِ شمار.
٢٨- غرق ٿيو قارون ۾ آ رشڪِ حاتم حڪمران،
ويو ڪلي بابِ سخا صبح و مَسا ليل و نهار.
٢٩- ڪيترن سالن جا روزه دار آهن ماستر،
عيد واري چنڊ وانگر ٿيو اوهان اڄ آشڪار.
٣٠- شربت امداد سان افطار جنَن روزا ڪريون،
چئي جزاڪ الله في الدارين خيرا بار بار.
٣١- اي اَجها تعليم جا اِستيت ٽيچر جي سدا،
وڏ هجي پر گهٽ نہ ٿئي برٽش جي ٽيچر ڪان پگهار.
٣٢- مرحبا اي "مير احسن" فخرِ شعرائي ڪرام،
مرحبا اي آفتابِ علم جڳ ۾ ڪامگار.
٣٣- مرحبا اي درِ يڪتا اخترِ اوج و ڪمال،
مرحبا اي روحِ عالمگير شاه شهر يار.
٣٤- مرحبا اي جلوهِ رنگين شعاعِ ڪوه طور،
مرحبا اي صورتِ گل عطر بار ۾ لاله زار.
٣٥- مرحبا اي ماهتابِ خلق و احسان و ڪرم،
مرحبا اي برجِ اُلفت صبح تابان جلوه زار.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٦- مرحبا اي صاحبِ اقبال و عَزو اِحترام،
آهِ بزمِ ناز خدمت ۾ اوَهانجي خواستگار.
٣٧- سر پرستي ۾ اوهانجي هڪ رسالو ٿئي عيان،
جنهن ۾ ڪن اشعار شايع شاعران نامدار.
٣٨- پر مدد گهرجي اوهان جي ۽ اوهان تي آهِ فرض،
چو جو بزمِ ناز آهي ناز جو هڪ يادگار،
٣٩- ڪينڪي آهي اوهان جي مدح جو ڪو اختتام،
ڪينڪي آهي دعا ڪي اِنتها ۽ اختصار.
٤٠- پر اوهان جو مدح خوان مدت جو پڻ خادم "رشيد"،
بڻجي منت ڪش ثنا گو شاعرِ مدحت شعار،
٤١- تو گهري درگاهِ ايزد ۾ فقيراڻي دعا،
چو جو عجزِ عاجزان آهي خدا جو افتخار.
٤٢- يا اِلهيٰ جيستائين آ فلڪ تي آفتاب،
تيستائين رک هتي جي مير شاهي برقرار،
٤٣- پيرسن ٿئي عقل ۽ اقبال ٿئي هردم جوان.
مير صاحب جي هجي توقير و عزت پائدار،
٤٤- ساقيءِ ڪوثر سان جيسين ڪين ڪوثر ۾ ملي،
تيستائين ڪين اُلفت جا مٽن نقش و نگار.
٤٥- رسم موجب هار آندا هوندا لکها آدمين،
پيش ڪاغذ ۾ ڪريان تو مون بہ هڪ موتين جو هار.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ ”رشيد“

# مثنوي

## ”ٻه سچار ماڻهو“

(فعولن-فعولن-فعولن-فعو)

١- چون ٿا ته هڪڙو هو ماڻهو غريب.
صداقت جو سلطان ۽ خوش نصيب.

٢- ڪيائين ٿي محنت، مشقت تمام،
نه هو ڪنهنجو محتاج نوڪر غلام.

٣- وٽس چار ڏوڪڙ جڏهن گڏ ٿيا،
تڏهن شڪر اُن لک خدا جا ڪيا.

٤- ڪيائين اِهو پنهنجي دِل ۾ خيال،
ته پئسن کي جلدي اچي ٿو زوال.

٥- ڪيان چو نه هڪڙي ٻنيءَ دستياب،
ته عزت ٿئي جڳ ۾ حاصل شتاب.

٦- ڏئي هڪڙي ماڻهو کي ناڻو جهجهو،
خريديائين ٻارو ٻني جو سگهو.

٧- ڪيو ڪيس خالق ٻنيءَ جو ڏٽي،
ٻنيءَ سان لڳو ڪرڻ محنت گهٽي.

٨- وجي پـــاڻ اُن ۾ ڏنــــائــــين ٿـــي هـــر،
وهـايـائـين پـنـهـنـجو ٿـي اُس ۾ پـگهـــــــر.

٩- خدا جي بـہ ڏســـجي ٿي قـــدرت عـــجيب،
جو بيـــڪس ڪي دولت ڪري ٿـــو نصـــيب.

١٠- ڇڏيـو هـر ٿـي هـڪ ڏيـنـهـن اُن سـج لَٿـي،
تـہ اَٿـڪـي پـئـي هـر جي چوني ڪـٿـي.

١١- اُنهـيءَ مـــهل ڪوڏر ڪنيـــائين شـــتـــاب،
۽ ڪــــوٽـڻ بـنـيءَ کي لـڳـو بـي حـــجاب.

١٢- اُهـو هـنڌ ڪـــوٽـيـــائين جـــتَـن زود تـر،
تـہ دنـيـــــا جي هـڪ ديـگ آيـس نـظـر.

١٣- هـيـــو هـو شـــرافت امـــانت پسـنـد،
مــروت ۾ مـمـــتـــاز ۽ هـوشـــمـنـد.

١٤- ڪيـــائين سـگهـــو پنهنجي دِل ۾ خيـــال،
تـہ مـــون لاءِ هـي ديـگ نـاهـي حــــلال.

١٥- مــون قـــيـــمت بـنـيءَ جي ڏنـي آ رکـو،
نـہ هـن ديـگ ســـان ڪـو اَٿـم واسـطـو.

١٦- سـکڻ مـــونکي سچ جو جڳائي ســـبق،
اِهـا ديـگ آ اصـلـي مــــالـڪ جو حـق.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧- وچي ڪيس واقف ڪيان تو اِجهو،
ڪٺائي وچي ڏيگ پنهنجي سگهو.
١٨- ڪري اهڙي ڳڻ ڳوت دِل ۾ تمام،
وڃي اُنجو هڪدم ڪيائين سلام.
١٩- ٻڌايائين اُن کي سڀجي واردات،
چيائين تہ اي نيڪ عالي صفات!
٢٠- سگهو تيءَ وڃي ڏيگ پنهنجي ڪٺاءِ،
خيانت جي خطري کان مونکي بچاءِ.
٢١- مگر هي ٻہ هو ڪو وڏو ديندار،
عبادت جو عادي ۽ پرهيزگار.
٢٢- ڪيائين انهيءَ شخص سان هي ڪلام،
تہ دولت هجي تنهنجي هردم غلام.
٢٣- ٻنيءَ تو ڪئي آهِ مون کان خريد،
لکيل آهِ وکري جي مون وٽ رسيد.
٢٤- ٻني آ تو مون کان خريدي وتي،
اِها ڏيگ پي تنهنجي آ سنئين سڌي.
٢٥- اِها ڏيگ مون لاءِ آهي حرام،
فقط آهِ تو لاءِ جائز مدام.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۶- هيو شهر ساڱئي ۾ هڪ بادشاه،
عدالت جو صاحب ۽ عالم پناه.

۲۷- سدا بيڪسن جو مددگار هو،
فقيرن غريبن جو غمخوار هو.

۲۸- اچي پهتا اُن وٽ اِهي ٻئي سچار،
چيائون تہ اي شاه عالي وقار.

۲۹- اسان لاءِ تي آهِ مشڪل بپا،
خدارا تيو اُن جا عقده ڪُشا.

۳۰- اسان مان نہ هي ديگ تو کو ڪٽي،
نہ بيجا تصرف تو ڪنهن ڪي وٽي.

۳۱- ٻُڌي حال هرهڪ جو تفصيلوار،
ڪيو امر پنهنجو سگهو آشڪار.

۳۲- جڏهن شاه هرهڪ جو قصو ٻُڌو،
تڏهن ڪيس ڏاڍو تعجب لڳو.

۳۳- ڪري دل ۾ ڪجهه وقت ڳڻ ڳوت شاه،
ٻنهي ڏانهن ڦيريائين پنهنجي نگاه.

۳۴- چيائين تہ اي نيڪ صاحب ڪمال،
ٻُڌان تو ٻنهي کان مان هڪڙو سوال.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٥- اوهان ماڻهو پيا ڪنهن کي اولاد آهي،
خدا جو تنهن سان امداد آهي.
٣٦- چيو هڪڙي اي شاهه بالِ هما!
خدا مونکي هڪ پٽ ڪيو آ عطا.
٣٧- چيو پٽ تہ اي صاحبِ تاج و تخت،
رکان ٿو مان هڪ دخترِ نيڪ بخت.
٣٨- ٻنهي جا ٻُڌي شاهہ دوران جواب،
ٿيو شاد دل پنهنجي ۾ بي حساب.
٣٩- چيائين ٻنهي کي تہ اي صاف گو،
ٻُڌو هاڻي منهنجو سچو فيصلو.
٤٠- رکي هڪ اوهان مان ٿو پٽ پارسا،
تہ آ ٻئي کي هڪ دختر مهہ لقا.
٤١- ٻنهي جو اسان ٿا پڙهايون نڪاح،
اها ديگ ٿئي جنَن اُنهن کي مباح.
٤٢- کٽي ديگ دنيا جي ٻئي گهر وڃن،
دعائون اوهان کي سچي عمر ڪن.
٤٣- ٻُڌي شاهہ دوران جو هي فيصلو،
ٻنهي آمنا ۽ صدقنا چيو.
٤٤- سچائي سان شهرت ڪيائون خريد،
سندن اج بہ ڳائي ٿو نيڪي "رشيد".

## مسدس

### ساعتِ سعيد (بموقعہ حصولِ پاڪستان)

(مفعول-فاعلاتن-مفعول-فاعلاتن)

١- باغِ خوشي جي اندر بڌجي ٿي خوش ڪلامي.
بادِ بهار جي ٿي هر شاخِ گل سلامي.
آزاد ٿي قفس مان آيا پکي اُڏامي،
هرڪو رها ٿيو ڏسجي ۽ ختم ٿي غلامي.
اڄ بلبلن جي خاطر گلشن ۾ عيد آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

٢- وحدت جو هر مسلمان ميخوار اڄ ڏسان ٿو.
باطل کان اُن کي بالڪل بيزار اڄ ڏسان ٿو.
عشقِ خدا جو اُن وٽ آزار اڄ ڏسان ٿو.
ڪار خدا جو اُن کي مختار اڄ ڏسان ٿو.
گويا اُنهن ڪئي اڄ رحمت خريد آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

٣- گهرجي نہ اڄ ٿي عزت گهرجي نہ اڄ ٿي عظمت.
گهرجي نہ اڄ ٿي هرگز دنيا ۽ مال و دولت.
گهرجي فقط محبت اِخوان لئي اُخوت.

شبير مثل گهرجي مسلم کي تي شهادت.
شڪرِ خدا جو اهڙي حالت پديد آهي.
مدت ڪان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

۴- تيو آ رڱن ۾ موتي حيدر جو جوش پيدا.
اسلاف جهڙا آهن تيا سرفروش پيدا.
شهدا جي مثل آهن تيا سرخپوش پيدا.
تيو هر دماغ ۾ آ شاهي جو هوش پيدا.
احڪامِ دين سان رنگين دورِ جديد آهي.
مدت ڪان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

۵- دينِ خدا جو "حامي" سارو جهان تو ڏسجي.
ساري جهان سان گڏ ڪون و مڪان تو ڏسجي.
ملت جي لاءِ هرڪو اڄ جانفشان تو ڏسجي.
هندوستان ۾ پيي پاڪ آستان تو ڏسجي.
آزادگي جي تي وئي حاصل رسيد آهي.
مدت ڪان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

۶- شانِ خدا جو مظهر آهي بڻيو زمانو.
عرشِ خدا تو ڏسجي مسلم جو آشيانو.
آهي زمين تي پنهنجي عزت جو آستانو.
برباد تي چڪو آ باطل جو ڪارخانو.

انڌي کي نورِ حق جي حاصل ٿي ديد آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

٧- همت سان پنهنجي باطل برباد اڄ ڏسون ٿا.
هر واديءِ حقيقت آباد اڄ ڏسون ٿا.
قيدِ قفس کان بلبل آزاد اڄ ڏسون ٿا.
ناشاد ڪوبہ ڪونهي سڀ شاد اڄ ڏسون ٿا.
ٿي رنج ۽ اَلم جي مٽي پليد آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

٨- بلبل جو نالئہ غم ٿيو مٺجي خوش بياني.
قيدِ قفس ۾ آهي حاصل ٿي ڪاماراني.
ٿي ڪاماراني گويا قيدِ قفس جي ڏاني.
محڪوم ٿي ڪئي سين هٿ پنهنجي حڪمراني.
ٿي پنهنجي عيد دشمن نذر-و عيد آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

٩- وحدت جي راهہ اندر جنهن آهہ پير پاتو.
اُن آ لکاڻي ورتو خلدِ برين جو ڪاتو.
مدت کان بعد مسلم آ پاڻ کي سڃاتو.
پنهنجي خدا سان جوڙي آ ويٺو خوب ناتو.
جنهن جي گواه آيت حبل الوريد آهي.

مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

١٠- آهي ازل کان رهبر شاهِ حجاز پنهنجو.
جو چاره ساز آهي ۽ دلنواز پنهنجو.
آ پاڪباز پنهنجو ۽ بي نياز پنهنجو.
هو بي نياز آهي آ اُن تي ناز پنهن جو.
ڪئي ڪاميابي جي اُن هٿ ۾ ڪليد آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

١١- وحشت نما تي ڏسجي حالت عدو جي گهر جي.
طاقت وجي تي گهٽبي بدبخت جي نظر جي.
هو پيروي ڪري ٿو بانيءِ شورو شر جي.
ڪئي پيروي اسان آ اُن شاهِ بحر و بر جي.
ٿيو ڪربلا جي اندر جيڪو شهيد آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

١٢- طبعِ روان ۾ اهڙي ڏسجي تي اڄ رواني.
جو صوت هوندو باقي گر آ زبان فاني.
موتي سخن جا آهن ارزان نہ آ گراني.
باغِ سخن اسانجو آ باغ جاوداني.
نغمہ سرا منجهس ٿيو بلبل "رشيد" آهي.
مدت کان بعد آئي ساعت سعيد آهي.

❁

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حضرتِ مزدور

(مفاعيلن-مفاعلين-مفاعيلن-مفاعيلن)

۱- رهان باڪار ٿـو بيـڪـار ٿي هرگـز نـہ گـهـاريان ٿـو.
مـصـيبت جا جبل محنت جي تيشي سان ڏاريان ٿو.
ڏيان پين کي تـــو عـــزت پاڻ ذلت ۾ گـــذاريان تـــو.
تصـــدق جان آهي ســـر بہ پنهنجو ڪين واريان تـــو.
جـهان کي عيش ڏيندڙ درد سان پرپور مان آهيان.
شــهنشاهِ مـصـيـبت حـضـرتِ مـزدور مـان آهيـان.
۲- بُري ٿي نوڪري سيپ ڪـان اتم واپار تـــو پـانيــان.
ڪيـان واپار ڪٿي جو پاڻ کي نادار تـو پـانيـان.
پنڻ کي ڪارِ شـيـطان ۽ فـريبي جار تـــو پـانيـان.
انهيءَ سبـبان نـہ مزدوري کان هرگز عار تو پانيان.
ڪندو تسليم پالڻـهار کي مـشـڪـور مـان آهيـان.
شـهنشاهِ مـصـيـبت حـضـرتِ مـزدور مـان آهيـان.
۳- مـراحل ڪين دنيـا جا ڪـڏهن دشـــوار تـو پـانيـان.
ڪـڏن ڪـوين پـٽن جي راه کي هـمـوار تـو پـانيـان.

## ڪلامِ ”رشيد“

گلستانِ ارم هر واديءِ پُرخار تو پانيان.
غلامي غير جي کان پاڻ کي بيزار تو پانيان.
خوشامد جي ٽڪر کائڻ کان بالڪل دور مان آهيان.
شهنشاهِ مصيبت حضرتِ مزدور مان آهيان.

۴- خدا بازو ڏنا آهن هنر پنهنجو هلايان تو.
مشقت ۾ مران تو ۽ جگر پنهنجو جلايان تو.
اَلم ۾ مبتلا ٿي خلق کي غم کان ڇڏايان تو.
”رشيدا“ مثلِ زارع سڀ کي مان روزي رسايان تو.
ڪڏهن پنهنجي ڪمائيءَ تي نہ ٿيو مغرور مان آهيان.
شهنشاهِ مصيبت حضرتِ مزدور مان آهيان.

۵- ميسر قوم کي منهنجي ڪري عزت ۽ دولت ٿي.
حڪومت ٿي، فضليت ٿي، شرافت ٿي سعادت ٿي.
عنايت ٿي، ڪرامت ٿي، سخاوت ٿي ۽ صولت ٿي.
جئڻ ۽ مرڻ منهنجو ويو عبادت ٿي شهادت ٿي.
گليمِ چاڪ ۾ پنهان حقيقي نور مان آهيان.
شهنشاهِ مصيبت حضرتِ مزدور مان آهيان.

# آسيرانِ قفس جو دم

(مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن-مفاعيلن)

١- اي شاعر تنهنجو هٿ جي ڪين آ تلوار تي پهتو.
تہ وارو ڪر اثر خنجر جو آ اشعار تي پهتو.
٢- نڪو ڪاري سان توکي ڪين ڪاذب ٿو سڏي قرآن.
عتاب ايزد جو آهي شاعرِ بدڪار تي پهتو.
٣- نہ چڏ گرگِ سفيد آڏو ڪڏهن ڏڻ قوم پنهنجي جو.
ستم ٻڪرين تي جي پهتو تہ ڄڻ ٻڪرار تي پهتو.
٤- صدف جي آبرو کهڙي اگر گوهر نہ آ اُن ۾.
جو شاعر بي عمل آ سو عذاب النار تي پهتو.
٥- ستم آ موسمِ گل ۾ بہ زندان کان نٿو نڪري.
خدا جو قهر آهي بلبلِ بيمار تي پهتو.
٦- حريت جي بهار آئي غلامي جي قفس اندر.
ستم صياد جو بلبل جي جسمِ زار تي پهتو.
٧- خزانِ سان گڏ جڏهن وارد ٿيو صياد گلشن ۾.
اسيرانِ قفس جو دم لبِ منقار تي پهتو.
٨- سخندان جي بدولت خود سخندان ٿي چڪو آهين.
سخن تنهنجو "رشيد" احمد وڏي معيار تي پهتو.

# ٻاونجاهہ اکري مسدس

(فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلاتن-فاعلات)

## الف

اي مـنـا دنيـا ۾ مـونکي ڪجهہ نہ ٻيـو درڪار آ.
تنهنجو ئـي دارين ۾ گـــهـــربو فـــقـط ديدار آ.
تـون دِلا ســـــــو دل جو آهين تـنـهـنجو ئـي آذار آ.
چئـو "رشـيـدا" تو بنا ڪوئي نہ ٻيـو غمـخوار آ.
آهِ هردم تانگهـــــتن ۾ اچ سـگهـــو اي دلربا.
تا قـيـامت گـڏ گـذاريون ڪين ٿي مـون کـان جدا.

## ب

ٻُت ٻري ٿــو باهہ وانگر هجر تنهنجي ۾ حـــبـيب.
تون مـــنـــا منـنـــار آهين درد وارن جو طبـــيب.
غــير جي عزت کان سمجهان تنهنجي ٿو ذلت عجيب.
چئـو "رشـيـدا" باغِ اُلفت جو مـان آهيـان عندليب.
يا اِلـهيٰ دورِ فـــــرقـت ۾ اچي ڪو اِنـقـــــلاب.
دستِ جانان کـان پيـان مـدهوش ٿي جامِ شــراب.

## ٻ

ٻاجهه ڪر تي ٻاجهه وارو ڪين ڏي منٺار چڙٻ.
دل جي راحت آ دلاسو آ مگر آزار چڙٻ.
خنجرِ فولاد ڪان آهي تکي تلوار چڙٻ.
چئو ”رشيدا“ اِنڪري هرگز نه ڏي اي يار چڙٻ.
ٻئي جي چئي تي ڏي نه مونکي دلربا دڙڪا ۽ داٻ.
ڏي ٻيلي گر تو ڏني مون ۾ خطا دڙڪا ۽ داٻ.

## ٻپ

ٻيچ نه ٻير و يار مونکان دور ڪر آزار سپ.
تو تان مان صدقي ڪيان سنسار جا سينگار سپ.
تنهنجي لئي دنيا جا مون آهن ڇڏيا ڪم ڪار سپ.
چئو ”رشيدا“ مون ڪان تي پنهنجا ٻه ويا بيزار سپ.
سونهن پنهنجي جي سخا ڪر ڏي ڇڏي لالچ ۽ لوڀ.
سک سخاوت ڏوڙ ۾ هڪدم گڏي لالچ ۽ لوڀ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلامِ "رشيد"

### ت

تو بنا اُوندهہ ڏسان تو ڏينهن ڪي يايا نتو رات.
تون رهين تو خوش مگر مون لاءِ آهي مشڪلات.
ناهِ اشڪن کان زياده آبِ دجلہ ۽ فرات.
ڏي "رشيد احمد" کي سهڻا حسن پنهنجي جي زڪوات.
مون ازل جي روز کان لائي تو دلبر سان پريت.
اڄ جدائي ۾ تو ڳايان درد جا گانا ۽ گيت.

### ٽ

تو ڏسان خالي اڱڻ پر منهنجو آ دلدار ڪٽ.
جُوءِ جانب وبو چڙي آهي سندس گفتار ڪٽ.
ناهہ جون ڳالهيون ڪٽي ۽ آ سندس تڪرار ڪٽ.
چئو "رشيدا" دوست پنهنجي جو ڪيان ديدار ڪٽ.
بحرِ فرقت ۾ ٻڏان تو من ڏئي دلدار هٽ.
آيدِ بيضا سچي سردار جو غمخوار هٽ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٺ

ٺوڪ بازي ٺي ٺـــــئي گـــــهـــــاريان وجي دلدار وٺ.
درد مـــان دانهـــون ڪيـــان ٺـــو ناهه ڪو بيـــمـــار وٺ.
آهِ دردن جي دوا مـــــحـــــبـــــوب ۽ منٺـــــار وٺ.
جلد ڊوڙي وڃ "رشـــيـــدا" ســـونهن جي ســـردار وٺ.
ڪر وڃي مـــقـــصـــود حـــاصل راه مـــان هرگـــز نـه مـــوٽ.
نـيـنهـن ۾ نـروار ٿـي ۽ چاڙهـه پـنهـنجو عـــــشق چوٽ.

## ٿ

نـاهـه جون ڳالهـيـون ڪري دلبـر مـجائيندس مـان نيٿ.
عـــشق پنهنجي کي ٽڪـــو لائڻ نـه چاهيندس مـان نيٿ.
هجر جي آزار کـي آرام پـــــائـيـنـدس مـــــان نـيـٿ.
يار سـان گـڏجي "رشـيـدا" عـيش مـاٽيندس مـان نيٿ.
خلق جي ٽوڙي هجي منهنجي پنـــيـــان ســـو وار جُٿ.
تان بـه پنهنجي دلگهـــرئي دِلدار کي ڏيـنـدس نـه پُٺ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ث

ثابتيون مون تي صفا ڪوڙيون ڏري وينا خبيث.
دوست کان مونکي ڪري بالڪل پري وينا خبيث.
ڪيڏ ڪيڏي پاڻ کي راضي ڪري وينا خبيث.
چئو "رشيدا" يار کي مون تي يَري وينا خبيث.
هاءِ قسمت ڪئي رقيبن آ فريبي الغياث.
مون تي آ نازل ٿيو آزار غيبي الغياث.

## پ

پُٽ نہ ڏيندس توکي پيارا غير جو آهي نہ ڪپ.
جي دوا ڏيندين نہ دلبر تان ڪڏهن ٿرندا نہ ٿپ.
تنهنجي غصي جو ئي يَو آ بئي جو ڪونهي ڊاءُ ڊپ.
اُت "رشيدا" يار جي پاسي ۾ ماري ويهہ مَپ.
يار جي مجلس ۾ ويهي رهہ ڪري بسيار چُپ.
سچ پُڇين تان آهِ تو لئي باعثِ ديدار چُپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ق

قٿ اِهي هرگــز نہ چٽندا بدگـــمــان ٽـــورو نہ ٿڦ.
ڇڏ خوشـــامــد چاپلوسي جو بيـــان ٽـــورو نہ ٿڦ.
وڃ رقـــيـــبــا! بند ڪر پنهنجي زبان ٽـــورو نہ ٿڦ.
ڇٽو ”رشـيدا“ وڃ هليـو ۽ ڇڏ مـڪان ٽورو نہ ٿڦ.
ڦُـــوڪ آتش قلب جي ٻاهر نہ ڪڍ دلگيــــر ٻاق.
قلب آ ٽامـــــو ۽ اُنجي لاءِ آ اِڪســــيـــــر ٻاق.

## ج

جو ٻـٽــيــو هـمـدرد هو تنهن آ رســـايو نيٺ رنج.
هاءِ مـــونـکي عـــيش بدران آ ســتـــايو نيٺ رنج.
جان ڪـــان بي جان مـــونـکي آ بنايو نيٺ رنج.
عـــشق ۾ مـجنون ”رشـــيـدا“ آ سـڏايو نيٺ رنج.
پنهنجي نوڪر نينهن جي جو ڪر اڇي دلبر عـلاج.
غيـــــر کي آزي ڪرڻ ناهي اصــــيـلن جو رواج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ج

جاڻ پنهنجو پاڻ کي اغيار ڏي هرگز نہ ڀڄ.
جهنگ جهر آباد ڪر بازار ڏي هرگز نہ ڀڄ.
عشق ۾ بدنام تي سينگار ڏي هرگز نہ ڀڄ.
ڪم بنا هر هر "رشيدا" يار ڏي هرگز نہ ڀڄ.
سچ ٻڌائي ڏي سڄڻ کي ڪين ڪر اُنکان تون لڄ.
دوست جو خادم بڻي ديدار مان شب روز رڄ.

## جهہ

جهٽڪ ۽ ڪاوڙ جي عادت آ مٺي منٺار منجهہ.
تلخ گوئي جو نمونو آ سندس گفتار منجهہ.
ڪين آهي فائدو اُنجي ڪيل اِقرار منجهہ.
اي "رشيد احمد" تو آهي ڇا ڏنو ٻيو يار منجهہ.
مون ڏنو دلبر ۾ جيڪي ٻئي ڏنو آهي نہ ڪجهہ.
يار جي گفتار کان وڌ ٻيو مِٺو آهي نہ ڪجهہ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ج

وڄ هليـــــــــو دلدار ڏي دِلدار ڏاران آهِ سُڄ.
هن ســـجي سنســـار ۾ ســـردار ڏاران آهِ سُڄ.
بـاغ ۽ بـازار ۾ مـنـتــــــــــــار ڏاران آهِ سُڄ.
وڄ ”رشـــيـــدا“ يار ڏي جو يار ڏاران آهِ سُڄ.
غيـــر جا سڀ تـوڙ ناتا جلد ٿيءُ دلبـــر ڏي وڄ.
سر وڃي تان مر وڃي ليڪن سڄڻ سرور ڏي وڄ.

## چ

چُپ ڪرڻ بي ســـود آ من ۾ ٻرن ٿـــا روز مچ.
درد جون دانهـون ٻُڌي مـون ڏي مـنـا هڪـوار اچ.
دل ۾ چِڏ ديرو جمـــائي روح منهنجي ۾ تون رچ.
سڪ ”رشـيدا“ عـشق بازي نينهن ۾ نانگو ٿي نچ.
دل اڙائي يار ســـــان دلدار کي دل ۾ تـون جاچ.
عـــشق جو طبلو ڪـــٽي ڪر نينهن جو نروار ناچ.

## ڇ

ڇا ڪندا اغيار توکي بيوقوفن سان نہ ڪُڇ.
تن جي آڏو ڪين وڃ جو ڪجهہ پڇين دلبر کان پُڇ.
ڀاڪ ڀاهر ڪين ڪڍ اندر ۾ پنهنجي وينو لُڇ.
يار کي پنهنجو ڪري خوش ٿي مروڙي ويهہ مُڇ.
صاف ڪر سينو "رشيدا" ڄاڻ من پنهنجي کي اڇ.
قرب جو ڪانو ڪٽي تون عشق جو ميدان ڪَڇ.

## ح

حال اورڻ يار سان آ غير جي عادت قبيح.
غير کي پيارو گهرڻ دلدار کي ناهي صحيح.
عشق جي دفتر ۾ آهي هي سبق بالڪل صريح.
پڙهہ "رشيدا" عشق جا مضمون جي آهن فصيح.
عشق کان پڇندين اگر تان عشق ڏيندو هي صلاح.
يار جي مرضي بنا پيو ڪم نہ آ توکي مباح.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خ

خوف ڪنهنجو ڪين ڪر تون ڏس وچي دلبر جو رُخ.
جو ڪپي توکي سو آهي سونهن جي سرور جو رُخ.
مت نه آ مننار جي شمس و قمر اختر جو رُخ.
چئو "رشيدا" تو ڪپي مونکي رُخِ انور جو رُخ.
آ حنا جي مثل منهنجي گلبدن جو رنگ سُرخ.
خونِ دل سان آ ٿيو منهنجي بدن جو رنگ سُرخ.

## د

دل جو دلبر تو ڪپي آهي اِها دِل جي مُراد.
جنهن جي شيرين گفتگو مان ٿو اچي شيرين سَواد.
دل ڪان وسري ڪين ٿو هر وقت آهي يار ياد.
چئو "رشيدا" درد جو ڏيندو فقط دلبر ٿي داد.
يار جي پاران ڏنو آ دل کي تحفو داغ درد.
دل جي دنيا ۾ محبت جو بڻيو آ باغ درد.

## ڏ

ڏوڙ پائي اچ رقيبن آ ڪيو جاري ڪروڌ.
ڪن ٿيا ٻوڙا ۽ ٻُت تي آهِ ٿيو ڀاري ڪروڌ.
يار وٽ پهچڻ نہ ڏئي ٿو آه ۽ زاري ڪروڌ.
يار خاطر سهہ رقيبن جو تون "لاشاري" ڪروڌ.
اي ڳهيلا هوش رک بيدار ٿي هي ڳالهہ ٻُڌ.
مِل اڪيلو يار سان اغيار کي ڏي ڪين سُڌ.

## ڏ

ڏک اٿم جو ڪين آهيان دلگهرني دلبر سان گڏ.
شل جدائي ڪين ٿئي هردم هجي گهر گهر سان گڏ.
پيو گهمان هر هر خوشي مان سونهن جي سرور سان گڏ.
ٿئي "رشيدا" شل عطا مئي لال اچ ساغر سان گڏ.
گر سوين ٽڪرا ٿئين تہ بہ يار کي هرگز نہ ڇڏ.
يار جي ويجهو اچڻ اغيار کي هرگز نہ ڇڏ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊ

ڊوڙ پائي يار ڏي وڃ تي سڄڻ سان ڪير ڪنڊ.
ڇا ڪندي توکي رقيبن جي اجائي ڇاڻ ڇنڊ.
ڦٿ ملامت ٽوڪبازي آ مليو دلبر ڪان ونڊ.
دوست جي مٽ تيو "رشيدا" ڇوڏهين جو ناهہ چنڊ.
تي سِڏو سهٽي سان هل دلدار کي ڏي ڪين ڪنڊ.
تي پلي بدنام جڳ ۾ پل پوي اُلفت جو ڏنڊ.

## ڍ

ڍنگ سان پنهنجي رقيبن کي سگهو محفل مان ڪڍ.
دل ۾ جو مطلب اٿئي سو قرب جي ڪامل مان ڪڍ.
الفتِ اغيار تون فوراً دلِ بسمل مان ڪڍ.
عشق جو جذبو "رشيدا" ڪين پنهنجي دِل مان ڪڍ.
ڪير چوندو جو ڪيو مون سان حبيبن آهہ ڏاڍ.
پر سيئي چوندا ڪيو تو سان رقيبن آهہ ڏاڍ.

## ڪلامِ "رشيد"

### ذ

ذوقِ ديدار آهِ، آ عــــــرقِ بدن تـنـهـنـجو لـذيـذ.
عـيش و عـشرت ڪـان اتم رنج و محن تنهنجو لذيذ.
آهِ دڙڪو مـونکي اي شـيـرين دهن تنهنجو لذيذ.
چئو "رشـيدا" آ گهـٽو شعر و سخن تنهنجو لذيذ.
تو مـــني منـنـــار جي مـــونکي مـــحـــبت آ لذيذ.
تنهنجي لئي مـــونکي رقـــيبن جي عـــداوت آ لذيذ.

### ر

رُس نـہ مـــونڪان دلربا، مـــونکي نـہ هرگـــز ڌار ڪر.
پنهنجي خدمت ۾ رهڻ ڏي پنهنجو خدمـــتگار ڪر.
مـون گـهـران ديدار توڪـان تون نہ ڪو اِنڪـار ڪر.
چو رهين تـو چپ "رشـيـدا" ڪانہ ڪا گـفـتـار ڪر.
تنهنجي لوري تنهنجي جهـوري آهِ تنهنجو اِنتظار.
مِلُ اچي اي دلـربا تـان دل جو ٿـــــئي زائـل بخار.

## ڙ

اڙ نہ ڦٿي جي دام ۾ هڪ گلبدن کان منهن نہ موڙ.
پل ٽڙن ٽوڪي حَسين ۾ تون اُنهن کان منهن نہ موڙ.
عشق جو بلبل ڦٿي غم جي چمن کان منهن نہ موڙ.
ڪر "رشيدا" سر فدا نازڪ بدن کان منهن نہ موڙ.
ڪنهن جڳهہ ويهي نہ رهہ سندرو ٻَڌي دلبر ڏي ڊوڙ.
عشق جي ميدان ۾ پنهنجا عَلم تي مرد ڪوڙ.

## ز

زندگي کان آهِ مونکي يار جي اُلفت عزيز.
لذتِ دنيا کان آهي سوز ۽ فرقت عزيز.
پيار غيرن جي کان آهي يار جي نفرت عزيز.
چئو "رشيدا" آ فقط دلدار جي صورت عزيز.
ڪر خداوندا تون هن منهنجي حياتي کي دراز.
تان ڪيان دلدار جو روزِ جزا تائين نياز.

## ڪلامِ "رشيد"

### س

ســـوزِ فـــرقت ۾ هـمــيــشــ آهِ منهنجي دل اُداس.
درد مـــان دانهـــون ڪيـــان ٿـــو وصل جو آهي هراس.
دلربا ڏي جامِ اُلـفت دل ڪي هـر وقـت آهِ پيــــــاس.
قــرب پنهنجو ڪين ڇڏ ڪر ڪو مـنـا مـون تي قـيـاس.
ڪٿَن اچي تو سـان مِـلان منهنجو هلي ٿـو ڪونہ وس.
جيــڪــڏهن تو سـان مليس پورو ٿـيــو مـقـصـود بس.

### ش

شـــــــــــــوق آ ديـدار جو دلـدار جي آهـي تـلاش.
من مـــلان منتـــار ســـان منتـــار جي آهي تلاش.
راز مـــحـــرم ناهِ ڪو غمـــخوار جي آهي تلاش.
چئـــو "رشـــيـــدا" تو يگاني يار جي آهي تلاش.
دل اُداسي آ هـمـــيـــشـــ گلبـــدن جي آ ڪشش.
ديـــد آهـــي راه ۾ آهـــو ختن جي آ ڪـــشـــش.

## ص

صاف دل سهڻا اچي ڪر سوزِ فرقت مان خلاص.
ڪر رقيبن روسياهن جي عداوت مان خلاص.
مون سان تون راضي اچي ٿي ڪر خجالت مان خلاص.
چئو "رشيدا" مِل اچي يا ڪر محبت مان خلاص.
اي منا آهيان سدا ديدار تنهنجي جو حريص.
تنهنجي اُلفت ۾ ٿيس سينگار تنهنجي جو حريص.

## ض

ضعف دل ۾ آ هميشه آهِ فرقت جو مَرَض.
آ لڳل تنهنجي جدائي جي مصيبت جو مَرَض.
موت کان آهي زياده دردِ اُلفت جو مَرَض.
چئو "رشيدا" آ رقيبن جي عداوت جو مَرَض.
دور ڪر سڀ درد و غم ديدار جي آهي غرض.
چا ڪندس اغيار کي تو يار جي آهي غرض.

# ڪلامِ "رشيد"

## ط

طوق وجهـــ پانهپ جو ڳل ۾ ڄاڻ عـــزت ڪي غلط.
دردِ اُلـفـت ۾ قـــــــدم رک ڄاڻ راحت ڪـي غـلـط.
ڦٿ مـــــــلامت تي ٻنائي زيب و زيـنـت ڪـي غـلـط.
سڌ "رشـــيـــدا" غيـــر جي لطف و عنايت ڪي غلط.
ڪر اُهو پورو جو تو آهي ڪيــو دلبـــر ســان شـــرط.
منهن نہ موڙيندس ڪڏهن آ تنهنجو هي انور سان شرط.

## ظ

ظالـمـا مـــونکي چوين تـــو تنهنجي عـــادت آ غليظ.
تـــو ٻُڌاياڻ سچ مـــان توکي تنهنجي صـــحـــبت آ غليظ.
تـــو پـــرين دلدار کي تنهنجي حـــقـــيـــقت آ غليظ.
چئو "رشـــيـــدا" ٻُڌ رقـــيـــبا تنهنجي فطرت آ غليظ.
تـــو ڏني مـــونکي مـــنـي منتـــار جو ديدار حظ.
آ ڏنو سـڀ ڪـــان زياده يار جي گـــفـــتـــار حظ.

## ع

عشق دلبر دوست جي ۾ جان گدازي ٿي شروع.
مون سان شوخي ۽ عدو سان دِلنوازي ٿي شروع.
بي وقوفن جي سڄڻ وٽ سرفرازي ٿي شروع.
چئو "رشيدا" هجر ۾ اڄ شعر سازي ٿي شروع.
دل ڪسي بيدل ڪري دلدار چئي ويو الوداع.
باغِ دل ويران ٿيو ۽ يار چئي ويو الوداع.

## غ

غلغلو آ جڳ ۾ هي تون حسن جو آهين چراغ.
سونهن تنهنجي کي ڏسي دل منهنجي ٿي آ باغ باغ.
سوز فرقت کان ٿيو سينو سڄو آ داغ داغ.
روح راَڙي کان "رشيدا" آهه ٿيو خالي دماغ.
هجر تنهنجي ۾ ٿيو آ عقلَ جو حيران مرغ.
باهه فرقت جي ۾ آهي دل جو ٿيو بريان مرغ.

## ف

فائقا اڄ طالبِ ديدار ٿيو آهي ضعيف.
ڪر عنايت برهه جو بيمار ٿيو آهي ضعيف.
حسن جي خيرات ڏي پينار ٿيو آهي ضعيف.
تنهنجو هي نوڪر سهي آزار ٿيو آهي ضعيف.
دير هرگز ڪين ڪر ڏيکار صورت صاف صاف.
آهِ راحت دل جي تو دلبر جي مورت صاف صاف.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ق

قرب پنهنجو ڪين ڇڏ تي دلربا مون سان شفيق.
آسرو دل جو تون آهين توکي پايان تو رفيق.
غرق آهيان درد ۾ آ درد جو قلزم عميق.
آ "رشيدا" عشق جي اسرار جي معنىٰ دقيق.
تو پڙهان دلدار وٽ عشقِ مجازي جو سبق.
عشق مان حاصل ٿيو آ شِعر سازي جو سبق.

## ڪ

ڪونہ آ دلدار منهنجو آ مگر دلدار هڪ.
حسن جي عالم ۾ آهي سونهن جو سَردار هڪ.
دل نٿي ڪنهن سان لڳي دل جو اٿم آڌار هڪ.
يار مون ڪنهنجو نہ آهيان آهہ ليڪن يار هڪ.
لالچي ديدار جو ٿي ڪين وجهہ لالچ ۾ چَڪ.
يار جي هردم ثنا ڪر ٻي اجائي ڪر نہ بَڪ.

## ک

ڪيڏ هردم عشق بازي عشق جو اسرار سک.
سوز سيني ۾ سمائي درد جي گفتار سک.
عشق جي ميدان ۾ وڃ عشق جي رفتار سک.
ڇڏ اجائي بڪ "رشيدا" درد جا اشعار سک.
جي ٿيو دلدار راضي تان ڪڏهن ڏسندين نہ ڏک.
ڇڏ رقيبن کي تڙائي ٿي اڪيلو ماڻ سُک.

## گ

گم خوشي ٿي آ ڪيو فرقت جي آ آزار تنگ.
تو پيان خونِ جگر آهي بدن جو لال رنگ.
يار کي راضي رکڻ جو ناهجي ويهي ڪو ڍنگ.
عيش و عشرت ڇڏ "رشيدا" ٿي درازن جو ملنگ.
ڇاڻ پنهنجو پاڻ کي ڪر پاڻ سان تڪرار جنگ.
نينهن وارو نانگ ٿي ۽ پاڻ پنهنجي دل کي ڏنگ.

## ڳ

ڳالهہ ٻڌ منهنجي مٺا ڇو ٿو رهين مون کان الڳ.
تو بنا پيارا پرين پائيان ٿو مان برباد جڳ.
تنهنجي اُلفت ڪان ڪڍهن مونکي نڳيندو ڪونہ ٺڳ.
ٻَڌ ملامت جي "رشيدا" ٿاهي سر پنهنجي تي پڳ.
تن بنائي ڇڏ طنبورو رمز وارو ڳاءِ راڳ.
يار جي تعريف ۾ راتين جون راتيون ويهي جاڳ.

## گهہ

گهار ڏارين وٿ نہ هرگز تن ڪان ٿي بيزار لنگهہ.
دوست جي محفل اڳيان پينار ٿي هر وار لنگهہ.
يار ڏي وڃ پر رقيبن سان ڪري تڪرار لنگهہ.
ڪر "رشيدا" سر فدا ٿي عشق جو آزار لنگهہ.
رات ڏينهان صبح سانجهي آهِ تو دلبر جي تانگهہ.
ڇا اَسو ۾ ڇا ڪتي ۾ ڇا منگهر ڇا پوهہ مانگهہ.

## گ

چگيــــلاٽي ڪين آهي ڪن ٽــا پيـــا آزار لڱ.
ســوز فــرقت ۾ سـڙي بالڪل ٿــيا بي ڪار لڱ.
ٿـــا چڪن ابرو جي هردم تـيغِ جوهر دار لڱ.
ٻت بسم آهي "رشــيدا" ٿـيا بدن ڪـان ڌار لڱ.
آ اهائـي هيـــر تو رانجهـــو جي اي دلدار مگ.
ڪِين ٿـيندو جو سڏن مـونکي ڪڏهن اغيار مگ.

## ل

لـوڪ جي آ ٽـوڪ توڙي تان بہ آ تنهنجو خيـــال.
عــشق تنهنجي ۾ مــنــا حـاصل ڪيم رنج و وبال.
دور ڪـر درد و الـم مـنهنجو اهوئـي آ ســـــوال.
يار ڌاران آ ٻچڻ تنهنجو "رشــيد" احـمـد محـال.
حـسن جي خيـرات ڏي مـونکان نہ ٿي دلبَر بخيل.
آرزو ديـــدار جي آ درد جي آهـــي اپـــيـــل.

## م

مــفت ٿــو مــاندو مـران آ ننڊ نيـٺن کي حـرام.
هم ڪناري ڪر مـنـا ۽ ڪراچي مـونسـان ڪلام.
سونهن تنهنجي کي ٿا ڪن شمس و قمر اختر سلام.
مل "رشيد احمد" سان دلبر تان وني محفل نظام.
هجر تنهنجي ۾ حــبـيـبـا ٻُت ٿـيـو آ ڪ العـدم.
سچ ٻُڌايان ٿــو سـچي سـتــار جو آهي قـــسم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ن

ناهِ طاقت آ پـــريل آزار ســــان منهنجو بدن.
تـــو ڦـــري ناشـــاد هي بلبل ۽ سڄ آهي چمن.
اڄ خوشي بدران مليـــا تو يار كـــان رنج و مـــحن.
تي "رشيـد احـمد" مخالف مون کان ويا اهلِ زمن.
ڇا ٻڌائي ڇا ٻُڌايـان درد جو تـوکي بيـــــــــان.
خوف آهي جو مـــتـــان آهُن کـــان ڦـــاٽي آســـمـــان.

## ڻ

ڳڻ مـــنـــا منهنجي ٻه کر دشـــوار آ منهنجو بچڻ.
تو بنا هـک منٺ پيي بي کار آ مـنـهـنـجو بچڻ.
جي بـچي پيـــس تـان وري آزار آ مـــنـــهـــنـــجو بـچڻ.
چئـو "رشـــيـــدا" دوست جو ديدار آ منهنجو بچڻ.
عـيب منهنجا کيڻ ڏس پر شان پنهنجي کي سجاڻ.
کراچي تشـــريف پنهنجي ســـان منور هي وڻـــاڻ.

## و

ويسلو ڇو تـــو گـــذارين وقت آ باقي رهيــــو.
يار نکـــري ويو هٿن مـــان کو پتـــو توکي نه پيــو.
رنج توکي بيـــعـــدد حـــاصل رقـــيبن کـــان ٿـــيـــو.
ٻُڌ "رشـيـدا" عـقل تنهنجو اڄ هليـو کيڏانهن ويو.
هوش رک هوشـــيـــار ٿي ۽ وٺ ســـيـــاڻن جو چيــو.
ڳول پـنهـنجي يـار کي اندر ۾ پائي ڏس ليــــــو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ھ

ھرڪو تنھنجي حسن بابت چئي ٿو ھر ھر واھ واھ.
حسن تنھنجي ڪان لڄي ٿيا ماہ و اختر واھ واھ.
حسن جي افواج جو آھين تون افسر واھ واھ.
تون بہ چئو دل سان "رشيدا" واھ دلبر واھ واھ.
ڪين ڪُڇ ھردم رقيبن جي اڳيان خاموش رھہ.
ڪر اچي گفتار مون سان سار ڪا خادم جي لھہ.

## ء

اي مٺا نامِ خدا منھنڙو نہ تون مونکان مٽاءِ.
ٿو سڪان سڪ ۾ سدا ويتر نہ تون سڪ ۾ سڪاءِ.
جن رُلايو آھ مونکي جلد ڪر تن کي رُلاءِ.
ٿيو "رشيدَ" آ ملتجي تون التجا اُنجي اگھاءِ.
اي ڳھيلا سمجھہ رک پنھنجي بہ لھہ ڪا سڌ سماءُ.
يار کي ريجھاءِ جلدي ٿو ڏيان توکي چتاءُ.

## ي

يادگيري آھ مونکي دلگھرئي دلدار جي.
آرزو دل ۾ رکان ٿو دائما ديدار جي.
ياد لذت ٿي پوي شيرين شڪر گفتار جي.
چئو "رشيدا" آ سدا ڳٽني مني منٺار جي.
نازنينا ناز سان تون اچ اگڻ منھنجي ھلي.
تو بنا برباد ٿيس ويو جوش ۾ جيرو جلي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دعا

ياخدا ڳڻتي مٿي منٺار جي هردم هجي.
منهنجي دل ۾ آرزو ديدار جي هردم هجي.
يار وٽ عزت گھٽي پينار جي هردم هجي.
ٽيڪ "لاشاري" جي دل کي يار جي هردم هجي.
شل اُهو ٿئي ڏينهن جو دلبر وجهان راضي ڪري.
يار کي راضي ڏسي هردم پيو منڙو ٺري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو

## مرحوم زرڪ خان لاشاري

### (ازقلم: رشيد احمد لاشاري)

زرڪ خان لاشاريءَ جي والد جو نالو ڏتي بخش خان آهي. خانداني شجري مطابق سندس سلسلو لاشارين جي مشهور سردار مير گهرام خان سان هيئنيءَ ريت وڃي ٿو ملي: زرڪ خان، ولد ڏتي بخش خان، ولد جاني خان ولد مقبول خان، ولد ڳهٽو خان، ولد صوبدار خان، ولد ڳهٽو خان، ولد جهان خان، ولد سليمان خان ولد ڪندو خان، ولد مير شنبہ، ولد مير حده، ولد رمضان، ولد نوزبند. نوزبند جو پيو پٽ مير گهرام خان هو، جنهن جي مير چاڪر خان رند سان اڻبڻت هئڻ سبب، رندن ۽ لاشارين جي وچ ۾ ٽيهن سالن واري ويڙهه لڳي.

منهنجو والد بزرگوار مرحوم زرڪ خان لاشاري فورٽ سنڊيمن بلوچستان جو دفعيدار (صوبيدار) هو جنهن جي سوانح هن هيٺ بيان ڪجي ٿي.

پيدائش جي تاريخ جي باري ۾ ڪا مستند روايت ملي نٿي سگهي، پر جيئن ته پاڻ وفات واري سال اٿين فرمايو هئائون ته، "منهنجي عمر هن وقت پنجهتر سال آهي"، ته سندن وفات ١٤ مارچ ١٩٣٢ع ۾ ٿي، تنهنڪري انهيءَ اندازي موجب چئي سگهجي ٿو ته پاڻ سن ١٨٥٧ع واري سال ۾ پيدا ٿيا هوندا.

مستند روايتن مطابق زرڪ خان ۽ سندس ننڍو ڀاءُ شهڪ خان خانڳڙهه (جيڪب آباد) ۾ پيدا ٿيا ۽ سندن ننڍپڻ جو ڪافي عرصو اتي ئي گذريو. چاڪاڻ ته سندس والد ۽ چاچا جيتوڻيڪ بلوچستان جي دور دراز ٿاڻن تي نڙيل پڪڙيل هئا، پر سيني جو گهر ٻار خانڳڙهه ۾ ئي هوندو هو. سڀ کان پهريائين ڏتي بخش خان

# ڪلامِ "رشيد"

پنهنجا ٻار ٻچا اپوزئي (فورٽ سنڊيمن) ۾ گهرائي ورتا، ۽ زرڪ خان جي تعليم و تربيت بہ اُتي شروع ٿي.

اُن وقت بلوچستان ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن جو نالو نشان بہ نہ هوندو هو. رڳو مسجدن ۾ ديني تعليم هلندي هئي، ۽ مسجد جا تعليم يافتائي ليويز ٿاڻن ۾ محرر يعني ڪلارڪ مقرر ٿيندا هئا. شهڪ خان جي تہ ماڳهين پڙهڻ سان دل ڪانہ هوندي هئي، ۽ پنهنجي والده جي گهڻي پيار سببان آخر تائين هڪڙو اکر بہ ڪونہ پڙهيو. باقي زرڪ خان اپوزئي جي هڪ عالم مولوي عبدالحميد خان ڪاڪڙ وٽ پشتو ۽ پارسيءَ جي ڪافي تعليم حاصل ڪئي. اُردوءَ جي تعليم ڪانہ هوندي هئي، پر ڏتي بخش خان جو هڪ دوست عبدالعزيز نالي، ديري غازيخان جو ويٺل سنڌس ٿاڻي جو محرر يا منشي هوندو هو. اُن وٽان زرڪ خان کي اُردو جي اڀياس جو ڪافي موقعو مليو. ڏتي بخش خان کي پنهنجي اُن دوست عبدالعزيز سان ايڏي تہ محبت هوندي هئي جو جڏهن ڪيس ٽيون پٽ ڄائو، تڏهن اُن تي پنهنجي دوست جو نالو "عبدالعزيز" رکيائين. اهڙيءَ ريت، زرڪ خان کي ڪنهن سانگي سبب ننڍپڻ ۾ ڳوٺ سوبي خان اوڳاهي تعلقي ڪنڌڪوٽ جي لڳ ڀڳ جڏهن سال بہ رهڻ لاءِ موقعو مليو، تڏهن اتان جي آخوند الهہ وارائي خان ڪان سنڌيءَ جي تعليم بہ حاصل ڪيائين. انهيءَ الهہ وارائي خان جي پٽ ماستر عاربي خان اوڳاهي، مون رشيد احمد ولد زرڪ خان لاشاريءَ کي پنهنجي پٽ الهہ وارائي خان سان گڏ، سن ١٩٣٦ع ۾، سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرايو.

زرڪ خان ۽ شهڪ خان پنهنجي چاچي لوٽو خان جي نياڻين سان شادي ڪئي، ۽ اپوزئي ۾ ئي گهر ٻار ڪري ويٺا. منهنجو وڏو ڀاءُ گل محمد خان بہ اُتي ئي پيدا ٿيو. اپوزئي ۾ ڏتي بخش خان جي جيئريئي ٻنهي ڀائرن کي ليويز پوليس ۾ کنيو ويو هو، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي، پاڻ ملگزار (بلوچستان) ۾ لڏي وڃي ويٺا. منهنجو تنديڻ ٻه اُتي ٿي گذريو. منهنجو والد، فيض محمد خان جکراڻيءَ جو مختارِ عام مقرر ٿيو، ۽ مان فيض محمد خان جي پوٽي مرحوم غلام رسول خان سان گڏ ملگزار جي پرائمري اسڪول ۾ اُردو پڙهڻ لڳس. غلام رسول خان منهنجو ٽيج- شريڪ ڀاءُ به هو. نيٺ، سن ۱۹۳۱ع ڌاري، سڀ پنهنجي گروي زمين ڇڏائڻ جي ارادي سان سنڌ ۾ واپس موٽي آيا. پر اُهو سال اهڙو ڪو نياڳو هو، جو ٿورن مهينن اندر مغل خان، پناڻ خان، دلڻ خان ۽ ٻيا سڀ باقي رهيل ڀائر، هڪٻئي پٺيان، انهيءَ مغل آباد جي ڪچي قلعي ۾ وفات ڪري ويا. والد مرحوم کي سخت صدمو پهتو، ۽ مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ زمين سيٺ گورڌنداس کي هميشه لاءِ وڪرو ڪري ڏنائين.

۱ مارچ ۱۹۳۲ع ۾ پاڻ اوچتو بيمار ٿي پيا، اُنهيءَ موقعي تي خاندان جا سڀ ماڻهو اڳين فوت ٿيلن جي معذرت جي سلسلي ۾ آيل هئا. هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي نموني جي وصيت ڪيائون. مان اُن وقت چوٿون درجو اُردو ڇڏي، چوٿين سنڌيءَ ۾ داخل ٿيو هوس. آخر ۾ مون کي گهرايائون، ۽ فرمايائون ته "ڏس، دُنيا ۾ سڀ ڪنهن جا پيءُ ماءُ مري ويندا آهن،۽ شايد مان به مري وڃان. منهنجي مرڻ کان پوءِ، مان سمجهان ٿو ته تنهنجا ڀائر ۽ چاچا اوهان کي نڪرائي ڇڏيندا. تون جيڪڏهن منهنجو سچو فرزند هوندين، ته دُنيا ۾ رُلين پنين، ديس کان پرديس وسائين، پر هڪڙيءَ ڳالهه کي هٿ مان نه ڇڏجانءِ-۽ اُها آهي "تعليم"!"

پاڻ روزي ۽ نماز جا سختيءَ سان پابند هوندا هئا. ۱۴ مارچ سن ۱۹۳۲ع تي رات جي وقت وضو ڪري ٻه رڪعت نماز نفل پڙهيائون، ۽ سيني کي چيائون ته بلند آواز سان خدا جو ذڪر ڪريو. سڀ ذڪر ڪرڻ لڳا، ۽ پاڻ به ذڪر ڪندي پنهنجي خدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو

سان وڃي مليو- انا الله وانا اليه راجعون. کين جهنجهن جي ڳوٺ واري قبرستان ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

والد مرحوم زرڪ خان کي هڪ نيالي ۽ هينيان پنج پٽ پيدا ٿيا؛ گل محمد، الاهي بخش، رشيد احمد، محمد بخش ۽ قادر بخش. منهنجا ڀيا سڀ ڀائر پنهنجي ٻني سڄي خاندان سميت ڳوٺ دين محمد خان ڪوسي تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ رهن ٿا.

والد مرحوم جي وفات کان پوءِ مون سان پنهنجو هينيون شعر لکي اچي ٿو:

دورِ شـــبـــاب ايندي ئي ترڪِ وطن ڪيم،
افـســوس، مـان چمن کـان جدا ٿـيس بهـار ۾!
فـڪـرِ مـعـاش، رنجِ عـزيزان، فـراقِ دوست،
ڇا ڇا سـتـم ڏٺم چمنِ روزگــــار ۾!

مرحوم زرڪ خان خوشمزاج، سنجيدو ۽ بردبار، انسان هو. منهن تي سدائين مرڪ هوندي هيس. ڪاوڙ وس ويندي ڪين ڪندو هو، پر جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي اوچتو ڪاوڙ ايندي هيس، ته پوءِ سندس لنؤن لنؤن ڪانڊارجي ويندي هئي، ۽ سندس جوش کي ڍرو ڪرڻ تمام مشڪل ٿي پوندو هو. پنهنجي ارادي ۽ وعدي جو بلڪل پڪو هو ۽ جيڪي هڪڙو ڀيرو زبان سان چوندو هو سو ضرور ڪري ڏيکاريندو هو. بلوچن جي اجو ٽيٽي ۽ غرور واري عادت ۽ رسم و رواج کي سخت ننديندو هو. ڀيو ته ٺهيو، پر اوڏ ۽ مينگهواڙ به سندس بهترين دوست هوندا هئا. ۽ "بامسلمان الله الله، با برهمن رام رام" واري اصول جو سختيءَ سان پابند هوندو هو. اُن وقت اپر سنڌ ۾ تعليم جو رواج بلڪل گهٽ هو ملڪزار واري زماني ۾ رهڻ کان پوءِ، هن ڪيترن مائٽن ۽ زميندارن کي پنهنجي خانگي اوقات صرف ڪرڻ سان تعليم مان روشناس ڪري ڇڏيو. ۽ سندس ئي ڪوشش سان ملڪزار ۾ اردو اسڪول

قائم ٿيو، جنهن ۾ مون ۾ تعليم ورتي. ان وقت جي بيعلميءَ جي اها حالت هئي جو هڪ ڏينهن فيض محمد خان جکراڻيءَ جو تاج محمد نالي هڪ بگٽي بلوچ ٻڪرار ڊوڙندو آيو ته راکو ٻڪريون ڊِڪ تي ڪاهي ويو آهي. ڊِڪ جي چارج ۾ ملگزار جي ٿاڻي جي محرر کي هئي تنهنڪري والد مرحوم زرڪ خان ان بگٽي بلوچ کي ان محرر ڏانهن چٺي لکي ڏني ته ٻڪريون ڇڏي ڏي. ٻڪرار جا ڪيو جو چٺيءَ واري ڪليل ڪاغذ کي هڪڙي خاليءَ ڪنڌ ڪان چپٽيءَ سان جهلي اُتي روانو ٿيو، ۽ چار ميل پنڌ ڪري اهو ڪليل ڪاغذ وڃي محرر جي هٿ ۾ ڏنائين، ۽ چيائين ته "منشي، اِيشي آ گِر نوان اي سياهڙو سياهڙو گار بيان رونت" (منشي، هي وٺ، نه ته هي ڪارا ڪارا نشان گم ٿي ويندا!.) منشي خط پڙهي ٻڪريون ته ڇڏي ڏنيون، پر ٻڪرار اڃي انهيءَ ضد تي بيٺو ته، منشي صاحب! مون کي اهو ٻُڌاءِ ته هن ڪپڙي جي ٽڪر (ڪاغذ) تي ڪارن نشانن تو سان ڳالهايو به ڪونه، ۽ اُنهن کي ڏسڻ وقت تنهنجا چپ به نه چُريا، پوءِ ٻلا توکي ڪيئن خبر پيئي جو تو سردار جون ٻڪريون ڇڏي ڏنيون!

مرحوم زرڪ خان کي شعر ۽ موسيقيءَ سان بيحد دلچسپي هوندي هئي ۽ پاڻ به شسته شاعر ۽ نغمه گو هوندا هئا. رباب نهايت سٺو وڄائيندا هئا، ۽ پنهنجا تيار ڪيل بلوچي، پارسي ۽ پشتو ٻولين جا شعر اڪثر رباب تي ڳائيندا هئا. پوين ڏينهن ۾ ديري غازي خان جو مشهور ڳائڻو ۽ شاعر رسول بخش ميراڻي سندس خاص صحبتي هوندو هو، ۽ اُن سان گڏ سندس ڪچهريون عام جام ٿينديون رهنديون هيون. داستان گوئيءَ سان به خاص دلچسپي هوندي هيس ۽ شعر ۽ راڳ جي محفل کان پوءِ، بلوچن جي فرمائش موجب، "داستان امير حمزه"شروع ڪندو هو، ۽ گڏوگڏ بلوچيءَ ۾ ان جو ترجمو به ڪندو ويندو هو. هو پنهنجي خيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلام "رشيد"

۾ جڏهن آءٌ اسڪول ملگزار ۾ پهريون درجو اُردو پڙهندو هوس، تڏهن شربت خان پناڻ پهريون پيرو پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿي ملگزار جي دوري تي آيو هو، ۽ والد مرحوم جي دعوت قبول ڪئي هئائين. اُن جي قيامگاهہ تي بہ شعر ۽ راڳ جي هڪ زبردست مجلس منعقد ٿي هئي.

بلوچي شاعريءَ ۾ مالهو خان بکراڻي سندس خاص همعصر ۽ گهرو ساٿي هو، ۽ ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي کي پنهنجا بلوچي رزميہ ۽ عشقيہ شعر ٻڌائيندا رهندا هئا. مالهي خان جو فرزند تاغمان خان، ملگزار اسڪول ۾ مون سان گڏ اُردو پڙهندو هو.

جيئن تہ مرحوم زرڪ خان پنهنجو اڪثر ڪلام في البديهہ تيار ڪندو هو، ۽ لکڻ جي تڪليف ڪڏهن بہ گوارا نہ ڪندو هو، هر نئين تيار ڪيل شي سندس حافظي تي هميشه لاءِ محفوظ رهجي ويندي هئي، تنهنڪري سندس وفات کان پوءِ سندس ڪلام بہ اسان وٽان هميشه لاءِ ويندو رهيو. پلا، اُن وقت ڪنهن کي اهڙو شعور هو جو اهڙا ناياب جواهر سانديڻ رکي، جي وقت تي ڪم اچن؟ وري بہ آفرين آهي سندس نندي ڀاءُ منشي عبدالعزيز کي جنهن ڪيترا پنڌ ۽ تڪليفون سهي، سندس دوستن وٽان ياد ڪيل ڪلام جو ڪافي ذخيرو ڪٺو ڪيو آهي.

مرحوم زرڪ خان سنڌي شاعرن مان سچل سائينءَ جي ڪلام کان تمام گهڻو متاثر هو، ۽ سندس اڪثر سرائڪي ڪافيون رباب تي ڳائيندو هو. جيتريقدر آءٌ پنهنجي حافظي تي زور ڏيئي سوچيان ٿو تہ معلوم ٿو ٿئي تہ سچل سائينءَ جون گهڻيون اهڙيون سرائڪي ڪافيون بہ ڳائيندو هو، جي هن وقت سندس ڇپيل رسالن ۾ موجود نہ آهن.

# ضميمو

## رشيد احمد لاشاري جي والد هفت زبان شاعر
## زرڪ خان لاشاري جو منتخب ڪلام

### پشتو ڪلام

زڑه من پردي خوشحال شو، که خيرالوریٰ پيدا شو:
لقبِ آو آمـــده خيـــر الوریٰ، خيـــرالبـــشـــر.
زڑه من پردي خوشحال شو، که سلور يار پيدا شو:
اول يار نبي، ابو صـــديق مـــعـــتـــبـــر.
زڑه من پردي خوشحال شو، که شيرِ خدا پيدا شو:
با نعـــرهٔ حـــيـــدري ڪافـــران را دربدر شـــو.

### پارسي ڪلام

نہ بهـــرِ عـــيش در دُنيـــا، گل و گلزار مي خواهم،
الـهیٰ، از تو عـــشقِ ســـيـــد الابر مي خواهم.
پريشـــانم، پشـــيـــمـــانم بعـــصـــيـــان وســـيـــه بختي،
براى گلشنِ اُمـــيـــد، برگ و بار مي خواهم.
شبِ تاريک و من تنهـــا، کـــجا بينم نشـــانت را،
بشـــوقِ راهِ عـــرفـــان، مطلع الانوار مي خواهم.
فـــدا ســـازم دل و جان را، درِ راهِ غمِ جانان،
شـــهـــيـــد عـــشق هـــستم، جذبهٔ ايثـار مي خواهم.
مـــکن پابند در دامِ هوس اين مـــرغِ "زيرک" را،
رهائي ده، کـــه حبِ حـــيـــدرِ کـــرار مي خواهم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# کلامِ "رشید"

## اردو کلام

میرے اس گلشن امید میں ، یارب ، بہار آئے ،
میرے دل کو قرار آئے، اگر وہ گلعذار آئے ،
نہ چھوٹے ہاتھ سے میرے جہاں میں صبر کا دامن ،
مصیبت زندگی میں سَر پہ گر لیل و نہار آئے ۔
گئے سب ہاتھ خالی دولت دُنیا کی نعمت سے ،
ہزاروں مردِ کار آئے ، ہزاروں نابکار آئے ؛
مرا سایہ بھی جب مجھ سے ہوا فرار جاتا ہے ،
بھلا وہ کونسی ہے چیز، جس پر اعتبار آئے ؟
زبان اپنی سے ہر لمحہ خدا کا نام لیتا رہ ،
کبھی لب پر تیرے "زیرک" نہ ذکر روزگار آئے !

## بلوچي کلام

آشتئين دڙ دان بعض زهيران، هجر لياما شـشغان ورنا ،

اشـتـو عـادت ناز جمـالئي، جلد بيـايئي مِرغان ورنا!

وَرَغ چرَغ دي ليلئي ورنا، تـونک ٽنوار نہ کنغان ورنا ،

بِيسا جان قُران ني دِوَلا ، گـويد گُبا ننـي وَرغان ورنـا!

گَند گَنوخان، بَدکرداران، کوهان گون سَر جَنغان ورنا ،

مَنان شمشتو يار شُرئي، ترا، گِير کُزو مان گرَيغان ورنا!

مست موالي "زَرک لاشاري" جام شراوني ٽنگغان ورنا ،

حامي ابن مَي حضرت حيدر، دگر کسي نا گَندغان ورنا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو

## پنجابی کلام

گئی رات فراق دی ڈھل، ماهی!
ساڈے نال نہ کیتی گل، ماهی!
آدھی تک تکدے چھپ گئے تارے،
دھمی ویلے گیا پھر چل ماهی.
کون ہے جس تھوں اس دنیا وچ،
جاوے تیر قضا دا ٹل ماهی؟
تیری شان ہے چنگی، چنگا کرنا،
اساں پیڑیاں نوں لاوین گل، ماهی!
"زیرک" نوں غم زیر چا کیتا،
گیا درد ہے دل وچ پل، ماهی!

## سنڌي ڪلام

روئندي ڏسان ٿي واٽان، اڃهي ٿا وڃن منهنجا جوڳي جاني!
مُرليون وڄائي، مست بنائي، نانگ نچائي، دُود دکائي،
غم جون ڀاري لاٽان، اڃهي ٿا وڃن منهنجا جوڳي جاني!
جيئري ڪري ويا مان سان جدائي، وڻ وڻ سان آهي منهنجي وائي،
روئندي روئندي پيئي "ڦاٽان، اڃهي ٿا وڃن منهنجا جوڳي جاني!
نا ڪوئي اوهي، نا ڪوئي واهي، فڪر فراق جي ڳل ۾ ڦاهي،
ڏينهن ڪوڙا ڪاٽي ڪاٽان؟ اڃهي ٿا وڃن منهنجا جوڳي جاني!
"زيرڪ" زوران زور زوراور، دلڙي ڪسي ويا دوست دلاور،
نيڻ وسائن ڇاٽان، اڃهي ٿا وڃن منهنجا جوڳي جاني!

## ڪلامِ "رشيد"

ڪان قريبي دل ۾، محب هَنيون ويا مان کي!
گهر گهر تيون گلزاريون، دوست ڏنيون دلداريون،
مفت مُئيءَ کي ماريون، برهه بَچيون ويا مان کي.
بيحد ڪيون مان دانهان، هَتڙا بَڌي بني ٻانهان،
دل تي ڪري سَو ڪاهان، مات چَيون ويا مان کي.
سُور وِڏائون چولي، زخم وِڏائون ڪولي،
منٺڙيون ٻوليون ٻولي، لات لَنيون ويا مان کي.
تَن "زيرڪ" ويو تَنجي، پُرزا پيا سي چَٽجي،
باز برابر ٻَٽجي، جهَت ۾ ڪنيون ويا مان کي!

## سرائڪي ڪلام

پنهل نال وت پيچ پا ٻيٺي آن مٺن،
جليل جان ڪون وت جلا ٻيٺي آن مٺن.
اها برهه بازي ٻٽا ٻيٺي آن مٺن،
سوين سور سر تي سها ٻيٺي آن مٺن.
اکين نال آرلي اُڙا ٻيٺي آن مٺن،
چٽل جنڊڙي ڪون ڦسا ٻيٺي آن مٺن.
جڏان هوش سارا گنوا ٻيٺي آن مٺن،
تڏان نام "زيرڪ" سڏا ٻيٺي آن مٺن،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو

آيا هي جوڳي يار- مُرلي وڄاوي، مـــست بڻـــاوي!
آيا دلبـــر ڍول پيـــارا، ڇوڙ ڪر اهين تخت هزارا،
گهر گهر ٿيا گلذار- گيت خوشي دي هر ڪوني ڳاوي!
مرلي ماهي دي محبت والي، دلڙي جنين تي ٿي متوالي،
عشق ڪيتس اظهار- نينهن دي نانڪي نانگ نچاوي!
جوڳي آوي ٽردا ڦردا، مالڪ ميڏي ساهه تي سردا،
دوست مـــنـــا دلدار- آوي دل دا درد گـــهـــٽـــاوي!
"زيرڪ" جوڳي يار زوراور، ڍول دليندا دوست دلاور،
دو جڳ دا ســردار- عــيب اســاڏي آ بخشـــاوي!



# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book